# دِل وارن جي دُنيا

نجم عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# دِل وارن جي دُنيا

ٽماهي "مهراڻ" ۾ ڇپيل ڪهاڻيون
(اصلوڪيون ۽ ترجمو)

از:
نجم عباسي

مرتب:
يوسف سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2008ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو ڇهريون — سال2008ع — تعداد هڪ هزار

هيءُ ڪتاب پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد، جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو.

قيمت: ٻه سؤ رپيا
[Price Rs. 200_00]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com, www. Sindhiadabiboard.org
Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

# ڇپائيندڙ پاران

ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ وڏو نالو آهي، هن جي لکڻ جو انداز بنھ عام فهم، سادو ۽ گهرو اثر ڪندڙ آهي. هُو تمام گهڻو ۽ لاڳيتو لکندڙن مان هڪ هو. هن ڪهاڻين کان علاوه ناول بہ لکيا ۽ ترجما بہ ڪيا. ڊاڪٽر هئڻ جي ڪري کيس عام ماڻهن جي نفسيات کي سمجهڻ جو گهڻو موقعو مليو. هن جي ڪهاڻين جا موضوع نوان دل کي ڇُهندڙ ۽ سماجي برائين جي نشاندهي تي ٻڌل آهن. سنڌ جي اهڙن ڳاڻ ڳڻين ليکڪن منجهان هو. جيڪي اندر جو سچو "مَنجھہ" اوتي لکندا آهن ۽ لکندا ئي ويندا آهن ۽ ان ريت هن جي ڪَتا - اُپ ڪتا ٻڌجي پڪڙجندي، وڌندي ۽ ويجهندي رهي آهي. هن جي سمورين لکڻين ۾ انيڪ موضوع هوندي بہ هڪ تسلسل نظر ايندو. هُو ڪنهن پراڻي جُڳ ۾ هجي ها تہ شايد سنڌ جو ڪو وڏو داستان گو هجي ها. هُو ظاهري روپ ۾ ماڻهو پر اندر ۾ ساهت ۽ ساڃاهہ جو هڪ گهرو سمنڊ هو. هُن جون هي سموريون ڪهاڻيون بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپجنديون رهيون آهن، جن کي محترم يوسف سنڌي سهيڙي گهڻو اڳ بورڊ کي ڏنيون هيون ۽ ان جي ڇپجڻ جو ڪم منهنجي ايام ڪاريءَ ۾ مڪمل ٿيو آهي.

اميد آهي تہ ڪهاڻي ڪيترجا پراڻا ۽ نوان ليکڪ، هن ڪتاب کي سونهين طور ڪتب آڻيندا.

| | |
|---|---|
| ڄام شورو سنڌ | پروفيسر سيد زوار نقوي |
| خميس ٢٠_ رجب المرجب ١٤٢٩ھ | سيڪريٽري |
| بمطابق 24_ جولاءِ 2008ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# ارپنا

- ملڪ آڳاٽي
- واجد
- ڊاڪٽر شمس سومرو
- سيد اڪبر

جي ساهه سَديريادن جي نانءُ۔

**يوسف سنڌي**

01_10_06

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ڇپائيندڙ پاران | |
| تمهيد (يوسف سنڌي) | 46_7 |
| **پاڳو پهريون** | |
| **اصلوڪيون ڪهاڻيون** | |
| 1- قلب اندر ڪعبو | 54_49 |
| 2- ڇوڏو | 58_55 |
| 3- توکي مرڪندو ڏسان | 66_59 |
| 4- شاگرد جو قاتل | 72_67 |
| 5- حيلو | 78_73 |
| 6- صدمو | 86_79 |
| 7- سي ڇا ڄاڻن دل جي دنيا | 91_87 |
| 8- اهي ڏينهن، اُهي نينهن | 102_92 |
| 9- ڪنول | 109_103 |
| 10- ساڳي خوشي | 114_110 |
| 11- توهه | 120_115 |
| 12- ٽوڙ ۽ جوڙ | 125_121 |
| 13- سڪار | 130_126 |
| 14- ڪاوڙ | 137_131 |
| 15- ڪاغذي ڪمال | 139_138 |

16- پاڙي پيئي پروڙ 142_140
17- صاحب ۽ بيگم 149_143
18- خالي ڪيسي ۾ پريل سوچون 152_150

## پاڱو پهريو

## ترجمو ڪيل ڪهاڻيون

1- خدا ڏانهن خط 158_155
2- سڪ ۽ سياست 166_159
3- گل ۽ گولا 176_167
4- منهنجو ماڳ، روشن راهون 186_177
5- ماءُ 195_187
6- ڌرتي پنهنجو ڏن 203_196
7- جادوگر 217_204
8- جيئرا جيئرن ساڻ 221_218
9- چيتو ڏهين ڏينهن تي 227_222
10- چري مائي 231_228

## پاڱو ٽيون

## يادگيريون

1_ پهرين ڪهاڻيءَ جي وارتا 240_235
2_ پيار ۾ دشمني (اڌوري ڪهاڻي) 242_241

## ضميمو

## حصو چوٿون

1- منهنجي لکڻ جو فن 264_245

# تمهيد

## نجم عباسي: منهنجون سارو ٽيون:

محترم ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان منهنجي فڪري توڙي ذاتي حوالي سان ڪافي ويجهڙائپ رهي. سندس ڪتابن ۾ لکٽين جو مداح تہ آئون پرپٺ ئي هئس، جو مون جڏهن پڙهڻ شروع ڪيو تہ جيستائين مون کي ياد ٿو اچي، مون سندس پهرين ڪهاڻي 'قدمن چمڻ لاءِ' پڙهي هئي ۽ سندس پهريون ڪتاب جيڪو مون پڙهيو اُهو 'جيڪي منهنجي من ۾ آهي' هو.

سندس ڪتابن ۾ لکٽين جي حوالي سان تہ ساڻس هڪ قسم جي فڪري سرقات پئي ٿيندي هئي، پر ساڻس روبرو ملاقات ڪافي دير سان ٿي.

ننڍي هوندي، پنهنجي امڙ سان گڏ، پنهنجي چاچي محترم شمس الدين جي گهر لطيف آباد نمبر 2، حيدرآباد اڪثر وڃڻ ٿيندو هو ۽ اُتي امان سان گڏ هفتن جا هفتا رهبو هو. اتي اڪثر پنهنجي ماسين جي واتان 'ڊاڪٽر جي زال' جي گهر وڃڻ جو ذڪر ٻُڌبو هو. هڪ ٻہ ڀيرا تہ امان ۽ ماسيءَ سان گڏ 'ڊاڪٽر جي زال' جي گهر وڃڻ بہ ٿيو هو. اها هڪ ڌنڌلي ياد آهي، جيڪا منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ اڃان بہ موجود آهي.

پوءِ، ان ڊاڪٽر ۾ ڊاڪٽر جي زال جو ذڪر سچو ڏينهن پيو ان گهر ۾ ٿيندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن خبر پيئي تہ ڊاڪٽر پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي ۽ سندس زال طلاق وٺي، شايد آمريڪا هلي ويئي. گهڻو پوءِ، مون ڊاڪٽر کان هڪ خط ۾ طلاق جو سبب پڇيو جواب ۾ لکيائين: "شاديءَ ۾ عليحدگيءَ جو ڪارڻ طبيعتن جي ابتڙائي يا سياءَ جو فرق هو. مون ناهہ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ويهہ سال گڏ رهڻ کان پوءِ بہ الڳ ٿيڻو پيو."

ان حوالي سان، ڪجھ وقت تہ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽر جي زال جو ذڪر ڏاڍي شد و مد سان ٿيندو رهيو ۽ پوءِ هوريان هوريان اهو سڀ ماضيءَ جو باب بڻجي ويو ۽ ڪنهن کي بہ ياد نہ رهيو.

ڪافي سال پوءِ، هڪ ڀيرو وري، هڪ ڊاڪٽر جو ذڪر اسان جي گهر ۾ ٿيڻ لڳو. پر اهو ذڪر ڪنهن بہ حوالي سان نہ پر منهنجي هڪ سؤٽ جي حوالي سان ٿيڻ لڳو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن ان ذڪر ۾ هڪ نئون واڌارو ٿيو ۽ ڊاڪٽر جي ڌيءُ منهنجي سؤٽ جي نالي ٿي. سندس وهانءَ بہ ٿيو ۽ هاڻ هوءَ 'ڪونج عباسي' مان 'ڪونج سيف' بڻجي چڪي آهي.

جڏهن گهر ۾ اهو ذڪر پيو ٿيندو هو تہ مون کي پتو نہ هو تہ، اهو ڊاڪٽر ڪهڙو آهي. هڪ ڏيهاڙي لطيف آباد گهر ويس. منهنجي هٿ ۾ سائين نجم عباسيءَ جو ڪتاب "طوفان جي تمنا" هو. اهو ڏسي مون واري سؤٽ سيف الدين، مون کان ڪتاب بابت پڇيو. خبرون چارون ٿيون ۽ پوءِ خبر پيئي تہ اهو ڊاڪٽر، ڊاڪٽر نجم عباسي آهي.

ائين منهنجي اڳيان، بالڪل نئين ڪان وٺي، ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو ذڪر ٿيندو رهيو.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جا ڪتاب پڙهڻ دوران، ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر سان ملڻ جي خواهش شدت سان ڪر کڻڻ لڳندي هئي. پر پنهنجي شرميلي سڀاءَ جي ڪري ڏانهنس وڃي نہ سگهيس. جڏهن پبلشنگ شروع ڪيم تہ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو هڪ ڪتاب ڇپائڻ جو خيال جاڳيم. جنهن جو هڪ دوست سان ذڪر ڪيم ۽ اهو بہ ٻڌايومانس تہ ڊاڪٽر سان منهنجي ڪابہ ڏيٺ ويٺ ڪانهي. تنهن مون کي ساڻس گاڏي ڪاتي واري سندس ڪلينڪ تي وڃي ملڻ لاءِ چيو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ ڊاڪٽر يار ويس ماڻهو آهي، ۽ جڏهن لطيف آباد گهر ويندو هئس تہ بہ اها خواهش شدت سان اُٿندي هئي تہ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملجي. پر ساڻس ملڻ جي همت ساري نہ سگهيس. گهر مان پتو پوندو هو تہ ڊاڪٽر نجم عباسي ٿور ڳالهائڻو آهي ۽ اڪثر وقت ڪتاب پيو پڙهندو آهي.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملاقاتن جي حوالي سان، مختلف دوستن جون ٻڌايل ڳالهيون منهنجي علم ۾ آيل آهن.

محترم حسين بخش ٽيٻو ڀھريون ڀيرو جڏھن ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملڻ ويو ۽ ملڻ کان پوءِ ڪيس چيائين، ”سائين! مون سمجھيو ته اوھان پنھنجي لکڻين جيان گرم ۽ گوريلن جيان سخت مزاج ۽ ڪڙڪ ھوندا. ان ڪري ھيسٽائين اوھان سان ملڻ جي ھمت ساري نه پي سگھيس. پر اوھان سان ملي اھو احساس ٿيو اٿم ته اوھان بنھه مکڻ ماٺھو آھيو.“

محترم تاج بلوچ جي لاءِ مشھور آھي ته ھو نھايت سخت مزاج ۽ ڀروچڪي طبيعت وارو ماٺھو آھي. سو جڏھن ڀھريون ڀيرو ڊاڪٽر سان ملڻ ويو ته سندس به اھي ئي احساس ھئا ته ڊاڪٽر نجم عباسي پنھنجي لکڻين جيان بيحد سخت ۽ ڪڙڪ طبيعت جو ماٺھو ھوندو پر ملڻ کان پوءِ چيائين، ”ڊاڪٽر ته صفا مکڻ ماٺھو آھي!“

اسان جو ھڪ ننڍڙو دوست آھي، جنھن ٻڌايو ته ھو ٽن سالن تائين، ھر روز اسڪول ويندي ۽ ايندي، ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ جھاتي پائي، ڪيس ڏسي، پوءِ اسڪول ۽ گھر ويندو ھو. ”ملندو ان ڪري نه ھئس جو مون کي ڊپ محسوس ٿيندو ھو ته ڊاڪٽر نجم عباسي الائجي ڪھڙي طبيعت جو ماٺھو ھوندو....!؟“

اھڙو حال مون سان به رھيو. سالن تائين ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملڻ جي خواھش سيني ۾ سانڍي پي ھليس. پوءِ جڏھن ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان مليس ته ائين محسوس ٿيم، ھيترو عرصو مون ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان نه ملي ھڪ وڏي ڪوتاھي ڪئي ھئي ۽ مون کي اڳ ساڻس نه ملڻ تي پڇتاءُ ٿيڻ لڳو.

ان ڏينھن، يعني 18- فيبروري 1988ع تي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان پنھنجي ملاقات جي باري ۾، مون پنھنجي ڊائريءَ ۾ ھيٺيون نوٽ لکيو ھو ”اڄ حيدرآباد ۾، محترم شمس الدين جي دعوت ۾ منھنجي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ملاقات ٿي. الائجي ڇو جڏھن به حيدرآباد ۾ ڪنھن مٽ مائٽ جي دعوت ۾ ويندو آھيان ته سائين نجم عباسيءَ کي ڳولھڻ جي شعوري/ لاشعوري ڪوشش ڪندو آھيان. ھن ڀيري اھا سڌ پوري ٿي. بلڪل سادو سودو پير ۾ باٽا جي چپل پاتل. وار بلڪل اڇا. ڪوٽ پاتل، منھن تي گنڀيرتا ڇانيل، مون ھڪ شخص ايندو ڏٺو. سلام ورائي چاچا

عبدالغفور اَلستيءَ سان وچي مليو. پوءِ ڪلندا ٻيئي وچي ڏار ڪرسين تي ويٺا ۽ پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳا. آئون سڄاڻي ويس تہ هو ڊاڪٽر نجم عباسي آهي. دل ۾ آيم تہ وڃي ملانس. سو تاڙ ۾ هئس، جو چاچا سڏي. نجم عباسيءَ سان تعارف ڪرايو. حال احوال کان پوءِ ساڻس هلڪي ڦلڪي ڪچهري ٿي. اُن ڪچهريءَ مان مون ٻن ڳالهين جو اندازو لڳايو آهي:

1- سندس لکڻيون جيتريون شوخ ۽ تيز آهن، پاڻ اوترو ئي خاموش ۽ ٿڌي مزاج وارو آهي.

2- ٻين ليکڪن جيان، ننڍي تي رعب رکڻ ۽ پنهنجي ساراهہ جا ڍڪ پرڻ بدران، ٻي جي ڳالهہ ڌيان ڏري ٻُڌڻ، نياز ۽ نوڙت سان پيش ايندڙ نهايت ٻاجهارو شخص لڳم. سندس ان خوبيءَ مون کي سندس ويتر مداح بنائي ڇڏيو آهي:

اها ملاقات، اسان جي شاندار دوستيءَ جي شروعات هئي.

– – – – –

ان ڏينهن آئون ڳوٺ هئس، اخبار ۾ جڏهن ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي وفات جي خبر پڙهيم تہ الائجي ڇو بلڪل 9- ڏينهن اڳ، 18- آڪٽوبر 1995ع تي سندس سالگرهہ جي موقعي تي ڪيل ساڻس آخري ملاقات جو منظر منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو.

18- آڪٽوبر 1995ع تي منهنجي دوستن طارق قريشي ۽ ضراب حيدر، سندس 68 هين سالگرهہ ملهائڻ جو پروگرام رٿيو. ضراب حيدر پنهنجي ”مووي ڪئميرا“ سميت نواب شاهہ کان کهي حيدرآباد آيو. شام جو سڀ دوست سندس سالگرهہ ملهائڻ لاءِ نجم عباسيءَ جي گهر گڏ ٿيا. هاڻ سالگرهہ شروع ٿيڻ واري هئي، جو سخت مينهن ۽ طوفان شروع ٿي ويو. ضراب حيدر پنهنجي ڪئميرا فٽ ڪئي، تہ بجلي هلي ويئي ۽ اوندهہ ڇانئجي ويئي. ٻہ اڍائي ڪلاڪ اوسيئڙي کان پوءِ بہ بجلي نہ آئي تہ مجبور ٿي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ بجلي نہ هجڻ جي ڪري، ضراب حيدر جو اهي يادگار لمحا رڪارڊ ڪرڻ جو سپنو اڌورو رهجي ويو.

17- آڪٽوبر 1995ع تي منهنجا قدم پاڻمرادو نسيم نگر فيز II، گهر بي 109 ڏانهن کڄڻ لڳا. ٻي ڏينهن سائين نجم عباسيءَ جي سالگرهہ

هئي. پر مون اڳ ئي ساڻس ملڻ پئي چاهيو. حسب دستور سائين نجم عباسيءَ جو نياڻو الطاف جميل عباسي ٻاهر آيو. مون کي ڏسي چيائين، "ماما جي طبيعت گهڻي خراب آهي. توهان اچو پر جلدي اُٿڻ جي ڪجو. جو گهڻي سهڪي سبب ڊاڪٽرن کيس ڳالهائڻ کان جهليو آهي."

اندر ويس. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي حالت ڏسي ڏپ ورائي ويم. سهڪو ايترو تہ وڌيل هو جو مس تي ڳالهائڻ نڪتس. "جيئي سنڌ" چئي مليو. "بس هاڻ پاڻ هلڻ وارا آهيون. سٺو ٿيو جو تون آئين. ڪجھ وقت گڏ گذاريون." پر سهڪي سبب وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو. گهڙي کن خاموشي ڇانيل رهي. پوءِ هوريان هوريان دوستن يارن، مارڪيٽ ۾ آيل نون ڪتابن، رسالن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ پڇڻ لڳو. آئون کيس سندس سوالن جا جواب ڏيڻ لڳس. تيسين الطاف عباسي اندر گهڙي آيو. مون کي اکين جي اشارن سان ڪجھ 'ياد' ڏياريائين. مون اُٿي موڪلائڻ جي ڪئي تہ ڊاڪٽر نجم ٻارن جيان ضد ڪرڻ لڳو "ويھ ويھ.... اڃان هاڻ تہ آيو آهين.... الطاف تون ڇانھ ٺهرائي اچ...."

الطاف ويو تہ اسان وري ڪچهريءَ ۾ لڳي وياسين.

"سائين! دل ۾ نہ ڪريو تہ هڪ ڳالھ پڇان؟" مون چيو.

"ها ها.... ڀلي پڇ."

"سائين توهان وٽ گاڏي هئي. بنگلو هو. ٿورو گهڻو پيو ڪجھ بہ هو. اوهان اهو سڀ وڪڻي پنهنجي اولاد ۾ ورهائي ڇڏيو. اوهين چاهيو ها تہ ايترو ڪجھ اوهان وٽ هئو، جو اوهين پنهنجو علاج ڪرائي پئي سگهيا."

"شروع شروع ۾ مون ان ڳالھ تي ڪو ڌيان نہ ڏنو. دوائن کائڻ ۾ بہ لاپرواهي ڪندو هئس. مون کي اندازو نہ هو تہ هن حالت کي وڃي پهچندس."

"پر اوهان تہ ڊاڪٽر آهيو اوهان کي تہ پنهنجي بيماريءَ جي سنگينيءَ جو احساس هئڻ کپي ها."

"ها. اهائي منهنجي غلطي هئي." ائين چئي ڪجھ وقت لاءِ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم ٿي ويو.

”اڄڪلهه ڪجهه لکو پيا؟“ مون ڪيس سوچن مان ڪڍڻ لاءِ سوال پڇيو.

”هاڻ ٻانهن صفا سُڪي ويئي آهي. لکڻ صفا نـ ٿو ٿئي. خيال تـ ڍاڍا ٿا اچن.“

ان دوران مون محسوس ڪيو تـ سندس سهڪو ختم ٿي ويو هو.

”سائين! توهان جو سهڪو تـ ختم ٿي ويو!“ مون پڇيو.

”تون آئين تـ ختم ٿي ويو.“ ڪلندي وراڻيائين. گهڙي کن ترسي وري چيائين، ”هاڻ منهنجا ڪتاب جيڪي اڻ ڇپيل آهن، سي ڪٿي وڃ.... جڏهن وٺئي، تڏهن ڇپائج. هتي مون کان پوءِ ڪو سنڀالڻ وارو ڪونهي.“

”نـ نـ سائين! ڀلي اوهان وٽ هجن، پوءِ ڪنهن مهل ڪٺي ويندس.“

”پوءِ الائجي ملڻ ٿئي....!؟“ ٻاڻ انتهائي مايوسيءَ مان چيائين.

ان وقت ٻاڻ، پنهنجا ٻـ اڻ ڇپيل ڪتاب منهنجي حوالي ڪيائين. پهريون ڪتاب ”ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري“ ۽ ٻيو ”هڪ انقلابيءَ جو ننڍپڻ“ هو. ”ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري“ ٻاڻ 1988ع دوران حيدرآباد ۾ ٿيل هنگامن دوران لڳل ڪرفيو ۾ لکيل روزمره جي ڊائري آهي. جنهن بابت، ان وقت سندس خيال هو تـ، ان ۾ ڪجهه ڪردار وغيره ڏيئي، ناول جي صورت ۾ لکندو. جيڪا خواهش سندس بيماريءَ سبب اڌ ۾ رهجي ويئي. ٻيو ڪتاب چين جي انقلابي اڳواڻ ”چو اين لائي“ جي ننڍپڻ بابت آهي. جيڪو ٻاڻ بيماريءَ واري حالت ۾ 1995ع ۾، انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو هئائين. اهي ٻيئي مسودا ڪٺڻ مهل مون کي 1989ع واري اها ڳالهه ياد آئي، جڏهن مٿس اچان تازو فالج جو حملو ٿيو هو ۽ لطيف آباد واري گهر ۾ رهندو هو. ٻاڻ مون کي سندس لئبريريءَ مان سهٽي، روح رهاڻ، ملير ڊائجسٽ، ۽ مارئي رسالن جا سڄا بائينڊ ٿيل سيٽ ڪٺي وڃڻ لاءِ چيو هئائين. پر مون ڪٺڻ ۾ سستي ڪئي ۽ اهو سڄو خزانو دهشت گردن جي قرلت جي نذر ٿي ويو. البت هنگامن کان ڪجهه ڏينهن اڳ ٻاڻ انگريزي رسالي ”ويو پوائنٽ“ جا سڀ پرچا محترم الهداد ٻوهيي مرحوم کي ڏنائين، جيڪي هو ڪٺي ويو ۽ اهي تباهـ ٿيڻ کان بچي ويا.

اها تفصيلي ملاقات منهنجي ساڻس آخري تفصيلي ملاقات ثابت ٿي.

هڪ پيري ڪچهريءَ دوران پاڻ مون کي ٻڌايائين ته، "بيماريءَ مان بيزار ٿي مون زندگيءَ کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهن ڏينهن آئون 'خانواهڻ' ۾ هئس. دل ۾ خيال آيم ته هتي بهتر رهندو. مٿ مائٽ گهڻي تڪليف کان ڇُٽي پوندا. اهو سوچي سمهڻ مهل چاليهه ڊائنول Dianol گوريون ڦڪي سمهي پيس. آئون ڊاڪٽر آهيان ۽ مون کي خبر آهي ته چاليهه گوريون هڪ ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ تمام گهڻيون آهن. پر ٻي ڏينهن معمول موجب اُٿي وينس. مون کي ڪجهه به نه ٿيو. الٽو ڪجهه ڏينهن جي لاءِ منهنجي شگر Nil رهي."

اهو ٻُڌائي پاڻ مرڪڻ لڳو. مون ڏانهس حيرت مان ڏسي چيو "شايد توهان جي قلم مان اسان کي اڃان به گهڻيون ڪهاڻيون ملڻيون آهن. سنڌ ڌرتي اوهان کي ائين ٿورو ئي ڪو اسان کان جدا ڪندي."

"هاڻ ائين ٿو لڳيم. منهنجو موت ان ڏينهن ايندو جڏهن آئون لکڻ پڙهڻ کان لاچار ٿيندس."

ٿيو به ائين. مٿس فالج جو ٻيو حملو سندس وفات کان پندرنهن ڏينهن اڳ ٿيو هو. دم به ورائي ويو هئس. زبان ۽ نظر تي به ڪافي اثر پيو هئس. جڏهن هو لکڻ پڙهڻ کان لاچار ٿيو ته اسان سڀني کان موڪلائي هليو.

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻُڌي،
پاسا مٿي پاهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا اُت ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

- - - - -

مٿس، جڏهن فالج جو حملو ٿيو تنهن کان پوءِ دهشت گردن، هٿيارن جي زور تي ڪيس، لطيف آباد واري گهر مان زوري ڪڍيو ته پاڻ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پُٽ نديم وٽ رهڻ لڳو. اتان مون کي 8- سيپٽمبر 1990ع تي هڪ خط ۾ لکيائين. "ورهين کان پئي لکندو آيس ته بندوق جي ناليءَ مان انقلاب ايندو آهي. حال ته بندوق جي ناليءَ سان پنهنجي گهر مان ڪڍيو ويو آهيان ۽ اهڙي حالت ۾، جو اڌ رنگ جو مريض آهيان ۽ هلڻ چلڻ کان هلاڪ، سامان کڻڻ به ڪونه ڏنائون. ٻارن کي ڳوٺ

موڪلڻو پيو. هفتي کن کان پوءِ منهنجو پاڻيجو ٽرڪ کهرائي سامان کڻڻ ويو تہ الائي ڪٿان اٺ ڏهہ هٿيار بند شودا اچي نڪتا ۽ سامان کڻڻ بہ نہ ڏنائون. پهرين سيپٽمبر تي نياپو آيو تہ تنهنجي گهر جي ڦرلٽ ڪري سامان چوري ڪري ويا آهن. مون بہ وڃي ڏٺو. هرڪا قيمتي شيءِ چوري ڪري ويا آهن. باقي پيچ ڊاهہ ڪري پينگ ڪري ويا آهن. وري بہ اُجاڙ گهر کي تالو ڏيئي ڪراچي هليو آيس. اجان تائين لکڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. مناسب سمجهو تہ مون سان ٿيل ويڌن سيني اخبارن (پريس) ۾ ڏيئي ڇڏيندا.“

ڊاڪٽر نجم عباسي پنهنجي زندگيءَ جي جن چئن اهم ۽ اثر انداز ٿيندڙ واقعن جو ذڪر ڪندو هو انهن مان پهريون واقعو سندس شادي، ٻيو طلاق، ٽيون مٿس فالج جو حملو ٿيڻ ۽ چوٿون لطيف آباد وارو گهر لٽجڻ ۽ سندس قيمتي لئبريريءَ جو تباهہ ٿيڻ آهي.

مٿينءَ واقعي کان پوءِ پاڻ ڪراچي ۽ اتان سکر ويو. وري ڪراچي، ايستائين سکر ۽ ڪراچي ايندو ويندو رهيو. جيستائين ٻيهر مستقل طور تي حيدرآباد ۾ رهائش پذير نہ ٿيو. پاڻ ان سڄي عرصي دوران جيڪو سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيو مون کي لڳاتار خط لکندو رهيو. جيڪي پوءِ مون سندس جيئري ئي، سندس خواهش ۽ اجازت سان ڪتابي صورت ۾ ”جبل مٿي باهڙي“ جي نالي سان ڇپائي پڌرا ڪيا. اهي خط هڪ حوالي سان نجم عباسيءَ جي سڄي جيون جو نچوڙ آهن.

هو سدائين منهنجي دوست طارق قريشيءَ کي چوندو هو ”مون سڄي عمر ڪهاڻيون لکيون آهن. هاڻ آئون پاڻ هڪ ڪهاڻي بڻجي ويو آهيان. منهنجي زندگيءَ جيان منهنجو موت بہ هڪ ڪهاڻي هوندو ۽ تون ان تي ڪهاڻي لکج. منهنجي موت جي ڪهاڻي توکي لکڻي آهي.“ پوءِ هو طارق کي پنهنجي زندگيءَ جا واقعا تفصيل سان ٻڌائڻ لڳندو هو. مون کي حيرت تڏهن ٿي، جڏهن صارق قريشي سندس ڪهاڻيءَ جي انجام (لحد ۾ لاهڻ مهل) تائين ساڻس گڏ رهيو. جڏهن تہ آئون ان کان محروم رهيس.

نجم عباسيءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي 25- آڪٽوبر 1995ع تي پوري ٿي. اڄ نسيم نگر فيز II جي بلاڪ بي، جي گهر نمبر 109 جو اهو ڪمرو هميشہ لاءِ خالي ٿي ويو. جيڪو منهنجي لاءِ هر ان گهڙيءَ پناهہ

گاهہ ثابت ٿيو جڏهن آئون دنيا جي هر وٿ کان بيزار ٿي، پناهہ لاءِ واجهائيندو هوس. اڄ هو اسان ۾ موجود نہ آهي. بس سندس ڳالهيون ئي آهن، جيڪي ڳائي رهيا آهيون.

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات،
ساري سنياسين ڪي، رُنم ساري رات،
مون جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

- - - -

## نجم عباسي: مختصر سوانحي خاڪو:

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو جنم، خانواهڻ، ضلع نوشهري فيروز تعلقي ڪنڊياري ۾، 18 آڪٽوبر 1927ع تي محترم استاد حاجي الهہ آندي خان عباسيءَ جي گهر ۾ ٿيو. ”خانواهڻ جو قديم تاريخي شهر، ساهتي پرڳڻي ۾ هڪ قديم علمي مرڪز رهيو آهي. هن شهر جو بنياد ڪلهوڙن جي پوئين دور ۾ پيو ۽ آهستي آهستي ترقي ڪندي وڏي اوج تي پهتو. دراصل اهو شهر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جي تهذيب ۽ تمدن جو نشان آهي.“[(1)]

خانواهڻ، جيڪو سهتا برادريءَ جي هڪ زميندار ”خان سهتي“ جو ٻڌايل آهي. شروع ۾ هي شهر ’خان جو واهڻ‘ يا ’خان جا پاڙ‘ سڏبو هو. پر پوءِ اڳتي هلي ’خانواهڻ‘ سڏجڻ لڳو.

نجم عباسيءَ جا وڏا ڪنيڙي ذات جا هئا. سندس والد حاجي الهہ آندو خان، پنهنجي نالي سان ’ڪنيڙو‘ لکندو هو. ”پر اسين پاڻ ۾ سؤٽ جو ڪاليج پڙهي پياسين، سو پاڻ کي ’ڪنيڙو‘ جي بدران ”عباسي“ لکڻ لڳاسين. حقيقت ۾ اسين نہ ڪلهوڙا آهيون ۽ نہ عباسي.“[(2)]

”پر جڏهن کان آئون باشعور ٿيو آهيان، تڏهن کان چاهيان ٿو تہ جيئن ـ ’ڪنيڙو‘ سڏايان، پر عباسي لفظ سان منهنجو نالو مشهور ٿي ويو آهي، ان ڪري عباسي ئي سڏايان ٿو.“[(3)]

---

[(1)] قريشي حامد علي خانائي: ناچٽيءَ جو جنم. صفحو 113.
[(2)] نجم عباسي: ڏٺم اڻ ڏٺل (انٽرويو) صفحو 141.
[(3)] نجم عباسي: اوچا ڳاٽ پهاڙن جا_ صفحو 133.

سندس گهراڻو هر۔ هاري گهراڻو هو. سندس ٻيئي چاچا هاري هئا. پر سندس والد سنڌي فائينل پاس ڪري، سنڌي ماستر ٿيو. هو روشن خيال ذهن رکندڙ هو. ان ڪري هن، پنهنجي مڙني پٽن ۽ ڀائيٽن کي ڪاليج تائين تعليم ڏياري. جنهن جي ان وقت جي ماحول موجب ڪجهه مائٽن مخالفت به ڪئي، جن ۾ نجم عباسيءَ جو مامو اڳيان اڳيان هو. هو انگريزي تعليم جو سخت مخالف هو. سندس چوڻ موجب، ”انگريزي تعليم پڙهڻ ڪفر آهي.“

نجم عباسيءَ، پرائمري تعليم خانواهڻ ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان 1946ع ۾ ۽ انٽر سائنس ”سنڌ مسلم سائنس ڪاليج“ ڪراچيءَ مان 1948ع ۾ پاس ڪئي ۽ ميڊيڪل جي تعليم ايم۔ بي۔ بي۔ ايس ”ڊو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ“ مان 1953ع ۾ پاس ڪيائين. ايم۔ بي۔ بي۔ ايس پاس ڪرڻ کان پوءِ هڪدم 1953ع ۾ ئي پاڻ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. پر پنهنجي آزاد طبيعت ۽ روشن خياليءَ سبب پنجن سالن کان پوءِ 1958ع ۾ نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏيائين ۽ گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي ڪلينڪ 1958ع ۾ ئي کوليائين، جيڪا 1989ع تائين هلائيندو رهيو. فالج جي حملي ٿيڻ کان پوءِ اها بند ڪري ڇڏيائين.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ذهني اوسر جي شروعات لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ ٿيڻ لڳي.

> ”مون کي هڪڙو ئي عظيم استاد مليو ۽ اهو هو سائين ايچ۔ ايم۔ خواجه، جيڪو ان وقت لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه جو هيڊ ماستر هو. هو انقلابي ۽ ترقي پسند خيالن جو هو. هن جي تربيت ۽ تعليم ئي منهنجي ويچارن ۾ ڦيرو آندو. هينئر مان جو ڪجهه آهيان، ان ۾ خواجه سائينءَ جو وڏو هٿ آهي.“[1]

---

[1] ذڪر اڻ ڏٺل۔ صفحو 143

۽ ان ئي دور کي، يعني هاءِ اسڪول واري دؤر کي پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو سنو ۾ سنو ۽ سُکئي ۾ سُکيو حصو قرار ڏي ٿو.

لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهہ ۾ استاد ڏاڍي محنت سان پڙهائيندا هئا. هوشيار ۽ محنتي شاگردن جو اسڪول ۾ گهڻو قدر ڪيو ويندو هو. اتي جي بورڊنگ هائوس ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي سرگرمين جو بندوبست هوندو هو. انهن ۾ شاگرد گهڻو چاهہ وٺندا هئا. نجم عباسيءَ جو ڪردار انهن سرگرمين ۾ اڳواٽيءَ وارو هوندو هو.

اتي، ادبي کيتر ۾ "بزم مشاعرا" ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽي بہ هئي. جنهن طرفان بيت بازي جا مقابلا، مشاعرا ۽ بحث مباحثا ٿيندا هئا. اتي شاگرد گڏجي هٿ سان لکيل هڪ مخزن "مسلم نئشنل گارڊ" بہ ڪيندا هئا، جنهن جو ايڊيٽر 'نجم عباسي' هو.

لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهہ ۾ پاڪستان لاءِ هلچل هلائيندڙ مسلم ليگ پارٽيءَ جي شاگرد ونگ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاخ پڻ هئي. ان وقت سڄو ننڍو کنڊ انگريزن جي خلاف اُٿي کڙو ٿيو هو. جتي ڪٿي انگريزي راڄ خلاف جلسا جلوس، هڙتالون ۽ بڪ هڙتالون ٿي رهيون هُيون. قومي ۽ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ڌڙا ڌڙ جيل ڀرجي رهيا هئا.

نجم عباسي بہ ان هلچل کان متاثر ٿيو ۽ ڪجهہ سائين خواجه صاحب جي اثر ڪري "مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾ شامل ٿيو ۽ اسڪول جي شاخ جو صدر بہ ٿيو. سندس سياسي سرگرمين جي رهنمائي خواجه صاحب ئي ڪندو هو:

> "سياسي سرگرمين ۾ اسان کي پس پرده سائين خواجه صاحب ئي هدايتون ڏيندو هو. فيڊريشن جي صدر ۽ شاگردن جي نمائندي جي حيثيت ۾ مون کي سياسي پارٽين جي عام جلسن ۾ جيڪي تقريرون ڪرڻيون پونديون هُيون، تن جي باري ۾ نُقطا بہ هوئي ٻڌائيندو هو يا تقريرون لکي ڏيندو هو."[1]

---

[1] ڏتم اڻ ڏٺل ـ صفحو 24.

سندس سياست سان اها دلچسپي ڪاليج جي دؤر ۾ بہ قائم رهي ۽ هو مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر رهيو ۽ مسلم نئشنل گارڊ جو رڪن بنجي ڪجھ وڙهڻ جي سکيا پڻ ورتائين. اڳتي هلي سندس ئي ڪوششن سان، سندس ڳوٺ "خانواهڻ" ۾ "مسلم ليگ پارٽيءَ" جي شاخ بہ قائم ٿي.

پر ملڪ آزاد ٿيڻ کان پوءِ، سندس سياست سان سموري دلچسپي ختم ٿي ويئي. ان جا ڪيئي سبب هئا. البت سندس ذهن سدائين سياسي رهيو ۽ سڄي عمر ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ بدران ترقي پسند، قومپرست فڪر جو پرچارڪ ۽ ترجمان رهيو.

نواب شاهہ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول واري زماني ۾، اتي جي ادبي ماحول ۾، هن پنهنجو پهريون شعر لکيو. اهو شعر هن 1941ع ۾ لکيو. سندس ڪتاب، "مون پڻ ڳايو هو" ۾ اهو شعر هن ريت ڏنل آهي:

سج چڙهي آيو مٿي، اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي،
خيال ڪر توکان ويئي، خلق چو بيزار ٿي.

سندس شعرن لکڻ جو اهو سلسلو 1946ع تائين هليو. وچ ۾ سندس ڪجھ شعر اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ ڇپيا.

پوءِ، هو لڳاتار اسڪول جي مشاعرن ۾ ڀرو وٺڻ لڳو. مئٽرڪ تائين ٽي سال هو اسڪول جي 'بزم مشاعرا' جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو. مئٽرڪ کان پوءِ پاڻ وري ڪڏهن بہ شعر نہ جوڙيائين.

هاءِ اسڪول وارن کي 'نجم عباسيءَ' جي شاعري ايترو تہ پسند هئي، جو هن جا لکيل "دعا جا گيت" اسڪول جي اسيمبليءَ وقت ڳايا ويندا هئا. اهڙو هڪ گيت، جيڪو اسڪول جا بہ شاگرد نالي الهداد ۽ گل بيگ اسيمبليءَ وقت ڳائيندا هئا، هيٺ ڏجي ٿو:

آهہ صاحب تو ثنا، سنسار ساري ۾ سدا،
شان چا ۽ هستي تنهنجي خوب آهي اي خدا.
تو رسائين روز روزي، راض سان سڀ راڄ کي،
آهہ توڙي ڪو تونگر، يا ڪٽي مفلس ڪٽي،
هو ڪرم تنهنجو ٿي قادر هن سڄي مخلوق تي،

تون ٿو بخشين سڀ برايون، پڻ ڪرين ٿو ڪُل شفا.
نور نرمل تو نظارا تا نظر چوڌر اچن
گل گهٽا گلشن ۾ سهڻا، وڻ وڏائيءَ منجهه جهنگن
آسمان باري بنايو تو سوا ٽوٽيءَ ٽنين
تو ڪيا موجود موتي بحر اندر بي بها.
قاعدن سان ڪم هلي ٿو دائما قدرت سندو
چنڊ اُبري رات جو ۽ سج سدائين ڏينهن جو
’نجم‘ چمڪي چرخ ۾ چو طرف ٿو هر رات جو
جي چمن تا، سي مرن تا، آ اها تنهنجا رضا.

بزم مشاعره سان گڏ ڪيس ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو بہ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. اتي سندس ٻين شاگرد ساٿين ۾ محمد صالح راهو بہ هو جيڪو ساڻس سياسي توڙي ادبي سرگرمين ۾ گڏ هوندو هو.

ان وقت نواب شاهہ ۽ آسپاس ڪيترين ئي سنڌي ادبي انجمنون موجود هُيون ۽ سرگرم هُيون. اُنهن ۾، بزم ادب نواب شاهہ، آفتاب ادب دادو سنڌي سڌار سوسائٽيءَ لاڙڪاڻو بزم ادب ڪراچي ۽ ترقي ادب هالا قابل ذڪر آهن.

اهي انجمنون طرحي مشاعرا بہ ڪرائينديون هُيون ۽ نجم عباسي انهن مان ڪن ۾ تہ خود وڃي پنهنجا شعر پڙهندو هو يا ڪن ۾ ان وقت جي رواج موجب پڙهڻ لاءِ ڏياري موڪليندو هو. سندس عادت هوندي هئي تہ جتي بہ شعر موڪليندو هو يا پڙهندو هو ان جو نالو ۽ تاريخ شعر جي هيٺان لکي ڇڏيندو هو. سندس شاعريءَ جو ڳٽڪو ’مون پڻ ڳايو هو‘ ڏسبو تہ ان ۾ هر شعر جي هيٺان تاريخ، ڪٿي ڇپيو ڪٿي پڙهيو ويو. لکيل آهي.

جيتوڻيڪ، نجم عباسيءَ پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات شاعري سان ڪئي، پر اڳتي هلي، سندس باقاعده سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ٿي.

پنهنجي ان شعري پورهيي جي باري ۾، ڪتاب ”مون پڻ ڳايو هو“ ۾ لکي ٿو:

”مون بہ ٻين سان سُرَ ۾ سُر ملايو هو. جنهن نموني ۽ جن موضوعن تي ٻين کي شعر ٺاهيندو ڏٺم ۽ ٻُڌم، مان پڻ اهڙا شعر ٺاهڻ لڳس. پر سگهوئي شعرسازي ڇڏي ڏنم. پنهنجي ٺاهيل شعرن کي ’ڪچرو‘ سمجهي 32 سال انهن ڏي نهاريم بہ ڪونہ. تازو سائين عبدالقيوم صائب کي سندس تصنيف ڪتاب، ”حيدرآباد جي ادبي تاريخ“ جي سلسلي ۾ پنهنجو هڪ پراڻو نوٽ بوڪ ڏيڻو پيو. ان ۾ مون واري ننڍپڻ جي شاعري بہ نقل ڪيل هئي. اها جو پڙهيائين تہ مون کي اچي چيائين تہ تنهنجي عمر، تنهنجي تعليم ۽ جنهن دور ۾ تو اها شاعري ڪئي هئي ۽ اها حقيقت تہ تون ٻهراڙيءَ جو ٻارهئين، جتي شعور وڌائڻ جا وسيلا، يعني ريڊيو اخبارون ۽ ڪتاب هئا ئي ڪونہ. سي ڳالهيون ڏسي، تنهنجي شاعريءَ جو معيار ايڏو اوچو ٿو ڏسجي، جو توکي ٻالڪ اديب جو ’نوبل پرائيز‘ ملڻ گهرجي.“[1]

”نجم عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ پختہ فنڪارانہ خوبين ۽ نزاڪتن کي ڳولهڻ اجايو آهي. تاهم هڪ ڪچي عمر جي شاگرد جيڪي ڪجهہ اسان کي ڏنو آهي، سو ساراهڻ جوڳو آهي.“[2]

جيتوڻيڪ اهو دور گل ۽ بلبل جي شاعريءَ وارو هو پر نجم جي شاعريءَ ۾ وطن سان حب ۽ قوميت جهڙا موضوع بہ آهن.

”جيئن تہ مون مٿي چيو آهي تہ مون پنهنجي شعرن کي ’ڪچرو‘ سمجهي وساري ڇڏيو هو. پر هينئر جو پڙهي ڏٺو اٿم تہ انهن ۾ برابر گل ۽ بلبل جون ڳالهيون آهن، شراب ۽ ساقيءَ جو ذڪر بہ آهي. روايتي پيارجي

---

[1] نجم عباسي ’مون پڻ ڳايو هو‘ صفحو 4

[2] عبدالقيوم ’صائب‘_ مهاڳ ”مون پڻ ڳايو هو“ صفحو 10

پچار بہ آهي. غير سنڌي نظريا بہ آهن، غير سنڌي لفظ ۽ تشبيهون بہ آهن، پر ساڳئي وقت گهڻن شعرن جو موضوع سياست، قوميت ۽ وطنيت آهي."(1)

"هن غزل گهٽ، پر نظم وڌيڪ لکيا آهن. جنهن مان ظاهر آهي تہ کيس محبوب جي ماڻن کان وڌيڪ قوم جي سياڻن پئي متاثر ڪيو آهي."(2)

سندس اهڙن شعرن مان ڪجهہ نمونا طور هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

تون نظم سازيءَ ساڻ پنهنجي قوم کي بيدار ڪر
۽ خواب غفلت مان بهادر کي سگهو هوشيار ڪر
آزادگيءَ جو چو طرف نعرو بُلند هڪ بار ڪر
ٻارن ٻُڍن ۽ نوجوانن ۾ اهو پرچار ڪر
قادر جي قدرت جي مناظر جي سدا تون ڪر ثنا
مخلوق جي همدرديءَ لئہ ڪوشش ڪندو رهہ تون سدا.

(نظم: شاعر کي سڏ. ص46)

(2)

اٿو سنڌي، ڪيو ڪوشش وڌايو شان سنڌڙيءَ جو
ڪريو سر سبز ۽ سائو سگهو بستان سنڌڙيءَ جو
وڃايو وقت هرگز ڪين ڪي ڳالهين اجاين ۾
سُتل هيءَ قوم جاڳائي ڪيو وڌ مان سنڌڙيءَ جو.

(21- مئي 1943ع)

(3)

ڇڏي سُستي، ڪري چستي ۽ هستي مان پيدا ڪر
ڪري ڪوشش وري پنهنجو اڳوٽو شان پيدا ڪر
سدا سيني ۾ صادق سانڍ سڪ سوراج پاڙيها

---

(1) نجم عباسي 'مون پڻ ڳايو هو' صفحو 6
(2) عبدالقيوم صائب 'مون پڻ ڳايو هو' صفحو 11

سدا آزاديءَ خاطر نوان نيشان پيدا ڪر.
(6- ڊسمبر 1943ع)

(4)

اُٺ نوجوان هي جاڳڻ جو وقت آهي
هر فرد هندستان آزار سخت آهي
بيدار ننڊ مان ٿي، چوڌر نظر ڪري ڏس
مظلوم پيا پڪارن، جن دک بي انت آهي
(12- مئي 1943ع)

## نجم عباسي: بحيثيت ڪهاڻيڪار

مٿي لکي آيو آهيان ته نجم عباسي، پنهنجي ادبي زندگي 'شعر' لکڻ سان شروع ڪئي. پر اڳتي هلي پاڻ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سڃاتو ويو. هن پنهنجي پهرين ڪهاڻي "همت ۽ ڪوشش" (جيڪا پوءِ 'قلب اندر ڪعبو' جي نالي سان بہ شايع ٿي) 1944ع ۾ لکي، جيڪا 1946ع ۾ 'مهراڻ' رسالي ۾ شايع ٿي. ان ڪهاڻي لکڻ جي وارتا بيان ڪندي نجم عباسي لکي ٿو:

"اوطاق ۾ بابي صاحب ۽ سندس سنگتين جي ڪچهري متل هئي. مان بہ ويٺو هئس. هڪ ڄڻي، هڪ حاجيءَ جو واقعو ٻڌايو جو هُن کي حج تي ويندي، واٽ تي پيش آيو هو. اهو واقعو اهڙي دلچسپي پيرايي ۽ پراسرار ڍنگ ۾ بيان ڪيو ويو جو مون کي بيحد مزو آيو ۽ ڏاڍو متاثر ٿيس. تڏهن تي ئي مون کي خيال پيدا ٿيو ۽ اتي ويٺي ئي ان خيال اجهل جذبي جي صورت اختيار ڪئي تہ ان واقعي کي ڪهاڻيءَ جو ويس پارائي لکان. لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي اول ئي هئي. اتان اُٿي گهر پهچي پهريون ڪم اهو ڪيم جو ان واقعي ۾ ڪجهہ ڦير گهير ڪري، مرچ مصالحو ملائي، ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ لکي

پورو ڪيو. اها هئي منهنجي پهرين ڪهاڻي."[1]

ان ڪهاڻيءَ جي ڇپجڻ جو قصو بيان ڪندي هو لکي ٿو ته: "1946ع ۾ مون سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وڃي داخلا ورتي ۽ پنهنجي هيءَ پهرين ڪهاڻي به ڪراچي ۾ ڪنيو ويس. منهنجو شوق هو ته منهنجي پهرين ڪهاڻي، سنڌي ادبي بورڊ جي سُنڌي رسالي 'مهراڻ' ۾ ڇپجي. هڪ ڏينهن سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس جي ڳولا ۾ نڪتس، ان جي آفيس ان وقت ڊي- پي- آءِ (Director of Public Instructions) جي آفيس جي هڪڙي ڪمري ۾ هئي. اها آفيس بندر روڊ تي هئي. هينئر اتي سرڪاري اسپتال آهي.

مون ورانڊي ۾ چڪر ڏنو ۽ هڪڙي ڪمري ٻاهران سنڌي ادبي بورڊ جي ڻالي واري تختي به ڏٺي. اندر هڪ ميز جي چوڌاري ڪجهه ماڻهو ويٺا هئا. ان زماني ۾ هرڪو ڪاليجي گهٽو ڪري سوٽ يا فل سوٽ پائيندو هو. مان اجان قميص ۽ ڪائنچ پهريندو هوس، ۽ ڳوٺاڻو نمونو هو. ڪراچي جهڙي شهر ۾ به تازو تازو آيو هوس. سو گهٽتائيءَ جي احساس جو شڪار هوس. پهرين ڏينهن ورانڊي جا چڪر ڏيئي موٽي آيس.

ٻئي ڏينهن همت ٻڌي ساڳي آفيس ۾ آيس. جهاتي پائي ڏٺم ته بورڊ جي آفيس ۾ به ٽي ڄڻا ويٺا هئا ۽ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ان دوران ورانڊي جي هڪ لانگهائو کان پڇيم، ته اندر آفيس ۾ جيڪو مکيه ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، سو ڪير آهي؟ هن ٻڌايو ته لالچند امر ڏنو مل. ڪاڪو لالچند ڪٽڪ رنگو هو. مٿي تي ٿوري گنج ۽ لباس نارنگي ڪاڏيءَ جو. قد جو اندازو ڪيم ته هو ڊگهو هو. عمر سٺ کان شايد مٿي.

مان در وٽ رکيل بينچ تي ٽي وينس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس ته ڪاڪو اڪيلو ٿئي ته اندر وڃان. نيٺ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ملاقاتي ٻاهر نڪتا. مان هبڪندو دل جي تيز ڌڙڪڻ سان اندر گهڙيس. هن مون کي ڏنو ۽ ڇپن تي مرڪ آئي اٿي بيهي مون سان هٿ ملايائين. منهنجا سڀ انديشا ۽ وهم غائب ٿي ويا. منهنجي همت کي هالار جبل جي ٽيڪ ملي

---

[1] طوفان جي تمنا- مهاڳ- صفحو 1

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ويئي ۽ خود اعتمادي پيدا ٿي. ”پُٽ! ويھ“ هن پنهنجائپ سان چيو ۽ هن جي اها پنهنجائپ سارو وقت قائم رهي.

هو ويٺو ته مان به ويهي رهيس.

”پٽ ڪيئن آيا آهيو؟“

”سائين! هيءَ ڪهاڻي لکي اٿم. چاهيان ٿو ته ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿئي. هيءَ منهنجي پهرين ڪهاڻي آهي.“

”مون کي ڏي ته مان هينئر ئي پڙهي وٺان ٿو ته ڪيتري قدر مهراڻ جي معيار جي آهي.“

مون ڪهاڻي هن ڏي وڌائي. هو پڙهڻ لڳو ۽ مان اميد ۽ انتظار مان نهاريندو رهيس. هن ڪهاڻي پڙهي پوري ڪئي. منهنجي دل تهائين وڌيڪ زور سان ڌڙ ڌڙ ڪرڻ لڳي.

هن نتيجو ٻڌايو.

”تنهنجي هيءَ ڪهاڻي ”مهراڻ“ ۾ ڇپجڻ جهڙي آهي، ۽ ايندڙ پرچي ۾ ڇپبي. مناسب ڪهاڻي آهي ۽ مون کي اميد آهي ته آئيندي وڌيڪ محنت سان اڃان به سٺيون ڪهاڻيون لکي سگهندين. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿورڙيون فني ڪچايون آهن. پر وڌيڪ توجهه سان اهڙيون ڪچايون دور ٿي وينديون. تنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي خاص خوبي اها آهي ته ان ۾ تو نج سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي. مون ڏٺو آهي ته سنڌي ليکڪ جڏهن پهرين ڪراچي يا ٻين وڏن شهرن ۾ ايندا آهن، تڏهن شروعات ۾ هنن جي لکڻين ۾ نج سنڌي ٻولي هوندي آهي. پر ڪجهه عرصو شهرن ۾ رهڻ کان پوءِ هنن جي ٻوليءَ ۾ اها خوبي نه رهندي آهي. ان ڪري مان تنهنجو ڌيان خاص ڪري، ان طرف ڇڪايان ٿو. منهنجي ان ڳالهه کي نه وسارجان.“

ڪاڪي لال چند امر ڏني جي ان همت افزائيءَ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ اهڙو ڪهاڻيڪار ڏنو جيڪو پنجاهه سالن تائين لڳاتار سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو رهيو. هن سنڌي ٻوليءَ کي ساڍن ٽن سون کان به مٿي ڪهاڻيون، ناول، مضمون ۽ ترجما ڏنا.

نه رڳو اهو پر نجم عباسيءَ ڪاڪي امر ڏني مل جي پوئين

نصيحت تي بہ خوب عمل ڪيو ۽ سڄي زندگي پنهنجي لکڻين ۾ نج سنڌي ٻولي ڪتب آڻيندو رهيو ۽ سڄي عمر اها بہ ڪوشش ڪندو رهيو تہ اهڙن غير سنڌي لفظن جا نعم البدل. سنڌي لفظ ڳولهجن، جيڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪافي غير سنڌي لفظن جا سنڌي نعم البدل بہ ڳولهيائين، جيئن لائوڊ اسپيڪر (گونجارو) رسيور (جهٽڻو) ٿرماميٽر (تپ تپاسٽي) ٽيليفون نمبر (پريان ڳالهائڻو انگ) شهيد (سدا حيات)، ائش ٽري (رک- وٽي) ٽيليويزن (ڏور ڏسٽي) وغيره شامل آهن.

- - - - -

نجم عباسيءَ جي خيالن ۽ ويچارن ۾ وڏي تبديلي مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪتابن پڙهڻ جي ڪري آئي. جن جو ان زماني ۾ نوجوانن ۾ ڪريز هو:

> ”مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏيپلائيءَ جي شخصيت کان گهڻو متاثر رهيو آهيان. هن جون لکڻيون پڙهندو هوس، ۽ حقيقت ۾ مون ۾ جيڪو ذهني انقلاب آيو سو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي لکڻين آندو.“ [1]

هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ نجم عباسي، پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ڪهاڻيون لکندو رهيو. هو پنهنجي وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ بہ ڪهاڻي لکي رهيو هو. جيڪا سندس وفات سبب اڌ ۾ رهجي ويئي. ۽ ”پيار ۾ دشمني“ جي نالي سان مهراڻ 1995/4ع جي پرچي ۾ سندس هٿ اکرين جيئن جو تيئن شايع ٿي.

نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ساديون، پر معنيٰ، هر ڪنهن کي سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ مقصديت سان ڀرپور آهن. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي ڪنهن بہ قسم جا مونجهارا يا اهڙا لفظ يا حصا نظر نہ ايندا، جو ڪهاڻي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ پوي.

اڪثر ڪري نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جي حوالي سان چيو

---

(1) نجم عباسي ”اوچا ڳاٽ ڀهاڙن جا- انٽرويو“ صفحو 143.

ويندو آهي تہ اهي هڪ قسم جي رپورٽنگ هونديون آهن. هو ڪهاڻيون نہ ٿو لکي، پر صحافيءَ جيان واقعن جي رپورٽنگ ٿو ڪري ۽ هن جون ڪهاڻيون ڪهاڻي ٽيڪنيڪ تي پوريون نہ ٿيون لهن وغيره.

اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم سوال آهي، جنهن جو جواب ڏيندي نجم عباسي چوي ٿو:

”مان مقصدي ادب لکندو آهيان، مان ادب ۾ پرچار ۽ نعري بازيءَ جو مخالف آهيان. ڇاڪاڻ تہ مان پنهنجي لکڻيءَ ۾ مقصد رکندڙ آهيان. ان ڪري ڪهاڻيءَ ۾ فن انهيءَ شيءِ کي سمجهندو آهيان، جا منهنجي مقصد کي چٽو ڪري. ان ڪري سولي ۽ سڌي نموني لکندو آهيان، جيئن سڀ ڪو سمجهي سگهي. ۽ انهن ٻي ٻن ڳالهين کي ڪهاڻيءَ جي وصف لاءِ ضروري سمجهندو آهيان: 1- ڪهاڻيپڻو يا وڌيڪ ڄاڻڻ جي خواهش پيدا ڪرڻ. 2- دلچسپي يا واقعات ۽ ڪهاڻيءَ ۾ پرچار.“(1)

”مون اهو ڏٺو آهي تہ سوشلسٽ ملڪن ۽ ٽين دنيا جا خاص ڪري اهي ملڪ، جي پنهنجي سماج ۾ ارتقائي ڦيرو آڻڻ لاءِ رڌل آهن، تن جي ساهت ۾ جديديت، علامت نگاري ۽ تجريديت جي نالي ۾ اڻ چٽيون، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ بي معنيٰ ۽ بي مقصد ڪهاڻيون نہ ٿيون لکيون وڃن. اهي ڪهاڻيون سنيون سڌيون، سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ ڏاڍيون دلچسپ هونديون آهنَ. انهن ۾ ڪهاڻيپڻي ۽ فني خوبين سان گڏ نعرو ۽ نياپو هوندو آهي. پيغام ۽ پرچار هوندو آهي.“(2)

”ڪهاڻيڪار لاءِ ڇيو ويندو آهي تہ هو رڳو سماجي مسئلا، سماج ۾ پکڙيل گند جي نشاندهي ڪري

(1) نجم عباسيءَ جو انٽرويو. ماهوار ”هزار داستان“ 1991/4ع.

(2) نجم عباسي– مهاڳ. اڪيلا نہ آهيون. صفحو 10.

پڙهندڙن کي انهيءَ ڏانهن متوجهه ڪري. پر حل ٻڌائڻ ڪهاڻيڪار جو ڪم ڪونهي. حل ڳولهڻ پڙهندڙن جو ڪم آهي. پر, ترقي پسند ڪهاڻيءَ ۾ مسئلو اهو هوندو آهي تہ ان جو حل بہ هوندو آهي. سنڌ ۾ جهڙيون حالتون آهن, انهيءَ لاءِ هاڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون وڃن, جن ۾ مسئلن جو حل بہ هجي, تہ جيئن پڙهندڙن جي رهنمائي ٿئي. چاڪاڻ تہ ليکڪ جي ذهني سطح هڪ عام ماڻهوءَ جي ذهني سطح کان مٿي هوندي آهي ۽ موجوده وقت ۾ نجم عباسي هڪڙو ئي ڪهاڻيڪار آهي, جيڪو ههڙيون بامقصد ڪهاڻيون لکي رهيو آهي.“[1]

محترم عبدالواحد آريسر چواڻي تہ:

”هڪڙا ليکڪ فن لاءِ لکندا آهن, پر نجم عباسي ڪاز يا مقصد لاءِ لکيو.“[2]

مٿين حوالن مان واضح ٿئي ٿو تہ نجم عباسي ڪهاڻيءَ کي, ملڪ ۽ قوم سان لاڳاپيل سماجي براين جي خلاف پرچار جي هٿيار طور استعمال ڪي صحيح ٿو سمجهي ۽ هن جي لکڻين ۾ اسان کي هڪ آدرشوادي سماج اڏڻ جو پرچار ملندو ۽ هو هڪ لحاظ کان ’مقصدي ادب‘ لکڻ جو قائل آهي.

هونئن ڏٺو وڃي تہ ڪهاڻي پنهنجي دور جي عوامي تاريخ بہ آهي. ليکڪ جن مسئلن ۽ واقعن کان متاثر ٿي ڪهاڻي لکي ٿو, اُهي پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ, پنهنجي ماحول جو مشاهدو پڻ هونديون آهن ۽ اهي هڪ قسم جون ’عوامي تاريخ‘ جون دستاويز بہ هونديون آهن. ليکڪ چواڻي:

”جهڙي طرح تاريخ بادشاهن, سلطانن, راجائن, حاڪمن, خليفن ۽ نبين جي ذڪر جو دستاويز هوندي آهي, اهڙيءَ طرح ڪهاڻي ان دور

---

[1] طارق اشرف_ دوکو _ صفحو 5_6.

[2] روزاني ڪاوش_ 19 ڊسمبر 1995ع.

جي ”عوامي تاريخ“ آهي. بادشاهن ۽ حاڪمن جي تاريخ لکڻ ۾ گهٽو ڪري پاس خاطري، خوشامد، وڏائي ۽ تعصب کان ڪم ورتو ويندو آهي. پر عوامي تاريخ (ڪهاڻيءَ) ۾ حقيقي حالتون درج ڪيون وڃن ٿيون. مثال طور اينڊڙ وقت ۾ هتي جي هاٺوڪن وزيرن، گورنرن، حاڪمن، سياسي اڳواڻن ۽ مذهبي پيشوائن جي حالت ڄاڻڻ لاءِ ماڻهن کي ”سنڌ جي تاريخ“ پڙهڻي پوندي. پر هنن کي اجوڪن عام سنڌين جي احساسن، جذبن، سماجي حالتن ۽ ذهني سوچ جي صحيح تصوير فقط اڄ ڪلهه جي ”ڪهاڻين“ ۾ ئي ملي سگهندي.“[1]

## نجم عباسيءَ جا ڪتاب: مختصر تعارف:

نجم عباسيءَ 1944ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ لڳ ڀڳ اڌ صدي، پنهنجي قلم وسيلي، سنڌي ٻوليءَ جو خزانو ڪهاڻين، ناولن، ترجمن، مضمونن، شعرن وغيره سان مالامال ڪندو رهيو. هن ساڍا ٽي سؤ کن ڪهاڻيون، ٽي اصلوڪا ناول ۽ سوين مضمون لکيا. سندس ترجمو ڪيل لکڻين جو تعداد تمام گهڻو آهي. هيٺ سندس زندگيءَ ۾ ڇپيل ٽيهن ڪتابن جو مختصر تفصيل ڏجي ٿو:

### 1_ طوفان جي تمنا:

نجم عباسيءَ پهرين ڪهاڻي 1944ع ۾ لکي، جيڪا 1946ع ۾ نئين ماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپي. تنهن کان پوءِ، هو مسلسل لکندو آيو. سندس پهريون ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ جي نالي سان، مارچ 1969ع ۾ ”سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن بوڪ ڪلب“ طرفان ڇپرايو ويو. جنهن لاءِ هو ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

> ”مون کي خوشي ۽ فخر آهي ته، منهنجي پهرين ڪهاڻي ’مهراڻ‘ جهڙي معياري رسالي ۾ شايع ٿي هئي ۽ منهنجو پهريون ڪتاب، سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي

---

[1] نجم عباسي_ ڪهاڻيءَ جو قافلو _ صفحو 86.

عظيم اداري طرفان شايع ٿي رهيو آهي.“[1]

هن ڪتاب تي نجم عباسيءَ کي ٻه ادبي انعام مليا. هڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ”سنڌالاجي“ ڊپارٽمينٽ پاران ۽ ٻيو پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران. هن ڪتاب تي ڪافي اعتراض به ٿيا، احتجاج به ٿيا ۽ ڪتاب جي ڪافي پذيرائي به ٿي. جيڪي تفصيل ڊائريءَ جي صورت ۾ نجم عباسيءَ ”هڪ سنڌي ڪتاب جو جنم“ جي سري سان لکي ڇڏيا. اهي پوءِ سندس ڪتاب ”للڪار“ ۾ ساڳئي عنوان سان ڇپيا.

هن ڪتاب ۾ نجم عباسيءَ جون ڪُل سترنهن ڪهاڻيون شامل آهن. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو نومبر 1982ع ۾ شايع ٿيو.

## 2_ پٿر تي ليڪو:

هيءَ نجم عباسيءَ جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب آهي، جيڪو 1973ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ 20 ڪهاڻيون شامل آهن. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪهاڻي بابت ويچار ونڊيندي لکي ٿو:

> ”مان اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جي سمجهڻ ۾ سوليون هجن ۽ جن ۾ دلچسپيءَ جي زنجير ڪٿي به نه ٽٽي. ننڍي ڪهاڻيءَ جا موضوع ٽين ٽا: عام ماڻهن جي جيون، سماج جون ريتون رسمون، ديس وارن جا مسئلا، غريبن ۽ مسڪينن جا احساس ۽ اُمنگ، مظلومن جون آهون ۽ دانهون. ظالمن ۽ پرمارن جون عام خلق تي ڏاڍايون ۽ عقوبتون ۽ ٻيا.“[2]

هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1984ع ۾ شايع ٿيو.

## 3_ ڳاڙهو لالٽين:

هيءَ ڪتاب “Red Lantern” جو ترجمو آهي. جيڪو چيني انقلاب بابت هڪ ڊرامو آهي. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ نجم عباسي لکي ٿو:

---

[1] طوفان جي تمنا_ مهاڳ_ صفحو 8
[2] پٿر تي ليڪو _ مهاڳ: صفحو 3

"هن ننڍڙي ڊرامي ۾ چين جي پوري انقلاب جو تت آهي. هن دلچسپ ڊرامي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙن جي ذهن ۾ صاف صاف اها ڳالهه ويهي وڃي ٿي تہ انقلاب عام ماڻهو يعني پورهيت ۽ هاري آڻيندا آهن."[1]

محترم رسول بخش پليجي پيش لفظ ۾ هن ڪتاب بابت لکيو آهي تہ:

"ڳاڙهو لالٽين، هن دور جي انقلابي ادب جو هڪڙو شاندار شاهڪار آهي. اهو چين جي ڪروڙين عوام اڳيان اسٽيج توڙي فلم وسيلي پيش ڪيو ويو. ان جو دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. مناسب آهي تہ سنڌي عوام بہ دنيا جي عظيم انقلابي ادب جي هڙن شاهڪارن کان واقف ٿئي."[2]

هي، ننڍڙو ڪتابڙو سنڌ جي روشن خيال نوجوانن ۾ تمام گهڻو مقبول ويو ۽ هيستائين هن ڪتاب جا ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. پهريون ڇاپو 1974ع ۾ شايع ٿيو.

## 4۔ جيڪي منهنجي من ۾ آهي:

هي نجم عباسيءَ جو ٽيون ڪهاڻي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندس 20 ڪهاڻيون شامل آهن. هن ڪتاب ۾ هو پنهنجي ڪهاڻين بابت مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"جيڪي منهنجي من ۾ آهي، ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ واقعن، اشارن، اهڃاڻن، علامتن، ڪردارن جي جيون، ڪردارن جي ويچارن، ڪردارن جي هلت چلت ۽ ڪردارن جي گفتگوءَ جي ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان."[3]

هي ڪتاب 1977ع ۾ شايع ٿيو.

---

[1] ڳاڙهو لالٽين ـ مهاڳ: صفحو 4
[2] ڳاڙهو لالٽين - پيش لفظ ـ صفحو 6
[3] ڪهاڻيءَ جو قافلو ـ صفحو 88

### 5_ ناچٽي:

هي نجم عباسيءَ جو چوٿون ڪهاڻي ڪتاب آهي. جنهن ۾ سندس ويهه ڪهاڻيون شامل آهن. ڪتاب جو ليکڪ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"اڄ تائين اهڙيون ڪهاڻيون لکيون پي ويون آهن، جن ۾ ڪنهن سماجي يا سياسي برائيءَ جو احساس ته ڏياريو ويو يا ڪنهن غلط سرشتي کان نفرت جي ساڃهه ته پيدا ڪئي ويئي. هاڻي اهڙيون ڪهاڻيون لکجن، جن ۾ اهو ڏيکاريو وڃي ته اهڙي برائي يا اهڙي سرشتي کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيو وڃي. اڄ تائين واريون ڪهاڻيون سوچ پيدا ڪندڙ شعور وڌائيندڙ ۽ احساس کي جنم ڏيندڙ هُيون. هاڻي عملي ڪهاڻيون لکجن، جن ۾ ڪردارن کي گهربل عمل ڪندي ڏيکارجي. اڄ ڏينهن تائين پيئي لکيو ائين ته. هيئن ٿيڻ گهرجي، سو ٿئي پيو. اها هڪڙي قسم جي مستقبل جي جهلڪ هجي. آدرش جو اشارو هجي. حقيقت سان ڪنهن خواب جي ملاوت هجي."[1]

هن ڪتاب تي لکيل مضمونن ۽ هن ڪتاب بابت نجم عباسيءَ تي خطن جي صورت ۾ ايندڙ راين کي ترتيب ڏيئي "ناچٽيءَ جو جنم" جي سري سان ڪتاب ڇپرايو ويو. جيڪو 'ڪونج ادبي مرڪز خانواهڻ' پاران مئي 1979ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب کي غلام نبي ناشاد مرتب ڪيو آهي.

هي ڪتاب جون 1978ع ۾ شايع ٿيو.

### 6_ ايڏو سور سهي:

هي نجم عباسيءَ جو پنجون ڪهاڻي ڪتاب آهي. هن ۾ ليکڪ جون ڪل 23 ڪهاڻيون شامل آهن. هن ڪتاب ڇپجڻ سان نجم عباسيءَ جون ڪتابي صورت ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو انگ هڪ سؤ ٿئي ٿو.

هي ڪتاب ڊسمبر 1978ع ۾ شايع ٿيو.

---

[1] ناچٽي _ مهاڳ _ صفحو 5_6

## 7_ مون پڻ ڳايو هو:

نجم عباسيءَ لکڻ جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي، جنهن لاءِ هو لکي ٿو:

> ”منهنجي ادبي زندگي شاعريءَ سان شروع ٿي. مون پهريون شعر 1941ع ۾ ٺاهيو ۽ پويون 1946ع ۾. منهنجا ڪي شعر اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڇپيا هئا. مان مشاعرن ۾ به شعر پڙهندو هوس. منهنجا ٺاهيل دعا جا گيت، اسان جي اسڪول ۾ صبح جو اسيمبليءَ وقت ڳايا ويندا هئا.“[1]

هنن شعرن جي باري ۾ پاڻ لکي ٿو:

> ”مون کي احساس آهي ته مواد ۽ موضوع جي لحاظ کان منهنجا شعر ٺڪو به ڪونه لهن ۽ پڙهندڙ کي پاڻ اهي پڙهڻ سان بوريت ٿيندي.“[2]

نجم عباسيءَ پنهنجن هنن شعرن کي ڪچري سان ڀيٽ ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ سندس ڪُل 74 شعر شامل آهن. هي ڪتاب ٻارن جي عالمي سال 1979ع جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

## 8_ ڏنم اڻ ڏٺل:

هي ڪتاب نجم عباسيءَ جي ٻن انٽرويوئن، لنڊن جي اڻ پوري سفرنامي ۽ پنجن مضمونن تي مشتمل آهي. پهرينءَ مضمون ”هڪ ناول جو هيرو“ ۾ هڪ قسم جي ڪهاڻي به آهي، جيڪا بيانيا انداز ۾ ٻڌائي ويئي آهي. هڪ مضمون ۾ ڪهاڻيءَ بابت ويچار ۽ ٻه مضمون ذاتي يادگيرين ۽ 'هڪ ذاتي نوٽ بوڪ مان' شامل آهن. هي ڪتاب هڪ لحاظ کان نجم عباسيءَ جي جيون جهلڪين تي مشتمل آهي. جنهن بابت ليکڪ لکي ٿو:

---

(1) مون پڻ ڳايو هو _ مهاڳ صفحو 8

(2) مون پڻ ڳايو هو _ مهاڳ صفحو 8

”آتم ڪهاڻي لکندڙ پنهنجون ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون ۽ ناڪاميون لکڻ کان لنوائي ويندو آهي. هو اهو ان ڪري ڪندو آهي ته پڙهندڙن جي ذهن ۾ جو سندس تصور آهي، تنهن کي ڪو داغ نه اچي.“[1]

هن ڪتاب ۾ پنهنجين جيون جهلڪين ۾ نجم عباسيءَ پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي به نروار ڪيو آهي ۽ انهن کي پرپور انداز سان کولي بيان ڪيو اٿس. اهو ان ڪري به ته: ”انهن ڪوتاهين جي اهڙي نموني وَڍ ڪٽ ڪجي جو هر ڪو پڙهندڙ به پنهنجي ڪردار ۽ ڪارڪردگيءَ تي سوچڻ شروع ڪري ۽ انهن خرابين جي بنياد تائين پهچي وڃي.“[2]

هي ڪتاب 1980ع ۾ شايع ٿيو.

### 9_ رشتا ناتا:

هي نجم عباسيءَ جو ڇهون ڪهاڻي ڪتاب آهي. جنهن ۾ سندس 19 ڪهاڻيون شامل آهن. هي ڪتاب ڊسمبر 1981ع ۾ شايع ٿيو.

### 10_ اڪيلا نه آهيون:

نجم عباسيءَ، طبعزاد ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ سان گڏ، ٻاهرين ادب مان ناول ۽ ڪهاڻيون به ترجمو ڪيون. هي ڪتاب 22 ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جيڪي پاڻ وقت بوقت ترجمو ڪندو رهيو. ۽ حيرت جي ڳالهه اها به آهي ته:

”جهڙيءَ طرح منهنجي پهرين اصلوڪي ڪهاڻي ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڇپي. اهڙي طرح منهنجي پهرين ترجمائي ڪهاڻي به ساڳئي رسالي مهراڻ (ترڪي محبوبه 1948ع) ۾ شايع ٿي.“[3]

پنهنجن ترجمن جي حوالي سان نجم عباسي لکي ٿو:

---

[1] ڏنم اڻ ڏٺل _ مهاڳ _ صفحو 5
[2] ڏنم اڻ ڏٺل _ مهاڳ _ صفحو 6
[3] اڪيلا نه آهيون _ مهاڳ _ صفحو 19.

"مون پنهنجي رڪارڊ ۾ ڏنو آهي ته جڏهن به مون اصلوڪيون ڪهاڻيون گهٽ لکيون آهن، ترجما وڌيڪ ڪيا آهن."[1]

نجم عباسيءَ ٻيا به ڪافي سارا ترجما ڪيا، جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

هي ڪتاب 1982ع ۾ شايع ٿيو.

## 11_ سورج هوندي مرجهايل:

هي نجم عباسيءَ جو ستون ڪهاڻي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندس پندرنهن ڪهاڻيون شامل آهن. هن ڪتاب جي ڪهاڻين جي باري ۾ ليکڪ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"دنيا جي ٻين ملڪن، ۽ خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن جون ڪي گهٽنائون .ذهن ۾ مترڪا هڻڻ لڳنديون آهن ۽ دل ۾ ڏاڍي بي آرامي پيدا ڪنديون آهن ۽ انهن جي بنياد تي ڪهاڻيون وجود وٺنديون آهن، اهي ڪهاڻيون، علامت نگاري جو روپ هونديون آهن. مون ٻين ملڪن جي راڄ نيتي، پنگتي ۽ گذراني حالت جي پس منظر ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن. جن مان ڪي هن ڪتاب ۾ ڏيان ٿو."

هي ڪتاب ڊسمبر 1982ع ۾ شايع ٿيو.

## 12_ للڪار:

هي نجم عباسيءَ جو اٺون ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. جيڪو 17 ڪهاڻين ۽ هڪ مضمون "هڪڙي سنڌي ڪتاب جو جنم" تي مشتمل آهي. ان ۾ هن پنهنجي پهرينءَ ڪتاب "طوفان جي تمنا" جي ڇپائي، وڪري، ان تي ٿيندڙ اعتراضن، گلڊ جي انعام وغيره بابت، پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيل ويچار ڏنا آهن. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ هو پنهنجي لکڻين جي باري ۾ پڙهندڙن جي حوالي سان لکي ٿو:

---

[1] اڪيلا نه آهيون _ مهاڳ _ صفحو 19.

”خطن مان مون ڪاٿو ڪيو آهي تہ پڙهندڙن کي
منهنجو سادو سودو سنئون سڌو ۽ دلچسپ لکڻ جو
ڍنگ پسند هوندو آهي.“

هي ڪتاب، جون 1983ع ۾ شايع ٿيو.

### 13_ پهاڙن ۾ پڪار:

نجم عباسيءَ جو هي ڪتاب، خليل جبران جي پنجن ترجمو ڪيل ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جيڪي هن وقت بوقت ترجمو ڪيون هيون. اڳتي هلي نجم عباسي جي جبران جي لکڻين جي باري ۾ راءِ تبديل بہ ٿي ويئي هئي. ان بابت سندس ڪتاب ”جبل مٿي باهڙيي“ ڏسڻ کپي.

هي ڪتاب فيبروري 1984ع ۾ شايع ٿيو.

### 14_ پيار ڪهاڻي:

نجم عباسيءَ جو ڇپيل پهريون اصلوڪو ناول آهي. هن ناول جي باري ۾ پاڻ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”هي منهنجو پهريون ڇپجندڙ ناول آهي. پر پهريون لکيل نہ آهي.“

هي ناول پاڻ 1984ع ۾ لکيو هئائون. 11 جنوري 1984ع تي لکڻ شروع ڪيائون ۽ 14 فيبروريءَ تي لکي پورو ڪيائون، ان مان سندس تيز رفتار لکڻ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ 393 صفحن جو هي ناول فقط 33 ڏينهن ۾ لکي پورو ڪيائون.

هي ناول پيار جي موضوع تي آهي ۽ مئي 1984ع ۾ شايع ٿيو.

### 15_ بلنديون:

بلنديون نجم عباسيءَ جو لکيل ٻيو اصلوڪو ناول آهي. جيڪو ايراني ڪردن تي ٿيندڙ ڏاڍ، جبر ۽ انهن جي لاڳيتي هلندڙ جدوجهد جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي. نجم عباسيءَ هن ناول ۾ وڌيڪ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ ناول جي ڪردارن وغيره جا نالا ”سنڌي“ ڏنا آهن.

هن ناول جي باري ۾ ليکڪ لکي ٿو:

”سال 1979ع شروع ٿيڻ سان، مون کي خيال پيدا ٿيو تہ
هي سال مان پنهنجي لاءِ ’ناول جو سال‘ مقرر ڪيان تو ۽

سال مان پنهنجي لاءِ ’ناول جو سال‘ مقرر ڪيان ٿو ۽ هر
حالت ۾ هن سال هڪڙو ناول لکندس. پوءِ هي ناول مون -
2 مارچ 1979ع تي لکڻ شروع ڪيو ۽ 21 مئي 1979ع تي پورو
ڪيم...... هن ناول جو پهريون نالو ”مڪڙيون“ رکيم.
پوءِ ”ايندڙ ويهه سال“ ۽ اجان به پوءِ ”پڙ ۾ پهلوان آيا“. ڪن
انٽرويوئن ۽ اشتهارن ۾ به اهي نالا پئي ڇاڻايم. پڇاڙيءَ
۾ ”بلنديون“ نالو چونڊيم.“[1]

هي ناول پهريون ڀيرو 1984ع ۽ ٻيو ڀيرو 1987ع ۾ شايع ٿيو.

## 16_ پروفيسر:

هي نجم عباسيءَ جو نائون ڪهاڻي ڪتاب آهي. هن ۾ سندس ويهه ڪهاڻيون شامل آهن، جن بابت ليکڪ جو چوڻ آهي ته، ”سماجي قيري لاءِ ساهت سهڪاري ذريعو آهي.“ ۽ پبلشر زيب سنڌي، هن ڪتاب جي مُنڍ ۾ نجم عباسيءَ بابت لکي ٿو:

”نجم عباسي هن وقت سنڌيءَ جو سڀ کان سينئر ترين
ڪهاڻيڪار آهي. هن 1941ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ
تائين هو انتهائي تيزيءَ سان لکي رهيو آهي.“

هي ڪتاب آڪٽوبر 1984ع ۾ شايع ٿيو.

## 17_ دارون هن ديواني جو:

هي نجم عباسيءَ جو ڏهون ڪتاب آهي. هن ۾ ڪُل 28 ڪهاڻيون آهن. هن جي ڇپجڻ سان سندن ڪهاڻين جو ڪُل تعداد 200 تي ويو.

هي ڪتاب مئي 1985ع ۾ ڇپيو.

## 18_ ڪهاڻيءَ جو قافلو:

هي نجم عباسيءَ جو ارڙهون ڪتاب آهي. جيڪو چئن ڪهاڻين، خطن ۽ سوانحي لکڻين تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ نجم عباسيءَ

---

[1] بلنديون _ مهاڳ _ صفحو 6_7

جي پهرين ڪهاڻي، ”قلب اندر ڪعبو“ بہ شامل آهي، جيڪا پاڻ خانواهڻ ۾ 3 نومبر 1944ع تي لکي هئائين ۽ پهريون ڀيرو 1946ع ۾ مهراڻ ۾ ”همت ۽ ڪوشش“ جي نالي سان ڇپي هئي. ان بابت نجم عباسي، ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”مون ڪي پنهنجي پهرين ڪهاڻي ”قلب اندر ڪعبو“ جا مون 42 سال اڳ لکي هئي، پڙهي اڄ اچرج لڳندو آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ منهنجا مرڪزي موضوع هئا: غير سنڌي ۽ مذهب. انهيءَ ڪچي عمر ۾ لاشعوري طرح مون انهن ٻن موضوعن تي جيڪي ويچار ظاهر ڪيا هئا، اهي اڄ بہ پنهنجي پڪر عمر ۾ شعوري طرح وڌيڪ پختائيءَ سان پيو پڌرا ڪيان ۽ هيل تائين جيڪي بہ ڪهاڻيون لکيون اٿم، انهن مان وڏي جهجهائيءَ جا مرڪزي خيال اهي مٿيان بہ موضوع پئي رهيا آهن. اهڙي طرح منهنجي پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ئي انهن موضوعن ۽ انهن ويچارن جي پيڙهہ پئجي چڪي هئي.“[1]

هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن مان ڪن ۾ هن ڪهاڻي ۽ ناول جي فن بابت پنهنجا ويچار ونڊيا آهن، جن بابت هو لکي ٿو:

”منهنجي جيون جو چڱو خاصو حصو ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ ڪهاڻيون لکڻ ۾ گذريو آهي. ڪهاڻيءَ جي فن جي باري ۾ پنهنجا ڪي ويچار ۽ رايا لکندو رهيو آهيان. دنيا جي ڪن ليکڪن جا ڪهاڻيءَ بابت ڪجهہ خيال بہ لکي ڇڏيندو آهيان..... هي لکڻيون نہ رڳو ڪهاڻيءَ جي فن سان واسطو رکندڙن ڪي دلچسپ لڳنديون، پر ڪهاڻيءَ جو عام پڙهندڙ بہ هنن ڳالهين ڄاڻڻ ڪان پوءِ، ڪهاڻين ڪي نئين نگاهہ سان پڙهندو..... ڪهاڻين تي منهنجي تنقيد، معياري تنقيد نہ آهي، پر تجرباتي ۽ عملي تنقيد آهي.“[1]

---

[1] ڪهاڻيءَ جو قافلو ـ مهاڳ ـ ص7

[1] ڪهاڻيءَ جو قافلو ـــ مهاڳ ص7ـ8

هي ڪتاب اپريل 1986ع ۾ شايع ٿيو.

### 19_ گانڌي:

هي ڪتاب، ننڍي کنڊ جي ناميا ري سياستدان ۽ اهنسا وادي مهاتما موهن چند ڪرمچند گانڌيءَ جي جيون چرتر آهي، جيڪو لوئي فشر انگريزيءَ ۾ لکيو هو ۽ نجم عباسيءَ، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان ترجمي بابت مهاڳ ۾ هو لکي ٿو:

> "سائين محمد ابراهيم جويي، لوئي فشر جو انگريزي ڪتاب "گانڌي" مون کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو. مون ڇهه مهينا (25 آگسٽ 1963ع کان 1 فيبروري 1964ع) تائين واندڪائيءَ جو سارو وقت لڳائي، ڪتاب جو ترجمو پورو ڪيو."

نجم عباسيءَ جي هن ترجمي بابت سنڌي ٻوليءَ جي هڪ هڏ ڏوکي ليکڪ ابن حيات پنهور، هن کي هڪ خط ۾ لکيو: "اوهان جو ترجمو ڪيل ڪتاب "گانڌي" پڙهيم، بيحد پسند آيم. مصنف گانڌيءَ کي هڪ نئين نظر سان پيش ڪيو آهي. آخري ٽن بابن منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪيرائي وڌا."

هي ڪتاب، فيبروري 1987ع ۾ شايع ٿيو.

### 20_ تصوف جي چير ڦاڙ:

هي نجم عباسيءَ جي مضمونن جو ٻهريون ڳٽڪو آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جي تاريخ جي حوالي سان ۽ سنڌس پنهنجي فڪري خيالن جي ويچارن جا ٻارنهن مضمون شامل آهن. ڪتاب جو پبلشر ناز سنائي لکي ٿو:

> "سنڌس مضمونن جو هي ٻهريون مجموعو پڙهي، پڙهندڙ اندازو لڳائي ويندا ته مضمون لکڻ جو ڊاڪٽر صاحب وٽ اصل مقصد ڪهڙو آهي."

هي ڪتاب 1987ع ۾ شايع ٿيو.

### 21_ تلاش:

هي، نجم عباسيءَ جو ڇپيل ٽيون اصلوڪو ناول آهي. اڳ ۾ ٻه اصلوڪا ناول "پيار ڪهاڻي" ۽ "بلنديون" شايع ٿيا هئس. هي نجم

عباسيءَ جو ايڪيهون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي ڪهاڻيءَ جي باري ۾، ليکڪ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”هيءَ ڪهاڻي آهي ستن ڪوٺن ۾ بنديائيءَ جي، هيءَ ڪهاڻي آهي نسلي گٽر ۾ ٻُڏل زائفان جي. هيءَ ڪهاڻي آهي جاگيرداري گند جي ڍير ۾ قاتل عورت جي. هڪ اهڙي عورت جيڪا ان ڍير مان نڪري، پنهنجي واٽ تلاش ڪري، ٻاهر اچي ٿي ۽ جيون جي ڪليل راهه تي پهچي ٿي. اونده جي ڪاري جنگل مان نڪري، روشني طرف وڌڻ لاءِ، هن کي پنهنجي راهه پاڻ تلاش ڪرڻي پوي ٿي.“[1]

هي ناول، ڊسمبر 1987ع ۾ شايع ٿيو.

## 22_ زلزلو:

نجم عباسيءَ جو ڇپيل ٻاويهون ڪتاب آهي. جيڪو ڊي ڪين جي انگريزي ناول His Father's Wife جو ترجمو آهي، جيڪو 1954ع ۾ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي ترجمي جي سببن بابت نجم عباسي لکي ٿو:

”مون کي هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو خيال ان ڪري پيدا ٿيو جو اسان جي سماج ۾ ٻه اها سماجي برائي آهي، جيڪا هن ناول ۾ ڏيکاري ويئي آهي.“[2]

هن ناول جي باري ۾ نجم عباسي، گانڌي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”1963ع ۾ هڪ انگريزي ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هوم ۽ ان جو نالو رکيو هوم ’زلزلو‘. اهو مسودو سائين محمد ابراهيم جويي کي ڏسڻ لاءِ ڏنو هئم. سنڌي

---

[1] تلاش – مهاڳ – ص 5

[2] زلزلو – مهاڳ – ص 4

ساهت جي هن سچڻ، سچو ڪتاب ڏاڍي دلچسپيءَ سان
نظر مان ڪڍيو ۽ ان ۾ ڪي درستيون ڪيون هئائين ۽
ڪي مشورا ڏنا هئائين. ان وقت سندس چيل لفظ مون پاڻ
وٽ سند طور لکي ڇڏيا هئا. هن چيو هو: 'ترجمي ڪرڻ
جي فن ۾ تون سنڌ جو ٻيو قليچ بيگ آهين.' ان تي مون
کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي ۽ فخر مان، هاسيڪاري پنهنجي
ساٿين کي اها ڳالهه ٻڌائيندو هوس."[1]

هي ڪتاب سيپٽمبر 1988ع ۾ شايع ٿيو.

## 23_ ماسترياڻي:

روسي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار اليگزينڊر سيرافيمووچ جي هن ناول جو ترجمو پاڻ اردو ڪتاب "طوفان اور ريت" تان ڪيو جو ان ۾ ڪهاڻيءَ طور ڏنل هو. ان ڪتاب ۾ هن ناول/ ڪهاڻيءَ جو نالو "گالينا" ڏنل هو پر مترجم چواڻي، مون کي "ماسترياڻي" موزون لڳو.

هن ناول جي ترجمي جي سببن تي روشني وجهندي مترجم لکي ٿو: "هن ناول ۾ آڪٽوبر انقلاب کان اڳ واري روس جي 'ٻهراڙيءَ' جي جهلڪ ڏنل آهي. جا اسان جي موجوده سنڌ جي ٻهراڙيءَ کان ڪنهن بہ نموني ٻي طرح جي نہ آهي."[2]

هي ڪتاب سيپٽمبر 1988ع ۾ شايع ٿيو.

## 24_ دوڪو:

نجم عباسيءَ جي هن چوويهين ڪتاب ۾، سندس 18 ڪهاڻيون ڏنل آهن، جنهن بابت ليکڪ لکي ٿو:

"هن ڪهاڻي ڪتاب مان، پاڻ کي مطمئن ۽ هلڪو ٿو
محسوس ڪريان. اهڙو ڪنهن بہ ڪتاب مان محسوس
نہ ڪيو هئم. جڻ تہ مون پنهنجي ذهن جو سمورو بار يا
گهٽ ۾ گهٽ وڏو بار ڪاغذن تي اوتي ڇڏيو آهي. هنن
ڪهاڻين ۾ منهنجي ذهن جي اهم تخليق آهي. منهنجي

---

[1] گانڌي – مهاڳ – ص ۴
[2] ماسترياڻي ـ مهاڳ ـ ص8

دل جي داد لائق جرئت آهي. منهنجي من جي مانڊاڻ
آهي ۽ انهن ۾ منهنجي دماغ جو ڀرپور ساٿ رهيو آهي.“

هن ڪتاب ۾ طارق اشرف پنهنجي پاران ۾ لکي ٿو:

”نجم عباسي ۽ امر جليل ٻه اهڙا ڪهاڻيڪار آهن، جيڪي Burning Topics تي ڪهاڻيون لکندا آهن. يعني اهي موضوع يا اهي مسئلا، جيڪي موجوده وقت ۾ موجود هجن ۽ ماضي قريب ۾ ٿيا هجن ۽ پڙهندڙن جو ذهن انهن موضوعن ۽ مسئلن کان متاثر ٿيل هجي. اهڙن موضوعن ۽ مسئلن تي لکڻ ڪري پڙهندڙ پڙهندي وقت ائين محسوس ڪندو، ڄڻ ته سندس دل جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي.[1]

## 25۔ مٽي سنڌ سڪار:

هي نجم عباسيءَ جو 25هون، يعني سلور جوبلي ڪتاب آهي. جنهن ۾ سندس سترهن ڪهاڻيون ڏنل آهن. ليکڪ مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”منهنجي ڇپيل پنجويهن ڪتابن مان، ڪهاڻين جو منهنجو هي ٻارهون ڪتاب آهي. مان ڪهاڻيون واسطيداري Commitment ۽ سماجي ذميداريءَ سان لکندو آهيان ۽ سنڌي سماج ۾ ڦيرو منهنجو آدرش آهي.“

هي ڪتاب ڊسمبر 1988ع ۾ شايع ٿيو.

## 26۔ لينن جي انقلابي ڪهاڻي:

هي سوانحي ناول روسي ليکڪا ماريا پريلمزائيوا جي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب جو ترجمو آهي ۽ روسي انقلابي اڳواڻ ولاديميئر ايلچ لينن جي سوانح آهي. ترجمي جي باري ۾ مترجم لکي ٿو:

”جڏهن هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڙهي پورو ڪيم ته مون کي ان مقصد لاءِ ڏاڍو موزون لڳو. هي ناول سادي ۽

---

[1] دوکو پنهنجي پاران ص4.

سولي نموني لکيل آهي. ڪٿي به مارڪسزم ۽ ڪميونزم جا سائنسي اصطلاح استعمال ٿيل ڪونهن، وڏي ڳالهه اها ته نهايت دلچسپ ڍنگ ۾ لينن جي زندگيءَ جا واقعا ٻُڌايل آهن. ماڻهوءَ کي محسوس ٿئي ٿو ته هو اسان مان آهي. اسان جهڙو ماڻهو آهي، ۽ اسين به اهڙا ڪم ڪري سگهون ٿا."[1]

هيءُ ٿلهو ناول 1- جنوري 1988ع کان ترجمو ڪرڻ شروع ٿيو ۽ 12 مئي 1988ع تي پورو ڪيو ويو.

هي ناول، فيبروري 1989ع ۾ شايع ٿيو.

### 27_ منهنجون بهترين ڪهاڻيون:

هي ڪتاب، نجم عباسيءَ جي اڳ ڇپيل ڪهاڻي ڪتابن مان چونڊ 21- ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جن جي چونڊ نجم عباسيءَ پاڻ ڪئي آهي. ان لحاظ کان نجم عباسي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي پنهنجي پسند جي چونڊ ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب "منهنجون بهترين ڪهاڻيون" جي نالي سان شايع ٿيو آهي.

هي ڪتاب 1991ع ۾ شايع ٿيو.

### 28 پاڻ ۾ ويٺا آهيون:

هن ڪتاب ۾، نجم عباسيءَ جون سترنهن ڪهاڻيون ۽ ڏهه مڪالما شامل آهن. جيڪي، ڊائلاگ واري انداز ۾ لکيل ڊائلاگ ڪهاڻيون آهن. ليکڪ لکي ٿو:

"مون هاڻ ويچاريو ته انهي نموني لکيل ڪهاڻي، ڪهاڻيءَ جون تقاضائون پوريون نه ٿي ڪري، جيتوڻيڪ ان ۾ گهٽو ڪري، ڪهاڻيپڻو موجود هوندو آهي ۽ پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو سامان به ميسر ڪندي آهي. البت ان ۾ ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ ڪجهه ڪهاڻيءَ جون ٻيون گهرجون ڏيئي نه ٿيون

---

[1] لينن جي انقلابي ڪهاڻي، صفحو 5.

سگهجن..... سوچڻ کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتس تہ اهڙي لکڻيءَ کي ”مڪالمو“ (Dialogue) سڏجي تہ موزون ٿيندو. ائين ڪرڻ سان ان کي ڪهاڻيءَ کان الڳ سمجهي سگهبو...... مان ادب ۾ نئين صنف ”مڪالمو“ جي شروعات ڪري رهيو آهيان. يا گهٽ ۾ گهٽ ان صنف جي نالي کي جنم ڏنو اٿم.ا هو نالو ذهن ۾ رکي لکڻ سان مون کي پڪ آهي تہ ليکڪ جي لکڻيءَ ۾ نئون ڦيرو ايندو.“[1]

هي ڪتاب 1992ع ۾ شايع ٿيو.

## 29_ جبل مٿي باهڙي:

هي ڪتاب، نجم عباسي جي خطن تي مشتمل آهي، جيڪي هن راقم الحروف کي 8- سيپٽمبر 1990ع کان پهرين نومبر 1992ع تائين، ڪراچي، سکر ۽ نوابشاهہ مان پنهنجي رهائش دوران لکيا. اهو سڄو عرصو پاڻ بيمار رهيا. پر سندس حوصلا ۽ همتون جوان رهيون. هنن خطن ۾ پاڻ پنهنجي ذاتي ساروڻين کان علاوه موت، ذهن، قوميت، سوشلزم، سائنس، جمهوريت وغيره تي دل کولي پنهنجا ويچار ونڊيا اٿس. انهن خطن جي حوالي سان ڊاڪٽر مون کي لکيو:

”مان توهان جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان، جو اوهان منهنجا انٽرويو وٺڻ، منهنجون لکتيون شايع ڪرڻ ذريعي توهان منهنجي همت افزائي پي ڪئي آهي ۽ دل پي وڌائي آهي. ان ڪري ئي اڌ رنگ جهڙي موذي بيماريءَ هوندي بہ چڱو چوکو لکندو رهيو آهيان ۽ سموريون لکتيون توهان جي حوالي ڪندو پيو اچان.“[1]

خطن جي موضوع تي سنڌي زبان ۾ سائين جي. ايم. سيد جي ترتيب ڏنل ڪتابن ۽ طارق اشرف جي 'اڌ ملاقات' ڪتاب کان پوءِ، نجم عباسيءَ جا خط ئي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا آهن.

---

[1] پاڻ ۾ وينا آهيون: ص7

[1] جبل مٿي باهڙي – ص ۴۸

ڪتاب ۾ ضميمي طور منهنجا ڪانئس ورتل ٻه انٽرويو به شامل آهن. هي ڪتاب راقم ترتيب ڏنو آهي ۽ 1993ع ۾ سچائي اشاعت گهر- دڙو شايع ڪيو.

## 30ـ اوچا ڳاٽ، پهاڙن جا:

هي ڪتاب نجم عباسيءَ جي زندگيءَ ۾ ڇپيل سندس آخري ڪتاب هو. هن ۾ سندس 10 ڪهاڻيون ۽ چار انٽرويو شامل آهن. ”هن ڪتاب ڇپجڻ سان، منهنجون ڪتابي صورت ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو انگ ٽي سؤ ڪهاڻيون پورو ٿئي ٿو. يعني ڪرڪيٽ جي ٻوليءَ ۾ مون ٽرپل سينچري پوري ڪئي.“[2]

هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان نجم عباسي سنڌي ٻوليءَ جو واحد ڪهاڻيڪار ثابت ٿيو آهي، جنهن جا ڪهاڻين جا سورنهن مجموعا شايع ٿيا آهن. هن ڪتاب ۾ پاڻ ڪجهه اهڙيون به ڪهاڻيون شامل ڪيون آهن، جيڪي ”زمان مستقبل“ ۾ لکيون ويون آهن، جنهن لاءِ ليکڪ لکي ٿو:

> ”اڄ تائين، جيڪي به ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا ويا آهن. سي زمان حال ۽ زمان ماضيءَ جي ڍنگ ۽ اسٽائيل ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. ڪيترن سالن کان مون ۾ سوچ پيدا ٿي ته اهڙيون ڪهاڻيون لکجن، جي زمان مستقبل ۾ هجن. انهن ۾ اهڙو مواد شامل ڪجي، جو حقيقت کان ٻاهر ته نه هجي، پر پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿئي ته ائين اڳتي هلي ٿيندو! يا ائين اڳتي هلي ٿيڻ کپي.“[3]

هي ڪتاب آگسٽ 1993ع ۾ شايع ٿيو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان علاوه نجم عباسيءَ جا ڪجهه اڻ ڇپيل ڪتاب به قلمي صورت ۾ موجود آهن. جن ۾ هڪ ترجمو ”هڪ انقلابيءَ جو ننڍپڻ“ آتم ڪهاڻي ”سوچون هڪ سچار جون“، مضمونن جو مجموعو ۽ هڪ ڪهاڻين جو مجموعو شامل آهن.

---

[2] اوچا ڳاٽ پهاڙن جا ـ صفحو 7.

[3] اوچا ڳاٽ پهاڙن جا ـ صفحو 13

## مهراڻ ۾ ڇپيل: نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون:

نجم عباسي، پنهنجي پهرين ڪهاڻي ”همت ۽ ڪوشش“ 1944ع ۾ لکي، جيڪا 1946ع ۾ مهراڻ ۾ ڇپي ۽ سندس آخري اڻ لکيل ڪهاڻي ”پيار ۾ دشمني“ بہ سندس وفات کان پوءِ 1995/4ع مهراڻ ۾ ڇپي. ان حساب سان اهو اتفاق ٿي چئجي، جو هن جي پهرين ۽ آخري ڪهاڻي شايع ڪرڻ جو اعزاز مهراڻ جهڙي معياري رسالي کي ئي آهي.

ان سلسلي ۾ نجم عباسي پنهنجي مضمون ”پهرين ڪهاڻي جي وارتا“ ۾ لکي ٿو: ”منهنجي هن بيماريءَ کان ٿورو عرصو اڳ يعني 1988ع جي پڇاڙيءَ ڌاري ”مهراڻ“ جي هاڻوڪي ايڊيٽر سائين نفيس احمد شيخ ”ناشاد“ سان ملاقات ٿي هئي. گفتگوءَ دوران، مون هن کي چيو ”منهنجو ڪاٿو آهي تہ ”مهراڻ“ ۾ منهنجي پهرين ڪهاڻي ڇپجڻ يعني 1946ع کان اڄ يعني 1988ع تائين جي مڙني پرچن ۾، هڪڙي ئي ڪهاڻيڪار جون مهراڻ ۾ ڇپيل ڪهاڻيون (اصلي + ترجمو) ڳڻجن تہ منهنجي ڪهاڻين جو ٽوٽل، ٻئي ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جي ٽوٽل کان وڌيڪ ٿيندو: ٻين لفظن ۾ ”مهراڻ“ رسالي جي سڄي دور ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻيون منهنجون ڇپيون آهن...... سو مون ناشاد جو ڌيان ڇڪائيندي چيو منهنجي انهن ڪهاڻين جو ڪتاب ڪٿي ڇپايو، گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ادبي بورڊ قسم ڪٿڻ جهڙو تہ ٿيندو تہ ان جديد ادب پڻ ڇپايو آهي.“

ان سلسلي ۾ جڏهن بورڊ جي هاڻوڪي چيئرمين جناب حسين شاھ راشديءَ کي مون هڪ خط لکي، نجم صاحب جي خواهش کان واقف ڪيو تہ، راشدي صاحب نہ رڳو نجم صاحب جي خواهش کي پوري ڪرڻ جو وعدو ڪيو پر فوري طور تي هڪ هفتي اندر اهڙا احڪام جاري ڪري، اهو ڪم منهنجي حوالي ڪري، نہ رڳو سنڌي ادب سان پنهنجي لڳاءُ جو اڻ مٽ ثبوت ڏنو پر اهو پڻ محسوس ڪرايو تہ ذميداري کيڏي نہ وڏي شيءِ آهي. خدا کيس وڏي ڄمار ڏي.

مون کي ڏک رڳو ان ڳالهہ جو آهي تہ اڄ نجم صاحب پنهنجي ان خواهش کي اکين سان ڏسڻ لاءِ جسماني طرح اسان وٽ موجود نہ آهي.

مون، هن ڪتاب ۾ نجم عباسيءَ جي ڇپيل سيني لکڻين کي گڏ ڪيو آهي، جن ۾ 19 اصلوڪيون ڪهاڻيون ۽ سندس آخري اڌ ۾ رهيل ڪهاڻي "پيار ۾ دشمني" بہ آهي، ڏهہ ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ۽ ضميمي طور سندس هڪ ترجمو ڪيل مضمون، سمرسيٽ ماهام جي آتم ڪهاڻي "The summing up" جو هڪ باب، جيڪو مهراڻ 1978/1ع ۾ ڇپيو هو. هڪ خط، جيڪو مهراڻ 3-1966/4ع ۾ ڇپيو هو ۽ هڪ اصلوڪو مضمون 'پهرين ڪهاڻيءَ جي وارتا' بہ شامل ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح محترم نجم عباسيءَ جون مهراڻ ۾ ڇپيل سڀ شيون هڪ هنڌ ڇپجي رهيون آهن.

هن ڪتاب جي تياري جي سلسلي ۾، جيڪڏهن منهنجي عزيز دوست ۽ ايڊيٽر مهراڻ، پنهنجي طبيعت جي حوالي سان بي نياز محترم نفيس احمد ناشاد جو ڀرپور ساٿ نہ هجي ها تہ شايد هي ڪم ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو. هن نہ رڳو منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ همت ڏياري، پر آڌي مانجهي منهنجي ڪري، پنهنجو وقت ۽ آرام ڦٽائي بہ مون کي صلاحون ڏنيون ۽ مواد فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو. سندس اهو ٿورو لاهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

آخر ۾ دعا اٿم تہ منهنجو هي پيار جو پورهيو شل قبول پوي. (آمين)

دڙو
19- فيبروري 1996ع

_ يوسف سنڌي

(پاڱو پهريون)

# اصلوڪيون کاٽيون

# قلب اندر ڪعبو

پوئين حج واري واقعي ڪان پوءِ، حاجي صاحب ۾ به تبديليون ڏسڻ ۾ آيون هيون. هڪ ته هو غريبن ۽ خاص ڪري بيمارن جي ڏاڍي مدد ڪندو هو. ڳوٺ ۾ ڪوبه بيمار ٿيندو هو ته حاجي صاحب ئي پهريون شخص هوندو هو جو هن وٽ پهچندو هو. هن جي ٿهل ٽڪور، همدردي، مالي سهائتا، گهڻو ڪجهه ڪندو هو.

ٻي تبديلي هيءَ هئي ته اهي چار لاڳيتا حج ڪرڻ ڪان پوءِ، ويهارو سال گذرڻ تي به، ڪڏهن وري حج ڪرڻ جو ارادو نه ڏيکاريو هئائين. حالانڪ هن اهي چارئي حج غربت جي زماني ۾، پيرين پنڌ وڃي ڪيا هئا، ۽ هاڻي ته هو چڱي دولت جو مالڪ ٿي ويو هو.

هن جي آخري حج وارو واقعو آسپاس جي ڳوٺن ۾ مشهور هو پر مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هئائين.

چيائين: ان سال، مان ۽ هڪڙو شيدي، پيرين پنڌ حج ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتاسين. واٽ تي، هڪ پنجابي به اچي اسان جي سفر جو ساٿي ٿيو.

ٽيئي ڄڻا سوين ڪوهه لتاڙي، اچي دمشق کان ٽيرهن چوڏهن ميلن تي "البيت" نالي هڪ بستيءَ ۾ پهتاسين. ان کان اڳتي رستو هڪ گهاٽي جهنگ مان هو جنهن ۾ بگهڙ ۽ ٻيا جهنگلي جانور جام هوندا آهن. اتي ڏينهن جو به اونده لڳي پيئي هئي. چوڌاري موت جهڙي ماٺ هئي؛ فقط وقتي وقتي خبر ناهي ڪٿا جا سيسراٽ پئي ٻڌڻ ۾ آيا.

سچ به لهي ويو پر اڃا جهنگل پورو نه ٿيو هو ۽ اسان تلاش ڪرڻ لڳاسين ته ڪو گهر يا جهوپڙي نظر اچي ته اتي رات ٽڪجي.

اوچتو هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ وري بس ٿي ويئي. اسان جي دل ڏڪي ويئي. ڪا ويرم ته ڪنهن کان به ڳالهائڻ ڪونه اڪليو.

نيٺ مون همت ڪري چپ چوريا. صفا هوريان ۾ هٻڪندي چيم، ”آواز تہ ڪنهن انسان جو هوا“

شيديءَ بہ پاڻ سنڀاليو ۾ وراڻي ڏنائين، ”مان پاڻ ائين ٿو سمجهان.“

مون چيو ”هو ڪنهن جناور جي چنبي ۾ اچي ويو آهي. پر هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ گيدين جيان گسائي هلڻ بہ مناسب ناهي. ڪوشش ڪري ڪجهہ خبر لهجي.“

پنجابي پهلوان ٿڙڪندي چيو ”ڇڏيو يار، هرويرو ٿا موت کي سڏيو. هو تہ ختم بہ ٿي ويو هوندو.“

اتي مون محسوس ڪيو تہ اسان جو اهو ساٿي اسان کان بہ وڌيڪ ڏڪي رهيو هو.

مون تيز ٿي چيو: ”ائين هرگز نہ ٿيندو. موت اچڻو هوندو تہ ڪٿي ڪونہ ڇڏيندو. ٿي سگهي ٿو تہ اسين پڻ ساڳي آفت جي چنبي ۾ اچي وڃون. ان ڪري مڙس ماڻهو ٿيو تہ جاچ ڪريون، من ڪنهن انسان جي حياتي بچائي سگهون.“

بس ”ٽونٽ لڳي، ساهيڙي ڀڳي“ تي عمل ڪري، پنجابي پهلوان ”توهين بيوفا آهيو“ چئي، هڪ ويجهي وڻ ڏي رخ رکيو. ٿڙندي ٿاٻڙندي، وڻ وٽ پهتو ۾ ڪوريئڙي وانگر ست ڪاهون ڪري، مٿي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

شيديءَ جا بہ ڍڍر ڍرا ٿي ويا هئا، پر منهنجي غيرت ڏيارڻ تي، مون سان ٻانهن ٻيلي ٿيو.

هينئر اسان سوچيو تہ هلون ڪهڙي پاسي؟ چوڌاري آهي اوندهہ. آواز جي طرف جي بہ خبر پئجي ڪانہ سگهي آهي. اسين اڃان انهيءَ ويچار ۾ هئاسين، تہ وري هن طرح چٽو آواز ٻڌوسين: ”الله“ ڪجهہ ڪنجهڻ ۾ بس.

هينئر نابين کي لٺ جو سهارو مليو ۾ آواز جو طرف سڃاتوسين. ٻئي ڄڻا، هڪ ٻئي جو هٿ قابو جهلي، وڌياسين. پر ويهہ پنجويهہ وکون کڻي، بيهي رهياسين. سامهون ڏهن پندرهن فوٽن تي ڪا ڪاري چيز نظر آئي.

مون پنهنجي ساٿيءَ کي چيو، ”تون اها چيز نظر ۾ رک، تہ مان ڪک ڪاٺيون ڪٺيون ڪري، باهہ ٻاريان. جيڪڏهن ڪو بگهڙ هوندو تہ باهہ ڏسي ڀڄي ويندو ۽ ڪا ٻي بلا هوندي تہ بہ قلندري ڏنڊا پاڻ سان آهن. پوءِ ڪٽن ڀاڳ!“

شيديءَ کي منهنجي صلاح وڻي. ماچيس موجود هو. هٿوراڻيون هٽي، ڪک ڪانا ۽ گند گڏ ڪيم. بسم الله ڪري باهہ ٻاريم. ڀنبٽ مچي ويو. اکيون منتظر ٿيون تہ الاجي سامهون ڇا نظر ايندو!

اها چيز چٽي ڏسڻ ۾ آئي. هيءَ تہ ڪو انسان هو. مون شيديءَ کي چيو ”باهہ کي مچائيندو رهہ تہ مان هن کي جاچي وٺان.“

هوءَ هڪ عورت هئي ۽ ساهہ کڻي رهي هئي. مون هن جا ڪپڙا درست ڪيا. هوءَ بيهوش هئي.

شيدي بہ ويجهو آيو. اسان هن کي گهٽو ٿي ڇوريو پوريو پر هوءَ بي سرت رهي. اسان وٽ پاڻي هو جو هن جي منهن تي ڇنڊڪاريوسين ۽ هن جي وات ۾ ٽيپو ٽيپو ڪري وڌوسين.

اتي اها زائفان ڇُري، اکيون کوليائين. پر وري بيهوش ٿي وئي. اسان جو حوصلو وڌيو ۽ ٻيهر سندس وات ۾ پاڻي وڌوسين.

هوءَ ڪجهہ هوش ۾ آئي ۽ اکيون کولي چيائين، ”مان...... ڪٿي..... آهيان؟“

ائين چئي هوءَ وري هوش وڃائي ويٺي.

مون کي هن جا ٻول ٻڌي حيرت وٺي وئي. هن سنڌيءَ ۾ ڳالهايو هو ۽ هوءَ ڪا سنڌي عورت هئي! پوءِ مون غور سان ڏٺو تہ هن جا ڪپڙا سنڌ جا هئا، ۽ سنڌي نموني سبيل هئا.

حاجي صاحب مون کي مخاطب ٿي ڇوڻ لڳو ”سائين! پرديس ۾ ڪو هندستاني ملي ويندو آهي تہ خوشي ٿيندي آهي، پر جي ڪو سنڌي ۽ هم زبان ملندو آهي، تہ پوءِ تہ دل اصل خوشيءَ کان نچڻ لڳندي آهي. ڏاڍو آٿت ٿيندو آهي.“

هن وري پنهنجو واقعو ٻڌائڻ شروع ڪيو.

اسان مائيءَ کي ٻيهر هوش ۾ آندو.

هن چيو "مون کي اٺاري وهاريو!"

شيديءَ ڪيس ٺيڪ ڏئي اٺاريو.

وهڻ بعد هن عورت سامهون اشارو ڪيو. هوءَ وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهي ۽ هيڪاري وري بہ هن مٿان نيم بيهوشي طاري ٿي.

باهہ وسامڻ لڳي هئي. مون سامهون نهاريو. ڪا شيءِ نظر آئي. باهہ کي تيز ڪيم ۽ ڏنم تہ اڇي ڪپڙي جي هڙ هئي. اها کوليم. ڏسڻ سان منهنجا ڏند چپن سان لڳي ويا. ان ۾ جيئرو جاڳندو نئون ڄاول ٻار هو.

نيٺ ڳچ جاڪوڙ کان پوءِ، مائي پوري هوش ۾ آئي. ڳالهائڻ جھڙي بہ ٿي ۽ ٻار کي بہ ٿڃ ڌارايائين.

اتي مون وچ ۾ ٽئي حاجي صاحب کان پڇيو "پر ايترو وقت توهان وارو پنجابي دوست ڪٿي هو؟"

کلي جواب ڏنائين، "هو اڃان وڻ تي ويٺو هو. نيٺ بہ تہ هن پنهنجي قومي ٻهاڪي: جان بچي تو لاکون پائي، تي عمل ڪيو هو."

حاجي چوڻ لڳو: "پوءِ هن زائفان کان حال احوال ورتوسين. جنهن ٻڌايو تہ مان جيڪب آباد جي آهيان. هن سال منهنجي مڙس حج ادا ڪرڻ جو ارادو ڪيو. منهنجي بہ مرضي ٿي تہ مان بہ پنهنجي گهر واري سان گڏ مڪي مديني جي زيارت ڪري اچان. مڙسم چيو تہ: تون پيٽ سان آهين، ان ڪري تنهنجو هلڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. پر مون ضد ڪيو تہ ضرور هلنديس ۽ اڃا ايترا مهينا آهن جو منهنجو ويم بہ مديني پاڪ ۾ ٿيندو ۽ اسان جو اهو ٻار بختاور ٿيندو. منهنجي خاوند نيٺ مڃيو. اسين ڳوٺان راهي ٿياسين. پر مان تڪڙو هلي نہ ٿي سگهيس، ۽ ٽڪ ۽ هيٺائيءَ ڪري واٽ تي ڏاڍا ڏينهن لڳي ويا. جڏهن هن جهنگ ۾ پهتاسين، تڏهن مون کي ويم جا سور ٿيا ۽ اسين پيچرو ڇڏي، اڇي هٽ وڻاسون. پوءِ مون کي اڄ تمام تنگ ڪيو. مڙسم چيو تہ تنهنجو ويم ٿي وڃي تہ مان وڃي ڪٿان پاڻي هٿ ڪري ٿو اچان. قصو ڪتائڻو مون کي ٻار پيدا ٿيو ۽ مان بيهوش ٿي ويس. ان کان پوءِ ڇا وهيو واپريو ان جو پتو ڪونہ اٿم."

مائيءَ ڳالهہ پوري ڪئي. پڇيو مانس، "اهو ڪهڙو ڏينهن هو؟"

چيائين، "شايد خميس."

اڄ جمعو هو. ان جو مطلب تہ هن کي ان حالت ۾ اٺ پهر کن ٿيا هئا. پر مڙس نہ موٽيو هو. خبر ناهي هن جو ڇا ٿيو؟

پيچري تي پريان کي واٽهڙو ويندا ڏسي، پنجابي وڻ تان لٿو. مون تجويز پيش ڪئي تہ هڪ ڇٽو هن مائيءَ وٽ ويهي ۽ ٻہ ڄڻا هن جي مڙس کي تلاش ڪن. جي ملي پوي، تہ مائيءَ کي ٽانئيڪو ڪري پاڻ اڳتي هلون. پر پنجابيءَ هڪدم وراٽيو تہ، ”توهين اجاين ڳالهين ۾ ٽائو وقت وڃايو انهيءَ ڪري منهنجي الوداع!“

اٿين ڇٽي هو عرب واٽهڙن سان وڃي مليو ۽ هليو ويو. مائي هلڻ کان هلاڪ هئي. ان ڪري هن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ مشڪل هو. شيدي ٻہ وقت تي حج تي رسڻ لاءِ زور پري رهيو هو. مون فيصلو ڪري ورتو.

شيديءَ کي چيم: ”مائي ۽ ٻار کي البيت ڳوٺ تائين پهچائڻ ۾ مون کي مدد ڏي، پوءِ تون ڇٽل آهين.“

هن ڪرڪندي، ڪيٻائيندي، قبول ڪيو. اسان واري وٺيءَ سان مائيءَ کي ڪلهي تي کڻي واپس اچي ان وسنديءَ ۾ پهتاسين.

شيدي وري حج ڏانهن روانو ٿيو. مائي ۽ ٻار سميت هڪ عرب جي گهر وڃي پهتس. هنن کي احوال ٻڌايم. هيءَ قوم مهمان نواز تہ آهي. اسان جي ڏاڍي مرحبا ڪيائون ۽ همدردي ڏيکاريائون. هڪ دائي ۽ هڪ حڪيم جي دوا دارون، ۽ منهنجي ٿهل ٽڪور سان مائيءَ جي صحت سڌرڻ لڳي. مهيني کن ۾ هوءَ نوبني تي وئي. ٻار جي حالت بہ سٺي هئي. پوءِ ٻنهي کي ساڻ ڪري، سفر لتاڙيندو اچي سنڌ ۾ پهتس. مائيءَ کي پنهنجي ڳوٺ مائٽن سان وڃي ملايم.

اهو واقعو ٻڌي ۽ مائيءَ کي سلامت ڏسي، هن جا عزيز ڏاڍو خوش ٿيا. انهن کي خوش ڏسي، مون کي بہ روحاني خوشي حاصل ٿي.

مون حاجيءَ کان پڇيو: ”پلا هن جي مڙس جو ڪو پتو پيو؟“

چيائين، ”هائو هو بہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ واپس اچي پهتو. هن ٻڌايو تہ هو پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو پر زال جي حالت ڪري، گهٻراهٽ ۾ هوش حواس وڃائي ويٺو ۽ رستو ڀلجي الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتو. ڪيترائي ڏينهن ڀٽڪندو رهيو ۽ سٺن ڏينهن کان پوءِ وڃي واپس ساڳئي

جهنگ ۾ پهتو پر اتي زال جو ڪو نشان هٿ ڪونہ آيس. هو پوئتي موٽڻ بدران، اڳيرو وارن ڳوٺن ۾ جوءِ جي پڇا ڪندو رهيو. نيٺ نا اميد ٿي سنڌ جو رخ رکيائين.“

پڇاڙيءَ ۾ حاجي صاحب چيو: ”سائين، مون ان کان اڳ بہ چار حج ڪيا هئا، پر انهن ۾ ايڏي خوشي ۽ روحاني راحت حاصل نہ ٿي هئي، جيڏي هن عورت کي بچائڻ ۽ ٺهل ٺڪور ڪرڻ ۾ ٿي.“

(خانواهڻ، 3- نومبر 1944ع)

(مهراڻ – 1946ع)

# چوڏو

ڳوٺ جي ويجهو پهچي چڪو هوس. سج پهاڙن پنيان غائب ٿي ويو هو. مان ٿڪل ٽٽل، مٽي تي ڪتابن جي بُجڪي، ڪانئچ جا ور مٽي ڪنيل، جُتي ۾ ڳوڏن تائين جنگهون ڏڏڙ سان ڀريل، گهر جلدي پهچڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا قدم ڀريندو ٿي آيس. اوچتو ياد اچي ويم ته پوڙهيءَ عارب ماءُ جي شئي اڄ به مون کان آٽڻ وسري ويئي آهي. ڏاڍو ارمان ٿيم. ارمان ان ڪري ٿيم جو هن وٽان چڱي چوکي خرچي ملٽي هئي.

پوڙهيءَ عاربَ ماءُ کي ٻن- اڍائي هفتن کان تيز تپ ٿي آيو. ڳوٺ جي حڪيم کان ٻه- چار دفعا ڦڪيون ورتيون هئائين، پر فرق ڪونه پيو هو. ڪالهه جنهن وقت مان اسڪول ڏانهن وڃڻ لاءِ سنبري رهيو هوس، ان وقت هوءَ آئي ۽ مون کي چيائين، ته ”پٽڙا! منهنجي واسطي پير سائين سباجهي جن جي ڪنڌيءَ جو چوڏو آڻجان، هونءَ ته تپ ڇڏيندم ئي ڪونه!“

پوڙهي تپ جي ڪري ڳري ڪنڊا ٿي ويئي هئي. رنگ پيلو پٽجي ويو هوس ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. ڳالهائيندي ڳالهائيندي به سهڪي پئي. مون هن سان انجام ته ڪيو ته ضرور آڻيندس، پر اسڪول کان موٽڻ وقت اها ڳالهه ئي وسري وئيم. تنهن ڪري اڄ صبح جو وري اچي ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيائين، ۽ لالچ به ڏنائين ته جي چوڏو آڻيندين ته تمام گهڻي خرچي ڏينديسانءِ. هڪ آنو ته اڳواٽ ئي ڏيئي ڇڏيائين. هيتريءَ تاڪيد جو سبب اهو به هو جو ٻئي ڏينهن تي پوڙهيءَ جي تپ جو وارو هو ۽ هن چاهيو ٿي ته چوڏو اڄ ئي ٻانهن ۾ ٻڌي، جيئن سڀاڻي ان بخار جي بلا کان بچي وڃي.

اسان جي ڳوٺ جا رهاڪو پير سباجهي جي ڪَنڌيءَ جو چوڏو اڪثر ڪري استعمال ڪندا رهندا هئا. هر بيماريءَ جو ان کي هڪٽڪ علاج سمجهيو ويندو هو. جڏهن ڪا دوا اثر نه ڪندي هئي، تڏهن ماڻهو اُن

ڪنڊيءَ جو چوڏو ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي، تعويذ وانگر ٻانهن ۾ ٻڌندا هئا. ڪي تہ دوا اصل ڪندا ئي ڪونہ هئا، ۽ بيمار تيڻ شرط اهو چوڏو ٻڌندا هئا.

ان چوڏي جي شفا ملڪان ملڪ مشهور هئي. چوندا هئا تہ ڪيترائي لاعلاج مريض بہ چوڏي جي ڪرامت سان صحتمند ٿي ويا. ماڻهن جو ان ۾ ڏاڍو ويساهہ هو. قصو تہ مشهور ائين آهي تہ هڪ لڱا پير سباجهي ان ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان اچي منزل ڪئي هئي، ۽ اتي ئي هڪ انڊي کي ڪرامت سان سچو ڪيو هئائين. ان ڪان پوءِ ئي ان وڻ کي اهو شرف حاصل ٿيو هو. جنهن وقت جي مان ڳالهہ ڪري رهيو آهيان، ان وقت ان ڪنڊيءَ جي وڻ جي چوڌاري لوڙهو ڏنل هو. ڪي عقيدتمند اچي وڻ هيٺان ٻهاري ڏيئي صفائي ڪري ويندا هئا. وڻ جي ٽارين ۽ ڏارن ۾ ڪيتريون ئي ڳاڙهي رنگ جون اڳڙيون ٻڌل هيون.

پير سباجهي واري ڪنڊي اسڪول واري ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پيچري تي هئي. جيئن تہ مان روزانو ان رستي تان ايندو ويندو هوس، ان ڪري اوڙي پاڙي جا ضرورتمند مون کي چوڏو آڻڻ لاءِ چوندا هئا. جڏهن مان سندن اهو ڪم ڪري ايندو هوس، تڏهن هو مون کي ٽَڪو- آنو خرچي ڏيندا هئا. ٻئي ڏينهن بہ مائيءَ عاربَ ماءُ لاءِ چوڏو آڻڻ وسري ويو هوم، هاڻي هن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس! هوءَ منهنجي اچڻ لاءِ اکيون وجهيو ويٺي هوندي. ڪيترو نہ نااميد ٿيندي، ۽ مان پاڻ بہ تہ انعام کان محروم رهجي ويندس! هيئنر ڪوهہ پنڌ ڪري پوئتي وڃڻ بہ مون لاءِ مشڪل هو.

مان هڪ هنڌ بيهي رهيو هوس ۽ دماغ ۾ اهي ئي ڳالهيون پئي آيون ويون. اتي ئي منهنجي ذهن ۾ هڪ نئون خيال اڀريو. ان خيال اچڻ ڪري مون اطمينان جو ساهہ کنيو ۽ خودبخود مرڪڻ لڳس. پر وري خيال آيم تہ ائين ڪرڻ نيڪ نہ آهي، اهو گناهہ آهي. اها آنڌ مانڌ بہ- چار گهڙيون منهنجي اندر ۾ چالو رهي. سامهون، وک پنڌ تي ئي هڪڙو ڪنڊيءَ جو وڻ موجود هو. مان فيصلو ڪري، ان ڏانهن وڌيس. چو طرف نظر ڊوڙايم، مون کي ڪوبہ ڏسڻ وارو ڪونہ هو. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي. چوڏو پٽيندي منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا.

پوڙهي عاربَ ماءُ اسان جي گهر ۾ ئي ويٺي منهنجي واٽ نهاري رهي هئي. مون کي ڏسندي ئي رڙ ڪيائين، ”پٽ، منهنجو ڪم ڪري آئين نه؟“ مون به ڪجهه ڪچڻ کان سواءِ چوڏو هن جي طرف وڌايو. هن وٺي ان کي چميو. پاڻلي ڪڍي منهنجي ترڻيءَ تي رکيائين ۽ دعائون ڪندي پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي. پر مون کي هن جون دعائون پٽَ جا تير بنجي پئي چُڀيا. مان ته سچو هراس ۽ ڊپ ۾ پرجي ويو هوس. خيالي خوف مون کي گهيرو ڪندا ٿي ويا.

پير سڀاجهي جي ان ڪنڍيءَ جي باري ۾ ڪيتريون ئي روايتون مشهور هيون. چوندا هئا ته جن ماڻهن به ان وڻ جي بيحرمتي ڪئي هئي، يا ڪاٺڻ لاءِ سگريون پٽڻ يا ٻڪرين لاءِ ناريون ڪپڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، سي يا ته انڌا ٿي پيا هئا، يا ڳاتو پڇي پيو هون، يا عضوا سڪي پيا هئن، يا ٻين مصيبتن ۾ مبتلا ٿيا هئا! ان کان سواءِ سندس ٻيون به ڪيتريون ئي ڪرامتون ننڍي وڏي جي وات هيون.

مان رواجي ڪنڍيءَ جي وڻ جي چوڏي کي پير سڀاجهي واريءَ ڪنڍيءَ جو چوڏو ڪوٺي، پڇتائي رهيو هوس. ان ڊپ کان ڪنبي رهيو هوس ته مون تي ضرور ڪا مصيبت نازل ٿيندي. ان رات مون کي مشڪل سان ٿوري ننڊ آئي. ننڊ ۾ به ڊيڄاريندڙ خواب ڏسندو رهيس. صبح جو اسڪول ويندي جڏهن ان ڪنڍيءَ جي قريب پهتس، تڏهن اهو پيچرو مٽائي، وڪڙ ڪري، ٻئي پاسي کان ويس ته متان ان جي ويجهو لنگهڻ وقت ڪا آفت نه اچي ڪڙڪي! چار ڏينهن ان ڳڻتيءَ ۾ گذري ويا. مون کي پڪ هئي ته مصيبت ضرور ايندي. ڪيترائي انديشا پئي اندر ۾ پيدا ٿيا. هڪڙو انديشو ته اهو به هو ته مان امتحان ۾ ناپاس ٿيندس! ڪلاس جا سبق ته هونئن به پوريءَ طرح ياد ڪونه ٻيهندا هئم.

هڪ ڏينهن، هلندي هلندي ٿاٻو اچي ويم. هڪدم خيال پيدا ٿيو ته اچي ويئي پير سڀاجهي جي موڪليل آفت ۽ اجهو ٿو ڪو عضوو پڇيم! پر پاڻ جهلي ويس ۽ ڏٺم ته بيخياليءَ ڪري رستي ۾ پيل پٿر ۾ پير اٽڪڻ ڪري ٿاٻڙجي پيو هوس.

ان وچ ۾ عارب ماءُ بہ نظر نہ آئي. خيال ٿيم تہ شايد منهنجي بي ايمانيءَ ڪري ويچاري وڏيڪ بيمار ٿي پئي آهي ۽ سزا پئي ڀوڳي. آخر پنجين ڏينهن پهہ پچايم تہ اڄ پير سڀاجهي واريءَ ڪنڊيءَ مان چوڏو پٽي ايندس ۽ اهو اچي عارب ماءُ کي ڏيندس ۽ حقيقت ٻڌائي معافي وٺندس.

ان ڏينهن صبح جو وڃڻ ڪان اڳ, جڏهن امان مکڻ ۽ ماني زوريءَ کارائيندي چئي رهي هئي تہ ٻن- چئن ڏينهن کان توکي ڇا ٿي ويو آهي جو پوري ماني بہ ڪونہ ٿو کائين, تہ ان وقت مائي عارب ماءُ بہ اچي اسان جي گهر نڪتي- بلڪل تازي تواني ۽ تندرست! مون کي ڏسندي ئي چيائين, "پٽ! شابس هجي توکي! مون ان وقت ئي چوڏو اڱڻيءَ ۾ وجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. تپ وري منهنجو نالو بہ نہ ورتو. صدقي وڃان پير سائينءَ سڀاجهي جي نانءَ تان!."

مان وائڙو ٿي, هن ڏانهن نهارڻ لڳس.

[ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريي سان]

(مهراڻ 2-3/1964)

# توکي مُرڪندو ڏسان

اوچتو هڪ ڏينهن لالي گم ٿي ويئي.

مون هن جو نالو "انٽرنيشنل معشوق" رکيو هو. جڏهن مون کي پنج۔ ماڙ هاسٽل جي اولهہ واري بلاڪ ۾ ڪمرو مليو ۽ مان بالڪنيءَ ۾ ويهي آسپاس جي دنيا جو ديدار ڪري رهيو هوس، ان وقت منهنجي نظر هيٺ هڪڙي ڪَچي گهر جي اڱڻ ۾ بيٺل ڇوڪريءَ تي وڃي پيئي. هن جي عمر سورهن۔ سترهن سال مَس هوندي. هوءَ ڦوهہ جوانيءَ ۾ هئي ۽ هن جو انگ انگ جوڀن وچان جَرڪي رهيو هو.... هوءَ مون ڏانهن گهوري نهاري رهي هئي، مُشڪي رهي هئي ۽ منهنجي ڏسندي ڏسندي هڪ ملٽري سٽليوٽ (سلام) بہ ڪري ورتائين ۽ هٿ سان اٽين اشارو ڪرڻ لڳي، جڏهن تہ پڇيائين ٿي تہ خوش چڱو ڀلو تہ آهين نہ. ٻيو تہ مڙئي خير آهي!

منهنجو واڇون ٽڙي ويون ۽ بي اختيار چهري تي مسڪراهٽ ناچ ڪرڻ لڳي. هر نوجوان وانگر هڪدم خوشفهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويس. مون کي پنهنجي حسن تي ناز ٿيڻ لڳو تہ ڪيئن نہ منهنجو حسن عورتن کي بنان دير جي گهائل ۽ مائل ڪري ٿو وجهي. مون سمجهيو تہ لو ائٽ فرسٽ سائيٽ (پهرين نظر ۾ ئي عشق) جو جيئرو جاڳندو مثال قائم ڪيو اٿم. هن هيترن نو عمر شاگردن ۾ جو منهنجو انتخاب ڪيو آهي، ان ۾ بہ ڪو راز تہ آهي!

پر لاليءَ (اهوئي سندس نالو هو) مون کي گهڻو وقت ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا رهڻ نہ ڏنو. آءٌ اڃان انهيءَ روحاني لذت مان لطف ماڻي رهيو هوس تہ هن کي وري سلام ڪندي ڏٺم. مگر هن دفعي هن جو رُخ ڪنهن ٻيءَ بالڪنيءَ طرف هو. مون نوڙي ڏٺو هوءَ سعيد احمد کي سلام ڪري رهي هئي. هو بہ هن سان ڏاڍ تيزي، اشاري بازي ڪري رهيو هو.

اندر جلي ويم. رقابت جي آگ پڙڪڻ لڳي، منهنجو سارو غرور غائب ٿي ويو ۽ منهنجا بنايل هوائي قلعا هڪ لحظي ۾ ڦٽجي ويا.

الاهي بخش ٻاهر بالڪنيءَ ۾ نڪتو ته وري هن سان نخرا ڪرڻ لڳي. مون کي قصو ڪجهه عجيب ۽ واهيات نظر اچڻ لڳو ۽ غصو پڻ سخت اچي رهيو هوم. (خبر نه آهي ته ڪنهن تي ۽ ڇو؟)

نهايت دلچسپ معاملو هو. لالي سيني شاگردن جي هئي ۽ سڀ شاگرد لاليءَ جا هئا. جو به هن ڏانهن نهاريندو هو (جيڪڏهن ڪو ڏانهنس نه نهاريندو هو ته پوءِ هوءَ پاڻ ڪنهن نه ڪنهن نموني هن جو ڌيان ڇڪائيندي هئي) يا هن سان حرڪت ڪندو هو ته هوءَ به فراخدليءَ سان ان جو جواب ڏيندي هئي. ڪڏهن هوءَ ويچارا ڪيندي هئي، ڪڏهن آهستي آهستي راڳ جهونگارڻ لڳندي هئي، ڪڏهن ڇپن ئي ڇپن ۾ الائي ڇا بڙ بڙ ڪري مصنوعي غصي جو مظاهرو ڪندي هئي، ناچ ڪري ڏيکاريندي هئي، آرسي سامهون جهلي بيهندي هئي يا ان سان اولو ڪندي هئي يا ڪنهن اخبار مان ڪٽيل مورت ڏيکاريندي هئي. هوءَ گهر جو ڪم ڪار (صفائي ڪرڻ، ٿانو ٿپا ملڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ڪاڌو پچائڻ وغيره) به برابر ڪندي رهندي هئي ۽ بالڪنين ۾ بيٺلن سان به مُنهن ڏيندي رهندي هئي.

هوءَ ڪافيءَ کان زياده معصوم هئي، جهڙو بي سمجهه ٻار. نوجوان شاگردن کي نهاريندو ڏسي، هوءَ ايترو خوشيءَ ۾ پرجي ويندي هئي جيترو ننڍو ٻار نئين رانديڪي کي ڏسي.

سچ پچ ته لالي اسان واسطي هڪ وڏي ونڊر هئي. جڏهن ڪتاب پڙهي پڙهي ڪڪ ٿيندا هئاسين ته اچي بالڪنيءَ ۾ بيهندا هئاسين. جيڪڏهن لالي پنهنجي گهر جي پڌر ۾ نه هوندي هئي ته اسين ڪنهن جو نالو پڪاري آواز ڪندا هئاسون "او فلاڻا" ۽ لالي ٻاهر ايندي هئي. هوءَ به اسان جا اهي اشارا ڄاڻندي هئي. اهڙيءَ ريت بيمارين ۽ دوائن جي ڪتابي دنيا مان نڪري اچي صحت ۽ سونهن، مسڪراهٽن ۽ معصوميت جي فرحتي فضا ماڻيندا هئاسين. انهن ڳالهين ڪري ئي مون هن کي "انٽرنيشنل معشوق" جو لقب ڏنو هو.

شام جو بالڪنين ۾ رونق لڳي ويندي هئي. جيڪي شاگرد راندين ۾ بهرو وٺڻ يا شهر گهمڻ نہ ويندا هئا، سي ٻاهر بالڪنين ۾ نڪري ايندا هئا. ڪي ڪرسيون ڪڍي ويهندا هئا ۽ ڪي ريڊيا ٻاهر رکي، ان جو آواز بلند ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ لاليءَ سان مستيون پيون ٿينديون هيون. هوءَ پنهنجي اڱڻ ۾ نڪري ايندي هئي ۽ ڪم ڪار ڪندي هئي يا ويهي رهندي هئي.

ڪي ڇوڪرا شيون وٺي پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ ان مهل لاليءَ جي آڏو هن جي پٽر ۾ اڇلڻ شروع ڪندا هئا. اهي شيون گهڻو ڪري کائڻ جون هونديون هيون، خاص ڪري ڪتمٺڙا ۽ بسڪوٽ.

اهو بہ ڏاڍو مزيدار ڏيک هوندو هو. لالي هڪ هنڌ ويٺي هوندي هئي يا بيهي رهندي ۽ ڇوڪرا جدا جدا بالڪنين مان، جدا جدا طرفن کان هڪ ـ هڪ ڪري ڪتمنڙا اڇلائيندا ويندا هئا. بلڪل ائين، جيئن مداري کيل ختم ڪرڻ کان پوءِ، وچ ميڙ ۾ چادر وڇائيندو آهي ۽ ان تي ماڻهو ڏوڪڙ اڇلائيندا ويندا آهن.

اڇلائڻ وقت هر ڪو ڇوڪرو ڪونہ ڪو رومانوي ۽ محبت ڀريو لفظ يا جملو بہ چوندو ويندو هو: "اڇئي تو منهنجي پيار جو نذرانو." "تون بہ هن ٿافيءَ جهڙي مٺي آهين." "اڙامي وچي تون پياريءَ جي چپن سان لڳ"، "جيڪر مان بہ ڪتمنڙو هجان ها"، "تنهنجي مرڪ تان قربان." وغيره.

لالي هڪ خاص انداز سان ڪتمنڙن کي ڏسندي هئي ۽ اڇلائيندڙ ڏي ڏسي مرڪندي هئي. هن جي مرڪ ڏاڍي پياري ۽ دلڪش هوندي هئي، جڻ تہ وايو منڊل ۾ هڪ ئي وقت هزارين، لکين مکڙيون ٽڙي پونديون هيون. هن جي مرڪ اندر ۾ اهڙي مٺڙي احساس کي جنم ڏيندي هئي، جو مرڪ جي مالڪياڻيءَ کي، دنيا جهان کان بي نياز ٿي، سيني سان لڳائڻ لاءِ دل تڙڦي اٿندي هئي.

پوءِ جڏهن ڇوڪرا شيون اڇلائڻ بند ڪندا هئا، لالي اهي ميڙي گڏ ڪندي هئي ۽ شڪريي مجڻ طور سلام ڪندي هئي.

ڪن موقعن تي هڪ ـ ٻن شاگردن سرخيءَ جي شيشي، ڪنن جون واليون، پائوڊر جي دٻي وغيره جهڙيون شيون اڇلايون. لاليءَ ٻهرين

ٻانهون ٻڌي جڻ معافي ورتي تہ هي شيون مان پاڻ وٽ رکي نٿي سگهان، ۽ پوءِ اهي شيون پٽ کان ٻاهر رستي تي اڇلائي ڇڏيائين.

مهينن جا مهينا ائين ٿيندو رهيو پر مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو تہ لاليءَ ڪنهن ڇوڪري سان سڌي گفتگو ڪئي هجي يا سوال جواب ۾ ڳالهايو هجي. سڀ مستيون اشارن ۽ اٽسڏن واڪن ذريعي ٿينديون هيون.

جنهن ڏينهن هن کي مٿي تي پنبي ٻڌل هوندي هئي، ان ڏينهن اسين سمجهي ويندا هئاسين تہ هوءَ بيمار آهي. جو بہ ڇوڪرو هن کي پهرين اهڙي حالت ۾ ڏسندو هو تہ هٿ جي اشاري سان هن کان پڇندو هو تہ ڇا ٿيو آهي؟

لاليءَ کي ڄاڻ هئي تہ هي ڇوڪرا ڊاڪٽري ٿا پڙهن، پوءِ هوءَ هٿن جي اشاري سان پنهنجو مرض ٻڌائيندي هئي. جي ڪٽس هوندي هيس تہ نبض ڏسڻ وانگر پنهنجي ٻانهن تي هٿ رکندي هئي. مٿي ۾ سور هوندو هوس تہ مٿي ڏانهن آڱر سان اشارو ڪندي هئي. مٿي ۾ ڦيريءَ جي حالت ۾ مٿي تي آڱر رکي هٿ ڦيرائي ڏيکاريندي هئي. پيٽ ۾ سور هوندو هئس تہ پيٽ تي هٿ رکي بيهندي هئي. دست هوندا هئا تہ پيٽ تي هٿ رکي، پوءِ هٿ کي زمين ڏانهن چنڊبيندي هئي. کنگهہ هوندي هئس تہ کنگهي ڏيکاريندي هئي.

اشاري مان بيماري سمجهي، پوءِ ڇوڪرو جي ڪيس ڪا دوا سُجهندي هئي، نہ تہ ٻين سان مشورو ڪري، اها دوا پاڻ وٽان يا ٻئي ڪنهن شاگرد وٽان، نہ تہ ٻوڙ پائي اسٽور تان وڃي وٺي ايندو هو. پوءِ اها ڪاڳر ۾ ويڙهي، بالڪنيءَ مان لاليءَ جي ٻڌر ۾ اڇلائيندو هو. لالي مٿي نهاريندي هئي، ۽ هو آڱرين جي اشارن سان هن کي دوا جو وزن سمجهائيندو هو تہ هڪ گولي ٽي دفعا يا ٻہ ٽڪيون ٽي دفعا. ان تي لالي هٿ لوڏي ۽ مرڪي شڪريو ادا ڪندي هئي.٠ اهائي دل لپائيندڙ مرڪ. دوا ڏيندڙ جي دل بهار بهار ٿي ويندي هئي. ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي درد جي دوا ملي ويندي هئي. ٻيئي ساڳئي وقت هڪبئي لاءِ ڊاڪٽر بہ هئا ۽ بيمار بہ!

هن جي گهر ۾ نفقط ٻہ ڀاتي هئا، هڪ پاڻ ۽ ٻيو سندس مڙس. هن جو مڙس پنجيتاليهن ورهين جو پوڙهو هو ۽ اهائي لاليءَ جي حياتيءَ جي وڏي ٽريجڊي هئي.

پوڙهي کي شهر ۾ پان جو دڪان هو. هو سارو ڏينهن گهر مان غير حاضر رهندو هو. هو موالي هو ۽ چرس جام پيئندو هو. جيترا لاليءَ ۾ ٽڙتائي ۽ زنده دليءَ جا اهڃاڻ هئا، اوترو ئي سندس مڙس ڪند ذهن، چُرندڙ پُرندڙ بوتو ۽ زندگيءَ کان خالي نظر ايندو هو.

جنهن ڏينهن، يا جنهن وقت هن جو مڙس گهر ۾ هوندو هو تڏهن هوءَ يا تہ ڪم ڪندي رهندي هئي، يا اندر ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويهندي هئي. جي پڊر ۾ ويهندي هئي تہ بہ ڪنڌ هيٺ ڪيو ماٺ ۾ هوندي هئي. وڏ ۾ وڏ مڙس جي پڇيل سوال جو جواب ڏيندي هئي. مڙس گهٽو ڪري کٽ تي ويٺي سلفي ڇڪيندي، کنگهندي يا گهيرٽ کائيندي نظر ايندو هو.

بعضي بعضي اوچتو هيٺان رڙين ۽ گارين جو گوڙ پڌبو هو ۽ اسين پڇندا پڇندا بالڪنين ۾ پهچي ويندا هئاسين. هيٺ نهارڻ سان ڏسبو هو تہ لاليءَ جو مڙس هن کي ماري ۽ گاريون ڏيئي رهيو آهي، پر هوءَ پاڻ بچائڻ جي ڪابہ ڪوشش نٿي ڪري.

ان تي شاگرد وٺي شور مچائيندا هئا، ۽ مڙس تي ڌمڪين لعنتن جو وسڪارو لڳائي ڏيندا هئا: "اڙي بيغيرت، عورت ذات تي هٿ ٿو کڻين!" "اڙي وٺو مواليءَ کي، سڏي اچو پوليس!"، "اڙي متان، متان! نامراد!" "ڇڏينس ٿو نہ تہ اسين سڀ اچي توکي بُج بُج ڪري ڇڏينداسين!"

پوءِ شاگردن جو شور ايترو وڌي ويندو هو جو مواليءَ جا نشا ئي ٽُٽي پوندا هئا ۽ هو لاليءَ کي ڇڏي، اندر گهر جي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي ويندو هو. ۽ لالي ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهہ ساعتون ويٺي هوندي هئي ۽ پوءِ مٿي نگاهہ ڪري ڇوڪرن جي جڻ احسان منديءَ لاءِ مرڪندي هئي.... اُهائي سڄي دنيا ۽ حياتيءَ جي غمن کي وساري ڇڏيندڙ لکين ٽڙيل مکڙين جي بنيل مرڪ. ان وقت هن جو منهن سڄيل ۽ نيڻ نماٽا هوندا هئا. اسين بہ سڀ خاموشي اختيار ڪري پنهنجي همدردي جتائيندا هئاسين.

لالي نوجوان هئي، ۽ هن کي هر نوجوان سان محبت هئي. هوءَ نظرن ئي نظرن ۾ چوندي هئي تہ مون کي توهان جا جوان ۽ خوبصورت چهرا وڻن ٿا. توهان جا ڪوٽ ۽ سوٽ مون کي پسند آهن. مون کي ڪارا وار پيارا آهن، مون کي اڇن وارن کان نفرت آهي. مون کي پنهنجي مڙس

جي بدصورت ۽ گهنجيل چمڙيءَ واري چهري کان نفرت آهي. هن جي پان جي پڪن سان ڀريل ڪپڙن کان نفرت آهي...... پار پار سان راند ڪيڏندو آهي ۽ مان جوان آهيان ۽ جوان سان ئي هم آغوش ٿيڻ جي تمنا اٿم.... اڇو مون کي اهڙي دنيا ۾ وٺي هلو جتي رڳو جوان ئي جوان هجن.

اوچتو هڪ ڏينهن لالي گم ٿي ويئي. خبر پڏيسون ته هوءَ ڪنهن سان ڀڄي ويئي. پوڙهي مواليءَ ان لاءِ ڇا ڪيو سا اسان کي سُڌ ڪانهي. اسان ڪي ڏينهن انهن مرڪن، مستين ۽ معصوميتن کي ڳوليندا رهياسين. بالڪنيون ويران ۽ اداس ٿي ويون. وقت گذرندو ويو ۽ اسان به هن ”انٽرنيشنل معشوق“ کي وساري ڇڏيو.

(2)

ڊگري پاس ڪري، ڪراچي ڇڏي، وڃي نوڪريءَ ۾ لڳس. ڪيترائي سال گذري ويا. هڪ دفعي پنهنجي پراڻي هم ڪلاسي الاهي بخش جو حيدرآباد ۾ اچي مهمان ٿيس. تلڪ چاڙهيءَ تان لنگهندي، هن مون کي هڪ عورت ڏيکاري پڇيو ته هن کي سڃاڻين ٿو؟ هوءَ وچولي عمر واري هڪ سڪل سڙيل عورت هئي. هن کي ميرا ڪپڙا پهريل هئا ۽ بيک پني رهي هئي. مون کي مهاندو ڏٺل ضرور معلوم ٿيو پر وڌيڪ ياد ڪري ڪونه سگهيس.

پوءِ هن چيو ”هوءَ پاڻ واري انٽرنيشنل معشوق ياد ڪانه اٿئي؟“

اتي مون کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو ۽ مون هن کي سڃاتو هوءَ اهائي لالي هئي. پهرين نظر ۾ ئي پروڙي ورتم ته هن جي چهري تي نه اها رونق ۽ چمڪ هئي ۽ نه اهو جوڀن ۽ جذبو. لاليءَ جي لالائي، وقت کان اڳي ختم ٿي چڪي هئي.

الاهي بخش چيو ”هن عورت جي حياتي به مون ئي خراب ڪئي.“ هو ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو ”پر هوءَ ته موجوده زندگيءَ کي بهتر ٿي سمجهي.“

الاهي بخش، هڪ دولتمند زميندار جو شوقين پٽ هو. هن وٽ ڪاليج جي زماني ۾ به موٽر هوندي هئي.

”مان ٿي هن کي موٽر ۾ چاڙهي، ڪراچيءَ مان پڇائي آيو هوس. اسين ملير وٽ هڪ عاليشان هوٽل ۾ اچي رهيا هئاسين. اتي هفتو کن ڏاڍي عيش سان گذريو. پوءِ هن کي ملير جي گهٽين ۾ اڪيلو ڇڏي آءٌ واپس ڪراچيءَ تِرڪي آيس ۽ ڪنهن کي بہ مون ۾ شڪ ڪونہ پيو.“ هن سارو واقعو بيان ڪيو.

”ان بعد هن سان ڇا وهيو واپريو ۽ هتي حيدرآباد ۾ ڪيئن پهتي؟“ مون دلچسپي ۽ حيرت ڏيکاريندي پڇيو.

هن وراڻيو ”مون هڪ ڏينهن اوچتو هن کي هتي ڏسي ورتو. هن بہ مون کي سڃاتو. هن کي پنهنجي گهر وٺي ويس ۽ رات رهايومانس. هن مون کي ٻڌايو تہ جڏهن مان هن کي دغا ڏيئي اڪيلو ڇڏي آيس، تڏهن هوءَ موٽي ساڳي هوٽل ۾ ويئي. اتي هن کي رنڊيءَ وانگر استعمال ڪيو ويو. هر رات هن کي ڪنهن نہ ڪنهن مسافر جي بستري جي زينت بڻجڻو پوندو هو.“

”يعني اتي بہ هوءَ انٽرنيشنل معشوق ٿي رهي!“ مون وچ ۾ ٿي چيو.

”هائو اهڙي نموني ڪي سال اتي رهي، آخر اتان لاڙ جي هڪ زميندار جو ان هوٽل ۾ اچي رهيو هو ۽ جنهن کي هوءَ ڏاڍو وڻي ويئي، سو ريهي ريبي، پڇائي، پنهنجي ڳوٺ وٺي آيس. اتي ڏيڍ سال کن هن جي جوانيءَ جو رس چوسيائين، پوءِ ڪِڪ ٿي، پنهنجي ٻيلين کي حڪم ڪيائين تہ وڏي شهر حيدرآباد ۾ هن کي گهٽين ۾ هيڪلو ڇڏي اچو. ٻيلين هڪدم ائين ڪونہ ڪيو پر جيئن هو زميندار جي اوير ڪانڻ تي هريل هئا، تيئن هن جوين جي اوير مان بہ پنهنجي جنسي پياس اجهائيندا رهيا، واري وٺيءَ تي. ٻن مهينن کان پوءِ ائين ڪيائون، جيئن مالڪ حڪم ڪيو هون. هاڻي هُوءَ حيدرآباد ۾ هوندي آهي ۽ بيک پنندي آهي. ان سان گڏ هُوءَ هينئر بہ انٽرنيشنل معشوق آهي.“

”ڇا هن جا پيءُ– ماءُ ڪونہ آهن؟“ مون دريافت ڪيو.

”هن جو دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونهي، سواءِ هڪ چاچي جي، جو هن کي هندستان مان هيڏي وٺي آيو هو ۽ ڪجهہ رقم وٺي لالچ کي ان ٻيڍي موالي جي حوالي ڪيو هئائين، ۽ وري ڪڏهن بہ هن جو منهن ڏسڻ ڪونہ آيو.“

”هوءَ پوڙهي مواليءَ ڏي موٽي ڇو نٿي وڃي؟“

”مون ڇيومانس تہ هل تہ توکي تنهنجي مڙس وٽ ڇڏي اچان. تنهن تي چيائين تہ نہ! آءٌ هتي وڌيڪ خوش آهيان. پوڙهن کان مون کي سخت نفرت آهي.“

منهنجي اندر ۾ ان وقت اها اجهل خواهش پيدا ٿي تہ آءٌ هن جي اها مرڪ وري ڏسان، جنهن کي مان لکين ٽرنڊڙ مکڙين جي بنيل چٽي چڪو آهيان. ان ڪري بهانو بنائي، الاهي بخش کان موڪلائي پوئتي تلڪ چاڙهيءَ طرف موٽيس..... مگر ٿورو ئي اڳتي هلڻ سان احساس ٿيم تہ اها مرڪ هاڻي مان ڪڏهن بہ ڏسي ڪونہ سگهندس. مون کي پڪ ٿي تہ اها ڪوشش بيسود آهي.....

انهن مُرڪن کي جي امر بنائڻو آهي تہ، پهرين انهن طاقتن ۽ تهذيبن کي ختم ڪرڻو پوندو جي اهڙين سونين مرڪن، ٽڙيل مکڙين جهڙين مرڪن ۽ خود مکڙين کي ناس ڪن ٿيون.

(مهراڻ 1972/2ع)

# شاگرد جو قاتل

هو اسپتال ۾ رهڻ کان انڪار ڪرڻ لڳو.

مون کي هن جي ضد جو ڪو ظاهري سبب ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. هو مشڪل سان ڳالهائي ٿي سگهيو ۽ ڳالهائڻ جي وچ ۾، پنهنجي سڪل چپن تي زبان ٿي ڦيريائين. ڏاڍو ضعيف ۽ زرد ٿي نظر آيو اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس، ۽ هن تي نيم بيهوشيءَ جي حالت ڇانيل هئي. هن جي مٿي جا وار اٿيا ۽ ڪنڌڙيل، چهري تي ڏاڙهيءَ جو ڏيڍُ اُسريل، منهن تي تڪليف کان وڌيڪ فڪر جا اهڃاڻ، پيڙا کان سرس پريشاني.

هٿ لڳائڻ تي هن جا عضوا تاندبن وانگر ٻرندي لڳا. هن کي مدي جو تپ هو.

هن جي گهڙيءَ گهڙيءَ مون ڏي گهورڻ ڪري مون هن جي نيڻن ۾ چتائي ڏٺو انهن نماڻن ۽ نبل نيڻن ۾ ڇا هوا.... التجا؟ بي آرامي؟ بيوسي؟ انتظار؟ خوف؟ هراس؟

تپ تپاسڻيءَ ۾ هن جو تپ ڏسندي، سندس سائين کي چيم، "هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. هتي رهڻ سان ئي هن جو ٺيڪ علاج ٿي سگهندو."

مريض چيو "نہ ڊاڪٽر صاحب! مان هتي رهي ڪونہ سگهندس. مون کي اهڙي ڪا سئي هڻو يا دوا ڏيو جو اڄ جو اڄ بخار ٽٽي پوي. مان هينئر ئي واپس هاسٽل ڏي ويندس."

"تنهنجو اسپتال ۾ رهي علاج ڪرائڻ ضروري آهي."

"سائين.... سائين! مان ڏاڍو لاچار آهيان، مان توهان کي ڪيئن سمجهايان...."

هن جي نبل نيڻن جون پُورڙيون پنبڙيون، ماڪ ۾ پنل ڪنڊڪ جي سنگ جي ٻُجن وانگر پُسي ويون.

”ادل، تون اسپتال ۾ رهڻ کان ڇو ٿو گهبرائين. مڙئي خير آهي، جلدي نوبنو ٿي ويندين.“ مون هن کي آٿت ڏنو.

”سائين! امتحان ۾ باقي ٻه هفتا آهن ۽ مون کي پڙهڻو آهي.“ هن جي پنبڻين جي ماڪ، لار ٿي نڪتي.

هو انجنيئريءَ جو شاگرد هو ۽ هن جو هي پويون امتحان هو. هن سان گڏ آيل دوستن مان معلوم ٿيم ته هو تيز تپ جي حالت ۾ به پڙهندو ۽ محنت ڪندو رهيو آهي؛ ايتري قدر جو اسپتال مان دوا وٺڻ به نه آيو ته اهو وقت به ڇو ضايع ٿئي.

شاگردن لاءِ هي وقت ڏاڍو نازڪ هوندو آهي. ساري سال جي قسمت جو فيصلو امتحان واري هفتي ۾ ئي ٿيندو آهي. ان ڪري هنن واسطي سال جي پڇاڙيءَ وارا ڏينهن ڏاڍا اهم هوندا آهن. پورن ٻارهن مهينن جي ڪاميابيءَ جو مدار هن وقت جي محنت ۽ مطالعي تي هوندو آهي.

هو به اول ته ڪٽس کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٻهرين ڏينهن ڪنبندو ۽ ڪنجهندو رهيو پر ٻارهين بجي رات کان اڳ، پڙهڻ جي پچر نه ڇڏيائين. ٽيو ڏينهن پڻ سارو وقت ڪتابن ۾ گم رهيو. بخار ته سانده رهندو پئي آيس، ۽ جيئن پوءِ تيئن ان ۾ شدت ايندي ٿي ويئي.

نيٺ جڏهن غنودگيءَ جي حالت طاري ٿيس ۽ وڪڻ لڳو تڏهن سندس دوست اسپتال ۾ ڪٺائي آيس. هينئر به هو اسپتال ۾ رهڻ لاءِ راضي نه هو.

هن حالت ۾ هن کي جسماني خواه دماغي آرام ۽ ٺاپر جي ضرورت هئي. گهمڻ ڦرڻ يا ذهني پريشاني يا دماغي ڪم، هن جي حياتي خطري ۾ وجهي ٿي سگهيا.

ڪجهه سمجهائي، ڪجهه دم دلاسو ڏئي، ۽ ڪجهه مجبور ڪري، هن کي وارڊ ۾ داخل ڪرايو ويو.

واپس ويندڙ سنگتين کي هو حسرت سان ڏسندو رهيو ڇڻ ته موڪل جو گهنڊ وڳو هو. ٻيا شاگرد گهرن ڏانهن ٿي ويا، پر سبق ڪچي هجڻ ڪري، ماستر سزا طور هن جي موڪل بند ڪري، هن کي ڪلاس ۾ روڪي رکيو هو.

رات جو آءٌ هن کي ڏسڻ ويس. ان وقت هن کي تمام تيز بخار هو. هو پنهنجي هوش حواس ۾ نہ هو. ڏٺم تہ ڪي ڪتاب ۽ نوٽبڪ هن جي وهاڻي هيٺان پيا هئا. جي شايد هن جي ڪنهن هم ڪلاسيءَ هن جي منٿ ميڙ ڪرڻ تي هن کي آڻي ڏنا هئا.

هو وقلي بہ رهيو هو: ”مان ضرور پاس ٿيندس.... مان اسپتال ۾ ڪونہ رهندس.... هتي آءٌ ڪيئن پڙهي سگهندس.... ٿيئري آف اسٽرڪچر ڏاڍي ڏکي آهي.... واٽر سپلاءِ اينڊ ڊرينج بہ پڙهڻي اٿم.... اريگيشن جو چيپٽر اڃا ۾ ڇڏيو اٿم.... بابا، ڏسو ڊاڪٽر مون کي ٻڌي ويهاريو آهي.... ڏسو ٻيا سڀ امتحان جي هال ۾ لکي رهيا آهن.....“

ٻئي ڏينهن صبح جو جنهن وقت هن جو ٽيمپريچر قدري گهٽ هو ان وقت نرس کي چيائين، ”سسٽر! مان هاڻي ٺيڪ آهيان ۽ واپس هاسٽل ويندس.“

نرس هن کي سمجهائيندي چيو: ”تون ڪافي ڪمزور آهين. توکي هلڻ چلڻ نہ گهرجي، ٽيمپريچر بہ اڃا آهي.“

پر هو ضد ڪرڻ لڳو تہ ضرور ويندس. مون کي سڏايو ويو. منهنجي بہ نہ ٻيو مڃي. آخر ٻن ڄڻن جو پهرو بيهاري ڇڏيم تہ هن کي هنڌ تان اٿڻ نہ ڏين. هو وري ڪتاب کولي پڙهڻ لڳو پر ريهي ريبي اهي پڻ هن جي قبضي مان ڇڏايا ويا.

ان جي ٽئين ڏينهن تي هو اسپتال مان غائب ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن پنهنجي هڪ گهري دوست کي آرزي نيزاري ڪئي تہ ”هاڻي مان پاڻ کي گهڻو بهتر ٿو محسوس ڪريان. تون مون کي هاسٽل وٺي هل. آءٌ وعدو ٿو ڪريان تہ اتي ڪتاب کي هٿ ڪونہ لڳائيندس. تون وڏي آواز سان پڙهجانءِ تہ آءٌ اهو رڳو ٻڌندس. اهڙيءَ طرح منهنجو بہ دؤر ٿيندو رهندو.“

هن جو دوست، هن جي ڳالهائڻ جي طريقي ۽ نماڻين نظرن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هن تي ڪهل اچي ويس. ٽانگو وٺي آيو ۽ ٻين کان نظر بچائي، هن کي سهارو ڏيئي، وارڊ مان ٻاهر ڪڍي ويو.

حقيقت هيءَ هئي تہ ان حالت ۾ بيمار کي ناڙي ڇوڙ ۽ جهنگ جو خيال بہ بستري تي ليٽندي ليٽندي ڪرڻو هو. ڪٿي رهيو پنڌ ڪرڻ، ڏاڪڻ لهڻ ۽ ٽانگي جا لوڏا! ان ڪري آنڊي جي ڦٽن ڦاٽڻ جو انديشو هو.

هو پنهنجي پيرن تي نہ، پر مٽي تي پنهنجي پاڻ کي ڪھاڙو هڻي رهيو هو. هو هڪ سال بچائڻ جي فڪر ۾، زندگيءَ جي خاتمي جو سامان پيدا ڪري رهيو هو....

مون کي خيال آيو: ”هڪ شاگرد، جو ڪنهن حادثي ڪري، يا اوچتي بيمار ٿي پوڻ سبب، يا پروگرام وغيره جي غلط فهميءَ جو شڪار ٿي، يا گاڏي گسي وڃڻ، ڪارڻ امتحان ۾ حاضر ٿي نٿو سگهي؛ سچو امتحان تہ پري رهيو، پر رڳو هڪ پيپر ۾ نہ ويهڻ ڪري بہ هو ناپاس ٿي پوي ٿو. پوءِ ڀلي تہ هو سارو سال ڪلاس ۾ باقاعدي حاضر رهيو هجي، ذهين هجي ۽ سدائين ايمانداريءَ سان محنت ڪئي هجيس!“

ٻن ڏينهن کان پوءِ هن کي وري اسپتال ۾ ڪٽائي آيا. صفا بيهوش هو. هينئر، هو جيئرو جنازو نظر اچي رهيو هو. سرءُ جي سڪل پنن جهڙو رنگ، بي رونق ۽ بي رنگ چهرو، سڪل سڙيل ۽ بيحس بدن. هڏن مٿان چمڙي چڙهيل هئي ۽ بس.

امتحان جي ڀوت هن جي دل ۽ دماغ کي بيڪار بنائي ڇڏيو هو. ڪتابن هن جو رت پي ڇڏيو هو. اکر وڇون ۽ واسينگ بڻجي هن جي نس نس ۾ زهر ڀري چڪا هئا. هن جي چهري تي مون کي اهو ڀيانڪ پاڇولو نظر اچي رهيو هو، جو مرندڙ انسانن ۾ ڏسندو رهيو آهيان.

حياتيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش جاري رهي. هو ورلندو بہ هو. اهوئي تہ ”بابا، مان امتحان ۾ ضرور ويهندس.... بابا مان امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندس!“

آنڊي جا زخم ڦاٽي چڪا هئا. پيٽان رت اچي رهيو هو ۽ پيٽ بري طرح ڦوڪجي ويو هوس. آپريشن جي لائق بہ ڪونہ هو. ڪابہ تدبير ۽ دوا ڪارگر نٿي ٿي. بيمار جي حالت پوئٽي پوندي ويئي.

هڪ ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ مهل مون کي وارڊ ۾ سڏ ٿيو. شاگرد پوين پساهن ۾ هو.

سانتيڪي ۽ اداس وارڊ ۾، هن جي کٽ جي پاسي ۾ نرس، وارڊ بواءِ ۽ ٻہ وارو مريض بيٺا هئا. صبح جو امتحان ٿيڻو هو ان ڪري هن جي هم ڪلاسين ۽ جگري دوستن مان ڪوبہ اتي موجود ڪونہ هو. انهن مان

تہ پوين ہن ڏينهن ۾ ڪوبہ هن جي سار سنڀال لهڻ ڪونہ آيو هو. هن جو ڪو مٽ مائٽ بہ ڪونہ آيو هو. شايد امتحان جي مصروفيت ڪري، هن جي ڪنهن بہ سنگتيءَ هن جي والدين ڏي هن جي بيماريءَ جو اطلاع ڪونہ موڪليو هو. ان ڪري ڪوبہ هن خاطر ڏٽيءَ در اها دعا گهرڻ وارو ڪونہ هو تہ "منهنجي ٻچي جي بيماري مون کي ملي ۽ هو جواني ماڻي!"

نرس، وارڊ بواءِ ۽ ساٿي مريضن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

مون نرس کي، هن کي ڪورامن جي سئي هڻڻ لاءِ چيو.

هن جي وهاڻي هيٺان ڪتاب ڏسي، مون کي روحاني صدمو پهتو. اهي ڪتاب ئي تہ هن نو عمر ۽ امنگن سان ڀرپور شاگرد جا خوني آهن! هو ڪتابن جي بوجهي هيٺ دٻجي ۽ چيپاٽجي ويو هو..... پر نہ، ڪتاب ڪنهن جو موت آڻي نٿا سگهن..... تڏهن هن مضبوط ارادي جي مالڪ ۽ باهمت نوجوان جو قاتل ڪير آهي؟

وهاڻي هيٺان رکيل ڪتاب هٽائيندي، انهن مان هڪڙو اڌ ڪليل خط ڪِري پيو. مون اهو پڙهي ڏٺو. هي جي پيءُ وٽان هو.

هن طرح هو:

"پيارا پُٽ! تنهنجي امتحان ۾ باقي ڪي ڏينهن وڃي بچيا آهن. اميد تہ تون خوب محنت ڪندو هوندين. ڏٽي توکي ڪاميابي عطا ڪندو. توکي هي بہ- چار جملا هڪ بار وري اهو ياد ڏيارڻ لاءِ لکي رهيو آهيان تہ توکي هن سال ضرور پاس ٿيڻو آهي. توکي تہ خبر آهي تہ ڪهڙين حالتن هيٺ آءٌ تنهنجي تعليم جاري رکي سگهيو آهيان. سالن جا سال پنهنجي ڪُتنب کي پٽر پيٽ سان ٻڌي ۽ چنل قاتل چوڙي گذارڻو پيو پر توکي ضرورت جي رقم موڪليندو رهيس.

گذريل سال، جڏهن مون کي پينشن تي لهڻو پيو، مون وٽ هڪڙي ڪاري ڪوڏي بہ بچيل ڪانہ هئي. ان وقت کان وٺي توکي پڙهائڻ ۽ گهر جي خرچ پکي هلائڻ واسطي مون کي قرض کڻڻو پيو. هيل تائين بہ هزار کن اڌارا وٺي چڪو آهيان. قرض صرف انهيءَ آسري تي کنيم تہ تنهنجو پوين سال آهي ۽ پوءِ تون نوڪريءَ تي چڙهندين، خدا گهريو تہ گنج ٿي پوندا ۽ سڀ تڪليفون دور ٿي وينديون.

پينشن، جا مون کي اسي رپيا در ماهه ملندي. اهو به سال ٽي ويو پر اجا منظور ڪانه ٿي آهي. آفيسن ۾ اهڙو انڌ ڌنڌ لڳو پيو آهي، جو ان جي منظوريءَ ۾ اجا به ٻه ٽي سال لڳي وڃن ته شڪ نه آهي.

ٻين ڪمن ڪارين واسطي به پئسن جي ضرورت پوندي، جيئن ته تنهنجي ڀيڻ جي شادي، جاءِ جي مرمت، گهر جو خرچ وغيره. تنهنجو ڀاءُ به هن سال هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيندو هن کي به هاڻي پئسا ڏيڻا پوندا. پٽ! هاڻي اهي هڙئي بار توتي آهن. اسان جي ڪٽنب جون تو ۾ ئي اکيون آهن.

دل لائي پڙهندو رهجانءِ! امتحان پورو ٿئي ته هڪدم ڳوٺ هليو اچجانءِ. سيني کي تنهنجي سڪ لڳي آهي. تنهنجي ننڍي ڀيڻ توکي ڏاڍو ياد ڪندي آهي. هن لاءِ رانديڪو وٺي اچجانءِ.....“

مون مريض طرف نهاريو ۽ ڀاٽمرادو منهنجو هٿ هن جي نبض تي پهتو..... هو پري پهچي چڪو هو تمام پري!

(مهراڻ 1973/3ع)

# حيلو

ڊاڪٽر پنهنجي پراڻي مريض کي سڃاڻڻ ۾ دير ڪانه ڪئي. ويهن ورهين جو سڪل ۽ سنهڙو ڇوڪرو رنگ ڪارو جهڙو دانگيءَ جو ترو بدن نهايت گدلو. ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته هن ڪَي ڄمڻ وقت دائيءَ جو وهنجاريو هو ان کان پوءِ هن وري وهنجڻ جي غلطي نه ڪئي هئي. هن جا ڪپڙا به جيئن جسم تي آيا هئا، تيئن بدن تان لهڻ جي بيوفائي نه ڪئي هئائون. اهي نه لٿا هئا ۽ نه ڌوتا هئا. ڪپڙا نه رڳو ميرا هئا، پر هنڌان هنڌان ڦاٽل ۽ ليڙون ليڙون ٿيل پڻ. هن جو مٿو اگهاڙو وار وڌيل ۽ اٽيا ۽ پير جُتيءَ کان محروم هئا. هن جي ڪپڙن، بت ۽ وات مان نڪ ساڙيندڙ بدبوءِ اچي رهي هئي. هو انسان نه پر غلاظت ۽ گندگيءَ جو ڍير هو.

هو ٻه- ٽي دفعا اول به هن اسپتال ۾ رهي ويو هو. پهرين دفعي دستن جي بيماريءَ ڪري; هڪ گهوراڙوءَ، جنهن جو هو ڪو هو ته "جو ڪائي اهو به پڇتائي، جو نه ڪائي سو به پڇتائي!" تنهن ڪِنا ۽ ڦٽل انب آني ۾ چار ٽي وڪيا. ڪلوءَ کي ڏاڍو حرص ٿيو ۽ چئين آني جا سورهن انب وٺي، هڪ ئي وقت هڙپ ڪري ڇڏيائين. ان سانجهيءَ جو اچي گهمرا ٿيس. سڄي رات هل هلان هئي. صبح جو ڪنهن واٽهڙوءَ کي رحم آيو جنهن هن کي ڪٽي سول اسپتال تائين پهچايو. هو ڏهه ڏينهن کن اسپتال ۾ رهايو ويو.

ٻئي ڀيري مليريا جي سخت حملي ڪري، اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. سکر پلا مڇرن جو گهر. وري هن کي سمهڻ پوندو هو کليل ميدان ۾ ۽ ڪني پاٽيءَ جي ڪسين پرسان. سو مڇر به پراڻو پٽ سمجهي پيا پٽيندا هئس. ٿورو گهڻو بخار ته پيو واري سان ٿيندو هوس، پر ان دفعي صفا نازڪ حالت تي وٺي هيس.

ڪلوءَ جڏهن کان هوش سنڀاليو. هو هڪ واپاري سيٺ وٽ نوڪر هو. سيٺ وٽان معلوم ٿيس ته هن جا پيءُ- ماءُ به هن وٽ نوڪر هئا.

هڪڙو ڪچو گهرڙو، جنهن ۾ هو رهندا هئا، اهو هڪ دفعي بارش ۾ ڪري پيو، ان حادثي ۾ هن جا پيءُ- ماءُ ٻيئي دٻجي مري ويا. مگر ڪلو جو ان وقت پنجن سالن جو هو سو بچي ويو.

جڏهن هن جي عمر چوڏهن سال هئي، تڏهن هو سخت بيمار ٿي پيو. سيٺ به پاڻ تان بار لاهي، هن کي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. اتي هو موت ۽ حياتيءَ جي درميان ٻه مهينا پيو رهيو. ڪوبه هن جي سار سنڀال لهڻ ڪونه آيو. جڏهن اسپتال مان نڪتو ۽ سيٺ وٽ ويو، تڏهن هن نوڪري ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيس، ڇوته سيٺ اول ئي هن جي جڳهه تي ٻيو نوڪر رکي ڇڏيو هو ۽ ٻيو ته ڪلو ڏاڍو ڏٻرو ٿي ويو هو ۽ گهٽي ڪم جي لائق نه هو.

هن ٻين هنڌن تي پڻ هٿ پير هنيا، پر ڪوئي سڪي وانگر ڪٿي به قبول ڪونه پيو. ڪيس ڪيترائي ڏينهن بکيون ڪاٽيون پيون. نيٺ هن پنڌ شروع ڪيو ۽ پنڌ ڪندو پنڌ ڪندو ڪراچيءَ کان سکر پهتو.

هتي هو بيک پنندو هو ۽ وقتي اسٽيشن تي هلڪو سلڪو بار ملي ويندو هوس، ته مزوري به ڪندو هو. نه گهر هوس، نه مائٽ، نه يار، نه مددگار. گرمي سردي، مڇر مکيون، بک بيروزگاري ۽ ٻيا اڪيچار اهڙا هن جا دشمن هئا، جن سان هن کي اڪيلي سر مقابلو ڪرڻو پوندو هو. هن جي اڪثر هار ٿيندي هئي.

هو جيل به ڪاٽي چڪو هو.

هڪ ڏينهن بک بيحد هلاڪ ڪيس. نه هٿ ۾ ڪو پئسو هوس ۽ نه ٻن سن مان ئي ڀيو ٽڪر مليس. سو هڪ حلوائيءَ جي دڪان تي پيڙ ڏسي، دڪاندار کان نظر بچائي، مٺائيءَ جي مُٺ ڀري وٺي ڀڳو. ماڻهن ڏسي ورتس ۽ پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيائونس. ٻه مهينا جيل جي سزا مليس.

ٻئي دفعي دڪان تان قميص چورائيندي پڪڙجي پيو ۽ ٽئين دفعي هڪ ابهم ڇوڪريءَ جي ڪنن مان سونيون واليون لاهيندي پڪڙي وڌائونس.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو بيگاهه وقت تي آواره گردي ڪندي، پوليس شڪي حالت ۾ گهمڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري، هن کي ڪاٺ ۾ وجهندي هئي.

هڪ لڳا، رستي ويندي، موٽر هن جي مٿان چڙهي وئي. ڪاٻي ڄنگهہ جو هڏو ڀڄي پيس. ٽي مهينا ڪن اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل رهيو. هن حادثي ڪري حياتيءَ ڀر لاءِ منڊو ٿي پيو.

اڄ تہ انتهائي سرد رات هئي، ڪي مزور هن کي ڪٽي آيا هئا، هو هڪ پراڻي ۽ ڦاٽل رلهيءَ ۾ ويڙهيل هو. هو بيهوش هو. هن جا لڱ ٻٽ ٿي ڀريا، ۽ هو تڪڙو تڪڙو ساهہ کڻي رهيو هو. هن سان گڏ آيل فقط ايترو ٻڌائي سگهيا تہ هن کي معصوم شاهہ جي مناري ڀرسان، ان حالت ۾ ڏٺو ويو.

هن کي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. هو چڙهي تہ پيو پر ٽن هفتن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ مس مس وڃي ڇُرڻ پُرڻ جهڙو ٿيو. ٻہ هفتا ٻيا بہ گذريا. هاڻي هو گهڻو بهتر هو ۽ گهمڻ ڦرڻ بہ لڳو هو.

هڪڙي ڏينهن چڪر ڏيندي ڊاڪٽر چيس: ”ڪلو، هاڻي توکي موڪل آهي، ڀلي وڃ!“

ڊاڪٽر کي احساس ئي ڪونہ ٿيو تہ ڄڻ هن جج بڻجي، ڪلوءَ کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا جو فيصلو ٻڌايو هو.

هن چيو: ”پر سائين، مان اڃا پوريءَ طرح چاق نہ ٿيو آهيان، ڪنگهہ بہ آهي، پاسي ۾ ٿورو سور بہ رهي ٿو ۽ ضعيف بہ ڏاڍو ٿي ويو آهيان.“

هينئر ڊاڪٽر هن ڏي غور سان نهاريو. ڪلوءَ جو چهرو مرجهائجي ويو هو ۽ هن جي نيڻن ۾ غم ۽ نا اميديءَ جا بادل ڀرجي آيا هئا.

ڊاڪٽر اخلاق جو معصوم شاهہ جي مناري جيڏو اوچو ۽ دل جو سنڌو درياهہ جهڙو ڪشادو هو. هن محسوس ڪيو تہ ڪلوءَ کي اڃا اسپتال ۾ رهائڻ گهرجي، ۽ هن کي ڊسچارج ڪونہ ڪيائين.

ٻئي ڏينهن هو وڏيڪ بيمار ٿي پيو. وري ڪٽس ٿي پيس ۽ ڪنگهہ ۾ واڌارو ٿي ويو پر ترت ئي هن جي حالت تسلي بخش ٿي وئي، دم دلاسي سان زياده ۽ دوا دارونءَ سان گهٽ.

جنهن وقت ڊاڪٽر ڪونہ هوندو هو ان وقت هو خوش ۽ ڪلندي نظر ايندو هو. هيڏانهن هوڏانهن گهمندو ڦرندو هو. ٻين بيمارن سان ڪچهريون ڪندو هو. بستري داخل بيمارن سان ڏاڍي همدردي ڪندو هو: هنن کي وقت تي دوا جي اُڃَـرَ پيارڻ، پاڻي ڏيڻ، مٿي ۽ ڄنگهن کي زور ڏئي

آرام پهچائڻ، پان، ٻيڙي يا چانهه وٺي اچڻ، ڳالهيون ٻولهيون ڪري سندن دليون وندرائڻ. ڪو مريض نازڪ حالت ۾ هوندو هو ته هن جي ڪٽ جي پرسان بيٺو هوندو هو ۽ هر ڪا ٽهل ٽڪور ۽ سهائتا ڪرڻ لاءِ خوشي ۽ ڦڙتائيءَ سان تيار رهندو هو.

هوند وارا مريض هن کي ڪيسي- خرچي ڏيندا هئا، سگريٽ ٻيڙي پياريندا هئا، ڪي بيمار مائٽن جي آندل ميوي مان هن کي کارائيندا هئا.

هو نرسن جي ڪم ۾ به مدد ڪندو هو. جڏهن هو بيمارن کي سُين هڻڻ يا ٽمپريچر ڏسڻ لاءِ هڪ بستري کان ٻئي بستري ڏي وينديون هيون، تڏهن هي هنن جي سامان جي ٿالهي کڻي سندن پٺيان پٺيان هلندو هو. جڏهن هو بيمارن جو هٿ منهن ڌئارڻ ۽ پني صابڻ سان صفا ڪرڻ لاءِ اينديون هيون، تڏهن هي صابڻ، ٽوال، گينبڙي ۽ جڳ کڻي هلندو هو. ان ڪري مريض هن کي چرچي طور "نرس جو نائب" ڪري ڪوٺيندا هئا، ۽ هو ان تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو.

اسپتال جا وارڊ بواءِ وري هن کي ڌمڪيون ڏيئي، هن کان ڪمَ ڪڍندا هئا، جهڙوڪ پاڻيءَ جا دِلا ڀري اچ، ڪتون کڻ، هنڌن بسترن تي چنبڙ ڦوڪ، چادرون ۽ ڇوون بدلائڻ، ڇوون ڌوئڻ وغيره. هن کي اهي ڌمڪيون ڏيندا هئا ته ڊاڪٽر کي چونداسون ته هي هاڻي چڱو ڀلو آهي، ان ڪري هن کي اسپتال مان روانو ڪيو وڃي.

ساٿي بيمارن کي پنهنجي جيون جا تجربا ٻڌائيندو هو:

"مان جيلن ۾ به رهيو آهيان ۽ اسپتالن ۾ به. ٻنهي هنڌ کاڌو پيتو ڪپڙا ۽ اجهو آهي. پر اسپتال ۾ وڌيڪ آرام آهي. هتي رهڻ واسطي صاف سٿرا ۽ ڪشادا ڪمرا آهن. سمهڻ لاءِ نرم ۽ گرم بسترا آهن، پر جيل ۾ آهن اونداها ڪمرا، سمهبو سخت زمين تي آهي ۽ ڪاڪوس ڏاڍا گندا آهن. هتي اسپتال ۾ ڪم ڪرڻو ڪونه ٿو پوي، سپاهين جي مار موچڙو به ڪونهي، کاڌو پڻ بهتر ملي ٿو ۽ آزادي آهي."

هو پنهنجي تجربن کي فلسفي جو رنگ ڏئي چوندو هو:

"مان جيلن ۾ چڱا ڏينهن گذاريا آهن ۽ اسپتالن ۾ به ڪجھ عرصو رهڻو پيو آهي. ٻنهي هنڌ ڪيترين ئي هڪ جهڙين ڳالهيون آهن. ٻنهي

هنڌ خاص ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏنا وڃن ٿا. جيل ۾ جيلين وارا ڪپڙا ۽ اسپتال ۾ بيمارن وارا ڪپڙا. ٻنهي هنڌ ملاقاتين تي پابنديون هونديون آهن ۽ ٻنهنجن ڪان پري رکيو ويندو آهي، ۽ خاص وقتن تي پاس ملڻ سان ئي ٻاهريان ماڻهو اندر اچي سگهن ٿا. ٻنهي هنڌن مان ماڻهو جيئرو به ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ هن جو لاش به نڪري سگهي ٿو. اسپتال ۾ علاج ڪرائيندڙ ماڻهو بيماريءَ جي ڪري مري سگهي ٿو ۽ قيديءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ملي سگهي ٿي، پوءِ هن جو لاش ئي اتان مائٽن کي ملندو. ٻنهي هنڌ عذاب ۽ پيڙا ڏني وڃي ٿي. جيل ۾، قيديءَ کي توري گهٽي قصور تي سپاهي سخت سزائون ڏيندا آهن، اهڙيون جو ڏسي نه سگهجن. هتي علاج جي ناليءَ ۾ ماس ۾ سيون تنبيون وڃن ٿيون، آپريشن جي چير ڦاڙ ڪئي وڃي ٿي، ٽُڪا ڏنا وڃن ٿا، ڪوڙيون دوائون پياريون وڃن ٿيون. ان ڪري ٻنهي جاين تي اڪثر ڪري درد جون دانهون ۽ ڪوڪون اڀرنديون رهن ٿيون!"

هو نرسن ڏي اشارو ڪري، اک ڀڃي چوندو هو ته، "باقي هتي جيڪي هي سفيد حورون آهن، سي جيل جي دوزخ ۾ ڪونه آهن!"

انهن ڳالهين ڪري، هو وارڊ جي بيمارن ۾ هر دلعزيز ٻنجي ويو هو.

جڏهن ڊاڪٽر جي اچڻ جي مهل ٿيندي هئي، تڏهن ڪرونڊڙو ٿي پوندو هو ۽ اهڙيءَ ريت ڪنجهندو هو، ڄڻ ته سخت سور اٿس.

جنهن وقت ڊاڪٽر پڇندو هوس: "ڏي خبر، ڪيئن آهين؟" ان جي جواب ۾ طوطي وانگر ڊگهي لسٽ ٻڌائيندو هو جيئن هوٽل جو بيرو هڪ ئي ساهيءَ ۾، کاڌن جا نالا ٻڌائي ويندو آهي.

"سائين، سڄي بت ۾ سخت سور اٿم. اڄ ته پيٽ ۾ وڪڙ پيا پون، ساري رات ڪنئون ڪنئون ڪندي ڪاٽي اٿم. هڪ منٽ به ننڊ ڪانه آئي، مٿو پيو ڦري، قبضي به ٿي پئي اٿم...."

هن کي ائين چوندي ٻڌي، ٻيا وارا مريض مرڪڻ لڳندا هئا.

ڊاڪٽر سڀ ڪجهه ڀانپي ويو هو پر هو اخلاق جو معصوم شاهه جو منارو ۽ دل جو سنڌو درياهه هو.

هڪ شام تي چڪر ڏيندي، ڊاڪٽر نرس کي چيو:

”سسٽر، سياٽي صبح جو ڪلوءَ کي ڊسچارج ڪيو وڃي، ٻه- چار آپريشن جا ڪيس ضرور داخل ڪرڻا آهن ۽ بسترا خالي ناهن.“

ٻئي ڏينهن پرهه ڦٽيءَ مهل، وارڊ بواءِ اچي ڊاڪٽر کي جاڳايو ڪلوءَ جي حالت خراب هئي.

هو بيهوش هو ۽ وڦلي رهيو هو. ساهه ڏاڍي تڪليف سان کڄي رهيو هوس.

ڊاڪٽر ڏٺو ته هن جو ٽمپريچر 105 ڊگريون هو ۽ ٻيئي ڦڦڙ نمونيا جو شڪار ٿي چڪا هئا.

ڊاڪٽر حيران هو ته راتو رات ۾ ڪيئن ائين ٿي ويو.... پر پر وارن بيمارن کي خبر هئي ته ڪلو وچ سياري واري سخت سردي هوندي به رات جو ڪليل هوا ۾ ٿڌي پاٽيءَ سان وهنتو هو.

آدم جنت مان نه نڪرڻ لاءِ هڪ نئون حيلو هلايو هو.

(مهراڻ 1/1974ع)

# صدمو

هيءَ ڳالهہ ان رات جي آهي، جنهن رات فوجي قانون نمبر 114 هيٺ، ريڊيو تي، ڪيڊيل ڪامورن جا نالا پڌرا ڪيا ويا.

اها پڌرائي، رات جو ائين بجي ٿي.

رات جو يارهين بجي ڌاري، جڏهن ڊاڪٽر ننڊ جي نرمل ۽ جهڙالي ماٺريءَ ۾ اڃا سير شروع مس ڪيو تہ زور سان گجگوڙ وانگر، گهر جو دروازو کڙڪيو. ۽ ايستائين کڙڪندو رهيو جيستائين هو سجاڳ ٿي، اوباسيون ڏيندو تيز ڪائيندو کولڻ لاءِ نہ پهتو.

سامهون پنهنجي گهاٽي يار نيڪ محمد جو پٽ ڏسي، هن کي هڪدم انديشو جاڳيو تہ ڪٿي هن کي دل جو دورو نہ پيو هجي. ڇوتہ ريڊيو تي، نڪتل آفيسرن ۾، پنهنجي هن سنگتيءَ جو نالو پڻ ٻڌي چڪو هو.

هڪدم ڇوڪري کان پڇيائين:

”پڻهين تہ ٺيڪ آهي؟“

”ها، اهو تہ ٺيڪ آهي، پر چاچي پريل کي پيا ٿا دورا پون.“

پريل ڪو ڇوڪري جو سڳو چاچو ڪونہ هو. پر پڻس جو يائرن جهڙو دوست هو. ڊاڪٽر بہ هن کي سڃاڻندو هو.

”انهيءَ کي وري ڪهڙا دورا ٿا پون. ڇا ٿو ٿئيس؟“

”جنهن وقت کان وٽي بابي جو نالو ريڊئي تي ٻڌو اٿائين، تنهن وقت کان ڏندڻ پيا پونس ۽ وڦلي پيو. حالت جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندي ٿي وڃيس.“

ڊاڪٽر وري سندس پيءُ بابت پڪ وٺڻ لاءِ پڇيس:

”پر پڻهين تہ ٺيڪ ٺاڪ آهي نہ؟“

”ها سائين، هو صفا ٺيڪ آهي. توهان کي چاچي پريل کي ڏسڻ خاطر سڏيو آهي.“

ڊاڪٽر پهتو. نيڪ محمد اُتي هن سان مليو. هو پنهنجي نوڪريءَ تان لهڻ واري صدمي ۽ مايوسيءَ کي جڙتو مرڪ جي پردي ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٻي ڪا ڳالهه ڪرڻ کان اڳ، يڪدم ڪٽ تي ليٽيل دوست ڏانهن ڏيان ڇڪائي، ڊاڪٽر کي چيائين:

"يار، هن کي دورو پئجي ويو آهي. ڪو بلو ڪر."

پريل ڪٽ تي بيهوش پيو هو ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪيل هوس ۽ ڏگها ڏگها ۽ تڪڙا تڪڙا ساهه کڻي رهيو هو. وري ڇنگهون، ٻانهون ۽ پوءِ سارو بدن سيٽي، وڦلڻ لڳو.....

هن جي باري ۾ نيڪ محمد به ساڳي حقيقت ٻڌايس ته ريڊئي جي اعلان کان پوءِ ئي اها حالت بڻي اٿس.

ڊاڪٽر هن جي چڪاس ڪئي. نيڪ محمد کي دلداري ڏنائين ته دماغ تي صدمي جو عارضي اثر آهي، اجهو ٺيڪ ٿئي. هن کي سئي لڳايائين ۽ هڪ شيشي نڪ تي رکي هن کي سنگهايائين.

ڏهن منٽن اندر ئي پريل کي هوش اچي ويو.

هن کي گرم گرم ڪافي پياري وئي. نيڪ محمد ۽ ڊاڪٽر گڏجي هن کي تسلي ڏني ته مڙئي خير آهي، گهڻي فڪر ڪرڻ جو ضرور ڪونهي.

پوءِ پريل ڳالهائيندو رهيو:

"اسان کي اول ئي سمڪ پئجي وئي هئي ته اسان جي صاحب جو نالو لسٽ ۾ آهي. ان ڪري مان پنهنجي ڳوٺ جي چڱن مڙسن جو ميڙ وٺي، ان وزير وٽ ويس، جيڪو اسان واري تڪ مان چونڊيل آهي. اسان بنا ڪنهن لالچ جي، سڄي ڳوٺ جا ووٽ هن کي ڏيارايا هئا..... اسان پنهنجي هڙئون خرچ ڪري، هن جو ورڪ ڪيو هو اسان رات ڏينهن هڪ ڪري، هن جو ساٿ ڏنو هو. پر هن اسان جو هي معمولي ڪم به ڪونه ڪيو ۽ ڪوڙو دلاسو ڏئي موٽائي ڇڏيائين..... سائين، خبر اٿوَ ته صاحب (نيڪ محمد ڏانهن اشارو ڪري) سرڪار بهادر جي عتاب جو شڪار ڇو ٿيو آهي؟ توهان کي خبر نه هوندي. مان ٿو ٻڌايانوَ: حڪومتي پارٽيءَ جي فلاڻي زميندار صاحب کي هڪڙو ناجائز ڪم چيو هو. صاحب انڪار ڪيو هو جنهن جي پاداش ۾ هن کي هي ڏينهن ڏسڻو پيو آهي."

هو گفتگوءَ جي وچ ۾ گارين جو ڏوڙيو بہ وسائيندو رهيو.

ڊاڪٽر هن جي دوستيءَ جي خلوص ۽ سچائيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو. اهڙي دوستي هن زماني ۾ ڪٿي!

نيڪ محمد ايس. ڊي. او هو. اصل ۾ تہ غريب جو ٻار هو پر نوڪريءَ دوران اڻ مئي دولت ڪمائي هئائين. هو لکن ۾ ڪيڏندو هو ۽ شاهاڻي ٺٺ سان رهندو هو. ڊاڪٽر هن جي گهر ويندو هو تہ سندس ٻہ ٻہ نيون نيون موٽرون ۽ جيپون بنگلي اڳيان بيٺيون هونديون هيون. ڊرائيور، چوڪيدار، ٻيلي، نوڪر، زميندار، ٺيڪيدار، آبدار، داروغا ۽ ٻين ماڻهن جا هشام لڳا پيا هوندا هئا. گهر جي دروازي پرسان ٺهيل وٿاڻ ۾ بہ پليون پٽاريون بيٺيون هونديون هيون.

اڪثر هن جي گهر هڪ نہ ٻئي بهاني سان دعوتون پيون ٿينديون هيون. اهڙن موقعن تي بنگلو بجليءَ جي رنگ برنگي بلبن جي جهرمر سان ڀهڪڻ لڳندو هو ۽ آسپاس جي فضا ۾ گيتن ۽ سهرن جا سُرَ گونجڻ لڳندا هئا. پاڙيوارن تي هنن جي اميريءَ جو سڪو جمي ويندو هو ۽ پر وارن گهرن جي بيگمن ۾ رشڪ جو جذبو جاڳندو هو.

خاص دوستن سان، خاص محفلون تہ ڏهاڙي ٿينديون هيون، جن ۾ شراب ۽ ڇوڪرين جو شغل رهندو هو..... جتي ناڻي جي جادوءَ سان دوست داد ڏيندا هئا، ۽ سهڻيون پلهار ٿينديون هيون. جتي نوٽن جي نمائش تي گهنگهرن جي ڇم- ڇم ٿيندي هئي ۽ جوان جسم بي لباس ٿي جهولندا هئا. جتي پٺونءَ جي زنجير  کلڻ سان گڏ، ٻاٽلين جا ٻوچ کلي پوندا هئا ۽ فحش حرڪتون ۽ گفتا ٺهڪن جي ٽيڪ بنجندا هئا ۽ گناهہ ثواب جا فرق ٻاٽلين ۾ ٻڏي ويندا هئا.

ڊاڪٽر لاءِ وڏي مصيبت تہ سندس زال مچائي رکي هئي. هوءَ سدائين نيڪ محمد ۽ هن جي زال جو حوالو ڏئي، مهڻا ڏيندي هئس تہ:

”هن جو مڙس، ڪاڏي پيتي جي خرچ لاءِ هن کي ٽي هزار رپيا ماهوار ڏئي ٿو. هوءَ هر مهيني ٽي- چار قيمتي ۾ قيمتي ۽ اوچي ۾ اوچن ڪپڙن جا جوڙا وٺي ٿي. جيڪو بہ نئين ڊزائين جو ڳهن جو سيٽ اچي ٿو سو شهر جي عورتن ۾، پهرين پهرين هن جي گلي جو سينگار بنجي ٿو. مون

ڪي هڪ- ٻه گهمرو ڪيٽ ڪولي ڏيڪاريائين، تہ ان جو هڪڙو خانو سچو پنجاهہ ۽ سؤ جي نوٽن جي ٿهين سان ستيو پيو هو. هزارين رپيا ٿيندا.... ۽ تون مون کي گهر جي خرچ لاءِ چڙا پنج سؤ ۽ هڪ سؤ ڪيسي خرچي ڏيندو آهين. مان تہ پنهنجي ساهيڙيءَ جي پيٽ ۾ فقيرياڻي آهيان. هوءَ هر مهيني ميلاد، عيد، ٻارن جي سالگرهہ ۽ ٻين ٻهانن سان ٽي- چار پيرا پارٽيون ڪندي آهي. مان سال ۾ چڙو هڪڙو پيرو پٽڙي جو سالگرهہ بہ مَس ملهائيندي آهيان تہ بہ توهين ڪرڪندا آهيو.“

ڊاڪٽر زال کي سمجهائيندي چوندو هو:

”نيڪ محمد وٽ آهي فضل ربي. ورنہ هن جو پگهار تہ فقط چار سؤ آهي. سو مان روز جو پورهيو ڪندڙ رشوت جيترو خزانو ڪيئن بنائي سگهندس.“

نوڪريءَ تان لٿي، هن کي ٽي سال ٿي ويا آهن. ڊاڪٽر هن جي گهر ويندو آهي تہ اتي ڪڪڙوڪو لڳي پئي هوندي آهي. ڪو سڏ اونائڻ وارو بہ ڪونہ هوندو آهي. نہ نوڪر، نہ چوڪيدار نہ مينهون، نہ موٽرون، نہ مهمان، نہ محفلون، روشنايون بدران اونداهيون، سُرن بدران سناٽو ۽ ڇهچٽي بدران اُداسائي.

نوڪريءَ تان لهڻ کان پوءِ هن روڪ رقم سان ڌنڌو ڪرڻ چاهيو. ٻہ موٽر ٽئڪسيون ۽ ٻہ رڪشائون خريد ڪيائين پر ان ڌنڌي مان واقفيت نہ هجڻ ڪري، ڊرائيورن ۽ مسترين اهڙيون چٽيون لاٿس، جو ٻارهن مهينن کان پوءِ، اهي چارئي گاڏيون وڪڻيون پيس. حساب ڪيائين تہ مُور تہ پاٽيءَ ۾ پيس، پر هڙان ڏهہ هزار بہ ڏئي چڪو هو.

وري ڪن دوستن سان گڏجي، انَ جو واپار ڪيائين. پر دوستن اهڙو دلبو ڏنس، جو نفعو تہ نفعي جي ماڳ، مرڳو سيڙايل چاليهن هزارن کان بہ هٿ ڌوئڻا پيس.

قانون جي وٺ پڪڙ کان بچڻ واسطي، نوڪريءَ جي زماني ۾ هڪڙي دل گهرئي ۽ پروسي جهڙي دوست جي نالي زمين خريد ڪندو ويو هو. اها ٻن لکن جي ملڪيت هئي. اهو دوست هن کي ان زمين جي اُپت پيو پهچائيندو هو. نوڪريءَ تان لٿو تہ اهو دوست بہ ڦري ويس، ۽ ملڪيت

يا ان جي پيدائش ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيائين. ان تي وڪيل جي صلاح سان هڪڙو ڪيس ڪيو هئائين. ڪيس کي هلندي به اڍائي سال تي ويا هئا، پر اڃان ڪو ڪڙ تيل ڪونه نڪتو هو.

ڊاڪٽر پنهنجي بيگم کان پڇندو هو "ڏي خبر، هاڻي تو واري ساهيڙي، نيڪ محمد جي زال جا ڪهڙا حال آهن؟"

"حال ته ڏاڍا بُرا اٿس. سارو وقت ويٺي حڪومت ۽ حاڪمن کي پٽيندي آهي."

ها، اسين پري پهچي حال ۾ هليا آياسين. ڳالهه هئي ان رات جي.

هڪ بجي ڏاري ڊاڪٽر اُٿيو. اڌ رات تي چڪي هئي. سياري جي شروعات هئي. هن مهل، چڱي چوکي ٿڌ تي چڪي هئي، پر ٽنگ ڪندڙ نه هئي. اُپ تي چنڊ چمڪي رهيو هو ۽ گهٽين ۾ ڦڪي ڦڪي چانڊوڪي هئي. اڃ وچ خير ڪا هئي، وقتي ڪا رڪشا يا موٽر لنگهي ٿي. نيڪ محمد جي موٽر ۾ ڇڏي اچڻ جي آڇ جو انڪار ڪري، هو سندس پٽ کي ساڻ ڪري، پنڌ نڪتو. ڊاڪٽر جو گهر گهڻو پري ڪونه هو ۽ هو خود وجهه ملڻ تي، پنڌ ڪرڻ ۽ چنگهون ساهڻ پسند ڪندو هو.

نيڪ محمد جو هي پٽ پندرهن سالن جو هو ۽ مئٽرڪ پڙهندو هو. هن وقت هو ڪجهه ڳڻتيءَ ۾ ٻڏل تي ڏٺو.

"چاچا ڊاڪٽر! چاچو پريل نيڪ تي ويندو نه؟"

"ها پٽ، هو ته نيڪ به تي ويو."

"ڪو خطرو ته ڪونهي؟"

"نه، ڪو خطرو ڪونهي، ڪا فڪر جي ڳالهه ناهي."

"چاچو پريل اسان کي ڏاڍو پيائيندو آهي، اسان کي ڏاڍو پيار ڪندو آهي، بيماريءَ سيماريءَ ۾ به اسان جي ڏاڍي ٽهل ٽڪور ڪندو آهي. بابو به اسان جو ايترو خيال نه ڪندو آهي، جيترو چاچو پريل."

"اڇا!" ڊاڪٽر چيو.

"۽ اسان لاءِ ڏاڍا تول منايون ۽ سوکڙيون آڻيندو رهندو آهي."

"ڏاڍو سٺو ماڻهو چئبو."

"بين واسطي کٽي ڪهڙو به هجي، پر اسان لاءِ ته ڏاڍو سٺو آهي."

”پين سان چڱو نہ هلندو آهي ڇا؟“

”خبر ناهي، مهينو کن ٿيو تہ چاچي پريل پنهنجي پر واري ننڍي ڪاتيدار جي زمين تي زوريءَ قبضو ڪيو. جنهن تي جهيڙو ٿي پيو ۽ پوليس چاچي پريل کي پڪڙڻ آئي، پر بابي جي پارٽ سپارٽ ڪري، چاچو پريل بچي ويو.“

”اڇا، مون کي خبر ئي ڪانهي.“

”ها، چاچا، ۽ ٻہ- ٽي پيرا منهنجي سامهون چاچي پريل جا ڪجهہ هاري، هن جي ڏاڏاين ۽ بدمعاشين جون بابي کي دانهون ڏيڻ آيا هئا.“

گهر پهچڻ کان پوءِ، ننڍ جي گود ۾ پهچڻ تائين، ڊاڪٽر پريل جي دوستيءَ جي خلوص جي باري ۾ رشڪ جي جذبن سان سوچيندو رهيو. هن کي پنهنجي باري ۾ گهٽائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. هو تہ اهڙو ڇٽ هو جو ڪنهن سان رواجي دوستي بہ نڀائي ڪونہ سگهندو هو. ساڳئي وقت، هن کي پريل جو ڪردار دلچسپ محسوس ٿيڻ لڳو.

ڊاڪٽر جي، پريل سان سڌيءَ طرح يا شخصي سطح تي واقفيت ڪانہ هئي. هن کي نيڪ محمد وٽ ئي ڏسندو هو. هو چڱو چوکو زميندار ٿي نظر آيو. هن وٽ هڪ اڏوراٽي جيپ هئي. هن جي مٿي تي بوسڪي جو پٽڪو، نارنگي رنگ جي ٽيٽران جي قميص ۽ ڪانچ، چمڙي جو ويڪري اڳياڙيءَ وارو بوٽ ۽ ڪلهن تي اجرڪ ويڙهيل هوندو هوس. هن جا شهپر ملهن جهڙا هئا. عمر ٽيهارو سال کن هئس. معمولي معمولي ڳالهہ تي بہ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو هو جي بناوتي لڳندا هئا.

جڏهن نيڪ محمد پنهنجي گهر تي وڏيون پارٽيون ڪندو هو تڏهن هي اتي ضرور موجود هوندو هو. وڏيرا ڪامورا، ماتحت ۽ دوست پيا بہ گهڻي ئي هوندا هئا. پر پريل ڪٿو نہ پڇندو هو. ڏسبو هو تہ انتظام جو سڄو بار مٿس پيل آهي. سارو وقت ڪمرو نيڪ ڪرائڻ، سامان رکائڻ، بورچين تي نظرداري ڪرڻ، گاڏيءَ تي شهر مان گهربل شيون وٺي اچڻ، ايندڙ مهمانن کي سگريٽ ۽ ڪوڪا ڪولا پهچائڻ ۾ رڌل رهندو هو.

ايس. پي. او صاحب جي پٽ جي شادي تي تہ پريل، سيني کان سرس قيمتي سوکڙي ڏنس. اها هئي ڌهري سون جي ۽ ڳهن جو سيٽ. وري

نڪاح پوري ٿيڻ تي هي ئي اڪيلو شخص هو جنهن گهوٽ جي ڳچيءَ ۾ اهڙو هار وڌو جنهن ۾ رڳو پنجاهه پنجاهه جا نوٽ پوئيل هئا. هن ڄاڻي واڻي اهو خيال به رکيو ته جيئن سڀئي حاضرين ڏسن ته هو ڪهڙي سوکڙي پيش ڪري رهيو آهي. هو هار وجهڻ ان وقت ويو جنهن وقت گهوٽ وٽان ماڻهن جو ميڙ هٽي ويو هو. ان ڪري سيني هن کي هار وجهندي ڏٺو. گهوٽ به پيرين پئي، پنهنجي چاچي پريل سان ملي مبارڪ قبول ڪئي. وري جڏهن ناچڻين ناچ شروع ڪيو تڏهن*هو ناچڻين تي گهور جو مينهن وسائيندو رهيو ۽ سيني کان سرسي ڪٽي ويو. هو ڏهن ڏهن جا نوٽ گهوريندو ويو ۽ ٻن ڪلاڪن اندر هزار کن رپيا اڇلائي ڇڏيائين.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته ڊاڪٽر سنگت ۾ اها به ڳالهه ٻڌي هئي ته پريل، نيڪ محمد کي رشوت ٽوڙ کاتي جي ڪوڙڪيءَ کان بچايو آهي. هڪڙي زميندار پنهنجي زمين ڏانهن ويندڙ واٽر ڪورس جي ماڊيول کي ويڪرو ۽ اونهون ڪرائڻ ٿي چاهيو. نيڪ محمد هن کان ان ڪم واسطي ٻه هزار خرچي گهري. زميندار هڪ هزار ڏيڻ تي چاهيو. نيڪ محمد گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. پوءِ ظاهري طرح زميندار ٻه هزار ئي ڏيڻ تي راضي ٿيو. پر هن ڳجهه ڳوهه ۾ وچي رشوت ٽوڙ کاتي وارن کي اطلاع ڏنو. ان تي، ايس. ڊي. اي کي ٽڏي تي پڪڙڻ جي رٿا رٿي وئي. مئجسٽريٽ وٽ وڃي، هن کي اهي نوٽ ڏيکاريا ويا، جي زميندار نيڪ محمد کي رشوت ۾ ڏيڻ وارو هو.

ٻئي ڏينهن لاءِ سٽاءُ اهو سٽيو ويو ته رشوت ٽوڙ کاتي جو انسپيڪٽر ۽ مئجسٽريٽ، ٻن شاهدن سميت وڃي آفيس ٻاهران ترسندا ۽ زميندار اندر آفيس ۾ وڃي، نيڪ محمد کي اهي نوٽ ڏيندو. مٿان هي آفيسر اندر گهڙي ايندا ۽ نيڪ محمد جي تلاشي وٺي، هن کي سڱ سوڌو گرفتار ڪندا.

اتفاق سان پريل کي اُن چار جي چوڪڙي جاڻ پئجي وئي. هن هڪدم وڃي، نيڪ محمد کي خبردار ڪيو. پوءِ ته نيڪ محمد به شينهن بنجي ويو. پٽيوالي کي چٽي چڏيائين ته جيئن ئي فلاڻو زميندار اچي ته هن کي آفيس ۾ گهڙڻ نه ڏجانءِ ۽ مون کي اچي ٻڌائجانءِ.

جڏهن اهو زميندار آيو ته نيڪ محمد ٻاهر نڪري، هن کي اهڙي دٻ ڪڍي، ۽ ڪيس اهڙيون ڪچيون گاريون ڏنيون جو زميندار جا هوش

هواس گم ٿي ويا. ٻاهر بيٺل رشوت ٽوڙ کاتي جي ماڻهن بہ اها حالت ڏٺي، ۽ منهن پيلو ڪري موٽي ويا.

اهي ويچار ويچاريندي، ڊاڪٽر کي ننڊ ڪٽي ويئي.

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر، ڪن واقفڪارن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو. اُتي هن پريل کي پيل دوري ۽ نيڪ محمد ۽ پريل جي دوستيءَ جي ڳالهہ ڪئي. ويٺلن مان هڪڙي همراهہ دانهن ڪئي:

”ڊاڪٽر صاحب! اتي توهان جي بيماريءَ جي سڃاڻپ غلط وئي آهي.“

”ڪيئن يلا؟“ ڊاڪٽر پڇيو.

”سائين! اهو. ايس. ڊي. او. پريل جي نالي ۾ زمينون ۽ ملڪيتون وٺندو هو ۽ پريل ٺي اهي زمينون ۽ باغ سنڀاليندو هو ۽ پنهنجي مرضيءَ تي ڪوڙو سچو حساب بنائي، ايس. ڊي. اي صاحب کي اُپت جو تمام ٿورو حصو ڏيندو هو. هن جي نوڪريءَ تان لهڻ جي خبر ٻڌي، هن کي صدمو ان ڪري پهتو تہ هاڻي ايس. ڊي. او. واندو ٿيو ۽ پئسي جي لوڙ بہ پوندس. ان ڪري پائيءَ پائيءَ جو حساب وٺندو. ان ڪري هو اڳيون موجون ماڻي ڪونہ سگهندو يا مرڳوئي ايس. ڊي. او هن کان ساري زمين واپس وٺي، پاڻ پنهنجي سر فصل ڪرائيندو.“

هن همراهہ جو اندازو سؤ پئسا صحيح ثابت ٿيو. ڇو تہ جنهن دوست، نيڪ محمد کي ٻن لکن جي ملڪيت واپس ڪرڻ کان نابري واري هئي، ۽ جنهن ڪري ڪورٽ ۾ ڪيس هلي رهيو هو سو اهوئي پريل هو.

(مهراڻ 1974/3ع)

# سي چا چاڻن، دل جي دنيا

هينئر بہ ليٽندي ليٽندي، هو هڪ خوبصورت پئڊ جي پني تي لکي رهيو هو: ”اج پڻ اڪڙين سجڻ پنهنجا ساريا.“ هن جو بيمار پيلو چهرو اندروني اُمنگ ۽ مسرت ڪري مسڪراهٽ سان پرپور هو.

هو مُدي جي تَپ ۾ مبتلا هو. مائٽن هن واسطي اسپتال ۾ خلاصو ڪمرو ورتو هو. ڪيترائي مرد ۽ عورتون واري ڦيري سان هن جي سار سنڀال لهڻ ايندا هئا. هن ڪي هتي ڳچ ڏينهن رهڻو پيو هو. منهنجي هن سان گهرائپ ٿي ويئي، ايتري قدر جو هو مون کي پنهنجا ذاتي معاملا پڻ ٻڌائڻ لڳو.

هڪ ڏينهن چيائين: ”ڊاڪٽر صاحب! توکان سواءِ هڪڙو ٻيو بہ منهنجو ڊاڪٽر آهي، جنهن جا نسخا پڻ باقاعدگيءَ سان مون کي ملندا رهن ٿا. اهو بہ ٻڌايانءِ ٿو تہ هن جا نسخا، تو واري دوا کان وڌيڪ آرام ڏين ٿا.“ ائين چئي، هو مون ڏي مرڪي نهارڻ لڳو. هن جو ڪمزور چهرو خوشيءَ کان ٻهڪي رهيو هو. پوءِ پنهنجي حياتيءَ جو محبوب ترين راز ٻڌايائين.

اهو ڊاڪٽر هو هن جي سوٽِ بصران. هوءَ ڏينهن ۾ ٻہ ٽيرا هن ڏي چٺي لکندي هئي. ان ۾ سدائين ساڳي سٽ هوندي هئي تہ: ”منڙا! تون ڪيئن آهين؟ ڪڏهن گهر موٽندين؟ مان تنهنجي واٽ پيئي نهاريان.“

اهي چِٺيون ادريس جو ياءُ ڪٽي ايندو هو. هن ٻڌايو تہ جنهن ڏينهن کان هو اسپتال ۾ داخل ٿيو هو تنهن ڏينهن کان، بصران باقاعدگيءَ سان اهي پريت پريا پرزا موڪليندي ٿي آئي. هو پاڻ بہ ڪيس جواب لکندو هو. هن بيماريءَ، سچ پچ تہ ادريس لاءِ نئين ۽ نرالي خوشيءَ جو موقعو ميسر ڪيو هو. هن جي پيار جي ٻوٽي کي سڪ ۽ تڙڦ جو ريج ڏنو هو.

بصران بابت ڳالهائيندي ٿڪبو ئي ڪونہ هو. هو بہ هن کي سدائين هڪ ئي سٽَ لکندو هو: ”اج پڻ اڪڙين سَجَڻ پنهنجا ساريا.“

هڪڙي ڏينهن هن وٽ هڪ ڊگهي اڇي ڏاڙهيءَ وارو بزرگ ويٺل ڏٺم. هن جي وڃڻ کان پوءِ پڇيومانس، ”هي ڪير هو؟“

ڪلي جواب ڏنائين: ”حورن جو مڙس!“

”اهو ته سندس شڪل صورت مان ئي پڌرو آهي، پر توسان ڪهڙو ناتو اٿس؟“

پوءِ ادريس پوري تفصيل سان هن جي باري ۾ ٻڌايو:

اهو مولوي، ادريس جي پيءُ جو سوٽ هو. هو ڪو نڙڪو ملو نه هو پر عربيءَ جو وڏو عالم هو. ست حج ڪري چڪو هو. هن جي پرهيزگاري ۽ خدا ترسي تَرَ ۾ مشهور هئي. ڪٽنب جا ياتي، هن جو بيحد احترام ڪندا هئا، ڪنهن کي به مجال نه هئي، جو هن جي حڪم کي اورانگهي. هو نه رڳو سندس مائٽ هو پر روحاني مرشد پڻ. رڳو ادريس ئي اهڙو شخص هو جو هن سان هر معاملي ۾ چڪريون کائيندو هو. ٻئي هڪ ٻئي سان ڏاڍا بحث مباحثا ڪندا هئا. مولوي هن جي آزاد خيالي ۽ ترقي پسنديءَ تي طنز ڪندو هو ته ادريس وري هن جي تنگ نظري ۽ قدامت پرستيءَ تي. هي سائنس ۽ عقليت جو حامي، ته هو وري وهم پرستي ۽ اعتقاد پرستيءَ جو مبلغ. عزيز قريب ادريس جي هن ”بي ادبيءَ“ تي باهه ٿي ويندا هئا.

ادريس چوڻ لڳو ”مان ڪو هن کي ڀروپرو ’حورن جو مڙس‘ ڪونه ٿو ڪوٺيان. اصل ۾ هن کي حورن بابت مسئلن بيان ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هر هڪ بهشتيءَ کي ستر حورن ملڻ وارو مسئلو هو خوشيءَ پرئي لهجي ۾ ۽ چپ چٽيندي، ور ور ڪري پيو ٻڌائيندو آهي ۽ چئن شادين وارا مسئلا هو ڏاڍي تفصيل سان دهرائيندو رهندو آهي. هر ڪچهري، وعظ ۽ خطبي ۾ اهي هن جا وٽندڙ موضوع آهن. خود ڪيس به ٽي زالون آهن.“

هن جي اسپتال ڇڏڻ کان پوءِ به اسين پيا ملندا هئاسين. هو گهٽو ڪري بصران جي پيار ۽ پنهنجي خوشگوار مستقبل جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو ۽ سٿون سٽيندو هو. يا مولويءَ کي دليلبازيءَ ۾ شڪست ڏيڻ جو احوال ٻڌائيندو هو.

ادريس ڪراچي ڪاليج ۾ ويل هجي. هڪ ڏينهن بصران جو پيءُ مون وٽ آيو ۽ چيائين ته ”بصران جي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي، هن کي

هلي ڏسو.“ اهو بہ ٻڌايائين تہ ”دورا ٿا پونس. جن ۾ ڪڏهن ڪلي پئي، ڪڏهن روئي ۽ وڦلي پئي، سارو جسم پيو ڏڪيس ۽ چڙيون پئي هٽي. ماڻهن جو خيال آهي تہ جِن اٿس. تعويذ ڦيڻا بہ گهڻا ئي ڪرايا اٿئون، پر فرق ئي ڪونہ ٿو پئي.“

ظاهر هو تہ بصران ڪي هسٽيريا هئي. پهرين منهنجو ڌيان ان طرف ويو تہ شايد ماڻتن شاديءَ ۾ دير ڪئي آهي، تڏهن ٿا اهي دورا پون: سو اشارو ڏنومان تہ ڇوڪريءَ کي جلد ئي ’شينهن ڪُلهي چاڙهي‘ ڇڏيو. ان تي هن جي پيءُ چيو تہ هن جي پرڻي جون ڳالهيون هلن پيون. مون وري ويچاريو تہ شاديءَ جو ٻڌي، ڇوڪريءَ کي خوامخواهہ جي گهبراهٽ ۽ وهم جاڳيا آهن، جنهن ڪري اهي دورا ٿا پون، نہ تہ گهوٽ تہ هن جو دل گهريو آهي.

پوءِ سگهوئي هن شهر مان منهنجي بدلي ٿي ويئي.

چئن مهينن کان پوءِ ڪراچي وڃڻ ٿيو. رستي ويندي، ڪنهن ڏاڍي حُبَ ۽ گهرائيءَ مان اچي ياڪر پاتو. ڏٺم تہ ادريس هو هو ڏاڍو بدلجي ويو هو. مُدي جي تَپ وقت بہ اهڙو ڏُبرو ڪونہ ٿيو هو جهڙو هاڻي نظر اچي رهيو هو. تپ دوران، ضعيف هوندي بہ هن جي چهري تي سدائين رونق رقص ڪندي رهندي هئي پر غور سان ڏسڻ تي محسوس ٿيم تہ هينئر ادريس اُداس هو. ڇا هو مُدي جي بخار کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ڪنهن بيماريءَ جو شڪار بنيو آهي؟

هن مون کي زياده سوچڻ يا پُڇڻ جي مُهلت ڪانہ ڏني. چيائين: ”ڊاڪٽر صاحب! مون ٻاڻ توسان ملڻ ٿي چاهيو. توکي اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ زندگيءَ جي ميدان ۾ مولوي مون کي مَلهہ ماري ويو.“

مون پڇيومانس: ”اهو وري ڪيئن؟“

جواب ڏنائين: ”بصران جي شادي هن سان ٿي ويئي!“

”هان.....!“ منهنجي وات مان رڙ نڪري ويئي.

ڳالهہ اعتبار جوڳي ڪانہ هئي. مولويءَ جهڙي ديندار ۽ خدا ترس بزرگ اهڙو انڌير ڪيئن ڪيو هوندو؟ پر اها تہ حقيقت هئي. ادريس جو اُداس چهرو ويران نگاهون ۽ مايوس مُرڪ منهنجي سامهون هئا.

”جِنَ“ وارو معاملو بہ هاڻي منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ شاديءَ جو ٻڌي، بصران کي دورا ڇو ٿي پيا.

ادريس چيو ”توکي تہ خبر آهي تہ بصران ۾ مان پاڻ ۾ راضي هئاسين. اسان ٻنهي جي ماءُ پيءُ جي بہ ننڍپڻ کان تمنا هئي. منهنجي وڪالت پاس ڪرڻ کان پوءِ اسان جي شادي ٿيڻي هئي. پر مار پوي ان مولويءَ تي، اوچتو هن کي اچي شوق جاڳيو ۽ پنهنجي ان خبيث خواهش جو اظهار عزيزن سان ڪيائين. هو ڀلا هنن جو مذهبي روح روان ۽ دنيا توڙي آخرت جو سنواريندڙ سو بصران جو پيءُ اها پنهنجي خوشنصيبي سمجهڻ لڳو ۽ منهنجي ماءُ گهوڙا تي بہ ڪن ڪونہ ڏنائين. منهنجي پيءُ ماءُ بہ ان سوال تي منهنجو ساٿ نہ ڏنو.

پوءِ هن مون کي ذري پرزي ٻڌائي تہ ڪيئن هن جي مائٽن، هن جي هن ”مبارڪ رشتي“ جي مخالفت ڪرڻ تي ملامت ڪئي.

مون پڇيومانس ”پوءِ ڀلا تو مولويءَ کي شرمندو ڪونہ ڪيو؟“

جواب ڏنائين: ”يائو! ڳالهہ ئي نہ پڇ. مولويءَ تي مون کي بہ ڏاڍيون باهيون هجن. دل پئي چوي تہ ڪچو کائي ڇڏيانس. هڪ ڏينهن وڃي پڪڙيومانس. نيٺ اهو بہ چيومانس تہ وڏو الله لوڪ بنيو پيو هلين، ڌيءُ جيڏي معصوم ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۾ تنهنجي بزرگي ۽ خدا خوفي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ ان تي اميد جي خلاف، مولوي ڇڙيو اصل ڪونہ. مون تہ سمجهيو ٿي تہ غصي کان پاڳل ٿي پوندو ڇوتہ هن جي شخصيت تي سنئون سڌو حملو ڪيو هوم. مگر هن بزرگاني شفقت سان منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکي ڏاڍي نرمائيءَ سان مرڪي چيو: ”عالمن کان پيچ ٻٽ. مان اهو ڪو گناهہ جو ڪم تہ ڪونہ ٿو ڪريان.“

”ڊاڪٽر صاحب، مان مُڙڻ وارو ڪين آهيان. ان جو بہ اهڙو جواب ڏنومانس جو قبر تائين ڪين وسرندس..... سائين، ڪيئن بہ هجي، پر مولوين کي ڪنهن جي دل جي دنيا لُٽڻ جو حق ڏئي نٿو سگهجي!“

هو ڪي ساعتون سانت ٿي ويو. وري چيائين: ”هاڻي هڪڙي ڳالهہ ڪري اندر ۾ وڍ پيا پون. ڳوٺ وڃڻ حالي تہ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ٻڌان پيو تہ بصران جا هسٽيريا جا دورا، جي شاديءَ کان اڳ شروع ٿيا هئا، سي هاڻي

هيڪاري وڏي ويا آهن. مان تہ سمجهان ٿو تہ وقت آخر منهنجا زخم ميٽي ڇڏيندو پر بصران جو روڳ دائمي آهي. هن جي حياتيءَ جو لمحو لمحو عذاب ۾ گذرندو....."

مون اڄ پهريون ڀيرو هن خوبصورت نوجوان جي معصوم اکڙين مان آنسو وهندي ڏٺا. اهي معصوم اکڙيون اڄ پڻ پنهنجي پرينءَ کي ساري رهيون هيون.

(مهراڻ 1/1975ع)

# اُهي ڏينهن اُهي نينهن

"... هي آواز
اهوئي تہ آهي،
ها، اهوئي تہ آهي،
منهنجي من جون تارون ڇيڙيندڙ
منهنجي دل جي درياهہ ۾ طوفان اٿاريندڙ
پيار ۾ ٻڌل، مون کي پنهنجو ڪوئيندڙ
منهنجي جيءَ جي جوت، منهنجي ساهہ جو سُرندو
منهنجي ڪنن جو ميٺاج، منهنجي روح جي راحت.
جنهن کي سوَن هزارن آوازن ۾ سڃاڻان،
۽ جتي هجي اهو آواز
ڪَن پيو آواز ٻڌن - و ٿ!!
هن جي ٺهڪڙن جو، لڙيون
هن جي سرگوشين ٿنگهرو
ڦهلائيندڙيون هيون ا ۾،
ماکيءَ جهڙيون منڙ ، لهرون.
منهنجي سيني تي رکي مٿو
هن جي مُکَ جي مکڙيءَ مان
ڦٽندڙ جهونگار
ڪندي هئي پيدا
اڻ پيتي جا خمار.
ان آواز ۾ ئي گونجندا هئا،
منهنجي سک جا سنيها،
منهنجي نينهن جا نغما،

منهنجي من چاهيو هو:
اهڙي منڙي آواز جا،
اهڙا سهڻا پڙاڏا،
سانڍي رکان،
سدا حيات بنايان......"

ارباب، پنهنجي سوچن جي سنسار ۾ گم هو. جو وڃندڙ ريڊئي تي "پراڻو چنڊ" پروگرام شروع ٿيو. هن پروگرام کي پيش ڪندڙ ڇوڪريءَ جي آواز بلند ٿيڻ سان، ارباب جا ڪن هڪدم کڙا ٿي ويا. هيءَ آواز ته چنبيليءَ جو هو. جنهن بابت هينئر به سوچي رهيو هو ۽ جا اڪثر هن جي سوچن جو محور هوندي هئي.

هو هن آواز جي لهرن ۾ لُڙهڻ لڳو. ريڊئي کي ڇاتيءَ سان لڳائي، ان کي ڀاڪر پاتائين. "منهنجي چنبيلي!" هن جي وات مان نڪتو. هن جي نيڻن مان لڙڪن جون لارون وهي، ڳلن تان ٿينديون، وهاڻي کي آلو ڪرڻ لڳيون.

هن کي ڀڙين ڀڙين هن جي شڪل مست ڪيو هو يا هن جي آواز؟

هڪڙي ڏينهن، هوءَ ڪاليج جي هڪڙي جشن ۾ اسٽيج تي ڳائڻ آئي ته هن چنبيليءَ کي پهريون ڀيرو ڏٺو ۽ ڏسڻ سان ئي هن کي اهڙي وٺي، جو ڪا مهل ته هن مان نظرون ئي ڪونه ڪڍيائين. ڇڻ نظرون ڪوئر سان هن ۾ چنبڙي پيون هئس.

جڏهن وري هن ڳائڻ شروع ڪيو تڏهن هن جو آواز اهڙو ڇِٽو رس ڀريو سهڻو ۽ سريلو محسوس ٿيس، جو الائي ڇو اعتبار نه ڪري سگهيو ته اهو آواز انهن چپن مان نڪري رهيو آهي. ايتري قدر جو اتي، اسٽيج جي ويجهو وڃي پڪ ڪيائين ته هوءَ ئي ڳائي رهي آهي.

رنگ مشڪي، اجا به سانورو پر نڪ- نقشا ۽ مُنهن- مُهاندا اهڙا دلڪش، جسم اهڙو جوان ۽ ڀرپور ۽ لوڏ ڪوڏ اهڙي وٺندڙ جو هزارن ڀورين ڇوڪرين ۾ به نظر وجهو هن تي کُپي ۽ اتان ڇُرڻ جو نالو ئي نه وٺي. آواز اهڙو سريلو ۽ سوز وارو. جو ٻڌندڙ جهومڻ لڳندا هئا. هن جي جسم کان وڌيڪ، هن جي آواز جا چاهيندڙ هئا.

هن جي آواز ۾ سُر، سوز ۽ ميناج ان وقت کان اچا به وڌي ويو جنهن وقت کان هوءَ ارباب سان نينهن جي ناتي ۾ ڳنڍجي وئي.

پيار به سيلاب وانگر آهي. ان کي روڪي نٿو سگهجي. اهو رڪاوٽون پاش پاش ڪندو وڃي، بند ٽوڙيندو وڃي، تباهيون ڪندو وڃي.

سماجي بندشون غير مناسب، غير سياويڪ ۽ غير فطري سهي، پر انهن جي ٽوڙڻ لاءِ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي.

اها پڪ آهي منهنجي جيون جي ٽيڪ،
اهو يقين حياتيءَ جو سهارو،
اهو ڀروسو بخشي ٿو
جياپي لاءِ جاکوڙ جو اُتساهه.
اهڙو محبت جو اطمينان،
بنائي ٿو زندگي رهڻ لائق.
هن جي محبت جي خاطري ـــ
هو آهي منهنجي اونداهي دنيا جو چمڪندڙ چنڊ،
چوڏهينءَ جو چنڊ، پورو چنڊ، پراٽو چنڊ.

ارباب جو وڏو ڀاءُ مري ويو ته مرهيات جي رنڙ زال واسطي سوچيو ويو ته گهر ۾ ٻيو ته ڇوڪرو ڪونهي، فقط ارباب ئي آهي. هو ان وقت ساماٽل به ڪونه هو ۽ هن جي اها ڪنوار هن کان ڄمار ۾ ڏهه سال وڏي هئي، پر تنهن هوندي به هن کي شاديءَ جي صليب تي چاڙهيو ويو.

ارباب ڪڏهن ويچاريندو هو:

”مان ائين ڪونه ٿو چوان ته منهنجي اهڙي اڻ ٺهڪندڙ شادي نه ٿئي ها ته چنبيليءَ سان پريت جو ٻيج ڪونه ٻڌجي ها. چنبيلي ته اڻ پرڻيل هئي، پوءِ به هن جو مون پرڻيل سان پيار ٿي ويو. مان ائين به ڪونه ٿو چئي سگهان ته جي منهنجي چنبيليءَ سان شادي ٿئي ها ته به اسان جو پيار سدائين قائم رهي ها. پر هينئر اسان جو پيار جيئن جو تيئن قائم آهي. ڇون تا ته بندشون ۽ پابنديون عشق کي جٽادار ۽ اونهو بنائينديون آهن، پر ان واسطي ڪيڏي نه قيمت ادا ڪرڻي ٿي پوي. ڪيترين اميدن، خواهشن، خوشين، امنگن ۽ آشائن جو خون ٿئي ٿو. پاٽيءَ هوندي پياسو

رهڻو پوي ٿو. حياتيءَ جا ڪيترا لمحا زهر بنجي وڃن ٿا. هجڻ ائين گهرجي تہ بہ پيار ڪندڙ پوءِ ڇڙا هجن يا پرڙيل, جيستائين هڪ ٻئي سان نباهي سگهن, هنن تي ڪا روڪ ٽوڪ مڙهيل نہ هجي....."

ارباب, چنبيليءَ کي اچڻ کان سخت لفظن ۾ منع ڪئي هئي, تڏهن بہ هن جي دل چاهيندي رهي تہ هوءَ سندس منع جي باوجود هن وٽ هلي اچي. هو هن جي واٽ ڏسندو رهيو هو. هو هن لاءِ هر وقت واجهائيندو رهيو هو. جڏهن ڪا آهٽ ٿيندي هئي, جڏهن در تي ٺڪڙڪو ٿيندو هو يا ٻنيي وٽ ڪنهن رڪشا جي بيهڻ جو آواز ٿيندو هو تہ هن جي من ۾ اميد جاڳندي هئي, آس اپرندي هئس, چاهنا پيدا ٿيندي هئس تہ شل چنبيلي هجي. پر هر ڀيري مايوسيءَ جو مُنهن ڏسڻو پوندو هوس.

هو هاڻي چڱو وڏو آفيسر ٿي ويو هو. رهڻ لاءِ هڪ تمام سهڻو گهر ورتو هئائين. هو هتي اڪيلو رهندو هو. هن جي مائٽن, هن جي زال کي, هن سان گڏ شهر ڏانهن موڪلڻ ۽ رهڻ جي اجازت نہ ڏني هئي. اهو سندن خانداني روايتن جي خلاف هو تہ ڪا ڇوڪري گهر کان ٻاهر نڪري يا وڏن جي نظرداريءَ کان سواءِ وڃي شهر ۾ رهي.

آهستي آهستي ڪري هن گهر لاءِ گهڻو ئي خوبصورت سامان ورتو هو ۽ گهر کي سينگاريو هو. هو جڏهن بہ ڪا شيءِ وٺندو هو تڏهن اهو خيال ضرور رکندو هو تہ چنبيليءَ کي اها چيز ڪهڙي ڍنگ يا ڪهڙي رنگ واري پسند ايندي آهي. بعضي تہ هن کي ائين لڳندو هو ڄڻ تہ دڪان تي چنبيلي ساڻس گڏ بيٺي آهي ۽ اشاري سان پنهنجي پسند ٻڌائي رهي آهي. مثال طور هن پردا انهيءَ رنگ وارا خريد ڪيا, جو رنگ چنبيليءَ کي بيحد پسند ايندو هو.

هر شئي خريد ڪرڻ ۽ ڪمري ۾ سينگارڻ وقت, هن جي ذهن ۾ سدائين اهو ويچار اپرندو هو تہ چنبيلي هيءَ شئي ڏسندي تہ ڪيڏو نہ خوش ٿيندي ۽ ان ڪري هن جي پنهنجي خوشي بہ ٻيڻي ٽيڻي ٿي ويندي. ڪوبہ ماڻهو اڪيلو مڪمل طرح خوشي ماڻي نٿو سگهي. خوشي, تڪميل تي تڏهن ٿي پهچي, جڏهن ان خوشيءَ ۾ ڪو ٻيو يا ڪي ٻيا شامل ٿين ٿا. جي اهو شامل ٿيندڙ پنهنجو پرين آهي, پنهنجو محبوب آهي تہ پوءِ تہ ان خوشيءَ کي چار چنڊ لڳيو وڃن.

ارباب کي به اميد هئي ته چنبيلي ڪڏهن نه ڪڏهن هن گهر ۾ ضرور ايندي. پوءِ هو هن کي هڪ هڪ چيز ڏيکاري، هن کي خوش ٿيندي ڏسندو ۽ هن سان گڏ خوشين جا خزانا لٽيندو.

هي آهي ريفريجريٽر، جنهن ۾ هو سدائين اهو شربت موجود رکندو آهي، جو چنبيليءَ کي پسند هو. چنبيليءَ کي رس گلا ڏاڍا وڻندا هئا. هو اهي سدائين وٽي رکندو آهي. ڪهڙي خبر هوءَ ڪهڙي وقت اچي وڃي!

هي اهوئي پراڻو ريڊيو آهي، جنهن تي هو ٻئي گڏجي راڳ ٻڌندا هئا ۽ گڏ جهومندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان اکيون ملائي مرڪندا هئا.

هي آهي رڪارڊ پليئر. ان جي رڪارڊن ۾ اهي سڀ رڪارڊ موجود رکيا اٿائين، جي چنبيليءَ کي پسند ايندا هئا.

هي آهي ٽيپ رڪارڊر، جنهن جي ٽيپن تي چنبيليءَ جا اهي سڀ ڳايل راڳ ۽ گيت ڀريل آهن، جي هن، هن وٽ اڪيلائيءَ ۾ يا ڪاليج جي محفلن ۾ ڳايا هئا.

هي آهي اهو ڪٻٽ، جنهن ۾ چنبيليءَ جي هڪ هڪ چيز سانڍي رکي اٿائين. هن جي خطن جو هڪ خوبصورت فائيل ٺاهيو اٿائين. هن جي تصويرن جو به هڪ سهڻي ۾ سهڻو البم بنايو اٿس. هن جون ڏنل سڪ جون سوکڙيون: ڪتاب، عيد ڪارڊ، عطر جون شيشيون، ٽايون، رومال، پنهنجي هٿ جون ڀريل چادرون، وهاڻن جون ڇئون ۽ ميزپوش. هن انهن گلاب جي گلن جون سڪل پنکڙيون، پلاسٽڪ جي شفاف دٻليءَ ۾ سانڍي رکيون هيون، جي گل چوڏهن پندرهن سال اڳ، چنبيليءَ هن کي پيار مان پيش ڪيا هئا.

هيڏانهن هي سوڙهو پلنگ آهي، جنهن بابت چنبيليءَ سان اڪثر مذاق ڪندو هو.

هو انهن شين کي ڏسي سوچيندو هو ته جڏهن چنبيلي ايندي، تڏهن اهي شيون ڏيکاري چوندوسانس ته ڏس تنهنجي لاءِ منهنجو پيار اڄ به تازو آهي.

هو سوچيندو هو.... ۽ هي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرا! هوءَ ايندي ته/ان جي ٿڌڙي ٿڌڙي ماحول ۽ سوڙهي پلنگ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ، پهرن جا پهر، قرب جي ڪچهري ڪنداسين.

هو جڏهن بزار ويندو هو يا سوات يا ڪوئيٽا طرف گهمڻ ويندو هو تڏهن اتي دڪانن تي ڪابہ سهڻي ۽ نئين نموني جي سوکڙي ڏيڻ جهڙي شئي ڏسندو هو تہ هن جي دل چاهيندي هئي تہ هو اها پنهنجي چنبيليءَ واسطي وٺي. هوءَ اها ڏسي ڪيترو نہ خوش ٿيندي ۽ هن کي خوش ڏسي، ڪيس بہ دنيا جون مڙئي خوشيون حاصل ٿي وينديون.

شين خريد ڪرڻ وقت بہ هن کي عجيب راحت ۽ تسڪين حاصل ٿيندي هئي.

انهيءَ اُمنگ ۽ شوق هيٺ، هن چنبيليءَ لاءِ ڪوڙ سوکڙيون ورتيون هيون: ننيڙڙو پتڪڙو ريڊيو ولايتي ڪپڙا، ولايتي سئيٽر، خوبصورت واچ، عطر، ڪيترائي پرس، ڪنن جا پنڙا، موتين جا هار، مُنڊيون، سُرها سُرها ولايتي صابڻ. انهن مان ڪي شيون تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني، هن کي پهچائي بہ سگهيو هو پر گهڻيون شيون اجا ڪبٽ اندر هن جو انتظار ڪري رهيو هيون.... ڪڏهن تہ هوءَ هن گهر ۾ ايندي.... پوءِ روبرو اهي شيون ڏئي هن کي خوش ٿيندو ڏسي، هو پاڻ پڻ خوشيءَ جي آسمان تي اڏامندو!

اهي شيون ڏسي، هو تصور ئي تصور ۾ سوچيندو هو تہ جڏهن منهنجي منڙي اڱڻ ايندي، تڏهن مان هن کي واچ هن طرح ٻانهن ۾ ٻڌندس، پنڙا ڪنن ۾ هيئن پائيندس، ڳچيءَ ۾ هار هيڙيءَ ريت پهرائيندس ۽ هن جي نزاڪتدار آڱرين ۾ مُنڊيون هن ترتيب سان وجهندس.

وري اتي ئي ويچار ايندو هوس تہ هن کي هتي اچڻ نہ گهرجي، مان هن کي هتي اچڻ نہ ڏيندس. اهو ڪم جوکائتو آهي. مان ڏسي وائسي هن جو نهيل گهر ڦٽائڻ نٿو چاهيان.....! ۽ پوءِ هو مايوسين جي ماڙين ۾ پٽڪڻ لڳندو هو. پوءِ هو اهي شيون ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان چنبيليءَ کي پهچائڻ جون ترڪيبون سوچيندو هو.

هاڻي بہ جڏهن هو نئون وڳو نئين ٽاءِ، نئين واچ يا نئون بوٽ پهريون ڀيرو پائيندو هو تڏهن هن جي دل مان درد ڀري آهہ ۽ ڇپن مان ٿڌو شوڪارو نڪري ويندو هو.

چنبيلي ۽ ارباب جي اها عادت ٿي وئي هئي تہ جڏهن بہ هو پنهنجي بدن تي ڪا شئي پهريون ڀيرو پائيندا هئا، تڏهن ان ڏينهن

ڪنهن نہ ڪنهن نموني هو هڪ ٻئي سان ملندا هئا ۽ اها شئي هڪ ٻئي کي ڏيکاري، هڪ ٻئي کان پسند ڪرائيندا هئا ۽ ان بابت هڪ ٻئي جا رايا وٺندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. جي خلاصي ملاقات جو وجهہ نہ ملندو هون، تہ ڪلاس ۾ يا ڪاليج ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ريت هڪ ٻئي جي آڏو اچي، ان شئي يا ڪپڙي طرف اشارن سان، هڪ ٻئي جو ڌيان ڇڪائيندا هئا.

ڪيڏانهن ويا اهي ڏينهڙا؟

ڪٿي ڳوليان اهي لمحا؟

هاڻي تہ جذبن جو دم گهٽي گهٽي، انهن امنگن کي دفن ڪري ڪري، سارو سرير قبرستان بڻجندو وڃي!

ارباب چنبيليءَ جي باري ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سڌ سماءُ رکندو هو. هنن جي گهرو حالت ڪهڙي آهي، هن جي ڇڳيلائيءَ جي خبرچار پارن جو ڇمڻ وغيره.

هن کي خبر هئي تہ ڇهہ مهينا اڳ هن جي مڙس کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو ۽ هو بيروزگار هو. پر اها ڄاڻ ڪانہ پيئي هئس تہ مالي مجبورين ڪري، چنبيليءَ تازو ئي ريڊيي ۾ انائونسر جي نوڪري ڪئي هئي.

اڄ اوچتو ئي ريڊيي تي هن جو آواز اڀريو هو.

چنبيلي چئي رهي هئي:

”هن پروگرام ۾ گيتن سان گڏ، حياتيءَ جي ڪنهن روشن رخ تي لطيفا، ٽوٽڪا ۽ واقعا ٻڌايا ويندا آهن. اڄ توهان کي پيار ڪندڙن جا ڪجهہ ٽوٽڪا ٻڌائيبا. پر پهرين لطيف سائينءَ جو هي رڪارڊ ٻڌو.“

(پوءِ اهو راڳ شروع ٿيو.)

اڱڻ آيام پيهي، يا الا، مون سارينديُن سپرين،
مُشڪ عطر مون پرين، سڪيس ڇمار سيپئي، يا الا.....
تَنُ جنين جو طالبو روح تنين سي ريهي، يا الا.....
ساجن سندي سونهن جي، آءُ ڳالهہ ڪريان ڪيهي؟ يا الا.....
ٿيو لطف، ’لطيف‘ چئي، دوست آيو در پيهي، يا الا.....

”ها، تہ هاڻي ٻڌو پيار ڪندڙن جو هڪڙو ٽوٽڪو: هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو پاڻ ۾ ڏاڍو پيار هو. ٻئي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. ڇوڪرو هاسٽل ۾ رهندو هو ۽ ڇوڪري پنهنجي گهر ۾. ڇوڪري، ڇوڪري کي سدائين پئي چوندي هئي تہ مون کي ڪو پنهنجو ڪم ٻڌاءِ، مون کي تنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي ٿي ٿئي. ڇوڪري کي ٻيو ڪم تہ ڪونہ سُجهندو هو باقي پنهنجا ڪپڙا، ڇڳل ٻيڙيون ٽاڪڻ، ادڙيل بکيا سبڻ، ڇتيون هٽڻ ۽ ٻي مرمت ڪرڻ لاءِ پيو هن کي ڏيندو هو. ڇوڪري اهي پنهنجي گهر کڻي ويندي هئي ۽ گهربل مرمت ڪري هن کي آڻي ڏيندي هئي.

هڪ لڳا، هو ٻہ ٽي ڪپڙا اخبار ۾ ويڙهي، کڻي آيو. هي ڪپڙا ڪافي ميرا هئا. ڇوڪري جو خيال هو تہ مرمت ڪرائڻ کان پوءِ ڌوٻيءَ کي ڏيندو. ڇوڪريءَ کان تہ حجاب ڪونہ هوس، پر خيال آيس تہ متان هن جي گهر وارا ڇوڪريءَ کي ٽوڪين تہ ههڙا ميرا ڪپڙا ڪنهن جا آهن. ان خيال کان ڪپڙن ڏيڻ وقت وڏيل هٿ کڻي پوئتي هٽايائين.

ڇوڪريءَ عجب مان پڇيو: ”ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”حجاب ٿو ٿئم.“

”آخر هي نئون حجاب ڇا لاءِ؟“

”ڪپڙا تمام ميرا آهن.“

”مون کي ٻيو ڇا گهرجي!“ ائين چوندي، ڇوڪريءَ جو منهن سچ پچ ٻهڪڻ لڳو.

”مون نہ سمجهيو.“ ڇوڪري چيو.

خبر اٿو ان تي ڇوڪريءَ ڪهڙو جواب ڏنو؟ جواب ڏنائين:

”پوءِ تہ انهن ڪپڙن ۾ تنهنجي بدن جو ڏاڍو سڳنڌ هوندو جو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي، ڏاڍو پيارو لڳندو آهي.“

ارباب جا تاڪَ لڳي ويا. هو بت بڻيو ٻڌندو رهيو. چنبيليءَ جو لفظ لفظ هن جي دل ۾ چڀندو ۽ مٺڙو درد پيدا ڪندو رهيو. هوءَ پنهنجي ۽ هن جي محبت جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. اهو ڪپڙن وارو واقعو اها گفتگو هنن جي حياتيءَ جي حقيقت هئي. جيڪو رڪارڊ هن ٻڌايو هو

سو پڻ ارباب جي پسند جو هو ۽ هن جي ئي چوڻ تي، چنبيلي هن جي سيني تي مٿو رکي، اڪثر هن کي ڳائي ٻڌائيندي هئي.

هن وقت ارباب جو ذرو ذرو ۽ هن جو لڱ لڱ ڄڻ ڪن بڻجي چڪو هو. ريڊئي جي آواز کان سواءِ هن واسطي هر شئي جو وجود ختم ٿي چڪو هو. هن کي اهو به هوش نه رهيو هو ته هن جي نيڻن مان ڳوڙهن جو مهراڻ جاري آهي.

هوءَ هن جي ۽ پنهنجي پريت جون گذريل ڪهاڻيون ئي ٻڌائيندي رهي. هن جيڪي رڪارڊ ٻڌايا، سي سڀ ارباب جي پسند جا هئا.

هينئر جيڪو رڪارڊ وڄي رهيو هو، سو هي هو:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رئان تان نه رهن،
آءُ جهلينديس ڪيترو آيل! ساموندين،
پڳهه چوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

وري چنبيليءَ جو آواز بلند ٿيو:

”ٻن پريمين هڪڙي ڪمري ۾، هڪ ئي ڪوچ تي ويٺي، قرب جي ڪچهري ڪئي.

ڳالهيون ٻولهيون ڪندي، هو ڪنهن ڳالهه تي هڪ ٻئي سان ڪاوڙجي پيا. ڇوڪري رُسي اتان اٿي سامهون پرڀرو پيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي. ڇوڪري ٻه- ٽي دفعا ڇوڪريءَ کي چيو ته واپس اچي منهنجي ڀرسان ويهه. پر ڇوڪري نه آئي.

ڳچ مهل ٻيئي ماٺ ۾ رهيا.

پوءِ ڇوڪري هلڪو ٺهڪ ڏنو. ڇوڪري رٺل رهي ۽ منهن مٿي ڪونه کنيائين ۽ نه هن ڏي نهاريائين.

ان تي ڇوڪري چوڻ شروع ڪيو: ”تون جواب ڏين نه ڏين، پر هينئر مون کي ذهن ۾ هڪ دلچسپ خيال آيو آهي، اهو ٻڌايان ٿو.... جڏهن اسان ٻنهي جي شادي ٿي ويندي، تڏهن مان، اسان ٻنهي واري ڪمري ۾ ٻيو ڪوبه فرنيچر يعني ڪرسيون يا ڪوچ نه رکرائيندس. اتي فقط هڪڙو پلنگ هوندو اهو به تمام سوڙهو هوندو. يعني رڳو ٽي فوٽ ويڪرو. اهو ان لاءِ ته جي تون

مون سان رُسين ۽ مون کان پري ٿيڻ چاهين، ته بہ پري ٿي نہ سگهين. منهن کٽي ٻئي پاسي ڪندينءَ، پر جسم تہ جسم سان لڳل هوندو.“

پوءِ وري هي بيت وڄڻ لڳو:

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکين،
اجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين!

راڳ پوري ٿيڻ کان پوءِ، چنبيليءَ جو آواز آيو:

ٻن پريمين جي گفتگو ٻڌو:

ڇوڪرو ٿو چوي: ”اڄ هڪ راز جي ڳالهہ ٿو ٻڌايانءِ. لفافو اڪثر پڪ سان بند ڪيو ويندو آهي. پر توڏانهن خط موڪلڻ وقت مون کي خيال ايندو آهي تہ پنهنجي پرينءَ ڏي لکيل خط کي پڪ ڪيئن لڳايان. ان ڪري پاڻيءَ سان آلو ڪري بند ڪندو آهيان.“

ڇوڪريءَ جي وات مان رڙ نڪري ٿي: ”اڙي...!“

ڇوڪرو حيرت مان ٿو پڇي: ”ڇو ڇو ڇا آهي؟“

ڇوڪري ٿي جواب ڏي: ”مان وري سمجهندي آهيان تہ تو وٽان آيل لفافي تي تنهنجي ’لعاب‘ لڳل آهي. ان ڪري لفافو رواجي طرح کولڻ واري هنڌان نہ کوليندي آهيان، پر پاسي کان ڦاڙي کوليندي آهيان. مان نہ رڳو تنهنجا خط رکندي ويندي آهيان، پر تو وارا لفافا بہ سانڍيندي ويندي آهيان، جو مان سمجهيندي آهيان تہ انهن کي تنهنجي ’لعاب‘ لڳل آهي ۽ منهنجي لاءِ پيرن مرشدن جي لعاب وانگر، محبوب جي لعاب پڻ ’پاڪ چيز‘ آهي.“

اهي هيون ڪجهہ پريمين جون ڪجهہ پريم ڪهاڻيون. هاڻي اڄوڪي پروگرام جو آخري ايٽم ٻڌو:

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اڇل،
نہ ڪا ڇهل نہ پل، سڀ ڪو پسي پرينءَ کي.

—

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سڀ ڪو پسي پرينءَ کي.

پروگرام پوري ٿيڻ جو اعلان ڪري، جڏهن چنبيليءَ چيو. ”الهہ

واهي!“ تڏهن ارباب جڻ سپني مان سجاڳ ٿيو. ان وقت هن جون نه رڳو اکيون آليون هيون، پر پورو جسم پگهر ۾ پُسي چڪو هوس.

هو ريڊيو بند ڪري ٿو ۽ ڪو وقت ائين پيو رهي ٿو. هن جي من ۾ ناپر اچي ٿي، هو دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿو:

ها، هوءَ پڻ ياد ڪري ٿي،
اهي ڏينهن، اهي نينهن،
ماضيءَ جا محبت پريا لمحا.
پيار جي انهن يادين کي،
سمجهي ٿي جيون جو سرمايو.
مان به ته ائين ڪريان پيو
مان به ته ائين ڪندو آهيان.
پر هاڻي ته مرڻ تائين،
ارمان ئي ارمان رهندا،
حسرتون ئي حسرتون رهنديون؛
۽ نصيب ٿينديون:
نا اميديون، نراسايون، ناڪاميون،
ٽٽل دل،
ٽٽل رهندي.
پوءِ به پراڻين يادگيرين تي، راضي رهڻ،
حال ۾ ڪجهه به نه ڪرڻ،
يا ڪجهه به نه ڪري سگهڻ،
ڪوڙو آٿت،
ٻاراڻي تسلي،
زوريءَ،
خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهڻ جي ڪوشش،
احمقن جي جنت!
يا بيوسيءَ جي انتها!

(مهراڻ 1975/4ع)

# ڪنول

ڪنول، هن گهر ڪي پنهنجو سمجهي پيئي ايندي ويندي هئي. اڄ در کڙڪايائين تہ ظفر اچي کوليو. هوءَ اندر گهڙي، ڪوٺيءَ ۾ وڃي ڪوچ تي ويٺي، ظفر بہ اچي سندس پرسان ويٺو.

ظفر، ڪنول جي پريمي نثار سان گڏ هن جاءِ ۾ رهندو هو. هوءَ هن کان پڻ واقف هئي.

ٻنهي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو ۽ ڪجهہ رسمي ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون.

پوءِ ڪنول هيڏانهن هوڏانهن نهاري پڇيو:

"نثار ڪٿي آهي؟"

"مان جو ويٺو آهيان؟" ظفر، شرارت آميز لهجي ۾ وراڻيو.

ڪنول کِلي ڏنو. هن جو کِلڻ سُريلو هو.

"سو تہ مان ڏسان ويٺي، پر نثار جو ٿي پڇان. ٻئي ڪمري ۾ آهي يا وهنجڻ جي جاءِ ۾؟"

"هو گهر ۾ آهي ئي ڪونہ."

"گهر ۾ آهي ئي ڪونہ!"

"نہ رڳو گهر ۾ ڪونهي، پر هن شهر ۾ ئي ڪونهي."

"پر هن مون کي هن وقت اچڻ جو پروگرام ڏنو هو. پوءِ پاڻ ڪيڏانهن ويو؟"

"اها منهنجي قسمت ڇٽبي جو توکي ٿائيم ڏيڻ کان پوءِ، هن کي ڪا ضروري تار اچي ويئي ۽ توکي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ، هن کي تڙ تڪڙ ۾ ٻئي شهر ڏانهن وڃڻو پيو جو هتان کان بہ سؤ ميل پري آهي ۽ جتي هن کي ٽي- چار ڏينهن رهڻو پوندو. اڄ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ آهي."

”چڏ چرچا، ٻڌاءِ تہ ڪهڙي تار آئي هئس؟“

”مان چرچا ڪونہ ٿو ڪريان. مان ٻن سالن کان وٺي اڄ جهڙي نويڪلائيءَ جي وجهہ جي تاڙ ۾ رهيو آهيان. تون ٻن سالن کان هن گهر ۾ ايندي رهي آهين ۽ مان پري کان ئي تنهنجي شباب جي شربت پيئڻ لاءِ تڙڦندو رهيو آهيان.“

”چڱو چڏ هاڻي مسخري، مون کي گهڻو نہ ستاءِ.“

”مان سچ ٿو چوان تہ تنهنجي جاڙن پرن جي ترارين مون کي زخمي پئي ڪيو آهي. تنهنجي وڏين وڏين، ڪارين ڪارين اکڙين جي چشمن مان مون آب حيات جون چسڪون پرڻ چاهيو آهي. تنهنجي موتيءَ جهڙن ڏندن، تنهنجي گلابي چپن، تنهنجي گوري بدن، تنهنجي ڀرپور جوانيءَ تي پنهنجي جند جان گهورڻ جي تمنا پئي ڪئي اٿم.“

”اهي فلمي ڊائلاگ ڪڏهن کان سکيا اٿئي؟“

”اهي فلمي ڊائلاگ نہ آهن، اها منهنجي دل جي پڪار آهي ۽ مان توکي حاصل ڪري رهندس.“

ڪنول هلڪو چرڪ ڀريو هن ظفر ڏانهن نهاريو. جن نگاهن لاءِ هن سدائين سمجهيو هو تہ انهن ۾ هن لاءِ عزت آهي، اڄ انهن نگاهن ۾ هن کي هوس جو نانگ ڪر کڻندي نظر آيو.

”توکي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ نٿيون جڳائين. مان وڃان ٿي.“

ائين چئي، هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ دروازي ڏانهن وڌي. ظفر بہ ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هن جي سامهون بيهي رستي روڪ ڪري بيٺو.

”اڄ مان توکي ايستائين وڃڻ نہ ڏيندس، جيستائين مون پنهنجي پياس نہ ٻجهائي آهي. مون ههڙي موقعي لاءِ ڪافي انتظار ڪيو آهي. مان هي موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندس، چاهي مون کي زبردستي ئي ڇونہ ڪرڻي پوي.“

”مان چوان ٿي مون کي وڃڻ ڏي، نہ تہ مان رڙيون ڪري شور مچائيندس.“

”جي تون گوڙ يا گڙٻڙ ڪندينءَ ۽ منهنجو چيو نہ مڃيندينءَ تہ مان سڀ ڪجهہ تنهنجي پيءُ- ماءُ ۽ ڀين ماڻتن کي ٻڌائيندس تہ ڪيئن تون ڪارو منهن پيئي ڪرائيندي رهي آهين.“

ڪنول روئڻ لڳي. هن جي پٽن مان ڳوڙهن جا درياءَ وهي نڪتا.

”خدا جي واسطي مون کي وڃڻ ڏي.“

”مان اهڙو بيوقوف ڪونہ آهيان، جو هٿ ۾ آيل پکي ڇڏي ڏيان.“

هوءَ روئندي رهي ۽ ڪي پلڪون هن جي وات مان ڪو اکر اڪلي نہ سگهيو. هوءَ بہ ٿي وکون هٽي، هن کان پري ٿي بيٺي.

”توکي پنهنجي دوست سان دغا ڪرڻ، اڪيلي ۽ بيوس ڇوڪريءَ جي مجبوريءَ مان فائدي وٺڻ ۾ شرم نٿو اچي.“

”تون ڪو منهنجي دوست جي نڪاح ٻڌل زال ڪونہ آهين، ۽ نہ وري پاڪدامن آهين. تو جهڙي آواره سان آوارگي ڪرڻ ۾ شرم ڇاجو؟“

”تنهنجو ڪنهن سان پيار هجي ها تہ ڪڏهن بہ اهڙا لفظ ڪونہ چئين ها.“

”مان اجايو بحث ڪري وقت وڃائڻ نٿو چاهيان.“ ائين چئي، سَٽ ڏيئي، اچي هن کي ٻڪ وڌائين.

ڪنول ڦٿڪندي، لُڇندي ۽ تڙپندي رهي. هن جو انگ انگ احتجاج ڪندو رهيو. زبان سان آزيون نيزاريون ڪيائين. البت واڪا ڪونہ ڪيائين، شور ڪونہ مچاياائين.

ظفر کي رحم ڪونہ پيو هو ڪونہ مُڙيو.

اهائي ڪَٽ، جا ڪنول واسطي سدائين گلن جي سيج ٿي پوندي هئي، سا اڄ هن لاءِ ڪنڊن جي سيج بڻجي پئي.

ان کان پوءِ بہ ظفر، ڪنول کي لڪ ڇپ ۾ ملڻ لاءِ مجبور ڪندو رهيو.

نثار تہ هن کي دل سان چاهيندو هو ان ڪري ڪنول جي زندگي، مستقبل ۽ عزت جو پورو پورو اونو رکندو هو. هو پوري ذميواريءَ کان ڪم وٺندو هو پر ظفر تہ ڪنول کي وقتي عيش جو وسيلو سمجهي پئي استعمال ڪيو. هن کي ڪنول جي شخصيت لاءِ ڪو احساس ڪونہ هو. هو بيپرواهہ رهيو. نتيجو اهو ٿيو جو جلد ئي هن جا ڏينهن چڙهي ويا.

ڪنول سمجهو ڇوڪري هئي. هوءَ سڀ ڪجهہ سمجهي وئي ۽ ڏاڍو پريشان ٿي. هاڻي هوءَ ڪنهن سان پنهنجو سور سلي؟ هن کي خبر هئي تہ نثار کي هيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ معنيٰ هن کي صدمو پهچائڻ. تنهن کان

سواءِ هن کي شڪ پئجي سگهيو تي ۽ هن، هن جي نظرن ۾ ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. ماءُ کي بہ سلڻ جي همت نہ ٿيس. نيٺ ظفر کي چيائين تہ هيءَ باهہ تنهنجي ٻاريل آهي، ڪو بلو ڪر. پر ظفر تہ مرڳوئي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس. چيءِ: "سالن کان يار تنهنجو نثار هن جي ڏنل مصيبت مون تي ٿي تڦين ۽ مون کي ٿي بليڪ ميل ڪرين."

هن، هن جي ڪنهن بہ قسم جي مدد ڪرڻ کان نابري واري. ڪنول رُئندي، آب وهائيندي رهي.

انهيءَ فڪر ۽ پريشانيءَ ۾ مهينو لنگهي ويس. هوءَ اندر ئي اندر ۾ جُهرندي ۽ پڇرندي رهي. ٻئي مهيني جا ڏينهن بہ چڙهي ويس. آخر ماءُ سان ٻڙڪ ٻوليائين. ماءُ برو ڀلو چيس، ٿُڪ ٻُجو ڪيائينس، پٽ پاراتا ڏنائينس.

ڪنول رُئندي رهي.

نيٺ ماءُ مڃيو تہ ان پاپ لڪائڻ ۽ خاندان جي عزت بچائڻ خاطر، ڪونہ ڪو بلو ڪرڻو پوندو.

ماءُ، ڌي کي ڪي گهرو گرم ڦڪيون ڦڪايون ۽ ڪاڙها پياريا. ڪو ڪرتيل ڪونہ نڪتو.

هن کي ڪي دايون سُجهيون ٿي، جي ان ڪم جون ماهر سمجهيون وينديون هيون. پر خيال ڪيائين تہ هنن رنن جي پيٽ ۾ ڪا ڳالهہ ماپندي ڪانہ ۽ گهر گهر پڙهو ڏينديون وتنديون يا شايد ان خيال کان بہ انهن جي ور چڙهڻ نہ چاهيائين، جو ڪي واقعا اهڙا ٻڌا هئائين، جن ۾ ٻار ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ ڪنوارين کي حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا، يا ڪن خرابين ٿيڻ ڪري عمر لاءِ روڳي بنجي ويون.

هن کي شهر ۾ هڪڙو ڊاڪٽر سُجهيو ٿي، جنهن وٽ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو يا ٻارن جو علاج ڪرائڻ ويندي هئي. هن کي هو ڪافي همدرد انسان نظر ايندو هو ۽ اميد جاڳيس تہ هو هن جي هن مشڪل ۾ واهر ڪندو.

ماءُ ڊاڪٽر جي پرسان ويهي، سُس پُس ۾ پنهنجي مدعا ٻڌائي؛ ۽ آزي نيزاري ڪيائين تہ هاڻي هنن جي عزت سندس هٿ ۾ آهي. خدا جي واسطي سندن مدد ڪري.

ڊاڪٽر جون نظرون بار بار ڪنول طرف کڄي ٿي ويون. هوءَ نوجوان، مَن موهڻي ۽ ڏاڍي سهڻي هئي.

ڊاڪٽر بہ نوجوان هو پر ڏاڍو ڪوجهو ۽ ڪارو. ڪنول کي خيال آيو تہ ههڙي ڪراهت واري شڪل وارو ڊاڪٽر ڏسي، حالي تہ بيمار جي بيماري وڌي ويندي.

ڊاڪٽر، ڪنول جي ماءُ کي چيو:

”ان قسم جو علاج هن ڪليل اسپتال ۾ ڪري نٿو سگهجي ۽ نہ وري ان بابت سيني جي سامهون ڳالهائي سگهجي ٿو. هتي دوست دشمن سڀ پيا اچن، ڪنهن کي ڳالهہ هٿ اچي وئي تہ اسان جي ڏاڍي بدنامي ٿيندي ۽ بدنامي ڊاڪٽري ڌنڌي لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار آهي. ان باري ۾ توهان وڃي منهنجي ڪمپائونڊر سان ڳالهايو. هو توهان کي سڀ ڪجهہ سمجهائيندو، ان تي عمل ڪجو.“

ڪمپائونڊر جيڪي ڪنول جي ماءُ کي سمجهايو ان جو تَت هي هو: ”ڊاڪٽر صاحب! اهڙي قسم جون دوائون ۽ سيون پنهنجي گهر ۾ رکندو آهي. توهان کي روز اوڏانهن ئي هلڻو پوندو. مان پيو توهان کي اتي پهچائيندس. مڪمل ڪورس ۾ توهان کي هفتو لڳي يا ڏهہ ڏينهن، بهرحال ڪم پَڪ ٿي ويندو.“

ماءُ لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. هاڻي هو ڊاڪٽر جي وس هئا، جيئن چوندو تيئن ڪرڻو پوندو.

هنن ڪمپائونڊر کان ٽائيم ورتو. هنن کي ڏهاڙي ٻي بجي منجهند جو ڊاڪٽر جي گهر هلڻو هو.

ڊاڪٽر، گهر ۾ اڪيلو ئي رهندو هو. اتي پهچڻ کان پوءِ ڇوڪريءَ جي ماءُ سان ڪمپائونڊر ڪچهري ڪندو رهيو ۽ ڊاڪٽر ڇوڪريءَ کي علاج واسطي ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويو. علاج ايترو انگهي پيو جو پورو ڪلاڪ لڳي ويو. جڏهن ڪنول واپس آئي تہ هن جي اکين، چهري، وارن ۽ ڪپڙن جي حالت اهڙي هئي، جو پڌرو هو تہ هوءَ ڪنڊن جي سيج تان اُٿي آئي آهي.

ماءُ، ڌيءُ کي ڏسي سڀ ڪجهہ سمجهي وئي. ڪجهہ ڪونہ ڪُڇي، زهر جو ڍُڪ پي وئي ۽ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين.

ٻئي ڏينهن هو ڪمپائونڊر سان گڏجي، ڊاڪٽر جي گهر ويون، اڳئين ڏينهن واري ڪارروائي دهرائي ويئي.

موٽندي، اڌ وات تي ڪمپائونڊر هنن کي چيو ”منهنجو گهر اجهو اهو آهي، چانهه پئندا وڃو.“

ماءُ ۽ ڌيءُ کي نوان انديشا جاڳيا. هنن بهانو ڏيئي، انڪار ڪيو. پر ڪمپائونڊر سنئون سڌو چئي ڏنن: ”توهان جي عزت منهنجي به هٿ ۾ آهي، ان ڪري مون کي به راضي ڪرڻو پوندوَ.“

هنن واسطي ڪهڙي واهه هئي. مجبور ٿي ڪنول کي ڪمپائونڊر جي ڪنڊن جي سيج تي به ليٽڻو پيو.

ڏهه ڏينهن لاڳيتو ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊر جي ڪارروائي ٿيندي رهي. يارهين ڏينهن وڃي ڊاڪٽر اها سُئي هنئي جا هو پهرين ڏينهن تي اسپتال ۾ به هڻي ٿي سگهيو. ڪنول جي جان، بدناميءَ جي داغ کان آجي ٿي.

ان جي چوٿين ڏينهن، اوچتو ڪنول کي ڇاتيءَ ۾ سور پيو. سور وڌندو ٿي ويو ۽ سَهڻ کان ٻاهر ٿيندو ٿي ويو. ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳس. ماءُ ساڳئي ڊاڪٽر کي گهر وٺي آئي. ڊاڪٽر چڪاس ڪري سمجهي ويو ته ٻار ڪيرائڻ جي نتيجي ۾، جميل رت جو ڳنڍيو رت جي نالين رستي ڦڦڙن ۾ پهتو آهي ۽ اتي اٽڪي پيو آهي. هن بيماريءَ ۾ ڇوڪري مري به سگهي ٿي. جي مري پيئي ته پوءِ سڄي ڳالهه کُلندي ۽ هن جي ڳچيءَ ۾ به ڦٽ پوندو.

ڇوڪريءَ جي ماءُ کي چيائين ته ڪنول کي هڪدم ڇاتيءَ جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃ. نه رڳو ايترو پر ماءُ کي اهو به چيائين ته جيڪو به خرچ ايندو اهو هو پاڻ ڀريندو.

ڪنول، جنهن مان ماڪ ۾ وهنتل ڪنول گل وانگر تازگي، سرهاڻ ۽ اجاڻ پيئي ٽپڪندي هئي، سا سڪل ڏنڊي جو مرجهايل گل بنجي ويئي هئي.

ساهه دير دير سان ۽ وات کولي، ڇڪي ٿي کنيائين. ساهه ٻاهر ڪيڻ ۽ ساهه اندر نيڻ وقت هٿ سان ڇاتيءَ جي ان حصي کي ٿي پڪڙيائين، جتان سور جي سوٽ ٿي ايريس.

ڏيل ڏيرو چهرو پيلو ۽ چپ نيرا ٿي ويا هئس. ويچارين نظرن سان هيڏي هوڏي پئي واجهايائين. ڪڏهن سور جي سختيءَ کان اکيون ٻوٽي ٿي چڏيائين.

هن ڪي پورو زور لڳائي ساهه کڻڻو ٿي پيو ۽ وات پٽي، وات مان به ساهه ٿي کنيائين. ان ڪري هن جو وات سُڪي ٺوٺ ٿي ٿي ويو ۽ زبان ڦيري چپن کي آلي ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻيءَ جي تانگهه به ٿي محسوس ڪيائين. ٽيڪ ڏيئي ويهاري، هن کي پاڻيءَ چڪو پياريو ٿي ويو. پاڻي پيڻ کان پوءِ هڪدم الٽي ٿي آيس. الٽيءَ ڪري هيڪاري گهٽو ساٽي ۽ نستي ٿيو ٿي ويئي ۽ سهڪي ۾ واڌارو اچي ٿي ويس ۽ چپ وڌيڪ نيرا ٿي ٿي ويس.

هن جي وات مان لاڳيتي ڪنجهڪار نڪري رهي هئي. ڪڏهن سور وڌيڪ ٿي ٿيس ته زور سان دانهن ٿي ڪيائين. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته هُوءَ جيئڻ ڪاڻ وڏي جاکوڙ ڪري رهي هئي.

ماءُ، ڪنول کي اچي ٻڌايو ته علاج لاءِ ٻئي ماهر ڊاڪٽر وٽ هلڻو آهي. ڪنول، جا ان وقت مشڪل سان ڳالهائي ٿي سگهي ۽ آواز ڪيڻ جي به پوري سگهه ڪانه رهي هئس، تنهن بدن جو پورو زور لڳائي چيو:

"اهو ماهر ڊاڪٽر مرد آهي يا عورت؟"

(مهراڻ 1/1976ع)

# ساڳي خوشي

ڊاڪٽر ڏاڍي شش پنج ۾ اچي ويو هو. ڪيترائي امڪان هئا. جيءاهو پوليس ڪيس آهي يا پوليس ڪيس بنجي ٿو ته مان ڏچي ۾ اچي ويندس. جي علاج کان انڪار ڪريان ٿو ته هڪ انسان جي جسم کي جوکو رسي سگهي ٿو يا هن جي حياتي خطري ۾ اچي سگهي ٿي. وري هنن وٽ هٿيار به هڪيا تڪيا پيا آهن ۽ اشارن ۾ ٻڌائين پيا ته اهي مون تي آزمائڻ ۾ نه هٻڪندا. پيسن لاءِ هر هر پيا ٿا چون ته جيترا چوندين اوترا ڏينداسين.

هن چوڌاري نهاريو. لانڍيءَ ۾ لالٽين جي ڦڪي روشني هئي. هڪڙي پاسي آهرن جي پرسان هڪ مينهن ۽ ٻه ڏاند ٻڌل هئا. هي ڪُتر ڪائي، هاٺي ويهي اوڳاري رهيا هئا. رکي رکي ڪنڌ تي ڌوڻيائون، جنهن ڪري هنن جي ڳچين ۾ پيل چَڙا وڄڻ تي لڳا. اَن جون ٻه ڳوٽيون به رکيل هيون. هڪ گهڙامنجيءَ تي ٽي گهڙا رکيل هئا. جارن ۾ ڪجهه ٿانوَ تي ڏٺا. ٽي واڻ جون کٽون هيون، جن مان ٻه خالي هيون ۽ ٽينءَ تي بيمار ستل هو. پرسان پٽ کي ٽيڪ ڏنل ٻه بندوقون نظر تي آيون. ٽي همراهه ويٺا هئا، جن مان هڪ جي ڪلهي تي بندوق هئي. ٽيئي ڄڻا ۽ خود مريض ماٺ ۾ ڏاڍي انتظار مان ڊاڪٽر جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ هن ڏي نهاري رهيا هئا.

ٻاهر رات جي ڪاراڻ هئي. جيتن ۽ ڏيڏرن جا آواز ٻڌڻ ۾ تي آيا. هوا جي ڪري وڻن، ٻوٽن ۽ ٻوڪ جي سُون سُون به اُڀري ٿي. سياري جي شروعات هئي ۽ ايتري ٿڌ ڪانه هئي. ڇيڻن ۽ ڦولهڙين جو واس هو.

ڊاڪٽر، لانڍيءَ جي در مان ٻاهر پري پري نگاهه ڪئي. اوندهه ئي اوندهه هئي. ڪابه روشني يا ٽمڪو نظر نه ٿي آيو. ان جو مطلب ته ويجهڙائيءَ ۾ ڪابه وسندي ڪانه هئي.

ڊاڪٽر کي پنهنجي گهران نڪتي ٻه ڪلاڪ ٿيا هئا. ڏهين بجي، جنهن مهل هو سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هو ته هن کي ٻاهر سڏ ٿيو هو.

ٻه همراهه جيپ جهليو بيٺا هئا. انهن مان هڪ کي هن ٿورو سڃاتو ٿي. هن وٽ علاج لاءِ پيو ايندو هو سڪيو ستابو ڪڙمي هو.

”ڊاڪٽر سائين، معاف ڪجو توهان کي اويلو تڪليف ڏيڻ آيا آهيون. منهنجي ياءُ جي ڏاڍي خراب حالت آهي. خدا خير ڪندو هاڻي تون ئي هن جي حياتي بچائي سگهين ٿو. خيال ڪيوسين تہ توهان کي ايڏي تڪليف نہ ڏيون ۽ هن کي هيڏي کڻائي اچون. ان لاءِ سوالي جيپ بہ ورتيسين، پر هو بيهوش آهي ۽ هن کي جيپ ۾ بہ کڻي نہ سگهياسين. توهان مهرباني ڪريو. سواري آندي اٿيسين. توهان جي پوري في پري ڏينداسين.“ هو يڪساهيءَ سوچيل تقرير ڪري ويو.

ڊاڪٽر سوچ ۾ پئجي ويو.

”هاڻي تہ دير بہ ڏاڍي ٿي وئي آهي. توهان جو ڳوٺ ڪيترو پري آهي؟“

”ڏهہ ٻارنهن ميل.“

ڊاڪٽر وري چپ ٿي ويو.

”بيماري ڪهڙي اٿس؟“

”ستر ۾ ڳڙ نڪتو هوس. اهو هڪدم وڏي ويو اٿس ۽ ڦاٽي بہ ڪونہ ٿو. شايد ان جو زهر چڙهي ويو اٿس، جو ڏاڍو تپ ٿي پيو اٿس ۽ پنهنجي هوش حواس ۾ ڪونهي ۽ وڦلي پيو. سائين اوزار بہ کنيو هلجو متان ننڍڙي آپريشن جي ضرورت پئيوَ.“

ڊاڪٽر اهڙن موقعن تي ايترو پري، اڪيلو نہ ويندو هو ۽ جي آپريشن جي ضرورت پئي تہ ٻيو ماڻهو هجڻ ضروري آهي.

”چڱو! مان هلان ٿو پر منهنجو ڪمپائونڊر جو هتان اڌ ميل کن پنڌ تي رهي ٿو هن کي بہ ڪم ڪار لاءِ کنيو ٿا هلون.“

”سائين، ڏاڍي دير ٿي وئي آهي، منهنجو من پيو منجهي. مون کي ڀڏائجو تہ مان ئي توهان کي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندس. جيئن مهرباني ڪيو ٿا تہ جلدي هلو.“

ڊاڪٽر ٿوري دير ۾ ڪپڙا مٽائي، دوائن ۽ اوزارن جي بئگ کڻي اچي جيپ ۾ ويٺو.

ڊاڪٽر ڪاٿو ڪيو تہ پندرهن سورنهن ميل مفاصلو طئي ٿي چڪو آهي. چيائين:

"ابا، تو ٿي چيو تہ ڏهہ ٻارنهن ميل ٿيندو. هي تہ پنڌ وڌندو پيو وڃي."

"بس سائين، اجهو ٿا پهچون."

جيپ ويهہ ميل پڪي رستي تي هلي، هڪ شاخ جي ڪپ تي هلڻ لڳي. پوءِ هڪڙو ڪچو رستو اچي ورتائين.

"ابا، اجا ڳوٺ پري آهي ڇا؟ هاڻي تہ ٽيهہ ميل بہ ٿي ويا هوندا؟"

"سائين، بس اچي پهتا آهيون."

نيٺ هڪ هنڌ جيپ بيٺي.

"سائين لهو، منزل اچي ويئي. هاڻي ٻہ- ٽي وکون پنڌ هلڻ جي تڪليف ڪرڻي پونديو."

هاريءَ بئگ کنئي. هن وٽ ٽارچ هئي، ان جي روشني ڪندو اڳيان هلڻ لڳو. جهنگ ۾ فصلن جي وچان سنهن پيچرن، ٻنين، اَڏن ۽ واٽر ڪورسن تان ميل کن هلڻ کان پوءِ هڪ اڪيلي بيٺل لانديءَ وٽ پهتا. در وٽ انڌيري ۾ ڪو ماڻهو بيٺو هو جنهن هنن کي کينڪاريو.

اندر گهڙڻ سان ڊاڪٽر جي نگاهہ بيمار تي پيئي. عمر ٽيهہ- ٻٽيهہ سال، بدن پريل، وڏن شهپرن هيٺان ڪليل وات ۽ نظر ايندڙ ڏند. اکيون پوريل، چهرو پيلو ۽ چپ ڪاراٽيل. هن جي نستائي ۾ نيم بيهوشي پڌري هئي. هن کي ساهہ کڻڻ وقت زور لڳائڻو ٿي پيو.

ڊاڪٽر جو هڪدم هن جي ساڄي ٻانهن ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويو. اها رت ٻڏل پٽين ۾ ويڙهيل هئي. رت هن جي ڪپڙن تي بہ لڳل هو ۽ ان رليءَ تي بہ جنهن تي هو سمهيل هو. هيٺ پٽ تي بہ رت جا سڪل ڊُبا ڏٺائين.

هن هاريءَ ڏي مُهڙ ڪري چيو: "تو تہ سٽر ۾ ڳڙ جي ڳالهہ ٿي ڪئي. هن جي ٻانهن کي ڇا ٿيو آهي؟"

هاريءَ بيٺل ساٿين ڏي نهاريو ۽ پوءِ چيائين: "سائين، ڊاڪٽر ابو امان ٿيندو آهي. توهان کان ڪا ڳالهہ رکڻي ڪانهي. توهان سان بيماري بابت ڪوڙ ڳالهايم. جو انديشو هو تہ متان توهين اچڻ کان انڪار ڪريو."

ڊاڪٽر اڪيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو هن کي خطري جي گهنٽي وڄندي محسوس ٿي.

پوءِ هاريءَ چيو ته هاٿي مان اوهان کي اصل حقيقت ٻڌايان ٿو:

هن جي چوڻ موجب، گذريل رات هن زخمي ڦوٽي جو پنهنجن مائٽن سان جهيڙو ٿي پيو. هڪ ٻئي تي حملو ڪيائون. جنهن ۾ ڦوٽي کي ٻانهن ۾ ڪهاڙي لڳي. ان گهاءَ مان بي انت رت وهڻ لڳو. ان ۾ سرمو وڌو ويو ڪپهه رکي زور سان پٽيون ٻڌيون ويون، پر ڪا وڏي نس ڦاٽي پئي هئي ۽ رت بند ئي نٿي ٿيو. تَرَ جي هڪ ڪنير کي وٺي آيا. هن چڪاس ڪري چيو ته هڏو ڀڳل آهي. هن زور ڏئي اهو هڏو پنهنجيءَ جاءِ تي آندو ۽ پٽي ٻڌي ڇڏيائين، پر تڏهن به رت بند نه ٿيو. پوءِ پوتڙو نوڙيءَ وانگر وڪوڙي زخم جي مٿئين پاسي ٻانهن ۾ ٻڌائين. رت حالي بند ٿي ويو پر وري پوتڙو کولن پيا ته رت جاري ٿي ٿي ويو تنهن ڪري پوتڙو يڪو ٻڌي ڇڏيو هون. پوءِ ٻانهن سڄندي وئي ۽ ان جو رنگ ڪاراٽجڻ لڳو ان ۾ سور به سخت ٿيڻ لڳس، ٻرو چڙهڻ لڳس ۽ غنودگي ٿيڻ لڳيس.

پڇاڙيءَ ۾ هاريءَ چيو: "سائين! اسان ته پنهنجي ڪار منهائي ڪئي. اسان کان ٿي وئي. توهان پنهنجو وڙ ڪيو. اسان ڪڏهن به توهان تي حرف اچڻ نه ڏينداسين. هن معاملي ۾ ڪڏهن به توهان جو نالو نه ورتو ويندو. اسان مان ڪوبه ٻاڦ ٻاهر نه ڪيندو. توهان به هيءَ ڳالهه پنهنجو ٻاڻ تائين رکندا. هاٿي ٻيا ويچار ڇڏي، اسان جي ڀاءُ کي بچايو. ڀي توهان جيڪا چوندا، سا ڏينداسين."

ڊاڪٽر سڀ ڪجهه وساري اُتي ڪڙو ٿيو ۽ پوري ڌيان سان بيمار جي چڪاس ڪرڻ لڳو.

پوتڙي جي نوڙي زور سان ٻڌڻ ڪري، ٻانهن جي هٺ واري حصي ڏي رت جو دورو بند ٿي ويو هو. گهڻو وقت رت نه ملڻ ڪري، اهو حصو سڙڻ، ڳرڻ ۽ مرڻ لڳو هو. ان ڪري ان ۾ سوڄ ٿي هئي ۽ زهريلا جزا پيدا ٿيا هئا. جن جي اثر ڪري تپ ۽ غنودگي ٿي هئي ۽ بدن جي مجموعي حالت نازڪ ٿي وئي هئي.

ڊاڪٽر سمجهي ويو ته ترت تدارڪ جي ضرورت آهي. ڪليل نسون ۽ زخم ٽانڪا لڳائي بند ڪيا وڃن ۽ پوتڙي ڇوڙي هٺ ڏي رت جو

وهڪرو جاري ڪيو وڃي، ٻي حالت ۾ هٿ بيڪار ٿي ويندو ۽ ڪٽڻو پوندو. جي اجا دير ڪئي وئي تہ بيمار مري ويندو.

هن هنن کي صلاح ڏني: "بنا دير بيمار کي شهر ۾ کڻائي وڃو ۽ پوليس ۾ رپورٽ لکرايو تہ هي اتفاقي ڏڪ لڳل آهي. پوءِ پوليس توهان کي اسپتال ڏي ليٽر ڏيندي. جيئن تہ مان سرڪاري ڊاڪٽر آهيان، ان ڪري اتي بہ مان ئي علاج ڪندس ۽ اسپتال ۾ سهولت سان هيءَ آپريشن بہ ٿي ويندي."

هاريءَ چيو: "خدا جو نالو وٺي توهان آپريشن ڪريو پوءِ توهان کي وري تڪليف نہ ڏينداسين. ملم پٽي جو بندوبست اسين هتي پاڻهي ڪنداسين. هينئر تہ توهان کي ڪم ڪرڻو ئي پوندو."

ڊاڪٽر ٿيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ويچارڻ لڳو: "هي چور آهي، ڌاڙيل آهي، خوني آهي، جهيڙاڪار آهي، ڪجهہ ٻيو آهي، پر هن وقت هڪ مريض آهي ۽ موت جي منهن ۾. ۽ مان ڊاڪٽر آهيان. مان هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري سگهان ٿو. هن مهل هڪ هڪ گهڙي قيمتي آهي...."

هو تَن مَن سان ڪم ۾ جنبي ويو. ٽانڪا هڻي، پٽي ٻڌي، هن نبض ڏٺي: هاٿي ان هٿ ۾ نبض هلندي محسوس ڪري هن جو منهن ٻهڪڻ لڳو: هڪ ماڻهوءَ جو عضوو هڪ انسان جي حياتي بچڻ جا روشن امڪان پيدا ٿي چڪا هئا.

هو جيپ ۾ موٽي رهيو آهي. ٿڪاوٽ جي باوجود هن جي چهري تي اطمينان جو چمڪو آهي. هن جي دل ان ساڳي خوشيءَ سان ڀرجي وئي آهي، جا خوشي ڪنهن بہ ٻئي بيمار کي پنهنجي ڏنل دوا جو اثر ٿيندي ڏسي، علاج جو فائدو پهچندي ڏسي، درد ۽ پيڙا مان ڇوٽڪارو پائيندي ڏسي، ۽ هن جي منهن تي صحت ۽ زندگيءَ جي رونق ظاهر ٿيڻ تي محسوس ڪندو آهي. اهڙن وقتن تي دل ئي دل ۾ دنيا وارن کي مخاطب ٿي چوندو آهي ۽ هينئر بہ چوي ٿو: "اهي خوشيون، اهي عظمتون، اهي بلنديون محسوس ڪرڻ لاءِ توهان کي ڊاڪٽر بڻجڻو پوندو."

(مهراڻ – 1980/1ع)

# ٿوهہ

جڏهن ڳوٺ ۾ آسپاس جي حڪمين ۾ ٺڙڪو ڊاڪٽرن جي علاج جو تير منهنجي بيماريءَ جي نشان تي نہ تي لڳو ۾ بيماري وڌڻ لڳي ۾ منهنجي حالت خراب ٿي وئي، تہ مائٽن مون کي ميهڙ ڪٽائي هلڻ جو نبيرو ڪيو. اُتي منهنجا ناناٽا هئا ۾ شهر هجڻ ڪري سرڪاري اسپتال بہ هئي ۾ خانگي ڊاڪٽر بہ هئا.

اُن وقت ٽيشڻ تائين پهچڻ جو ذريعو ڪچي رستي تان، فقط اُٺ يا ڏاند گاڏيءَ جي سواري هئي. ڏاند گاڏيءَ ۾ ڪائين جي آڌار تي ٽوئي جو اولو ٺاهيو ويو ۾ اُن ۾ اندر جيجيءَ کي ۾ مون کي ويهاريو ويو. چاچو بہ اسان سان ساڻ هو. واٽ تي هڪڙي هنڌ، چاچي بيل گاڏيءَ واري کي چيو تہ بيل گاڏي جهل تہ مان هتي فاتحہ پڙهي وٺان. مون ٻاراڻي شوق وچان، ٽوئي جي وٿين مان ٻاهر نهاريو. رستي جي پاسي ۾ ٿورو پرڀرو هڪڙي ڪچي قبر هئي. ان جي پرسان ڪڪائون مَنهن ٿهيل هو. اُتي وڻ، وليون ۾ ٻوٽا بہ هئا. ائين تہ چوڌاري سايون سايون ٻنيون ۾ وڻڪار هئي. مون ڏٺو تہ چاچو قبر مٿان بيهي، هٿ ٻُڪ وانگر جهلي، چپن ۾ ڪا دعا پڙهي رهيو هو.

پر ٿورو انتظار ڪريو. پنهنجي ننڍپڻ جي هيءَ ڳالهہ پوءِ ٿي پوري ڪريان. پهرين هن ساڳئي هنڌ جي پنهنجي وڏپڻ جي جاچنا تي ہڏايان.....

- - - - -

ڪجهہ سال ٿيا آهن تہ اسين هڪ پيري وري ميهڙ مائٽن ڏي ٿي وياسين. اُن وقت منهنجي عمر ست سال نہ، پر پنجويهہ سال هئي. رستو هاڻي ڏامر جو پڪو ٿي ويو هو ۾ اسين جيپ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين. ٽي بيبيون هيوسين ۾ چاچي سميت حويليءَ جا ٽي مرد. وري ساڳي هنڌ، قبر جي قريب، جيپ بيهاري وئي ۾ چاچي چيو تہ توهين وينيون هجو تہ اسين فاتحہ پڙهي اچون ٿا. ٽيئي مرد لهي ويا. اسين ضاعفون وينيون

رهيوسين. مون ڏنو تہ ڪچي قبر مٿان پڪو ڪاشيءَ جي سرن وارو قبو اڏجي ويو هو ۽ اندر قبر بہ رنگين سرن واري ٿي وئي هوندي. اتي ڪيترائي نم ۽ انبن جا وڻ بهاري لايو بيٺا هئا. ڪنڊي، ڪرڙ ڪبڙ ۽ ديويءَ جا وڻ بہ جام هئا. اُنهن وڻن جي ٽارين ۾ اڻ ڳڻيون رنگ برنگي اگڙيون ڳنڍيون ڏئي ٻڌيون ويون هيون ۽ وڻن تي جدا جدا رنگن جي ڪپڙن جون ڪانين ۾ لڳل جهنڊيون جهولي رهيون هيون. وڻن جي هيٺان پاڻيءَ جا وڏا وڏا مٽ ۽ جمنيون رکيل هيون. ڪچي مَنهن بدران پڪي لانڍي ٺهيل هئي ۽ ان جي اندران گهنگهرن واري ڏنڊي سان ٻَنگ گهوٽجڻ جو آواز اچي رهيو هو. ٻين ماڻهن سان گڏ ڪفني پاتل ڪي فقير بہ لانڍيءَ ۾ اچي رهيا هئا.

قبي جي در وٽ ڪجهہ تليون ٽنگيل هيون. جيڪو بہ زيارتي اندر ٿي گهڙيو تہ پهرين هُن تَلي تي وڄائي. چوڌاري ماڻهن جو چڱو چوکو ميلو ٿي نظر آيو. اُهي سڀ زيارتي ۽ سوالي هئا. ڪجهہ بيل گاڏيون بيٺيون هيون، جن ۾ بيمارن کي شفا جو سوال ڪرڻ لاءِ آندو ويو هو. ڪن روڳين کي ڪٽن تي کڻي آيا هئا. ڪيترن ئي گهرن جا پاتي تُوليون ٺاهيو نم يا انبن جي ڇانوَ هيٺان وينا هئا. هڪڙي پاسي ڪان لنگر جون ديڳيون رڌجي رهيون هيون.... اوچتو قبي جي اولهہ پاسي، منهنجي نظر وڃي توهن تي پيئي. ڪافي ايراضيءَ ۾ توهن جون وليون هيون ۽ ساون ولين جي وچ ۾ رنگين پيلا ٿُوهہ نظر کي ڏاڍا ڀلا لڳي رهيا هئا. مون توهہ ڏسي مُرڪي ڏنو، اهو پوءِ ٻڌائيندس تہ ڇو....؟

- - - - -

سو مون پنهنجي ننڍپڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ بيماريءَ جي ڪري مائٽ مون کي منهنجي ناناڻن ڏي وٺي هلي رهيا هئا. اتي ٻڌاسون تہ نانو مون کي ڏسي ڏاڍو سرهو ٿيو. مامي تہ مون کي ڏسي روئي ڏنو ۽ ڀرانڙي پائي پيار ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ هاڻي تون ئي منهنجو اولاد آهين ۽ تون ئي منهنجو سهارو آهين. تازو ئي هن جا ٻہ پٽ هڪ ٻئي پٺيان موت جو شڪار ٿي ويا هئا. هڪڙو ڇئن سالن جو هو جو لغڙ اُڏائيندي ڇت تان ڪري پيو هو ۽ ٻاڻو ٻہجي پيو هوس.

چاهيو. پوليس جو علاج آهي پئسا. هنن کي چڱي خاصي رقم ملي ته هو سڀ رپورٽون ڦاڙي، ڍڪاءُ ختم ڪري هليا ويا.

هاڻي مائٽ مٽ ۽ مريد مڙا هن جي ڪفن دفن جي باري ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا.

ڳالهين ڪندي اسان جي ڳوٺ جي هڪڙي همراهه چيو ته، ”ننڊو سائين ته پهتل شخص هو پهتل، ولي هو ولي!“ اهو همراهه مامي جن جو مريد هو.

”ها سائين، نيٺ به ته سيد زادو هو.“ ڪنهن ٻئي چيو.

”پر مان رسمي ڳالهه نه ٿو چوان. مان توهان کي حقيقت ٿو ٻڌايان. توهان کي ته خبر آهي ته درياهه جو پاڻي بيحد چڙهيل آهي ۽ گذريل رات پاڻيءَ جو وڏي ۾ وڏو وهڪرو هتان لنگهي ويو ۽ ٻوڏ جو هرڪو خطرو هو. اسان جي تر وارن رات جاڳي گذاري آهي. پر اها آفت ٽري وئي، پر توهان مان ڪنهن کي خبر نه هوندي ته اها آفت، اهو تباهيءَ جو راڪاس ڪنهن ٽاريو؟“ پهرئين مريد سڀني ڏي نگاهون ڦيرائيندي چيو.

”اسان کي ته ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي، تون ئي ٻڌاءِ.“ ڪيترن هڪ ئي وقت اتاوليءَ مان پڇيو.

”اهو سائين ننڊو ئي آهي، جنهن پنهنجي جان ڏئي، هزارين ماڻهن جون جانيون ۽ ملڪيتون بچايون.“ پهرئين مريد وراڻيو.

سڀ هن ڏي سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳا.

هن وري به سڀني تي متاڃري نگاهه وڌي ۽ چوڻ شروع ڪيائين، ”ڪالهه ننڊي سائينءَ اسان جي دعوت ڪاڏي هئي. پوءِ اسين سڀئي سندس مريد هن سان اوتاري ۾ ملڻ ويا هئاسين ۽ سائينءَ کي گڏجي عرض ڪيو هئوسين، ته درياهه جو پاڻي ڏاڍو چڙهيل آهي، بندن تان اُٿلڻ وارو آهي، دعا گهرو ته اها مصيبت ٽري، نه ته ٻوڏ اسان جو سڀ ڪجهه لوڙهي ڇڏيندي. پوءِ سائين جن ٽبيءَ ۾ پئجي ويا ۽ نيٺ جلال مان چيائون ته هتي ٻوڏ هرگز نه ايندي. جي مولا ان لاءِ منهنجي سِرَ جي قرباني گهري ته مان پنهنجو پاڻ قربان ڪري به هتي جي خلق کي ٻوڏ جي تباهيءَ کان بچائيندس. ۽ سائينءَ ائين ڪري ڏيکاريو. هن پنهنجي حياتي قربان ڪئي ۽ گذريل رات جيڪو اُٿل جو خطرو هو سو ٽري ويو!“

”سبحان الله! سبحان الله!.... حق مولا! حق مولا!.... اسان ننڍي سائينءَ جو قدر نہ ڪيو.... هو پهتل پير هو. اسان هن کي نہ سڃاتو. پر هاڻي اسان هن کي سڃاتو آهي، اسان هن جو قدر ڪنداسين. هن جي قبر تي ميلا ملاکڙا لڳندا ۽ هن جي دعائن سان، هن تر ۾ نہ بيماري رهندي، نہ ڪا قدرتي آفت ئي ايندي!“ هيءَ آواز هو ڏنل شاهہ جو. هو منهنجي مامي جو سهرو هو ۽ گڻنگ موالي هو ۽ منهنجي ان فوتي ماروٽ تي بہ هن جو ئي اثر هو ۽ ڀنگ جون ۽ ٻيون عادتون هن ئي وڌيون هئس.

”هن کي دفن بہ ان جڳهہ تي ڪبو جتي هن مريدن لاءِ پنهنجي جان ڏني آهي، اها هاڻي پاڪ جڳهہ ٿي وئي آهي!“ ڏنل شاهہ پنهنجو فيصلو ٻڌايو.

حقيقت ۾ دفن جو مامرو ڏاڍو ڏکيو هو. ميهڙ تائين لاش کڻي وڃڻ لاءِ ڪو سولو وسيلو ئي ڪونہ هو ۽ لاش کي اڳي ئي اٺ پهر ٿي ويا هئا ۽ سخت گرميءَ ڪري هاڻي ئي ڌپ ڪرڻ شروع ڪئي هئائين.

ڪن چاهيو ڪن نہ چاهيو پر هن کي اتي ئي پوريو ويو. جلد ئي آسپاس ننڍي سائينءَ جون ڪيئي ڪرامتون مشهور ٿي ويون. خاص ڪري هي تہ هن ٻوڙ کي تاري ڇڏيو ۽ پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ کڻي وڃڻ لاءِ هن جي جسم کي هٿ لاتو تہ پوليس وارا انڌا ٿي پيا ۽ دانهون ڪندا وٽي پيا ۽ جڏهن ان ارادي کان توبهہ ڪيائون، تڏهن وڃي سندن اکين جي روشني موٽي. انهيءَ ڪري ئي تہ ان لاش جو پوسٽ مارٽم ڪونہ ڪين.

مان مهينو کن ناناڻن ۾ رهيس. سرڪاري ڊاڪٽر منهنجو علاج ڪندو رهيو. بيماري تہ ايتري ڪانہ رهي هئي، پر ضعف اڃا بہ ڏاڍو هوم. چاچو مون کي وٺڻ آيو. هن دفعي ٽيشڻ تان اسان کي اُٺ جي سواري ملي. جڏهن ان قبر وٽ پهتاسين تہ چاچي اُٺ هشارايو. هن پيري هو مون کي بہ قبر ڏانهن وٺي هليو. هن مون کي ٻڌايو تہ هيءَ تربت تنهنجي وڏي ماروٽ جي آهي، جو گرميءَ وگهي ان هنڌ تي وفات ڪري ويو هو. مان عقيدتمنديءَ وچان، يا هن کي ڪرامتي سمجهي، يا سوالي بنجي هن جي قبر تي حاضري ڪونہ ڀريندو آهيان، پر جڏهن بہ هتان لنگهندي آهيان تہ

جئن ڪنهن بہ ٻئي مائٽ جي قبر تي وڃي ثواب خاطر ٻہ قل پڙهبا آهن، تيئن مان بہ ڪنديآهيان. مان ان قبر وٽ ويٺي هئس تہ ان جي اُلهندي پاسي ولين ۾ توهہ ڏٺم. مون سمجهيو تہ اهي گدرا آهن. مون چاچي کي چيو تہ انهن مان ٻہ- ٽي گدرا پٽي ڏي تہ مان کاوان. هن چيو تہ اهي گدرا نہ آهن، توهہ آهن ۽ ڪوڙا زهر آهن. پر مان ڪٿي ٿي مڃان. ڏاڍو ضد ڪيم ۽ ڏاڍو رُنم. پر چاچو مون کي زوريءَ ڪلهي تي کڻي، هلي اُٺ تي چڙهيو ۽ جَت کي چيائين تہ جلدي هلڻ جي ڪر. مان ڳوٺ تائين اُنهن توهن لاءِ رئندي رهيس.

پوءِ مون ٻڌو تہ مون وارو اُهو مرهيات ماروٽ "توهہ وارو پير" مشهور آهي. جيڪو بہ بيمار سوالي اتي ويندو آهي تہ هن کي کائڻ لاءِ تُوهہ جو ٽڪرو ڏيندا آهن. ان ڪري ئي توهن جي ولين جو فصل موجود رکندا آهن.... هيڏانهن مان سچ پچ بيمار هئس ۽ ايڏو رنم بہ، تہ بہ مون کي توهہ نہ ڏنائون!

(اڻ ڇپيل ناول "تلاش" مان ٽڪرو)

(مهراڻ 1986/1)

ويو ڪا خالي رڪشا ڪانہ لنگهي، يا لنگهي تہ منهنجي اشاري تي بيٺي ڪانہ.

مان ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ لڳس ۽ پنهنجي گهر جي آڏو ئي پنڌ پيچري (فوٽ پاٿ) تي ويهي رهيس.... اڄ منجهند جو مان پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ستو پيو هوس تہ گهر جي ٻين هنڌن يعني اڱڻ، ڪمرن ۽ رڌڻي ۾ عجيب آواز ٻڌڻ ۾ آيم: سس پس، سر ٻاٽ، سڏڪا، صلاح مصلحت، بحث مباحثو. ۽ اها ڪيفيت ڳچ مهل رهي. ان وچ ۾ ڪوبہ مون ڏي نہ لڙيو. نيٺ مون زال کي سڏ ڪيو ۽ پڇيومانس تہ گهر ۾ اڄ ڇا پيو وهي واپري؟ مون ڏٺو تہ هن جون اکيون سُڄيل هيون، ڄڻ رئندي رهي هئي، ڄڻ اجا ڳوڙها روڪي نہ ٿي سگهي. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ مون سان اَلي رهي هئي ۽ سچي ڳالهہ لڪائي رهي هئي. هن چيو تہ پاڙي وارن ٻارن ۽ اسان جي ٻارن جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو آهي.

پوءِ مون کي ننڊ جي گوري کارائي وئي ۽ چيو ويو تہ پاسو ورائي ننڊ ڪر. اڌ منو ڪلاڪ ننڊ اچي ويم. سجاڳيءَ تي محسوس ڪيم تہ گهر ۾ صفا سانت آهي. ڇا سڀئي سمهي پيا آهن؟ ٻار بہ سمهي پيا آهن، سو بہ منجهند جو؟ ائين ٿيندو تہ ڪونهي! اڄ گهر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ مون زال جو نالو وٺي سڏ ڪيو پر ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. مون کي پڪ ٿي تہ گهر صفا خالي آهي. سڀئي ڀاتي ڪيڏانهن ٻاهر ويل آهن.

ان مهل ٻاهريون در کڙڪيو ۽ کوڙ مهل کڙڪندو رهيو. گهر مان ڪو ٻاهر نہ نڪتو ان ڪري مون ليٽندي ئي زور سان پڇيو تہ ڪير آهي؟ مون آواز سڃاتو. هو هڪ پاڙي وارو دوست هو. مون هن کي آواز ڏنو تہ هليو اچ.

هن ئي ٻڌايو تہ منهنجي پٽ سڄڻ سان ڇا ٿي گذريو آهي. منهنجي مائٽن مون کي اها خبر ان ڪري نہ ٻڌائي هئي، جو هنن سمجهيو ٿي تہ هن وقت مان دل جي بيماريءَ ۾ ورتل آهيان ۽ هن خبر جو پٿر منهنجي دل جي شيشي کي چيهون چيهون ڪري، مون کي ختم نہ ڪري ڇڏي.

مان آهيان تہ جهونو وڪيل، پر ان ڏنڌي جي ڪمائڻ جا گر ڪونہ آيم. نہ تہ ائين رڪشا جو انتظار ڪونہ ڪريان ها ۽ بيماريءَ ۾ ايترو ڏکو

عرصو ڪونہ لوڙيان ها. مطلب آهي تہ موٽرون هجنم ها ۽ ماهر ڊاڪٽرن جو هٿي يا ولايت ۾ علاج ڪرائي سگهان ها.

منهنجو وچون پٽ سچڻ، مهراڻ انجنيئري يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي. هن جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ماهر ٿيڻ جي شوق ۽ لاڙي جو قصو بہ مزيدار آهي. جڏهن هو ڇئن سالن جو هو تہ مان هڪ ٽرئنسسٽر ريڊيو خريد ڪري گهر ۾ آندو. جڏهن اهو وڄندو هو تہ سچڻ ان کي ڏاڍي غور سان ڏسندو ۽ ٻڌندو هو ۽ ان جي اڳيان پٺيان بيهي ان کي جاچيندو هو ۽ بار بار هٿن ۾ کڻي ان جي ڇڪاس ڪندو هو. پوءِ هو مون کان پڇندو هو تہ اهو ڪير ٿو ڳالهائي يا ڳائي؟ مان هن کي جواب ڏيندو هئس تہ ان ۾ اندر هڪڙو ننڍڙو ماڻهو بند ٿيل آهي، جو ڳائي ۽ ڳالهائي ٿو. هو ان جواب تي ماٺ تہ ٿي ويندو هو پر عجب، جستجو ۽ بي اعتباريءَ جي نگاهن سان ريڊئي کي گهوريندو هو.

هڪ ڏينهن ڪورٽ مان واپس اچي گهر ۾ گهڙيس.

"اڄ تنهنجي لاڏلي پٽ سچڻ نئين ريڊئي جي ستياناس ڪري ڇڏي،" منهنجي زال ايف۔ آءِ۔ آر (فرياد) داخل ڪرايو.

"ڇا مطلب؟" مون ڳالهہ نہ سمجهندي پڇيو.

"ريڊيو پيچي ڇڏيائين."

"ڇا ميز تان ڪيرايائين!" مون آڏي پڇا ڪئي.

"نہ مترڪي سان ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين."

"اهو وري ڪيئن؟"

"هلي پاڻ ڏسو!"

مان صفي ۾ گهڙيس. ڏٺم تہ فرش تي ريڊئي جا آنڊا گجيون نڪتل هئا ۽ هڪ هڪ پرزو پرزا ٿيل هو ۽ پرسان لوهي مترڪو پيل هو. سچڻ کٽ تي ويٺو هو. مون ڏوهہ جي واردات جي جاءِ ڏٺي ۽ پوءِ ڏوهاريءَ ڏانهن نهاريم. پر ڏوهاري نہ ڊنل هو نہ هيسيل ۽ گهبرايل. هن جي چهري تي ڪو جرم جو احساس نہ هو جڻ عادتي ۽ پڪو ڏوهاري هجي. مون سمجهيو تہ هو منهنجي نگاهن کي سوال سمجهي پنهنجي صفائي پيش ڪندو ۽ پاڻ کي جرم کان آجو ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو پيش ڪندو پر هن انٽلو مون کي پڇيءَ کان ورتو.

”بابا، توهانِ تہ ڪوڙ تي ڳالهايو ڪاتي آهي ريڊئي ۾ نہ نڍڙو ماٺهو؟“ هن جي ان سوال ۾ شڪايت هئي ۽ الزام هو ۽ معصوميت هئي. اها پڇا هئي، جنهن جو مان جواب ڏئي ڪونہ سگهيس ۽ فتويٰ منهنجي خلاف وئي.

سمجهدار ٿيڻ تي، گهر ۾ سچڻ کي سندس ان ڪارنامي جي حوالي سان چيڙايو ويندو هو ۽ مذاق ڪئي ويندي هئي. هن جي مشينن سان دلچسپي وڌڻ لڳي. هن کي رانديڪا بہ اهي وڻڻ لڳا، جي چابي ڏيڻ سان چرندا پرندا ۽ ٻيون حرڪتون ڪندا هئا. هو انهن کي کولي، پرزو پرزو الڳ ڪري، غور سان ڇڪاسيندو هو ۽ هرهڪ جي ڪارڪردگي جاچيندو هو ۽ وري اهي پرزا جوڙي ڇڏيندو، رانديڪي کي اصلي حالت ۾ آڻيندو هو. هن جو اهڙو لاڙو ڏسي، مون هن کي رانديڪن جو سيٽ، جنهن کي مڪينو چئبو آهي، سو وٺي ڏنو. ان ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا اوزار پرزا ۽ نٽ بولٽ هوندا آهن، جن کي ٻار ڳنڍي جدا جدا شيون جوڙي سگهندا آهن. مثال طور گهر، بينچ، بندوق، ڪرسي، موٽر ۽ ٻيون شيون. مان ڏسندو هوس تہ اسڪول مان اچي سارو وقت هو انهن ڪَلُن ۽ پرزن کي ڳنڍي جدا جدا شيون ٺاهيندو هو ۽ فخر ۽ خوشيءَ مان مون کي اچي ڏيکاريندو هو. اجا وڏو ٿيو تہ گهر جي مشينن سان هٿ چراند ڪرڻ لڳو. انهن کي کوليندو هو ۽ وري جوڙي اصلي حالت ۾ آڻيندو هو جهڙوڪ سبڻ جي مشين، گهڙيال، واچ، استري، انڊ پين، بجليءَ جا پکا. سائيڪل وٺي ڏنيمانس تہ روز ان جا مختلف حصا کولي وري ٻيهو جوڙيندو هو ۽ پنهنجي جاڻ ۽ محنت سان ان کي الائي ڪيتريون بتيون لڳايائين ۽ عجيب آوازن وارا هارن هنيائين. هاٽي جي ريڊيو خراب ٿيندو آهي تہ هو پاڻ ئي ان جي مرمت ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٻين گهرو مشينن جي پڻ. منهنجي موٽر سائيڪل جون خرابيون پڻ هو درست ڪندو آهي.

- - - - -

مان اجا رڪشا جي انتظار ۾ پنڌ پيچري (فوٽ پاٿ) تي وينو هوس تہ گوري اچي پهتي. سچڻ ۽ گوري هڪ ٻئي کي ڏاڍو پائيندا آهن. هن بہ سچڻ جي باري ۾ ٻڌو هو سو ٻوڙندي سڌ سماءُ لهڻ آئي هئي. هن جون

اڪيون ڳوڙهن سان ڀنل هيون. رڪشا ملي وئي ۽ اسين ٻئي ان ۾ چڙهي، سول اسپتال ڏي روانا ٿياسين.

سول اسپتال ۾ سرجيڪل وارڊ سامهون، منهنجي گهر جا هڙئي ڀاتي ملول چهرن ۽ سُهيل اکين سان بيٺا هئا. مون کي ڏسي، هو حيران کان وڌيڪ پريشان ٿي ويا. هنن کان خبر پيم ته سجڻ جي آپريشن ٿي چڪي آهي ۽ هو هوش ۾ اچي ويو آهي. اها ڳالهه ٻڌي منهنجي پيٽ ۾ ساهه پيو. حادثي جي حقيقت به مون کي ٻڌائي وئي، جا مختصر هن ريت هئي ته سجڻ هاسٽل ۾ رهندڙ پنهنجي هڪ سنگتيءَ جي ڪوٺيءَ ۾، هن جي ڪلاشنڪوف رائيفل سچي ڪولي وري اها جوڙي ۽ اجا آزمائڻ تي هو ته اها اتفاق سان چٽي وئي ۽ ان جي گولي هن جي ڪاپي ستر مان آرپار هلي وئي. هڏي جو ته بچاءُ ٿي ويو پر رت جي ڪا وڏي شرياني ڪٽجي وئي هئي، جنهن ڪري رت نه ٿي بيٺو. سرجن آپريشن ڪري، رت بند ڪيو هو ۽ هو هاڻي خطري کان ٻاهر هو.

مان وارڊ ۾ هن وٽ ويس. هو پيلو پٽجي ويو ۽ نبل پئي لڳو پر هن جي منهن تي دستوري رونق هئي.

ڳالهيون ڪندي، جٽن هو ننڊي هوندي مڪينو رانديڪن مان پرزا ملائي، شيون ٺاهي، خوشيءَ مان مون کي اچي ڏيکاريندو هو تيئن سرهائيءَ مان چيائين:

"بابا، هاڻي ڪلاشنڪوف بندوق جي مرمت به هتي ٿي سگهندي ۽ مان ڪندس!"

مان پنهنجي مرڪ روڪي نه سگهيس.

(مهراڻ 1986/2ع)

# سُڪار

هڪڙو شهري شاگرد ۽ هڪڙو ڳوٺاڻو شاگرد. پاڻ ۾ ڏاڍا گهاٽا دوست هئا. ٻئي ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هئا. ٻئي پاڻ کي ترقي پسند ۽ روشن خيال سمجهندا هئا. ۽ ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ تي ڏاڍا بحث مباحثا ڪندا هئا.

هڪڙي ڀيري، ڳوٺاڻي دوست، پنهنجي شهري دوست کي چيو تہ اسان جي ڳوٺ هل تہ اڄ توکي وڏيري جي نٽ جي هڪڙي جهلڪ ڏيکاريان. ان ڏينهن وڏيري جي پٽ جو وهانءُ هو. شهري دوست اعتراض ڪيو تہ مان بنان ڪوٺ ڪيئن هلان؟ ڳوٺاڻي دوست وراڻيو تہ مان تہ وڏيري جي راڄ جو آهيان، مون کي تہ سڏ آهي، توکي مان پنهنجي دوست جي حيثيت ۾ وٺي ٿو هلان. ان کان سواءِ هڪ تہ ان جي وڏيري کيۡ لکا ڪانہ پوندي، پر جي پيس بہ تہ بہ هو نہ رڳو منهنجو پر تنهنجو بہ ٿورائتو ٿيندو ڇوتہ تون هن جي دعوت جي انبوهہ ۾ واڌارو ڪندين. ۽ ان ڳالهہ کي وڏيرا پنهنجو شان ۽ ساک سمجهندا آهن تہ هنن جي شاديءَ ۾ وڏي کان وڏو انبوهہ شامل ٿيو.

ڳوٺ، ان شهر کان ٽيهن ميلن جي وٿيءَ تي هو. هو بس ذريعي اتي پهتا. شهري دوست ڏٺو تہ ڳوٺ سان لاڳيتو هڪڙو وڏو ميدان هو ان تي ايڪڙن ۾ شاهي شاميانا لڳايا ويا هئا. وڏيرن، سيٺين ۽ آفيسرن لاءِ الڳ شاميانو هو ۽ راڄ ڀاڳ ۽ ڪُٽ خلق لاءِ الڳ. فرنيچر ٻنهي شاميانن ۾ اوچو رکيو ويو هو وڏن ماڻهن جي شامياني وارو وڌيڪ اوچو هو. هزارين نہ تہ بہ سوين موٽرون، جيپون ۽ ٻيون گاڏيون بيٺيون هيون ۽ وڌيڪ اچي رهيون هيون. شان شوڪت جو پورو بندوبست ڪيو ويو هو. سوين خدمتگار هئا ۽ هزارين مهمان. عورتن واسطي اندر حويليءَ ۾ انتظام هو. حويلي وڏي ڪوٽ ۾ ويڙهيل هئي. فضا ۾ دهل ۽ شرنايون گونجي رهيون هيون. وڏيرو وڏن ماڻهن جي آجيان ڪرڻ ۾ ڪٿو نہ ٿي پڳو.

وڏن ماڻهن توڙي ڪُت خلق لاءِ سنا سنا ۽ قسمين قسمين ڪاڌا هئا، پر وڏن ماڻهن لاءِ الڳ ۽ خاص طعام هئا. پر ڪاڌو اڻ کٽ هو. منجهند جي ٻارهين بجي کان شام جي پنجين بجي تائين ڪاڌو هلندو رهيو تڏهن به الاهي بچي پيو. پوءِ غريب غربا ۽ فقير فقرا ٿالهه، ٿالهيون، پاٽيون، پاتوڙا، جهول ۽ بوڇڻ ڪاڏن سان تمتار ڪري پنهنجن گهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن ڪٽي ويا. ان هوندي به ڪاڌي جون شيون نه کٽيون ۽ ٻئي ڏينهن ٻوڙ ۽ پلاءُ جون ڪيتريون ئي ديڳيون ۽ مانين جا ٿهال ڳوٺ واري گند جي ڍير تي اڇلايا ويا. شايد هنن ٻن دوستن کان سواءِ، آسپاس ۽ ساري تَرَ ۾ وڏيري جي واهه واهه پئجي وئي.

شهري دوست رات پنهنجي ڳوٺاڻي دوست وٽ رهيو. ڳوٺاڻي دوست جو پيءُ ڪڙمي هو. شهري دوست ڏٺو ته وڏيري جي حويلي ۽ اوطاق کان سواءِ سڄو ڳوٺ اوندهه ۾ ٻڏل هو. ڳوٺاڻي دوست هن کي ٻڌايو ته نه رڳو اڄ ائين آهي، پر هونءَ به ائين هوندو آهي. ڳوٺ ۾ بجلي ڪانهي، پر وڏيري وٽ پنهنجا بجليءَ جا جنريٽر آهن. ان رات ته بجليءَ جي روشنيءَ جون اهڙيون رنگينيون، لهرون ۽ روشنا هئا، ڄڻ ڪراچي شهر جي عاليشان فائيو- اسٽار هوٽل جي چڪي پَٽي اچي هتي لڳائي وئي هئي.

ٻئي ڏينهن، بس اسٽاپ ڏانهن پنڌ ويندي، بس اسٽاپ تي بس لاءِ ترسندي ۽ بس ۾ سفر ڪندي، هو وڏيري جي دعوت جي باري ۾ ڪچهري ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪندا رهيا.

"اسان جنهن جهجهائيءَ جي ڳالهه ڪندا آهيون ته سماجي انقلاب جو بنياد يا مقصد جهجهائي آهي، اها آهي انسانن جي استعمال جي شين جي جهجهائي، انسانن جي سکن جي جهجهائي، دنيا جي سونهن جي جهجهائي، پر وڏيري جي دعوت واري جهجهائي پنهنجي طبقي جي ۽ ڏيکاءَ لاءِ جهجهائي هئي، سا به ٻين جي پورهئي ۽ پرماريت تي عيش ڪرڻ واري جهجهائي."

"پورهيتن لاءِ ڪالهه دعوت ۾ جي جهجهائي هئي ۽ پيٽ ڀري کاڌن ته اڄ وري اهائي اٽاٽ ۽ بک."

”مان تہ وڏيري واري دعوت جي جهجهائيءَ کي جهجهائي نہ پر زيان (Waste) چوندس. پورهيت ۽ هاريءَ جي ڪمائيءَ جو بي حيائي ۽ بي رحميءَ سان زيان.“

جن پيچرن ۽ رستن تان هو لنگهي رهيا هئا, تن جي آسپاس, نظر جي دنگ تائين ساوا ساوا فصل هئا, اناج جون پوکون, ڀاڄين جون ٻنيون, ميون جا باغ, ٻيلن جي وٽڪار, مينهن, ڳئن, ٻڪرين ۽ رڍن جا ڌڻ گاهہ چري رهيا هئا. فضا ۾ اڏامندڙ پکين جا ولر هئا.

”اسان جي زمين ڏاڍي زرخيز آهي.“ شهري دوست, چوڌاري نهاري چيو.

”سو ڀاڻ پئي ڳالهہ ڪئي تہ سماجي انقلاب جو مقصد آهي جهجهائي..... پيداوار جي جهجهائي, زمين ۽ ڪارخانن جي پيداوار جي جهجهائي, جنهن ڪري انسانن جي ضرورت, سک, سونهن, خوشي, وندر جسماني صحت, ذهني ارتقا ۽ دنيا جي سندرتا جي جهجهائي حاصل ٿئي.“

”اها جهجهائي ڪيئن حاصل ٿيندي؟“

”ان لاءِ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ٻہ ضرورتون آهن.“

”ڪهڙيون؟“

”هڪ پورهيو ۽ ٻي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي.“

”پورهيو ڪيئن؟“

”هر ماڻهو پورهيو ڪري, ڪوبہ ٻئي جي پورهئي تي عيش نہ ڪري. ڪوبہ سماجي چور ٻنجي, ٻئي جي ڪٽئي جو رت نہ چوسي. جو ڪم نہ ڪري, تنهن کي ڪاڏو نہ ملڻ کپي. تنهن کان سواءِ ماڻهو گڏجي ڪم ڪن. گڏيل ڪم ڪري پيداوار سرس ٿئي ٿي. هاري گڏيل کيت ۽ سهڪاري ٻنيون ٺاهين, ۽ مزور ننڍين ننڍين ڪارخانن بدران گڏجي وڏا وڏا ڪارخانا هلائين. هر ڪو پورهيت وت ۽ لياقت آهر ڪم ڪري. جڏهن سڀ ڪو پورهيو ڪندو تہ ماڻهوءَ ۾ اتساهہ جاڳندو ۽ هو ان جذبي سان محنت ڪندو تہ هو پنهنجي لاءِ پنهنجي وطن واسطي پورهيو ڪري رهيو آهي. ان کان سواءِ پورهئي جو تصور ئي بدلجي ويندو. پورهئي کي بار ۽ مصيبت نہ سمجهيو ويندو ۽ نہ ان کي پيٽ خاطر جاکوڙ ليکيو ويندو. پورهيو تفريحي ٻنجي ويندو ۽ ذهني مزو ڏيندو. ڪم ڪرڻ وارو ماحول وڻندڙ ۽ صحتمند

هوندو. وڏي ڳالهه تہ پورهئي ۾ تخليقي جذبو شامل هوندو. پورهيت کي محسوس ٿيندو تہ هو آزاديءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪا تخليق ڪري رهيو آهي. ان ريت هن جي پيداوار ۾ سونهن ۽ نواڻ پيدا ٿيندي رهندي. ان شوق ۽ ذهني لطف ڪري هو وڌيڪ پيداوار ڪندو. ان کان سواءِ ذهني ڪم ۽ جسماني ڪم جي اهميت، شان ۽ اجوري ۾ فرق نہ رهندو.“

بس ۾ بہ هو ٻين مسافرن کان بي نياز ٿي، پنهنجي گفتگو ۾ غرق رهيا. ماڻهو ان روش تي ٻهرين مرڪيا، پر پوءِ آسپاس ۾ ويٺل مسافر پوري غور ۽ دلچسپيءَ سان هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

”سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو جهجهائيءَ ۾ ڪهڙو حصو آهي؟“

”سائنس جو مطلب رڳو اوزار، مشينون ۽ ايجادون ناهي، پر سائنس کي اسان جي جيون جي هر مامري ۾ ڇانيل هجڻ کپي. سياسي تحريڪن، سماجي مسئلن، گذراني طريقن ۽ اقتصادي سوالن ۾ اسان جي سوچ سائنسي هجي. سائنسي سوچ جو مطلب آهي تہ عقل، ڇاڻ، تجربي ۽ دليل ذريعي ۽ سبب ۽ نتيجي کي ذهن ۾ رکي زندگيءَ جي هر ڳالهہ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي، تنقيد ڪجي، خيالن جي ڏي وٺ ڪجي، بحث مباحثو ڪجي ۽ اهي سڀ طريقا گڏيل هجن ۽ نہ انفرادي.... ٽيڪنالاجيءَ جو بنياد بجلي آهي. بجلي جهجهي مقدار ۾ هجي ۽ پوري ملڪ ۾ هجي، شهر شهر ۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾. بجليءَ جي ڪري وڏا وڏا ڪارخانا ۽ وڏي پئماني وارا ڪارخانا (Large scale industries) کلندا، جتي هڪ هنڌ وڏي تعداد ۾ مزور ڪم ڪندا. اتي هو هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ ۾ ايندا، هنن جا نوان سماجي ناتا جڙندا، نئين سيپتا وجود ۾ ايندي، هنن جون نيون تنظيمون ٺهنديون، هنن کي پنهنجي سگهہ جو سماءُ پوندو ۽ هو ظالمن ۽ پرمارن جو وجود مٽائي سگهندا ۽ پورهيت راج قائم ٿيندو. ڪارخانن نڪرڻ ڪري، نئيا نئيا هنرمند، جي پنهنجي منهن اڪيلو پورهيو ۽ دستڪاري ڪن ٿا، سي ڪارخانن ۾ ڪندا ۽ پيداوار هزارين ڀيرا وڌي ويندي. مشين تي ماڻهو هزارين لکين دفعا وڌيڪ پيداوار وڌائي سگهي ٿو. ٽيڪنالاجيءَ ذريعي اهڙا طريقا پيا ڳوليا وڃن، جن وسيلي ٿوري محنت سان ٿوري وقت ۾ جهجهي کان جهجهي پيداوار ٿئي. مشين ۽ نون

طريقن ذريعي زرعي پيدائش به سوين هزارين دفعا وڌي ٿي. زراعت ۽ ڪارخانن جو هڪ ٻئي تي اهم ۽ دائمي مدار آهي. زراعت جي جهجهي پيداوار ٿيندي ته ڪارخانن کي ڪچو مال ملندو رهندو ۽ اهي هلندا رهندا. ڪارخانا هلندا رهندا ۽ انهن جي پيداوار وڌندي رهندي ته زمين جي پيداوار به ڪپندي رهندي. جڏهن سڀ ماڻهو پورهيو ڪندا رهندا ته زمين ۽ ڪارخانن جي پيداوار نفعي خاطر نه ڪئي ويندي، پر انسان جي ضرورتن ۽ سکن لاءِ. هڪڙي ڳالهه ٻي به آهي ته پيداوار وڌڻ واسطي امن امان هجڻ ضروري آهي، ان ڪري دنيا ۾ جنگ جو خاتمو آندو ويجي.“

”جڏهن هر شئ جهجهي ٿي ويندي ته انسان جون جسماني، ذهني ۽ روحاني ضرورتون پاڻمرادو پوريون پيون ٿينديون. ڪنهن جو ڪنهن تي حڪم هلائڻ، ڪنهن جي پرماريت ڪرڻ ۽ ڪنهن جو سماجي چور بنجڻ جو تصور ئي نه رهندو.“

رستي تي هڪ هنڌ، هڪڙي هوٽل وٽ ٻن ٽن ماڻهن بس کي بيهارڻ جو اشارو ڏنو. بس بيهي رهي. هنن دوستن جي گفتگوءَ کي به ڇڙ بريڪ لڳي وئي ۽ هو ماٺ ٿي ويا. هنن جي پنيان هڪ وچولي عمر وارو ڳوٺاڻو وينو هو. هو شايد سوال پڇڻ جي تاڙ ۾ هو. هنن کي چپ ڪندو ڏسي، هڪدم پڇيائين:

”پائو! هي ڪهڙي ملڪ جون پيا ڳالهيون ڪريو؟“ ٻنهي دوستن پوئتي نهاريو. هڪ دوست مرڪندي وراڻيو: ”دنيا جي ڪنهن به ملڪ جون، دنيا جي هر ملڪ جون.“

”ڇا اسان جي ملڪ جون به؟“

”ها، ڇونه!“ سنڌ جي سُڪار جون ۽ سڀ عالم جي آباد ٿيڻ جون ڳالهيون.“

”پوءِ ته انهن ڳالهين اسان کي جهجهي خوشي ڏني!“ وچولي عمر واري ڳوٺاڻي مرڪندي چيو.

ٻنهي دوستن ۽ ٻين وارن مسافرن پڻ مرڪي ڏنو.

(مهراڻ 1986/3)

# ڪاوڙ

ڊاڪٽر چارلس چارمنگ ڏاڍو خوش هو. تازو هو انگلينڊ ۾ جوهري جنگ (Nuclear War) خلاف هلچل هلائي، حيدرآباد سنڌ ۾ پنهنجي هڪڙي پياري ۽ ذهين دوست ۽ شاگرد وٽ آيو هو. هن جو خيال هو تہ جوهري جنگ جو جيئڻ تہ انساني حياتيءَ جي بقاءَ سان واسطو آهي، ۽ هڪ ڊاڪٽر جي ذميواري بہ انساني جانيون بچائڻ آهي، ان ڪري هن کي هر حال ۾ اهڙي جنگ ٿيڻ کي روڪڻ، ۽ جوهري هٿيار (Nuclear Weapons)، جي هيل تائين دنيا ۾ ٺاهيا ويا آهن، انهن کي برباد ڪرڻ ۽ انهن جي وڌيڪ ٺاهڻ تي بندش وجهڻ لاءِ پورا اُپاءَ وٺڻ کپن. هن کي خبر هئي تہ جوهري جنگ جو نتيجو ۽ اثر ڏسڻ لاءِ، دنيا ۾ ڪو انسان ئي ڪونہ بچندو. نہ رڳو انسان، پر حيوان ۽ وڻ ٻوٽا بہ تباهہ ٿي ويندا. جتي ڪٿي انسانن ۽ جناورن جا سڙي ويل هڏاوان پڃرا نظر ايندا. زمين جي مٿاڇري جو پاڻي سڪي ويندو ۽ جو پاڻي بچندو اهو زهريلو ۽ پيئڻ لائق نہ هوندو. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو انسان بچيو تہ اهو بہ ڪئنسر ۾ ورتل، لُولو لنگڙو ۽ رڳو چرندڙ پرندڙ لاش ۽ شڪل ۾ پوائتو هوندو. هن جو ماس سڪل سڙيل هوندو. هو نہ ڏسي سگهندو ۽ نہ ٻڌي سگهندو. انسان جي صدين دوران حاصل ڪيل تهذيب ۽ ترقي ڪَنَ ۾ تباهہ ٿي ويندي. ماحول ۾ گرميءَ جو ٽيمپريچر ايترو وڌي ويندو جو ڪوبہ ساهوارو جيئرو رهي نہ سگهندو.

اهڙي جوهري جنگ ٿيڻ خلاف سڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ احتجاج ٿيا هئا. ڊاڪٽر چارلس چارمنگ جي تحريڪ تي برٽش ميڊيڪل ائسوسئيشن، اهڙي جنگ کي ٻنجو ڏيڻ ۽ اهڙن موتمار هٿيارن ٺاهڻ تي بندش وجهڻ لاءِ سرگرم رهي هئي. اتي جي اٽڪل ٻن هزار ڊاڪٽرن، انگريزي پارليامينٽ آڏو چوويهن ڪلاڪن جي بک هڙتال ڪئي هئي ۽ اتي جي جوهري ڪارخاني (Nuclear Plant) آڏو مظاهرو ڪيو هو. لنڊن

۾، يورپ ۽ آمريڪا جي ٻين مرڪزي شهرن وانگر، عوام لکن جي ڳاٽاٽي ۾ هڪ زبردست جلوس ڪڍيو هو. ان ۾ ماڻهو اهڙا نقلي چهرا (Masks) پائي شامل ٿيا هئا، جهڙا پوائتا چهرا، جوهري جنگ جي نتيجي ۾ ماڻهن جا ٿي ٿي سگهيا. اهي موت جا ڀيچاريندڙ چهرا هئا. ڊاڪٽر چارلس به موت جو ماسڪ (Mask) پائي، ان عوامي جلوس ۾ شريڪ ٿيو هو.

اهڙي قسم جي احتجاجن جو ئي نتيجو هو جو دنيا جي ٻن وڏين طاقتن، يعني روس ۽ آمريڪا جي پڳدارن ان مامري تي ملڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ ۽ جوهري هٿيارن ۽ جوهري جنگ کي روڪڻ لاءِ تجويزون ڳولي لهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ گڏجڻ جو ارادو ڪيو هو. اها ڳالهه هئي ڊاڪٽر چارلس جي خوشيءَ جو ڪارڻ. هو انسان، انسانذات ۽ دنيا جي سونهن ۽ سينگار جو گهٽگهرو هو.

ڊاڪٽر چارلس برٽش ميڊيڪل ائسوسئيشن جو پريزيڊنٽ هو ۽ انگلينڊ جي هڪڙي وڏي ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال پڻ. هن ڪاليج ۾ دنيا جا وڏا وڏا ۽ ماهر ڊاڪٽر پڙهي ۽ سکيا وٺي چڪا آهن. اهڙيءَ طرح هن جا شاگرد هر ملڪ ۾ پکڙيل آهن. انهن مان گهڻن سان هن جي دوستي ۽ شخصي ناتا هوندا هئا. اهي پيا هن کي سندس ملڪ ۾ اچڻ ۽ گهمڻ جون دعوتون ڏيندا هئا. جوهري جنگ جي سلسلي ۾ هلچل جي ڪاميابيءَ کان پوءِ هن کي دنيا گهمڻ ۽ ڏسڻ جو شوق جاڳيو.

هو دنيا جي ڪن ملڪن جو سير ڪندو هاڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ڊاڪٽر لائق ٽيٻي وٽ اچي مهمان ٿيو هو. اچڻ سان ڊاڪٽر ٽيٻي کي چيائين: ”مان جتي به ويو آهيان، اتي مون کي شهرن جون رنگينيون ۽ روشنايون ڏيکاريون ويون آهن، يا وڏ ۾ وڏ سمنڊن، ڍنڍن، ندين ۽ باغن جي نظارن ۾ وندر ڪرائي وئي آهي. پر هاڻي تون مون کي انهن کان صفا الڳ هنڌ گهماءِ، پوءِ ڀلي ته ان ۾ مون کي تڪليفون ڏسڻيون پون ۽ مصيبتون سهڻيون پون. مان دنيا جي ڪنهن نئين تجربي سان واقف ٿيڻ چاهيان ٿو.“

ڊاڪٽر لائق نه فقط ماهر ڊاڪٽر هو پر دانشور ۽ ساهتڪار قسم جو ماڻهو به هو. هو تر جو ويٺل هو ۽ هن تر جو سوچيو.

جيپ جڏهن ٿر جي وارياسي ميدان ۾ پهتي ته سج چڱو چڙهي آيو هو. مئي جو مهينو هو ۽ گرمي پنهنجيون جيون چوڌاري پکيڙي رهي هئي. هر طرف واريءَ جون ڀٽون ئي ڀٽون هيون. ننڍيون ڀٽون، وڏيون ڀٽون. نه رستو نه واٽر ڪورس، نه واهه، نه نهرون، نه ڍنڍيون ۽ نه تلاءَ. ڪوهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو انسان جي قد کان ننڍو ۽ ڇانوَ کان وانجهو ٻوٽو. نه بنگلا نه ماڙيون. ڪٿي ڪٿي ٻن- چئن چوئنرن وارا ڳوٺ. نه ساوڪ نه سبزي، نه آبادي نه پوک. چوڌاري اس جو ڪورو ۽ واريءَ جون چٽنگون. آسمان ۾ ڪو پکي اڏامندو نظر نه ٿي آيو. البت هڪ هنڌ، مٿي آڪاس ۾ ڪيترن پکين جو ميڙ اڏامندو نظر آيو.

”اهي ڪهڙا پکي آهن؟“ چارلس پڇيو.

”اهي ڳجهون آهن “ ڊاڪٽر لائق جواب ڏنو.

”اهي ڪهڙي قسم جا پکي آهن؟“

”اهي ڪنهن مئل جانور مٿان مڙيل آهن، ۽ ان جي ڍونڍ کي چيريندڙيون ڦاڙيندڙيون آهن. هتي ستن سالن کان مينهن نه اُئو آهي. جانور ته ڇڏيو انسان بہ بک ۽ اڃ وگهي مري رهيا آهن.“ ڊاڪٽر لائق چيو.

ڊاڪٽر چارلس ان ڍونڍ وارو هنڌ ڏسڻ چاهيو. اڏامندڙ ڳجهن جي آثار تي، ڀٽن جي وچ مان جيپ ڪاهيندو ڊاڪٽر لائق ان جاءِ تي پهچي ويو جتي ڍڳن جي ڍونڍ کي ڳجهون چيري ڦاڙي، ماس کائي رهيون ۽ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيون هيون. چارلس حيرت ۽ ماٺ ۾ اهو نظارو ڏسندو رهيو.

هن هلندڙ جيپ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڳجهن جا ولر اڏامندي ڏٺا. اڳيرو هليا ته ٿن اُٺن جو هڪڙو قافلو اچي لنگهيو. اُٺ ڏبرا ۽ ڏڪاريل هئا. انهن تي چڙهيل ٻار، ضاعفون ۽ مرد، بس انسانن جا پاڇولا هئا. سنهڙا سڪل، زندگيءَ جو ڪو اهڃاڻ ڪونہ. رنگ نه روپ، نه جوڀن نه جواني، نه صحت نه صفائي. چپ سڪل ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويل. ڪُبا ۽ اڏ اگهاڙا. ماس ته هون ئي ڪونہ. رڳو ڪاراٽيل ۽ گهنجيل چمڙي ۽ هيٺا هڏڙا. چپ ئي ڪونہ ٿي چُرين، ڄڻ گونگا هئا. اکيون خالي خالي، ڄڻ نظر کان وانجهيون هيون.

رستو ڪٿي هئو ئي ڪونہ. ڪٿي ڪٿي گاڏين هلڻ ڪري ڪجهہ چيلا ٺهيل هئا. نه ته جيپ گهڻو ڪري ڀٽن جي وچ مان پنهنجا پيچرا

ٿاهيندي هلي رهي هئي. هڪڙي هنڌ هڪڙي ٽرڪ ويندي نظر آئي. چارلس ڏٺو ته اها تمام پراڻي هئي ۽ تمام اڏنگا گهوگهٽ ڪندي، وڌ ۾ وڌ ڏهه ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهي هئي. پٺيان ماڻهو ڀريل هئا. انهن جي ويهڻ واسطي ڪي سيٽون ڪونه هيون، پر سڀ هيٺ تَري ۾ ويٺل هئا. ۽ اهڙا سوڙها ويٺا هئا جو چرڻ پرڻ جي گنجائش به ڪونه هئي. اهي ايرا ۽ سڪل سڙيل هئا. ۽ هينئر پگهر ۾ شل هجڻ ڪري ۽ مٽان واريءَ ۽ ڌوڙ ۾ لنبجڻ ڪري هو عجيب قسم جا ڀوت لڳي رهيا هئا. نه رڳو ايترو پر هنن سان گڏ وچ ۾ ڪجهه ٻڪريون به وهاريون يا ٻيهاريون ويون هيون ۽ انهن جو مُٽ ۽ ڦولهڙيون، هنن جي لٽن ڪپڙن کي ٿڦي ۽ ڏپ ڦهلائي رهيون هيون. چارلس سنڌي نه هو نه ته جيڪر ”ٻڪر ٻوساٽ“ جي اصطلاح جو جيئرو جاڳندو مثال، هن جي ذهن ۾ ايري ها.

هو هڪڙي کوهه وٽ اچي بيٺا. چارلس نوڙي کوهه ۾ نهاريو. ٻه سؤ فوٽ کن اونهو هو. هڪڙو اُٺ رسيءَ ۽ گرٽيءَ رستي ان مان پاڻيءَ جون پکالون ٻاهر ڇڪي رهيو هو. پاڻي گندو ۽ ڪاري رنگ جو هو. هن اهو ڇڪڻ چاهيو پر ان جي صورت ڏسي، اهو خيال لاهي ڇڏيائين. اتي ڪجهه عورتون، مرد ۽ ٻار دلا، ڏول ۽ گهاگهريون کنيون بيٺا هئا. انهن سيني جا جسم بيمار ۽ نبل هئا. ۽ ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿيل ۽ اٽپورا. هن کي ٻڌايو ويو ته ڏهن ڪوهن اندر ماڻهن ۽ حيوانن جي پاڻيءَ جو ذريعو اهو اڪيلو کوهه هو. ماڻهن کي ايتري پنڌ تان پاڻيءَ جي هڪڙي گهاگهر واسطي اچڻو ٿي پيو.

هو اڳتي وڌيا. ڪن هنڌن پاڻيءَ جا ننڍا تلاءَ جا ڏُٻا نظر آيا. جي ٿوري گهڻي پيل مينهن جي ڪري بنيا هئا. چارلس ڏٺو ته اهو تلائن جو بيٺل پاڻي ڪنو ٿي ويو هو. سائو ۽ گندو هو ۽ پري کان ئي نڪ بند ڪرڻ جيتري ڏپ ٿي آئي. وڏي ڳالهه ته ان مان جناور، ڍور ڍڳا، ڪتا ٻلا توڙي انسان پاڻي پي رهيا هئا. انسان ان پاڻيءَ ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ڪپڙن جي گندگي صفا ڪري رهيا هئا ۽ حيوان ان ۾ پنهنجي گندگيءَ کان فارغ ٿي رهيا هئا. چارلس کي اهو ڏيک ڏسي، ايتري ڪرڀ ۽ ڪراهت آئي، جو هن کي ٿيءِ اچي ويئي.

هو هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتا. ان ڳوٺ ۾ ڪجهه ڪچين سرن جي جاين ۽ هڪ ٻن پڪين سرن جي جاين کان سواءِ ٻيا گهر سڀ ڇؤنرا هئا. ڊاڪٽر لائق. ڊاڪٽر چارلس کي هڪڙي دڪان تي هلي ويهاريو جو هڪ حڪيم جو دواخانو هو. مريضن جا ميڙ لڳا پيا هئا. چارلس هنن کي ڏسي اندازو ڪيو تہ هنن ۾ گهڻا سلهہ جا مريض هئا. ٻيا مليريا. دستن. مدي جي بخار ۽ شايد ڪي ڪينسر جا بيمار پڻ. هن ڏٺو تہ حڪيم فقط نبض تي هٿ رکي، هر ڪنهن کي دوا ڏئي رهيو هو. ڪنهن کي گوريون، ڪنهن کي ڪک، ڪنهن کي چاڙو ڪنهن کي عرق، ڪنهن کي شربت ۽ ڪنهن کي معجون. اتي نہ جسماني تپاس جا اوزار هئا. نہ رت ۽ پيشاب جون چڪاسون. نہ ايڪس ري ۽ نہ چڪاس جا ٻيا سائنسي ذريعا. هن کي خيال آيو تہ هنن بيمارن جون انساني صورتون رهيون ئي ڪونہ آهن. رت جي گهٽتائي، هيٺائي، ڪُٻائي، بيماريءَ جي پيڙا، اڻ پوري کاڌي ۽ موسمن ۽ ماحول جي اثر هنن جي چهري تي نہ زندگيءَ جو اهڃاڻ ڇڏيو آهي ۽ نہ انساني روپ.

هي تہ هئا ڪجهہ ڏيک. جي ڊاڪٽر چارلس ٻاهر ڏٺا. پر ساڻس ڇا تي گذريو؟

اونهاري جي گرمي، سج جو تيک ۽ تتل واريءَ مان اٿندڙ لُڪ. ڊاڪٽر چارلس جي برداشت کان ٻاهر هئي. هن گهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ڪيو ۽ هو سهڪڻ لڳو. هلندڙ جيپ جي هوا هوندي بہ هو پگهر ۾ شل ٿي ويو. پهرين قميص جا بيڙا کوليائين. پوءِ قميص لاهي ڦٽي ڪيائين. پوءِ سوٽ لاٿائين. بوٽ ۽ جوراب لاٿائين. گنجي بہ لاهي ڇڏيائين. پجاڙيءَ ۾ فقط ڪڇو وڃي رهيس. تڏهن بہ پگهر ريلا ڪري ٿي نڪتس. مٿان وري اڏامندڙ واري، هن جي بدن سان ٽڪجندي ۽ چنبڙندي ٿي ويئي. ائين سمجهو تہ پگهر، ڌوڙ ۽ واريءَ جي گاري سان هن جو جسم لنبجي ويو. واري اکين ۾ ٿي پيس ۽ مهٽڻ ڪري اهي ڳاڙهيون ٿي ويون هئس. جن مان جرڻ رت ٿي ٽميو. وات ۾ واريءَ جي داڻن پوڻ ڪري ڪِر ڪِر محسوس ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ ساري بدن ۾ بيزاري پئي محسوس ڪيائين. هن کي ائين لڳي رهيو هو تہ هو ٻئي قسم جي مخلوق ۽ مٽيل انسان بنجي ويو هو.

البت هنن ڪاڏي پيتي جو سامان جا ڪنيو هو. ٿڌي پاڻيءَ جو ڪولر هو. شراب جون بوتلون هيون ۽ ڪائڻ لاءِ ڪيتريون ئي شيون. چارلس ڪڏهن ٿڌو پاڻي ٿي پيتو ۽ ڪڏهن شراب ڇُڪو. اهڙي نموني ٻاهريون ٻنو رکڻ ۾ ڪامياب ٿِي ٿي ويو باقي اندر جي اندر سان هئس.

هڪ هنڌ، واريءَ جي ڏڙي جو پاسو اُڪرندي، جيپ جو توازن رکجي نہ سگهيو ۽ جيپ پاسيري ٿي ڪري، پر ٻولاٽيون کائڻ کان بچي ويئي. ٻيئي ڊاڪٽر پري واريءَ تي وڃي ڪريا. گهڻو هاڃو ڪونہ ٿيو. ڪنهن ِ کي زخم ڪونہ رسيا. چارلس واريءَ ۾ پيوت ٿي ويو. جسم پگهر ۾ آلو هجڻ ڪري، واري ۽ ڌوڙ بدن تان پوري طرح ڇنڊجي نہ سگهيون. جيپ کي آسانيءَ سان سڌو ۽ چالو ڪري سگهيا.

هو تعلقي جي هيڊڪوارٽر واري شهر ۾ پهتا. هتي ڊاڪٽر چارلس کي هر هنڌ ڪچا رستا، ڪنو پاڻي، گند جا ڍير ۽ ڊٺل ۽ پراڻا گهر نظر آيا. ۽ هر جڳهہ بدبوءِ هن جي آجيان ڪرڻ لاءِ موجود هئي. هن ڏٺو ب ۽ پڇڻ تي بہ معلوم ٿيس تہ هن شهر ۾ بہ بجلي ڪانہ آهي.

ڊاڪٽر لائق ٽيٻي جي هتي واري هڪڙي دوست وٽ وڃي هنن کي ٽڪڻو هو. هو هن جي گهر ۾ گهڙيا. گهر سهڻو ۽ آرام وارو ٿي ڏٺو.

هڪڙي ڪمري ۾ گهڙندي، اتي رکيل درسنيءَ ۾ جيئن ئي ڊاڪٽر چارلس جي نظر پنهنجي شڪل تي پيئي، تہ هو خوفناڪ دانهن ڪري، بيهوش ٿي ڪري پيو. ٿڪ ۽ گرميءَ کان بيحال تہ اول ئي هو پر آرسيءَ ۾ پنهنجو ڀيانڪ چهرو سڃاڻي نہ سگهيو ۽ صدمي ۽ اڻ ڄاتل خوف کان هوش حواس وڃائي ويٺو. هي چهرو ڪنهن انسان جو تہ نہ هو!

هن جي منهن تي ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا ويا ۽ هن کي مڏ جو ڇُڪو پياريو ويو. ٿوري ويرم کان پوءِ هن جا هوش حواس درست ٿيا. هن ڪجهہ سوالن جا جواب ڏنا. پوءِ اتي هڪ آرام ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي آهلي پيو. هو اکيون بند ڪري، ڳچ مهل ماٺ ۾ رهيو. پڌرو هو تہ هو ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ آهي.

نيٺ ڊاڪٽر لائق هن کان پڇيو: ”ڊاڪٽر صاحب! ڇا پيا سوچيو؟“

ڊاڪٽر چارلس چارمنگ اڪيون ڪوليون، جي اجا بہ رت جهڙيون ڳاڙهيون هيون ۽ هوريان هوريان چپ ڪوليائين جي اجا بہ سڪل هئا، ۽ پهرين ڌيمي آواز ۾ ۽ پوءِ زور سان جوشيلي آواز ۾ جواب ڏنائين، ۽ ائين ڳالهايائين چڻ تہ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو هجي. هن چيو:

"اسان سان دوکو ڪيو ويو آهي. اسان يورپ ۽ آمريڪا ۾ جوهري جنگ ۽ جوهري هٿيارن خلاف احتجاج ڪندڙن سان دوکو ڪيو ويو آهي. اسان کي چيو ويو هو تہ اجا هنن ائين نہ ڪيو آهي، پر مون اڄ پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ سامراجين ٽين دنيا جي هن ٽڪري تي ننڍڙو جوهري بم (Nuclear Bomb) اڇليو آهي."

(مهراڻ 1987/2)

# ڪاغذي ڪمال

”يار، واڌايون هجنئي!“

”واڌايون!“

”ها، واڌايون، واڌايون!“

”ڇا مطلب؟ ڇا جون واڌايون؟“

”سڄڻ، بس واڌايون!“

”پر ڪهڙي خوشيءَ ۾؟ ڪنهن قومي دشمن جو اڏو ناس ٿيو آهي يا ڪنهن طبقاتي دشمن کي شڪست آئي آهي؟“

”سڀ ڪجهه ٿيو آهي!“

”پر نيٺ ڇا ٿيو آهي؟“

”صوبيدار کي مارائي ڇڏيم. هڪ ظالم صوبيدار کي مارائي ڇڏيم.“

”صوبيدار کي مارائي ڇڏيئه! پر به ان لاءِ مون کي مبارڪون ڇو؟“

”تون به ته پوليس جو سَتيل ۽ ستايل آهين، سو اهڙي خبر ضرور تنهنجي سرهائيءَ جو ڪارڻ ٿيندي.“

”لکندي لکندي توکي اهو خيال ڪيئن آيو اها يادگيري ڪيئن آئي؟ ڇڏ، مون کي اخبار پڙهڻ ڏي ۽ پاڻ به لکڻ جو ڪم جاري رک.“

”يار مون هيڏو وڏو ڪارنامو ڪيو آهي ۽ تون تفصيل به نٿو پڇين؟“

”چڱو ڀائو ٻڌاءِ، تون هن صوبيدار کي ڇو مارايو؟ ڪڏهن ماريو؟ ڪٿي ماريو؟“

”يار ترس، هڪ وقت هڪ سوال!“

”منهنجو سڄو ذهن اخبار ڏي آهي. پاڻ ته آهيون ڪارڪن، سو اخبار ۾ هلندڙ سياسي هلچل جي ڪاروائين جو پيو پڙهان. ان ڪري ته مان توکي چوندو آهيان ته توهان اديبن وٽ رڳو ڳالهيون آهن. ڪجهه

ميدان تي بہ نڪرو تہ دنيا جي خبر بہ پئيو ۽ توهان جي لکڻين ۾ اثر بہ پيدا ٿئي. بهرحال، ٻڌاءِ تو هن کي ڇو ماريو؟"

"هو ڀهراڙيءَ وارن تي ڏاڍا ظلم ۽ زيادتيون ڪندو هو. هنن تي ڪوڙا فرياد ڪرائي ۽ بي بنياد الزام هڻي ٿاڻي ۾ بند ڪندو هو ۽ وحشي عذاب ڏيندو هو ۽ نيٺ رشوت وٺي ڇڏي ڏيندو هو. وڏيري سان ڀٽ تي، ڳوٺاڻن جا گهر ٻار تباهہ ڪندو هو. هنن جي نياڻين جي لڄ لُٽيندو هو مردن آڏو هنن جي زالن جي بي عزتي ڪندو هو. وڏي ڳالهہ تہ هن جي پنهنجي قوم وارا سچ پچ ڏوهاري هوندا هئا تہ بہ هنن کي ڇڏي ڏيندو هو ۽ انهن ڏوهن جو هتي جي ماڻهن تي الزام هڻي، هنن کي ڪاٺ ۾ وجهندو هو. پنهنجي قوم وارن جي چورڻ تي هتي جي ماڻهن کي ڏاڍو هيسايائين، هنن تي ڏاڍايون ڪيائين. نيٺ هتي جي ماڻهن صلاح مصلحت ڪئي تہ ائين تہ اسان جو پنهنجي ئي گهر ۾ جهڳو جهڻ تي ويندو ان ڪري گڏجي، رٿابندي ڪري، هٿيار هٿ ڪيائون."

"پلا تو هن کي ڪڏهن ماريو؟"

"هيئنر هيئنر!"

"هيئنر هيئنر! پر ڪٿي؟"

"هن ڪهاڻيءَ ۾، جا هيئنر لکي پوري ڪئي اٿم."

(مهراڻ 1987/3ع)

# پاڙي پئي پروڙ

جنهن ڏينهن ڪورٽ، دادن کي پنج سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي، تنهن ڏينهن پاڙي جي ڪيترن رهاڪن، زبان سان اظهار ڪرڻ جي سگهه تہ نہ ساري هئي، البت اندر ئي اندر ۾ سامت جو ساهہ ضرور کنيو. يا هڪ ٻئي جي اکين ۾ اطمينان جو پاڇو پهچايو. پر مهيني ڏيڍ اندر ئي، هنن جي اها سامت ۽ هنن جو اهو اطمينان، سليٽ تي چاڪ جي اکرن وانگر ميسارجڻ لڳو هو. هاڻي پاڙي ۾ جيڪي واقعا ٿيڻ لڳا هئا، تن جي پنئين ڏيک ۾ پاڙي وارا دادن جي هلت چلت جي، گنڀيرائيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لڳا هئا. هنن کي احساس ٿيڻ لڳو هو تہ دادن ڪڏهن بہ پاڙي جي ڪنهن ڇوڪري، ڪنهن نياڻي، ڪنهن عورت سان نہ ڪڏهن ڇيڙ ڇاڙ ڪئي هئي ۽ نہ بدتميزي ڪئي هئي. پاڻ انهن جي هڪ نموني رکپالي ڪئي هئائين. هو هن پاڙي ۾ ننڍيو ٿي وڏو ٿيو هو. هن کي ٿي ڀينر هيون، جي هڙئي هن کان ننڍيون هيون.

پاڙي وارن کي ياد آيو تہ ڪيئي سال اڳ، دادن جو پيءُ ڏونگر روزگار جي ڳولا ۾ ڳوٺ ڇڏي، حيدرآباد جي هن پاڙي ۾ اچي ويٺو هو. منڍ ۾ هو اوزارن جي ٿيلهي، ڪُنيءَ تي لڙڪائي، گهٽين ۾ وڃي گهر گهر مان پڇندو هو تہ ڪنهن کي ڪاٺ جو ڪو ٿپڙ تہ ٺهرائڻو ڪونهي يا کٽ، ڪرسي، ميز، در دريءَ جي مرمت تہ ڪرائڻي ڪانهي. پوءِ آهستي آهستي هو مسواڙ تي پنهنجو دڪان وٺڻ جي لائق ٿي ويو هو ۽ اتي ويهي پنهنجو ٻڪاٺڪو ڌنڌو ڪرڻ لڳو.

جڏهن ڏونگر شهر ۾ آيو هو، تڏهن هڪ تہ دادن اسڪولي عمر کان چڙهي چڪو هو ۽ ٻيو تہ پئسي جي کوٽ بہ هئي، ان ڪري دادن پڙهي ڪونہ سگهيو ۽ پيءُ سان ڌنڌي ۾ گڏ رهندو هو. پر جڏهن ڇوڪريون پڙهڻ جي ڄمار کي پهچنديون ويون تہ ڏونگر هنن کي اسڪول ۾ موڪلڻ لڳو. هڪ تہ اسڪول پاڙي ۾ ئي هو ۽ ٻيو پر وارن گهرن جون ڇوڪريون بہ ان

۾ پڙهڻ وينديون هيون. شهر جو وايو منڊل ڏسي، هن کي ڇوڪرين کي مٿي پڙهائڻ جو شوق ٿيو ۽ هنن کي هاءِ اسڪول ۾ به پڙهائيندو رهيو جيتوڻيڪ ان لاءِ هن کي وڏيڪ محنت ڪرڻي پئي هئي ۽ گهرو خرچ ۾ ڪفايت ڪان ڪم وٺڻو پيو هو. دادن به پيءُ سان ساٿ ڏيندو رهيو هو. هن پنهنجي تعليم جي ڪمي، پنهنجي ڀينرن جي تعليم ۾ پوري ڪرڻ ٿي چاهي.

پاڙي وارن کي ياد اچي ٿو ته دادن جي هلت چلت عام رواجي ڇوڪرن جهڙي پئي رهندي آئي. پاڻ ڳوناٺو هجڻ ڪري، ڪجهه هيسيل ۽ ڊنل رهندو هو. پاڙي ۾ هن جي ڪابه شڪايت ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي هئي. هن جون ڀينر به هاڻي ساماڻجي چڪيون هيون..... پوءِ ڀهرين ڀهرين خبر، جا هن جي باري ۾ ٻڌڻ ۾ آئي، سا هيءَ هئي ته هو پاڙي جي هڪ شهري ڇوڪري سان وڙهيو آهي ۽ ڇڱي ٺڦا ٺوڪي ڪئي اٿائينس. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته مار کاڌل شهري ڇوڪري پنهنجي ٻن ساٿين سميت دادن تي اوچتو آمريڪي فلمن جي غنڊن جي اسٽائيل ۾ حملو ڪيو آهي. دادن پورهيت هو ۽ جسماني ڪم ڪندڙ. هن جو جسم جانٺو ۽ مشڪون مضبوط هيون. ڏک هن کي به ڏاڍا هنيائون، پر هو ٽنهي لاءِ ٽارزن ثابت ٿيو ۽ هو رتورت ٿي، ائين ڀڄي ويا، جيئن آمريڪي سپاهي ويٽنام مان. پوءِ مهيني ماسي دادن جي وڙهڻ جون خبرون پيون ٻڌبيون هيون. ڪڏهن هن پاڙي جي ڇوڪرن کي ڦيهه ڪيندو هو ڪڏهن ٻين پاڙن جي ڇوڪرن کي، ڪڏهن هن پاڙي اندر ڪڏهن ٻئي پاڙي ۾. پاڙي جي ماڻهن جي ذهنن ۾ هو غنڊو ٿي اڀريو هو.

ماڻهو هن جي پيءُ ڏونگر کي چوندا هئا ته هو پٽ کي سمجهائي، پر ڏونگر بي پرواهيءَ سان ورائيندو هو ته نياڻين سياڻين وارا آهيون. ڪو ڇيڙ ڇاڙ ڪري ٿو ته نوجوان رت هجڻ ڪري دادن جوش ۾ اچي وڃي ٿو. ڪوڙ ڀيرا مامرو پوليس ٿائين پهتو ۽ دادن کي ٺاڻي ۾ بند ڪيو ويو. پيءُ پئسا ڏيئي وڃي هن کي ڇڏائي آيو. دادن جي به پنهنجي سنگت بنجي وئي هئي. اهي سنگتي هن سان ٻُٽ ۽ ٻانهن ٻيلي هوندا هئا..... هن جي ڀينرن مان مئٽرڪ ته ٽنهي پاس ڪئي هئي ۽ هڪڙيءَ ته بي. اي ڪئي هئي. هاڻي هڙئي نوڪريءَ ۾ هيون. به ماستريائيون هيون ۽ ٽين بئنڪ ۾ ڪلارڪياڻي.

پاڙي وارن کي ياد اچي ٿو تہ پوءِ دادن جي جهيڙن جون خبرون اچڻ گهٽو گهٽجي ويون هيون، پر وري بہ ڇٽي ڇماهيءَ اهڙي خبر ٻڌبي ضرور هئي. انهن جهيڙن دوران ڪڏهن ڪڏهن هن جا هڏ گڏ ڀڄي پوندا هئا ۽ هن کي ڪيترو وقت علاج ڪرائڻو پوندو هو. هن ڪي پاڻ وٽ ڪپڙن ۾ لڪل ڪو هٿيار بہ هر وقت رکڻو پوندو هو. دادن ڪيترائي جهيڳڙا لڙيو پر مامرو ڪورٽ تائين ڪڏهن نہ ويو. شايد غنڊن جو پنهنجو ڪو اخلاقي اصول آهي تہ پاڻ ئي بدلو وٺندا آهن ۽ ڪورٽن جا ڌڪا نہ کائيندا آهن. البت پوليس لاڪپ ۾ واڙجندا رهندا آهن.

پر هن پيري جهيڙي ۾ هڪ گبر شهري سيٺ جو پٽ سخت ڦٽجي پيو هو ۽ ڪيس ڪورٽ تائين پهچي ويو.

هاڻي پاڙي وارن کي احساس ٿئي ٿو تہ دادن ڪڏهن بہ شود پائي يا بدمعاشي نہ ڪئي. هن جي ڪري ئي پاڙي ۾ چڱي سلامتي پئي رهي. پاڙي جي توڙي ٻاهرين لچن لوفرن کي هن پاڙي ۾ لوفرپائي ڪرڻ جي همت نہ ٿيندي هئي. چوري چڪاريءَ کي ڳچ حد تائين ٻنجو آيل هو.

پاڙي وارا اهو بہ محسوس ڪن ٿا تہ هاڻي پاڙي ۾ ٻين سان لوفرپاين جون وارداتون تہ ٿين ٿيون، پر دادن جي پينرن جو نالو وٺڻ جي هينئر بہ ڪنهن کي همت نہ آهي. هو اهو بہ محسوس ڪن ٿا تہ ان جو ڪارڻ دادن جي ويٺل ڌهڪاءَ سان گڏ، هن جي پينرن ۾ پيدا ٿيل نئين خود اعتمادي بہ آهي. شهري شودا، جي هنن کي ڳوٺاڻي خاندان، غريب گهر ۽ ڪاسبي پيءُ جون ڏيٽر ڏسي، سستيون ۽ دام ۾ ڦاسائڻ سولو سمجهن ٿا، تن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ واسطي، هو پوريءَ طرح تيار ڏسجن ٿيون.

پاڙي وارا ان جواب تي بہ سوچين ٿا، جو هن ڪورٽ ۾ جج کي ڏنو هو. جڏهن جج هن کان پڇيو:

”توکي پنهنجي مخالف کان شڪايت جو بنياد ڪٿي حقيقي ميجي، تڏهن بہ تو هن تي حملو ڪري، قانون پنهنجي هٿ ۾ ڇو ڪنيو؟“

تڏهن، دادن ڏاڍي بي ڊپائيءَ مان وراڻيو:

”جج سائين، جي مان قانون پنهنجي هٿ ۾ نہ کڻندو رهان ها، تہ نہ منهنجيون پينر پڙهي سگهن ها ۽ نہ هو نوڪري ڪري سگهن ها!“

(مهراڻ 3/1988ع)

# صاحب ۽ بيگم

پنهنجي گهر جي اوطاقي صفي ۾ ويٺو آهي. صفي جي هر چيز، دولت ۽ دٻدٻي جو ڏيک آهي: شاندار ڪوچ، پٽ کان پٽ تائين خاص هن ڪمري لاءِ ملڪ جي بهترين ڪارخاني ۾ ٺهيل غاليچو وڏي ۾ وڏي پردي واري رنگين ٽيليويزن، پري کان بٽڻ ذريعي هلائڻ وارو وي- سي- آر پٽين تي سهڻيون سهڻيون مورتون، ڏيڪاءَ جي ڪيبٽ ۾ پوري سنسار جون حيرت ۾ وجهندڙ ۽ سندر سينگار جون وٿون، درن ۽ درين تي بخمل جا لهرون هڻندڙ پردا، پٽين ۽ ڇت تي روشنيءَ لاءِ بجليءَ جون ولايتي شيون.... ٻرندڙ بجليءَ جي چلهي جي گرمائش، ٻاهرين ولهه جي لکا پوڻ نه ٿي ڏئي.

رات جو يارهين بجي موٽيو آهي، گهر ۾ ٽر جي رڻ جهڙو سناٽو آهي. ڪلب ۾ ايڏو شورشار هو هتي هڪدم ايتري سانت. ٻار سمهي پيا آهن، ڪوبه هن جي آجيان لاءِ نٿو ڊوڙي، ڪنهن جي به ٻاهر اچڻ جو آهٽ نٿو ٻڌجي. موٽر جو واڄو ٻڌي، چوڪيدار در اچي کولي ٿو. بيگم ڪنهن پارٽيءَ ۾ ويل آهي ۽ اجا ڪانه موٽي آهي. پر جي هوءَ هوندي به آهي ته هن جي آجيان لاءِ ٿورو ئي ايندي آهي، پوءِ ڇاهي جاڳندي ئي ڇو نه هجي. ڳچ عرصي کان هن کي به هن جي زال جي انهيءَ آجيان جي پرواهه نه رهي آهي. پر هاڻي ڪجهه ڏينهن کان هن جي دل چاهڻ لڳي آهي ته جيئن منڍ ۾ ٿيندو هو تيئن زال سندس انتظار ۾ هجي ۽ هن جي موٽر جو واڄو ٻڌي، آجيان لاءِ ٻاهر نڪري اچي.... ماني هو ڪلب ۾ کائي ايندو آهي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا بدلائي سمهي پوندو آهي.

پر اڄ هو سمهڻ ڪوٺيءَ ۾ نه ويو آهي ۽ اچي اوطاقي صفي ۾ ويٺو آهي. هو ڏاڍو ٿڪل، وياڪل ۽ ويڳاڻو لڳي رهيو آهي، هو پنهنجي ضمير تي ڦٽ لعنت وجهي ٿو ته ويهه سال گذرڻ کان پوءِ به اهو (ضمير) صفا مري نه ويو آهي؛ ڪڏهن ڪڏهن جاڳيو ڇهنبڙي پايو وٺي. شاگرديءَ جي زماني

۾. هو ليڊر تہ ڪونہ هو پر هن پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ بلند ڪان بلند نعرا هنيا هئا. قومي جلسن، جلوسن، مظاهرن، هڙتالن ۽ احتجاجن ۾ دل جي گهراين سان حصو ورتائين. ان وقت سوچيو هئائين تہ جي مان آفيسر ٿي ويس تہ رڳو پنهنجي قوم وارن کي نوڪري ڏيندس ۽ جڏهن پنهنجي قوم وارو ڪو ڪم واسطي ايندو تہ هن جو اهو ڪم بنا دير ڪندس ۽ هر معاملي ۾ پنهنجي قوم جي شخص جو غير قوم جي شخص جي مقابلي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندس ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي زمين ۽ پلاٽن تي ٻين قومن جي والار کي ٻنجو ڏيندس. هو ڌرتيءَ پورهيت پيءُ جو پٽ هو ۽ سدائين پنهنجي پيءُ کي توڙي پاڻ کي پيڙا جي پاتال ۾ ڏٺو هئائين.

جڏهن هو سي. ايس. پي آفيسر بڻيو تہ منڍ ۾ پنهنجن ارادن مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪيائين. پوءِ جيئن هو ڪرسيءَ جو مزو چکندو ويو ۽ ناٽي جا ڍير گڏ ٿيڻ لڳس، تڏهن هن جي آڳاٽن ارادن تي لوهي تهہ چڙهندا ويا. هن پاڻپي ورتو تہ ڪرسيءَ تي قائم رهڻ خاطر سچ، انصاف ۽ ضمير تي ڏانگي ٿي گهمائڻي پوي؛ ۽ هن کي پنهنجي ڪرسيءَ ڪان سواءِ ٻي ڪا پرواهہ نہ رهي هئي. پر تڏهن بہ هن کي بعضي بعضي، پنهنجين اهڙين ڪارروايين تي ضمير جي چهنڊڙي ضرور پوندي هئي. جڏهن هو شاگردن کي سزائون ڏيندو هو يا هنن خلاف حڪمن تي صحي ڪندو هو تڏهن هن کي پنهنجو ضمير ڪائيندو هو. هن کي احساس هو تہ اهي شاگرد مون لاءِ ۽ پوري قوم لاءِ احتجاج ڪن ٿا، ڦٽڪا ۽ جيل ڪائن ٿا، سختيون سهن ٿا، جيئن مون کي ۽ اسان جي محروم قوم جي ماڻهن کي نوڪريون ملن ۽ وڏا وڏا عهدا ملن ۽ ترقيون ملن ۽ هيڏانهن مان آهيان، جو انهن کي بي قصور ڄاڻندي بہ سخت سزائون ڏيان ٿو.... هو انهن کي هرو ڀرو بہ انتهائي سخت سزائون ڏيندو هو تہ متان پنهنجن آقائن جي نظر ۾ نہ ٿي پوي. پنهنجي ڪل بچائڻ خاطر: هو هنن وٽ سرخرو ٿيڻ لاءِ ائين ڪندو هو يا تہ بندوق هن جي ڪلهن تي رکيل هوندي هئي ۽ گهوڙي دٻائڻ وارو هو نہ هوندو هو. پنهنجن خاص دوستن سان ڪڏهن ڪڏهن ڪچهريءَ ۾ ٻاسيندو هو يا پنهنجي پاپي من کي ڪوڙو آٿت ڏيڻ لاءِ يا شرم پرچائڻ لاءِ ائين چوندو هو تہ، "يار! پنهنجي ڪرسي بچائڻ ۾ پورا آهيون." جڏهن

هن وٽ نوڪريءَ جون جايون خالي هونديون هيون تہ هو پنهنجن کي موٽائي ڇڏيندو هو. انهن مان نہ رشوت جي اميد هوندي هئس ۽ نہ احتجاج يا دٻاءَ جو انديشو. يا تہ انهن کي ڏيندو هو جن وٽان پوري رشوت وصول ٿيندي هئس. پر ڌارين کي نہ موٽائيندو هو. ان جو سبب سهٽي سفارش ٿي ٿي سگهيو يا آقائن جي خوشنودي. نہ تہ بہ اتي احتجاج ۽ دٻاءَ جو انديشو هو ۽ اهڙي رنجش ۽ ناراضگيءَ ڪري نوڪريءَ کي جوکو رسي ٿي سگهيو.

وچ ۾ جڏهن هو رشوت جي ڪري بہ سال نوڪريءَ مان سسپينڊ رهيو تہ ان دوران هروڀرو بہ ملنڌڙن کي چوندو هو تہ مان هيءَ سزا ان ڪري ٿو ڀوڳيان جو پنهنجي ڌرتيءَ وارن کي نوڪريون ڏيندو هوس.

پلاٽن ۽ زمينن جي ماملي ۾ هو ديسين کي حق بہ نہ ڏيندو هو. پر ٻين کي سفارش ڪري يا مٿين کان گهبرائجي يا رشوت وٺي يا هنج ۾ حسن پوڻ سان پنهنجي ڌرتيءَ جو نيلام ڪندو هو.

اڄ بہ هن جي هنج ۾ هڪ لاجواب حسن ڪريو هو پنهنجي ڌرتيءَ کي تين وال ڪرڻ جي بدلي ۾. پر پوءِ هن جي ضمير ۾ ڇهنڊڙي پئي هئي ۽ ان ڏاڍو ايذايو اٿس. اهو ايذاءُ اڄ ڪلب ۾ يٽ شٽ ڪرڻ، رمي کيڏڻ ۽ شراب پيئڻ سان بہ نہ مٽيو آهي، ۽ هو هينئر پنهنجي گهر ۾ اچي ويڳاڻو ٿي ويٺو آهي.

هن جي دل ڏاڍو چاهي ٿي تہ زال منهنجي همراز هجي ها تہ اهڙن موقعن تي مان هن کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي، دل جو بار هلڪو ڪريان ها. پوءِ ڪٿي حسن جو هنج ۾ ڪرڻ جو نہ ٻڌايان ها، پر ايترو تہ ٻڌايان ها تہ رشوت وٺي، پنهنجي ڌرتيءَ تي داغ لڳايو اٿم. حسن جا اهڙا اهڙا روپ هن جي هنج ۾ ڪرندا رهيا، جو ڪوڙ سالن کان وٺي هن کي زال ڏٺي نہ وڻندي هئي. ان ڪري زال بہ پنهنجيون دلچسپيون گهر کان ٻاهر وڌائي ڇڏيون هيون. دولت اڻ مئي هئي. موٽر مڙس کي الڳ تہ زال کي الڳ. هرهڪ جون مشغوليون ۽ سرگرميون جدا جدا. هرهڪ جي راهہ نياري.

زال جي باري ۾ هو پنهنجي هن مهل جي سوچ جي منطق جي صحيح هجڻ تي ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي، ورنہ هو ان حقيقت کان بي خبر نہ

آهي تہ سندس زال کي رڳو دولت ڪپندي هئي ۽ ان ڳالهہ جو اونو ڪونہ هوس تہ اها دولت ڪٿان ۽ ڪيئن ٿي اچي. هوءَ تہ هن کان بہ وڏي آفيسر جي ڌيءَ هئي ۽ جائي ڄمر کان پلي ئي دولت جي ماحول ۾ هئي. هن کي نہ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ احساس هو ۽ نہ پنهنجي ڌرتيءَ وارن واسطي ڪهڪاءُ..... پر هن کي شدت سان خيال ايري ٿو تہ هن کي زال سان ناهہ ڪرڻ گهرجي ۽ گهر جي ڀاتين جي باهمي اجنبيت کي دور ڪرڻ کپي. هو نيٺ پڪو پهہ ڪري ٿو تہ بيگم اچي تہ هن سان دل کولي ڳالهائيندس ۽ ڏک ڏوراپا ڏيندس ۽ هن جون ميارون ٻڌندس.

هو عام طرح ڪتاب ڪونہ پڙهندو آهي. هڪ ڀيري ريل جو ڊگهو سفر ڪاٽڻ واسطي ٽيشڻ تان "گهرو خوشيءَ جا راز" نالي ڪتاب ورتو هئائين. اهو پرسان ٽپائيءَ تي پيو آهي. ائين ئي کٽي ان جا پنا اٿلائڻ ٿو لڳي. هڪڙي صفحي تي ٿلهن اکرن ۾ لکيل پڙهي ٿو: "زال کي راضي رکڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ هن جي جسم جي، هن جي سينگار جي، هن جي شين جي واکاڻ ڪندو رهہ." هيءَ صلاح مڙس کي ڏنل هئي.... اهو پڙهي، هو مرڪڻ لڳي ٿو. ڄڻ تہ پنهنجي مسئلي جو حل ملي ويو اٿس. هو سوچڻ لڳي ٿو تہ ان صلاح کي اڄ ئي ڪيئن عملي صورت ونايان. هو پاڻ کي ذهين آفيسر سمجهندو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ذهين آفيسر ضرور آهي.

ٻارهين بجي بيگم موٽي ٿي تہ هن جو منهن ڀيلو آهي، ڄڻ ڪو رانديگر فائينل مئچ ۾ هارائي موٽيو آهي ۽ هوءَ سچ پچ هار کائي آئي آهي. هن عورتن جي اڄوڪي پارٽيءَ واسطي بہ مهينا اڳ کان تياري ڪئي هئي. ڳهن جو نئين قسم جو اهڙو سيٽ جوڙايو هئائين، جهڙو هن شهر ۾ اڄ تائين ڪنهن بہ بي بيگم نہ ٺهرايو هو ۽ نہ پاتو هو. ڪپڙن جو وڳو اوچي ۾ اوچي ولايتي ڪپڙن جو ورتو هئائين ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي فيشن ايبل شهر ۾ وڃي، عورتن جي سٽي ۾ سٽي درزيءَ کان سبرايو هئائين. اهي ڳهہ ۽ اهو جوڙو ڪنهن کي بہ نہ ڏيکاريائين ۽ پارٽيءَ ۾ ايندڙ سيني عورتن کي Surprise (حيرت) ڏئي، انهن جي واتان، پنهنجي لاءِ واهہ واهہ ٻڌڻ تي چاهيائين.

اڄوڪي پارٽيءَ لاءِ هار سينگار ڪري وڃڻ وقت هن کي پڪ هئي تہ ٻي ڪابہ عورت هن جو مقابلو ڪري نہ سگهندي ۽ محفل ۾ هوءَ مڙني جي نگاهن جو مرڪز بڻجي ويندي ۽ هر عورت هلي اچي، هن کان پڇندي تہ هي وڳو ڪٿان سبرايو اٿئي ۽ هي زيور ڪنهن کان جوڙايا اٿئي؟ هوءَ محفل ۾ بہ ان ڪري دير سان آئي، جيئن سيني جو ڌيان هن ڏانهن ڇڪجي. هوءَ خاص مهمانياڻيءَ کان بہ پوءِ پهتي ۽ شامياني ۾ گهڙي تہ ڪنهن هن ڏانهن ڪنڌ ورائي بہ ڪونہ ڏنو. سڀ عورتون خاص مهمانياڻيءَ جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جو جتن ڪري رهيون هيون. هر ڪنهن ڪوشش پئي ڪئي تہ هن جي پرسان وهي، هن جي پاسي ۾ ويهي، هن سان ڳالهائي، هن کي پاڻ ڏي متوجهہ ڪري، هن سان هٿ ملائي، هن سان پنهنجي جاڻ سڃاڻ ڪري، هن جي ڳالهہ ڳالهہ تي هرويرو وڏا وڏا ٽهڪ ڏنائون. هن جي زيورن جي باري ۾ سڀ ڪجهہ تي پڇيائون ۽ هن جي لباس جي ساراهہ ۾ شاعري تي ڪيائون. کائڻ پيئڻ جو دور هليو تہ ڪا عورت هن کي کوڪا ڪولا پئي ڏئي، تہ ڪا ڪيڪ پئي پيش ڪري، ڪا ڪباب پئي آڻي، تہ ڪا کير واريون سيون پئي کنيو اچي ۽ ڪا ڪافي پئي ٺاهي.

خاص مهمانياڻي، نئين حڪمران جي بيگم هئي، جو فقط هڪ هفتو اڳ هتي مقرر ٿي آيو هو.

ان وڏي آفيسر جو پنهنجي گهر جي اوطاقي صفي ۾ اچي ويٺو آهي، تنهن جي بيگم، محفل ۾ هي سارو وقت سڙندي، ڪامندي، پوسرندي، پڇرندي ۽ رجهندي رهي. هن خاص مهمانياڻيءَ جو جوڙو ۽ ڳهہ ڏسي، نڪ کي موڙو پئي ڏنو.

موٽر جو آواز ٻڌي، آفيسر اوطاقي صفي مان اٿي، ٻاهر اچي ٿو. ٻاهر فقط سردي سڃاڳ آهي، باقي آسمان جا تارا، رستي جا بلب، آسمان جا گهر رات جو روح، ماحول جي اوندهہ رولو ڪتا ۽ خود رستو هن آفيسر ۽ سندس بيگم وانگر ڳهر ۾ آهن. مايوس ۽ ملول بيگم کي هن مهل آئت جي ايتري لوڙ آهي، جو هن کي مڙس جي روش جي تبديليءَ جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي. البت مڙس ڏسي ٿو تہ هوءَ زيورن

جي شوڪيس بٽيل آهي ۽ ولايتي سرهاڻين جو هلندڙ چلندڙ اشتهار. البت هن جي من ۾ هيءُ جملو ڪونه ٿو ايري، جو ڪجهه سالن کان پنهنجي هن زال کي ڏسي ايرندو آهي تہ: "رن ڪيتري نہ تلهي ٿي پئي آهي، ڄڻ چربيءَ جو هماليہ جبل."

"اڇي وئينءَ بيگم." هو چوي ٿو.

"ها!" بيگم رئٹهارڪي آواز ۾ وراڻي ٿي، پر مڙس اهو لهجو محسوس ڪونہ ٿو ڪري.

"چڱو! اچ، ٿورو ڊرائنگ هال ۾ ٿا وهون."

ٻئي اوطاقي صفي ۾ اچي وهن ٿا.

ٻئي ماٺ آهن.

"ڪيئن رهي پارٽي؟" نيٺ مڙس پڇي ٿو.

"ڏادي بور." بيگم ڄڻ ڏند ڪرٽيندي چوي ٿي.

"ڇو؟"

"ماڻهو اپرندڙ سڄ جا پوڄاري آهن."

هو هلڪو ڇرڪ پري ٿو ڄڻ تہ ان طعني جو نشانو هو پاڻ هو. هو ان ڳالهہ کي ڊيگهہ ڏيڻ نہ ٿو چاهي.

ٻئي چُپ ٿي وڃن ٿا. هڪ گهر ۾ رهندي بہ ٻنهي جي وچ ۾ ايترو ويڇو ۽ ايتري وڇوٽي ٿي وئي آهي، جو سوچڻ تي بہ مڙس کي ڪنهن گهرائيءَ جي گفتگوءَ جو موضوع ڪونہ ٿو ملي ۽ ساڳئي وقت، ڪتاب ۾ جا ڳالهہ پڙهي هئائين، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ، دل ۾، تاهيل ڳالهہ، هن جي ذهن تي سوار آهي. اها چوڻ واسطي آتو آهي.

پوءِ اوچتو چوڻ شروع ڪري ٿو: "بيگم، هي جوڙو توکي ڏاڍو ٺهي ٿو...." هو ٿورو رڪجي ٿو!

ايستائين ٻڌي، بيگم جو پاروٽو چهرو هڪدم سجر ٿي وڃي ٿو ۽ ان تي مرڪ جون روشنيون مڙي اچن ٿيون. هن جي هيانءَ تي ٿڌو ڇنڊو پوي ٿو ۽ محفل ۾ آيل مڙئي عورتون هن کي بد ذوق ۽ بي قدر پاسڻ لڳن ٿيون.

مڙس پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چوي ٿو "... ۽ جڏهن بہ تون اهو وڳو پهريندي آهين، ڏاڍي سهڻي لڳندي آهين!"

اهو ٻڌي حالي بيگم جي ڇهري جي چمڪ وڌي وڃي ٿي ۽ مُرڪون موڪريون ٿي وڃن ٿيون، پر فقط ٻه چار پَل. پوءِ هن جو منهن ڪاراٽجي وڃي ٿو. اڇا ٻه پوءِ، غصي ڪان هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ وات مان گڦ وهائيندي، رڙ ڪري چوي ٿي:

”ڪوڙا قيصرا هي وڳو تہ مون پاتو ئي اڄ آهي. تو اهو اڳ ڏٺوئي ڪٿي آهي!“

هوءَ ڳاڙهي پيلي ٿي، فرش تي زور سان داڦوڙا هڻندي صفي مان نڪري وڃي ٿي ۽ هو بي وقوفن وانگر هن جي پٺيان نهاريندو رهي ٿو.

(مهراڻ 4/1988ع)

# خالي ڪيسي ۾ پريل سوچون

شمشاد جي ذهني ڪيفيت اها آهي جا هڪ سچاڻ سنڌي نوجوان جي هوندي آهي، جو پڙهيل ڳڙهيل ۽ سَنَدن وارو هوندي بہ روزگار کان وانجهو رکيو پيو وڃي. هن جي ڪهاڻي بہ اهائي آهي، جا هزارين لکين سنڌين جي آهي. مسڪين مائٽن ميڙي چونڊي خرچ ڪري، پاڻ کي هر چيز کان سڪائي، قرض کڻي ۽ بکون ڪاٽي، پنهنجي ٻار کي پڙهائي ڊگريون پاسَ ڪرايون. پوءِ ان پڙهيل نوجوان جو ڏهاڙي اخبارن ۾ نوڪرين جا اشتهار جاچڻ، هر ڪاتي ۽ ڪمپنيءَ ۾ درخواست ڏيڻ ۽ شهر شهر ۾ انٽرويو لاءِ پنڌ ڪرڻ ۽ نتيجو اهو ڏسڻ تہ نوڪري پنهنجن کي ڪٽي ڪانہ تي ملي، پر اهي جڳهيون ٻاهرين سان پريون وڃن ٿيون، جي ڊگري توڙي لياقتن ۾ اسان کان گهٽو گهٽ هوندا آهن.

شمشاد سوچي سوچي ٿڪجي پوي ٿو. هن کي خيال اچي ٿو تہ هنن حالتن هيٺ هڪ لائق، حساس ۽ سچاڻ نوجوان مونن ۾ منهن وجهي ويهي تہ نہ ٿو سگهي. ڇا ڏاڙيلن ۾ وڃي شامل ٿجي؟ مون جهڙو ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ هنن ڄٽن جي ڪوپڙيءَ ۾ اهو سمائڻ جو جتن ڪري ٿو سگهي تہ پنهنجن کي نشانو بنائڻ بدران، قومي ويرين ۽ طبقاتي ويرين ۾ غير سلامتيءَ جو احساس پيدا ڪجي يا مون جهڙن بيروزگارن جي ملڪ گير تنظيم ٺاهجي ۽ سامراجيت خلاف گڏيل احتجاج ڪجي، يا اهڙي سرگرم تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن بنجي جا سامراجين جا اسان جي ڌرتيءَ تان پير اکوڙڻ ۾ عملي طرح سرگرم هجي.... ورنہ ويٺي مائٽن جا ميهڻا ٻڌڻا پوندا، بک مرٽو پوندو تي سگهي ٿو تہ مُنجهيل ذهن ۽ بيقرار روح کي دٻائڻ لاءِ چرس، آفيم يا هيروئن جو موالي ٿيڻو پوي ۽ حياتي تباهہ ڪرڻ جي شاهي راهہ تي پهچي وڃان. هڪ ڏينهن هو پنهنجي پسند جي ساهتڪار کي خط لکي ٿو:

"سائين! ڪالهه ذهن ڏاڍو منجهيل ۽ وڪريل هو. دماغ سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏل هو. ڏاڍي پريشاني، بي آرامي ۽ تنهائي ٿي محسوس ڪيم. عادت موجب سنڌي ڪتاب ڪٽي پڙهڻ وينس. توهان کي اهو ٻڌايان ته اڄڪلهه روز رات جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ ڪو سنڌي ڪتاب پڙهندو آهيان. اهو ڪتاب اوهان جي ڪهاڻين جو ڳٽڪو "دارون هن ديواني جو" هو. ڪتاب پڙهندي دماغ جي ٿڪاوٽ دور ٿيندي وئي ۽ سوچ چٽي واٽ وٺندي وئي ۽ ذهن وري هڪ وار انهيءَ راءِ تي بيٺو ته، "اسان وٽ جيڪڏهن اهڙا ليکڪ موجود آهن، جيڪي پنهنجي قلم سان پنهنجي قوم جي ترجماني ڪن ٿا ۽ قوم جي ناسورن جو ڏس ڏين ٿا ته اها قوم جلد ئي ماڳ تي رسندي ۽ ضرور پنهنجا مقصد ماڻيندي."

ڪتاب پڙهندي سائين ميلهارام منگترام واسواڻيءَ جي ڪتاب "گلستان" جي ديباچي جون هيٺيون سٽون ذهن تي تريون: "ڪنهن به قوم جي اخلاق، تهذيب ۽ ترقيءَ جو پتو سندس علم ۽ ادب مان پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته قوم جا بيدار مغز عالم ۽ اڳواڻ، فيلسوف ۽ شاعر پنهنجا خيال ۽ تجربا قلمبند ڪرڻ سان ئي قوم جي رهنمائي ڪن ٿا."

ان سان گڏ پروفيسر ليکراج ماڙيوالا ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ڪتاب "سامي" جي ديباچي جون هيٺيون سٽون ياد اچڻ لڳيون: "هر ڪنهن قوم جي سيتا جو سياءُ، ان جي علم ادب مان پوي ٿو. ان جي ترقيءَ جو مدار به ان جي ادبي فهم، احساس ۽ شناس تي آهي. جا قوم پنهنجي ساهتڪ ذخيري کي سانڍڻ ۽ وڌائڻ جو اُدم نه ٿي ڪري، سا جهٽ زبون ۽ اجڙ ٿيو وڃي."

سچ ته اوهان جي ڪتاب پڙهڻ سان دماغ روشن ٿي ويو ۽ نئون اتساهه جاڳيو. اميد ته اڳتي به وک وک تي اوهان پنهنجين لکڻين ذريعي اسان جي رهنمائي ڪندا رهندا.

اڄڪلهه آءٌ پنهنجي روزگار جي تلاش ۾ آهيان. ان ڪري انٽرويو جي بهاني جدا جدا شهرن جا ٿاٻا پيو کائوان. ڪڏهن ڪراچي ته ڪڏهن حيدرآباد ۽ ڪڏهن ڪو ٻيو شهر. مطلب ته ڪوڙ انٽرويو ڏنا اٿم. مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس، انٽر فرسٽ ڪلاس ۽ بي. اي فرسٽ ڪلاس ۾ ڪئي

اٿم. پر اڄ ڪلهه نوڪري ملڻ محال آهي، ڇاڪاڻ تہ نوڪري وٺڻ واسطي بہ ڳالهيون ضروري ٿي پيون آهن. هڪ رشوت، جا گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار رپيا آهي ۽ ٻي پهچ. اهي ٻئي مون وٽ نہ آهن. آءٌ تہ هڪ غريب خاندان جو ياتي آهيان، جنهن جو سنياليندڙ هڪ ماستر آهي. توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ هن جي ايتري پهچ ڪٿي جو اولاد کي نوڪري وٺي ڏئي، يا هن وٽ ايترو پئسو ڪٿان اچي جو هو ڇوڪر لاءِ روزگار حاصل ڪري سگهي. هن دور ۾ پيٽ جي پورت ڪرڻ ئي هماليہ جبل جيڏو مسئلو آهي....

ڳالهہ ڪٿان اچي ڪٿي نڪتي. من تي مٽين بار هئڻ سبب اهو سڀ ڪجهہ لکي ويس. سوچيم تہ پنهنجي حال کان سائينءَ کي واقف ڪري، پنهنجي من جو بار هلڪو ڪريان. اهڙي ڪيفيت جي عالم ۾ جيڪڏهن اوهان جي لکٽين جو ڪو مجموعو هٿ اچي ويندو آهي تہ وري ذهن ۽ دماغ ٻئي هڪ نئين سوچ سان پرپور ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اوهان جون لکٽيون اسان جو ئي تہ آواز آهن.

سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ رات اوهان وارو ڪتاب پڙهندي منهنجو جوش تازو ٿيو ۽ فيصلو ڪري ورتم تہ سرگرم تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن ٿي، پوري سرگرميءَ سان حصو ٿو وٺان. ذهن اول ئي تتل هو هاڻي پير بہ تپي ويا ۽ تتل پير وهڻ نہ ڏيندا آهن.... شمشاد.“

خط پڙهي، ليکڪ کي پهريون ويچار اهو ٿو اچي تہ بيروزگاريءَ جي واندڪائيءَ ۾ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان قومي ساهت پڙهن ٿا ۽ ان سان گڏ هنن جي روزگار لاءِ معاشي جاکوڙ اسان جي اڳ ۾ ئي هلندڙ قومي سجاڳيءَ جي جاکوڙ ۽ غير طبقاتي سماج لاءِ جاکوڙ جو بنياد بڻجندي وڃي.

ليکڪ پاڻ کان پڇي ٿو: ڇا هيءَ بيروزگاري باروت ۾ بدلجي رهي آهي؟..... بغاوت جو باروت!

(مهراڻ 1989/1ع)

(پاڱو ٻيو)

# ترجمو ڪيل ڪهاڻيون

گريگوريو لاپيز

# خدا ڏانهن خط

(اسپيني لوڪ ڪهاڻي)

سڄي واديءَ ۾ هيءَ ئي هڪ گهر هو جو هڪڙي ننڍي پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل هو. اتي بيهڻ سان چوپاين جو وٿاڻ، چراگاهہ ۽ پوک صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيا. اناج جا پريل سنگ ۽ انهن جي وچ وچ ۾ مَٽرن جا گلڙا، جهرمر جهرمر لڳايو بيٺا هئا. هن سال پلي فصل ٿيڻ جا سڀ اهڃاڻ موجود هئا. بس رڳو زمين کي تمام ٿوري پاڻيءَ جي ضرورت هئي، بارش جي هلڪي وسڪاري جي.

لينچو جو زمين جي هر ضرورت کان واقف هو سو صبح کان ئي، آس لڳايو اتر- اوڀر طرف، وسڻ جي ويس ڪيل آسمان ۾ اکيون اڙايو ويٺو هو.

سانجهي ٿيڻ لڳي.

"هاڻي مينهن آيو بيٺو آ." هن جوءِ ڏي منهن ڪري چيو.

جوڙس دانگيءَ مان ڍوڍو ڪيندي وراڻيو "رب سائين ڀاڄهارو آهي، سڀ سٺائي ڪندو."

وڏا ڇوڪرا ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. ۽ ننڍا ٻار گهر ويجهو ئي راند ڪيڏي رهيا هئا. ماءُ هنن کي سڏي چيو "پٽڙا، اچي ڳيو ٽڪر کائو!"

هنن اچا ماني پئي کاڌي تہ لينچو جي اندازي موجب، مينهن جا وڏا ڦڙا ڪرڻ لڳا. اتر- اوڀر کان ديون سمان ڪڪر ڏوڪيندا اچي رهيا هئا. هوا ۾ تازگي ۽ توانائي هئي.

لينچو ٻاهر وٿاڻ ڏي ويو صرف ان لاءِ تہ جيئن هو پنهنجي جسم تي مينهن پوڻ جي فرحت محسوس ڪري. وري اندر گهڙي چيائين: "اپ

مان اهي مينهن جا ڦڙا نٿا ڪرن، پر اهي نوان سڪا آهن. وڏا ڦڙا آديون آهن ۽ ننڍا ڦڙا پائليون.... پيچ مولا.... پيچ مولا....“

هن اطمينان ڀرئي ڇهري سان، پنهنجي پوک جي ڀڪل سنگن ۽ مٽرن جي گلن ڏانهن نظر ڊوڙائي، جي هينئر مينهن جي پردي ۾ ويڙهيل هئا... پر اچانڪ، هوا جو زور ۽ شور وڌي ويو ۽ گڏوگڏ وڏن ڳڙن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. اهي ڳڙا واقعي چانديءَ جي سڪن سان مشابهت رکندڙ هئا. ڇوڪرا، جي ٻاهر بارش ۾ وهنجي ۽ کيڏي رهيا هئا، تن اهي برف جا بلور ميڙڻ شروع ڪيا.

”اوهو هاڻي ته ڪم خراب ٿو ٿئي!“ لينچي مايوس ٿي، ٻڙ ٻڙ ڪري چيو ”خدا ڪري هي طوفان جلدي ختم ٿي وڃي!“

پر اهو ختم ڪونه ٿيو. پورو هڪ ڪلاڪ، گهر تي، باغ تي، واڙي تي، چراگاهه تي، پوک تي ۽ سڄي واديءَ تي ڳڙا وسندا رهيا. ٻني اهڙي اڇي ٿي نظر آئي، ڄڻ ته لوڻ سان ڍڪيل هئي. وڻن تي ڪو پن ڪين بچيو. اصل سڄو فصل ناس ٿي ويو! مٽرن جا سڀ گلڙا ڇڄي، ڇڻي پَٽَ تي وڃي پيا. لينچو جو روح غم ۽ اندوهه سان ڀرجي ويو. جڏهن طوفان ختم ٿيو. تڏهن هو برباد ٿيل ٻنيءَ جي وچ ۾ وڃي بيٺو ۽ پٽن کي سڏي چيائين:

”ماڪڙ به ڪجهه نه ڪجهه بچائي وڃي ها.... هن طوفان ته ڪجهه به نه ڇڏيو آهي. هيلوڪي سال اسان وٽ نه اَن جو داڻو هوندو ۽ نه مٽرن مٽ......“

اها رات ڏادي اُداس هئي.

”اسان جي ساري محنت ڌوڙ ۾ ملي ويئي!“

”دنيا ۾ ڪوبه ڪونهي جو اسان جي واهر ڪري سگهي!“

”هن سال اسين سڀ بک مرنداسين....“

مگر واديءَ جي وچ ۾ هن هيڪلي گهر جي هڙني رهاڪن جي دلين ۾ هڪڙي اميد هئي: خدا جي مدد!

”برابر اسان جي پوري محنت برباد ٿي ويئي آهي، پر دل نه لاهيو. ياد رکو ڪوبه بک وگهي نه مرندو آهي!“

”ها ائين ٿي چوندا آهن ته ڪير به بک وگهي دم نه ڏيندو آهي....!“

اها سڄي رات لينچو پنهنجي هڪ ئي اميد تي ويچار ڪندو رهيو: ”خدا جي مدد“ اهو خدا، جنهن بابت هن بزرگن ۽ هرهڪ ماڻهوءَ کان ٻڌو هو ته هو سڀ ڪجهه ڏسي پسي ٿو ۽ هو دلين جو مالڪ آهي. جيئن پوءِ تيئن هن جو يقين محڪم ٿيندو ويو. لينچو هو ته صفا جهنگلي، پر ڪجهه مڙئي لکڻ- پڙهڻ سکيو هو. آچر جي سڳوري ڏينهن، ڀيج ڀنيءَ ئي هو خط لکڻ وينو ۽ ارادو ڪيائين ته هو پاڻ ئي شهر ۾ وڃي، اهو ٽپال جي دٻي ۾ وجهندو.

اهو خط خدا ڏانهن هو.

هن لکيو ”اي خدا! جيڪڏهن تو منهنجي واهر نه ڪئي، ته هن سال مان ۽ منهنجا ٻچڙا بک ۾ پاهه ٿي ويندا سين. مون کي سؤ رپيا کپن. انهن منجهان مان نئون ٻج وٺي. وري ٻنيءَ ۾ ڇٽيندس ۽ باقي پئسا فصل لهڻ تائين پيٽ قوت واسطي ڪم ايندا، ڇو ته ڳڙن جي طوفان.....“

هن لفافي مٿان ”خدا ڏانهن“ لکيو ۽ اهو کيسي ۾ وجهي شهر ڏي روانو ٿيو. پوسٽ آفيس مان وڃي ٽڪلي خريد ڪيائين ۽ اها لفافي تي چنبڙائي، لفافو ٽپال جي دٻي ۾ وڌائين.

خط ڇانٽيندي ڇانٽيندي، ٽپالي ٺهڪ ڏيندي، پنهنجي بالادست وٽ آيو ۽ اچي هن کي خدا ڏانهن لکيل خط وارو لفافو ڏيکاريائين. پوسٽ ماسٽر، جو بدن جو ٿلهو ۽ کلمک شخص هو سو کلي کلي کيرو ٿي پيو. پر اچانڪ کلڻ بند ڪري، هو گنڀير ٿي ويو ۽ خط ميز تي رکي چيائين: ”هن شخص جو ايمان ته ڏسو! اهڙو ايمان ۽ اعتماد خدا شال هر ڪنهن کي ڏئي! اهڙي ايمان وارا ئي خدا سان لکپڙهه ڪري سگهن ٿا!“

غريب هاريءَ جي ڀرم قائم رکڻ خاطر، ۽ هن خيال ڪندي ته هن جي اهڙي معصوم عقيدي کي لوڏو نه اچي، هن هڪ تجويز سوچي..... ان خط جو جواب!

پر خط کولڻ کان پوءِ خبر پيس ته جواب ڏيڻ واسطي نيڪ نيتي، قلم ۽ مس کان سواءِ ٻيو به ڪجهه گهرجي. ان جي ٻلي ڪرڻ جو به سوچي ورتائين. هن ڪجهه پئسا پاڻ ڪڍيا، ڪجهه ٽپاليءَ کي ڏيڻ لاءِ تيار ڪيائين ۽ دوستن ۽ واقفڪارن کي به هن خير جي ڪم ۾ چندي ڏيڻ لاءِ چيائين.

جيتري رقم لينچو کي درڪار هئي، اوتري جمع ڪرڻ تہ پوسٽ ماستر لاءِ اڻ ٿيڻي ڳالهہ هئي. لينچي سؤ رپيا لکيا هئا، پر پوسٽ ماستر ان کان ڪجهہ گهٽ هٿ ڪري سگهيو. اهي لفافي ۾ اندر وجهي، ان تي هن هاريءَ جو سرنامو لکيائين ۽ هيٺان صرف لفظ "خدا" صحيح ڪيائين.

ٻئي آچر تي سوير ئي لينچي اچي پڇا ڪئي تہ سندس ڪو خط تہ آيل ڪونهي؟ ٽپاليءَ اهو خط هن جي حوالي ڪيو. پوسٽ ماستر، جنهن جي ڇهري تي نيڪي ڪندڙ انسان وارو سڪون ڇانيل هو تنهن پري کان ئي ويٺي هن ڳوٺاڻي جو جائزو ورتو. لينچي خط کوليو. ان ۾ نوٽ ڏسي هن حيرت جو ڪوبہ اظهار ڪونہ ڪيو. ڄڻ تہ اها سؤ في صدي سياويڪ ڳالهہ تي هئي.... اها هئي گهرائي هن جي يقين جي .... پئسا ڳڻي، ڪاوڙ وچان هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.... خدا کان ڀُل ٿي نٿي سگهي ۽ نہ وري هو هن جي عرض اگهائڻ ۾ آنا ڪاني ٿي ڪري سگهيو!

هڪدم هو وري دريءَ وٽ آيو ۽ قلم ڪاغذ گهريائين. پوءِ ورانڊي ۾ عام ماڻهن واسطي رکيل ميز وٽ ويهي لکڻ لڳو. لکندي لکندي هن جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا، ڄڻ تہ ڳوڙهي ڳڻڳوت ۾ هو يا خيالن ناهڻ ۾ انهن کي لفظن جي شڪل ڏيڻ ۾ دقت درپيش ٿي آيس. جڏهن لکي پورو ڪيائين، تڏهن هو وري دريءَ وٽ آيو ۽ لفافو ڳنهي، ان ۾ خط وجهي، چپن سان آلو ڪري بند ڪيائين.

جيئن ئي هو لفافو دٻي ۾ وجهي ٻاهر نڪتو، تيئن ئي تيزيءَ سان پوسٽ ماستر وڃي دٻو کوليو ۽ اهو لفافو ڪڍي ڦاڙي، خط پڙهڻ لڳو. لکيل هو:

"اي خدا! جنهن رقم لاءِ مون سوال ڪيو هو ان مان، مون کي فقط ستر رپيا پهتا. باقي رقم مون کي جلدي موڪليو، ڇو تہ مون کي سخت ضرورت آهي. مگر اهي ٽپال رستي نہ موڪلجو ڇو تہ ٽپال کاتي جا ملازم وڏا بي ايمان آهن..... لينچو."

(مهراڻ 1/1968ع)

كارتا ا. چ. ت

# سڪ ۽ سياست

(انڊونيشي ڪهاڻي)

هيءُ اتفاق، ائمسٽرڊئم ۾، سرءُ جي هڪ طوفاني شام جو ٿيو. مان پنهنجو رستو ڀلجي ويو هوس ۽ واليريس اسٽريٽ جو ڏس پتو پڇڻو پيو. مون جنهن ماڻهوءَ کان اها پڇا ڪئي، هن جي انڊونيشي ٻوليءَ ۾ جواب ڏيڻ مون کي ڇرڪائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ مون ڊچ ٻوليءَ ۾ ئي سوال پڇيو هو. مان ان ملڪ جي زبان ۾ ڳالهايو هو ۽ هو ڊچ ئي هو.

"اجهو هن طرف........"

هن تہ ايتري مهرباني ڪئي، جو جنهن گهٽيءَ جي مون کي تلاش هئي، اوستائين مون سان گڏجي هليو.

هو عام ڊچن کان قد ۾ لانيرو هو. هوا ۾ اڏامڻ کان بچائڻ لاءِ هن گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجي گهرگهلي ٽوپلي کي مٿي تي مضبوط ٿي پڪڙيو. هن جو وڏو ڪوٽ پڻ هن جي ٽوپلي وانگر ڳُتل ۽ ٽوبري جهڙو هو. مان هن جو چهرو چٽيءَ طرح ڏسي ڪونہ ٿي سگهيس، مگر هن جي ڳالهائڻ جي سانتيڪي نموني ۽ منٺڙي آواز مان اندازو لڳايم تہ هو هڪڙو پيارو انسان آهي.

رستي تي هن مون کي ٻڌايو تہ انقلاب وقت هُو انڊونيشيا ۾ هو. هن پنهنجي اخلاق جو اجا بہ ثبوت ڏيندي مون کي پنهنجي گهر اچڻ جي نينڊ ڏني. پوءِ اسان ان دعوت جو وقت مقرر ڪري هڪ ٻئي کان موڪلايو.

مقرر ڪيل وقت تي مون وڃي هن جي گهر جو در کڙڪايو هن پاڻ اچي در کوليو. اسين اونداهي ڏاڪڻ چڙهي نين- ماڙ تي پهتاسين، جتي هو هڪڙي ڪمري ۾ رهندو هو. ڪمرو رهندڙ جي سادگيءَ ۽ گوشہ نشينيءَ جي گواهي ڏيئي رهيو هو. حقيقت ۾ سادگي نہ، پر اتي سُجائي ۽

ويراني هئي. ٽي ڪرسيون، هڪڙي ميز ۽ هڪ کٽ. اهو سڀ سامان تمام پراڻو هو. هڙئي شيون بي ترتيبيءَ سان رکيل هيون. ڪتاب، هيٺ مٿي ڇڙوڇڙ ٿيا پيا هئا. هڪ پاسي تصويرن چٽڻ جو تختو رکيل هو، جنهن تي هڪ اڌوري تصوير چٽيل هئي، ۽ پرسان فرش تي برش ۽ رنگن جون دٻليون ڪنڊڙيل هيون.

”توهين مصوري به ڪندا آهيو ڇا؟“ مون پڇيو.

”بس وقت گذران واسطي اهوئي هڪڙو خفت اٿم.“

ڪنڊ مان ڪرسي ڇڪي، هن مون کي ان تي ويهڻ لاءِ چيو. هن جي هلت چلت مان ظاهر هو ته هُو هڪ رلٽو ملٽو ۽ بي تڪلف انسان آهي.

هن مون کي پنهنجون ڪيتريون ئي چٽيل مورتيون ڏيکاريون. معلوم ٿي ٿيو ته هو پوري محنت سان ان فن سکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جي اڌ ۾ ڇڏيل تصوير، جبل جي دامن ۾، سارين جي پوک جو نظارو هو.

”هي انڊونيشيا ملڪ جي ٻهراڙيءَ جو هڪ ڏيک آهي.“ هن چيو.

پوءِ هو ڏاڍي چاهه ۽ اڪير مان چوڻ لڳو ته هو انڊونيشيا جي ننڍين ننڍين ٽڪرين واري خوبصورت ٻهراڙيءَ کي بيحد ياد ڪندو آهي.

”ڇا وري اهو وقت ايندو؟ ڇا وري مان اتي جي نيرين ٽڪرين جي لاهين تي، چانهه جي ساون ٻوٽن جي وچ ۾ ڪڏهن پنڌ ڪري سگهندس؟ ڇا وري مان اتي جي ڳوٺاڻين، ڍلا چولا پاتل، سادين ۽ سهڻين ڇوڪرين جا، چانهه جا پن پٽيندي، ٺهڪ ڏيڻ ۽ راڳ ڳائڻ ٻڌي سگهندس؟ انهن جهنگن جي تازي تازي ۽ ٿڌڙي ٿڌڙي هير.....“

ظاهر هو ته هو جذباتي ٿي رهيو هو. پراڻيون يادگيريون هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائي رهيون هيون.

مون کي حيرت لڳي ته هو حڪمران ڊچ قوم جو فرد هو پر هن کي انڊونيشيا، جو هنن جو ڪڏهن محڪوم هو تنهن واسطي ايتري حب ڇو هئي؟ هينئر پنهنجي ملڪ هالينڊ ۾ رهندي به مورتون انڊونيشيا جون خاص ڪري ان جي ٻهراڙيءَ جون پيو چٽي!

مون هن کي آٿت ڏيندي چيو: "ها چوڻ، اهي ڪي اهڙيون اڻٿيڻيون ڳالهيون تہ ڪين آهن."

هو ڪجھہ اداس ڏسڻ ۾ آيو.

"مون کي ان خوبصورت ٻهراڙيءَ سان ايترو اُنس آهي، جڻ تہ مان جائو نپنو ئي اتي هوس. آهي تہ اها عجيب ڳالهہ پر مون کي ان جي سبب جي سُڌ بہ آهي."

"اهو ڀلا ڪيئن؟" مون سوال ڪيو.

"رڳو ائين نہ آهي تہ اتي جا پهاڙ ايترو شاندار آهن، ڇوتہ توکي خود خبر آهي تہ هتي اسان جي ملڪ جا پهاڙ سونهن ۾ سرس ۽ وڌيڪ شاندار آهن، پر تنهن هوندي بہ مون کي انڊونيشيا وارا ڏاڍو پيارا لڳن ٿا."

مون مرڪيو جو سمجهيم تہ هو فقط مون کي خوش ڪرڻ واسطي ائين چئي رهيو آهي.

وري چوڻ لڳو: "اهو شايد ان پيار جي ڪري آهي، جو اتي جي رهاڪن ۽ ڳوٺن جي سادن سودن ۽ رلڻ ملڻ ماڻهن واسطي منهنجي اندر ۾ آهي. پيار هڪ اهڙو جذبو آهي، جو هر شيءِ کي حسن بخشي ٿو. ڇا اها حقيقت نہ آهي تہ برپٽ ۽ بيابان بہ پيار جي متوالي انساني لاءِ باغ بهار بڻجيو پون."

هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چيو تہ هو انڊونيشيا ۾، ڊچ شاهي فوج ۾، سپاهي هو. اهو انقلاب جو زمانو هو هن کي جيل اماڻيو ويو ڇوتہ هن اهڙن انسانن کي گولي مارڻ کان انڪار ڪيو جن جو گناهہ فقط ايترو هو جو هو آزاديءَ جي گهر ڪري رهيا هئا.

اهي ڳالهيون منهنجي برداشت کان ٻاهر هيون. هو چوندو هليو: بي انصافيون ۽ غير انساني حرڪتون ڏسي مان پنهنجي قوم جي ماڻهن سان بغاوت ڪرڻ تي تيار ٿي ويس. مان رڳو هڪڙو واقعو تو ٻڌايانءِ، جو منهنجي اکين آڏو ٿيو. بئنڊنگ شهر جي ڊاگو گهٽيءَ مان هڪڙو ڇوڪرو سائيڪل تي ٿي ويو ڪن ڊچن سپاهين هرويرو ڪٽي هن کي روڪيو: پوءِ هن کي ٻنان ڪنهن سبب جي پڪڙي، رستي تان گهليندي وچي هڪ بجليءَ جي ٿنڀي سان بيهاريائون ۽ ٻنان ڪنهن ڇتاءَ ڏيڻ جي هڪڙي

سپاهيءَ پنهنجي ترار اهڙي زور سان هن جي جسم مان پار ڪئي، جو اها جسم مان پار ٿيڻ کان پوءِ بہ لوهي ٿنڀي سان ايتري زور سان لڳي، جو ان مان چڻنگون نڪرڻ لڳيون. گهڙيءَ ۾ هڪ معصوم موت جو شڪار ٿي ويو. ذرا سوچ تہ سهي تہ ايترو ظلم بنان ڪنهن ڪارڻ جي ڪيو ويو. هن غريب ڇوڪر جو اهو قصور هو جو هُو ان قوم جو فرد هو. جنهن پنهنجي آزاديءَ جي گهر ٿي ڪئي.

وان بيورين (اهوئي هن جو نالو هو) اها ڳالهہ ڏاڍي نفرت، پر گنڀيرائيءَ سان ٻڌائي. رکي رکي هن پنهنجي سگريٽ مان سوٽو ٿي پريو. اتي در تي کڙڪو ٿيو هو اتي تڪڙو تڪڙو در ڏانهن ويو ۽ توريءَ ويرم کان پوءِ هڪ نئون ماڻهو نظر آيو. هو انڊونيشي هو ۽ هن کي نيري رنگ جو صاف سترو سوٽ پهريل هو. هو قد جو ننڍو هو هن جو نڪ منو ۽ اکيون ڇُچيون هيون. جي بيقراريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڦڙڪائي رَهيو هو هن جي مٿي جو اڳيون حصو گنجو هو. ان ڪري هن جي پيشاني تمام ويڪري ٿي پيئي هئي، هن جي هلت چلت ۽ چرپر مون کي غير سياويڪ ٿي لڳي، جڻ تہ هو گهبرايل هو. هن وان بيورين جي ڪَن ۾ ڪجهہ پڻ پڻ ڪئي ۽ وري جهڙي نموني اندر آيو هو اهڙي ئي نموني ٻاهر نڪري ويو. مون کي نہ ڪيڪاريائين ۽ نہ مون سان هٿ ملايائين.

وان بيورين چيو: "منهنجو پراڻو واقفڪار آهي، بہ ڏينهن اڳ انڊونيشيا مان آيو آهي، سو ملڻ آيو هو. حقيقت ۾ مون کي هن کان سخت بچان ايندي آهي."

ان کان پوءِ مون ڪيترائي گهمرا هن کي وان بيورين جي گهر ۾ ڏٺو. مون کي هن جي هميشہ رازداريءَ واري روش ڏسي اچرج لڳندو هو. هن ڪڏهن بہ مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ نہ ڊگهيريو.

هڪ ڏينهن وان بيورين مون کي پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوٺ ڏيندي چيو "اڄ مون وٽ شيرين شراب جي بوتل آهي، جو توکي بيحد وڻندو."

ان ملاقات ۾ هن مون کي پنهنجي چٽيل هڪ تصوير ڏيکاريندي چيو. سڃاڻين ٿو تہ هيءَ ڪهڙو ملڪ آهي؟

"هائو اهو انڊونيشيا جي ٻرندڙ جبل گيڊ جو ڏيک آهي."

"اهو بہ ظاهر آهي تہ تون اتي جي رهاڪن جو پوريءَ ريت واقف هوندين؟"

"نہ. مان فقط ملڪ جي ان حصي مان موٽر يا بس ۾ لنگهيو آهيان. ممڪن آهي تہ توکي وڌيڪ واقفيت هجي." مون جواب ڏنو.

"آزاديءَ کان پوءِ هنن جو وقت ڪيئن پيو گذري؟"

"تمام چڱو!"

"خدا جو شڪر آهي....." پر گهڙيءَ کن سوچڻ بعد هن وري سوال ڪيو "پر تمام چڱي چوڻ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟"

مون ترت جواب ڪونہ ڏنو ۽ هو چوندو هليو: "مان اتي جي هارين ۽ چانهہ جي پنن چونڊيندڙن جي حالتن کان گهٽي قدر واقف آهيان. ڇا تون سمجهين ٿو تہ انهن جي ڪمائي ايتري آهي، جو هنن جو گذران ٿي سگهي؟ مون تہ ٻڌو آهي تہ هنن مان گهڻا بکون ڪاٽي رهيا آهن. اهڙي قسم جون خبرون منهنجو سک ڦٽائي ڇڏين......"

مون کي جواب جو موقعو ڪونہ مليو. ڇوتہ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي.

"ڪهڙو ڪمبخت آهي؟" وان بيورين چڙ مان ڇيو.

هن اٿي وڃي در کوليو. پر اندر اچڻ جي ڪنهن کي دعوت ڪانہ ڏنائين. هو پاڻ دروازو بيڪڙي ٻاهر نڪري ويو. پوءِ مون هن جي قدمن جو آواز ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي ٻڌو. ٿوري دير کان پوءِ مون هن کي ڪنهن سان کهرو ڳالهائيندي ٻڌو.

مون کي عجب لڳو. ڪهڙي ڳالهہ تي سگهي ٿي؟

ڪمري ۾ گهڙي هن چوڻ شروع ڪيو: "وڏو بيشرم آهي، هن ۾ نہ لحاظ آهي نہ لڄڻ، نہ اخلاق نہ ڪو اصول."

مون هن کي ڳالهائڻ ڏنو. مان سمجهي ويس تہ هو پنهنجي نيري سوٽ واري انڊونيشي واقفڪار بابت ڳالهائي رهيو آهي.

"تون ئي ٻڌاءِ تہ اهڙي قسم جي انسان کي ڇا سڏڻ گهرجي؟ منهنجو هي انڊونيشيا ۾ واقف ٿيو هو. اتي جا ماڻهو آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا، ۽ هيءُ شخص اسان ڊچن طرفان جاسوسي ڪندو هو. مون کي هڪ واقعو اڄ بہ چٽيءَ طرح ياد آهي. هن جي اطلاع ڏيڻ تي ڊچ

سپاهين، پندرهن انڊونيشي جانبازن کي اوچتو وڃي پڪڙيو. اهي جانباز ڪا هلچل شروع ڪرڻ وارا هئا. پڪڙجڻ کان پوءِ نہ رڳو انهن پندرهن جانبازن کي ڳتڙا ڳتڙا ڪيو ويو پر ڊچن ان ساري ڳوٺ کي باهيون ڏيئي پسمر ڪري ڇڏيو..... اهو هو هن شخص جو ڪارنامو.“

جوش وچان هو سارو ڏڪي رهيو هو.

هن وري چوڻ شروع ڪيو: ”خبر اٿئي، هو فخر سان اچي مون کي پنهنجا اهي ڪارناما ٻڌائيندو هو ۽ اهو بہ چوندو هو تہ حڪمران ڊچن هن کي وڏن عهدن ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي. مون کي هن جي اهڙين ڳالهين تي سدائين بيپناهہ نفرت ايندي هئي.“

هن سگريٽ مان ڊگهو سوٽو پريو.

مون پڇيو: ”اڄ ڪهڙي ڳالهہ تي؟“

”ڪالهہ هو مون کي هڪ هوٽل ۾ ملي ويو ۽ پنهنجي عادت موجب پنهنجي فرضي ڪهاڻين ۽ خاص ڪري عورتن سان عشقي ڪاميابين جا قصا ٻڌائي بور ڪرڻ لڳو. منهنجي صبر جو پيالو پرجي ويو ۽ صاف چئي ڏنومانس تہ منهنجي نظر ۾ تون ٽڪو بہ ڪونہ لهين. ان تي ظاهري طرح هن کي ڏاڍو غصو آيو..... اڄ شايد اهو ثابت ڪرڻ آيو هو تہ مان جيتوڻيڪ هن کي نيچ ٿو سمجهان، پر ٻين جي نظر ۾ هو وڏي عزت ۽ لياقت جو مالڪ آهي. ان جي ثبوت ۾ هن مون کي اها تار ڏيکاري، جا اڄ هن کي انڊونيشيا جي شهر جڪارتا مان پهتي آهي. هن اها تار اهڙي هٺ ۽ مغروريءَ مان ڏيکاري، جنهن کان مون کي ڪراهت اچي وئي ۽ هن کي اندر اچڻ کان روڪيم.“

”ڇاتي پئي مغرور ٿيو؟“

”ان تار تي.“

”مگر ڇو؟“

”توکي ٻڌي اعتبار ڪين ايندو..... اها تار هن کي هن جي سياسي جماعت طرفان ڪئي وئي آهي. ان ۾ هن کي اطلاع ڏنو ويو آهي تہ ايندڙ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هن کي پارٽيءَ پاران اميدوار ٿاڦيو ويو آهي.“

”هان.....!“ منهنجي وات مان نڪتو.

”اڇئي تو اعتبار؟“

مون عجب وچان ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي.

هو پنهنجي خيالن ۾ غلطان ٿي ويو پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري چيائين: ”شل تنهنجو ملڪ اهڙين مصيبتن کان محفوظ رهي، جي ان قسم جا ڪميڻا ماڻهو آٽي سگهن ٿا. شل تنهنجي ديس جا ماڻهو خوش رهن ۽ خاص ڪري........“ هو ماٺ ٿي وري ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو ۽ وري چيائين: ”۽ خاص ڪري منهنجو ننڍو يار.“

”تنهنجو ننڍو يار“ مون گهبرائجي پڇيو.

”هائو منهنجو ننڍو يار، منهنجو پٽڙو!“

”تنهن جو مطلب آهي تہ تون پيءُ آهين؟“

”هائو! مان ننڍڙي جوزف جو پيءُ آهيان.... يوسف. جيئن هن کي توهان جي ملڪ ۾ ڪوٺيندا آهن. شل هو اچا تائين جيئرو هجي!“

هن وري گلاس پريا. مان عجب مان هن ڏي گهوري نهاري رهيو هوس. هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”هن جي ماءُ جو نالو سيمي هو. هوءَ بيحد پياري ڳوناٺي ڇوڪري هئي، سادگيءَ ۽ سچائيءَ جي جيئري جاڳندي تصوير. هن جي انگ انگ مان معصوميت ٻهڪندي هئي. اهائي تہ عام تصوير آهي، اتي جي جابلو ڇوڪرين جي. هوءَ ڇانهہ جا پن چوندي پيٽ پاليندي هئي، پر بدقسمتيءَ سان جنهن وقت مان ڏچن جي جيل ۾ هوس، ان وقت هوءَ مارجي وئي.“

”مارجي وئي؟“

”هائو ڪتي وانگر ماري وئي. هن تي پنهنجن الزام مڙهيو تہ هوءَ دشمنن سان مليل آهي ۽ هنن جي جاسوسي ٿي ڪري.“

وان بيورين گلاس خالي ڪيو ۽ هڪ ڀيرو وري پنهنجي خيالن ۾ گم ٿي ويو. ظاهر آهي تہ پراڻيون يادگيريون هن جي دل ۽ دماغ تي ايري رهيون هيون.

پوءِ هو جڙ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو:

”پر سچ تہ اهو آهي تہ هڪڙي ڳوناٺي، اڻپڙهيل ڇوڪريءَ کي سياست ۽ انقلاب جي ڪهڙي خبر. هوءَ تہ ايتري سادي ۽ معصوم

هئي، جو هن کي دشمن سان ساٿ ڏيڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ جو ڏانءُ به نٿي اچي سگهيو. هو اسيمبليءَ جي ڪنهن نشست واسطي اميدوار نہ هئي؛ ٺيڪ آهي نہ؟ پر هائو مان وساري ٿو ويهان، مان سدائين اها ڳالهہ وساري ٿو ڇڏيان تہ هن کي هڪ ٻار هو ۽ اهو ٻار منهنجو هو...... هڪڙي دشمن جو ٻار......"

(مهراڻ 1/1971ع)

# گُل ۽ گولا

(ويتنامي ڪهاڻي)

هاڻي به، جڏهن مان ڪوندبين ۾ گل ٽڙندي ڏسندو آهيان، يا گفتگوءَ جو موضوع گل ۽ انهن مان سرور حاصل ڪرڻ جو فن هوندو آهي، تڏهن مون کي اهو پوڙهو ۽ معزز ودوان ياد اچي ويندو آهي. هن جو نالو نگويين هو. هو منهنجي پيءُ جو پيارو دوست هو.

هو اسان جي گهر ۾ ٿيندڙ وڏين شاندار دعوتن ۾ شامل ڪونه ٿيندو هو ۽ اسان جي گهر تمام گهٽ ايندو هو. پر جڏهن به ايندو هو تڏهن مان ڏسندو هوس ته بابي ۽ امڙ جا چهرا خوشي ۽ فخر کان ٻهڪڻ لڳندا هئا. هو هن جي آجيان سادي نموني، مگر دل جي سچائيءَ سان ڪندا هئا. ٻئي ڪنهن به مهمان کي ايڏي عزت نه ڏني ويندي هئي. بابو پاڻ پنهنجي هٿن سان، هن واسطي چانهه تيار ڪندو هو اگر بتي ٻاريندو هو ۽ شطرنج جو سامان آڻي ڏاهي- جوڙي سامهون رکندو هو. بابو هن واسطي بهترين ۽ پلي ۾ پلي سُرهاڻ واري چانهه استعمال ڪندو هو. پوءِ ٻيئي ٻِڍا خوشبودار ماحول ۾ ويهي شطرنج کيڏندا هئا، چانهه جون سُرڪيون پريندا هئا ۽ بحث مباحثو ڪندا هئا. ڪي رانديون منجهند تائين پيون هلنديون هيون ۽ ڪي ته وري سڄو ڏينهن گذري وڃڻ تي به پوريون ڪين ٿينديون هيون.

منهنجو پيءُ ٻن- ٽن مهينن ۾ هڪ دفعو هن جي گهر ضرور ويندو هو پر اسان جي گهر جڏهن به ڪا سٺي چانهه يا اوچي قسم جي دالچيني ايندي هئي، تڏهن بابو مون کي يا منهنجي ڀاءُ کي اهي سوکڙيون ڪري ٻُڌي ودوان کي ڏئي اچڻ لاءِ موڪليندو هو ان ڪم واسطي هن نوڪر کي ڪڏهن به نه موڪليو.

انهيءَ مطلب خاطر مون کي، هن ودوان جي جاءِ تي وڃڻ جا ڪيترائي موقعا مليا. انهن موقعن ذريعي ئي مون هن بزرگ جي سربلند غريبيءَ ۽ شاندار شخصيت کي سمجهڻ شروع ڪيو.

هو شهر جي پسگردائيءَ ۾ هڪ غريب پاڙي ۾ رهندو هو. هن جو گهر ننڍن ۽ ڇپر جو ٺهيل هو ۽ ان جي چوڌاري سندس باغيچو هو. هن جي گهر ۽ خاص ڪري هن جي باغيچي، منهنجي روح اندر رنگين يادگيريون ڇڏيون آهن.

هن جو باغيچو گلن جو باغيچو هو. در ۾ داخل ٿيڻ سان ائين محسوس ٿيندو هوم، ڄڻ تہ هڪ نئين نرمل دنيا ۾ پهچي ويو آهيان. باغيچو سج جي سوجهري کان سرس، گلن جي رنگ برنگي پنکڙين سان ٻهڪندو نظر ايندو هو. اها هڪ سڪون پري دنيا هئي، ٻاهر جي گوڙ گهمسان واري دنيا کان نرالي.

ٻڍو ودوان، هن مائيٽي ماحول ۾ پنهنجي پوٽيءَ ۽ نوڪر سان رهندو هو. حقيقت ۾ هو گهڻو تڻو پنهنجن گلن سان ئي گذاريندو هو. هن کي گل پوکڻ ۽ انهن جي پرداخت ڪرڻ سان عشق هوندو هو. انهن جو وڌڻ ويجهڻ، ۽ انهن ۾ پيدا ٿيل تبديلين کي جاچڻ ۽ ڏسڻ ۾ هن کي گهڻي ۾ گهڻو مزو حاصل ٿيندو هو. ايترو مزو ٻيو فقط هن کي شعر ٻڌائڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ ۾ ملندو هو.

جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن منهنجي گلن ۽ گلن جي ڳالهين ۾ دلچسپي وڌندي ويئي. مان ڏاڍي شوق سان ٻڍي جي گلن جي ڳالهين بابت گفتگو ٻڌندو هوس. هن جي واقفيت وڌڻ سان، منهنجي دل ۾ هن لاءِ عزت بہ وڌندي ويئي ۽ هو بہ مون کي پنهنجي پوٽي وانگر گهر جو ڀاتي ليکڻ لڳو.

گلن جو باغيچو مون کي ٻي هر شئي کان زياده ڪشش ڪرڻ لڳو. باغيچي ۾ ٻڍي ودوان جي پٺيان هلندي، هن کي ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ ۾ سهائتا ڪندي، ڪريل ٻوٽن کي ٽيڪ ڏيندي ۽ ٻين اهڙن ڪمن ڪندي، مون کي سچي خوشي محسوس ٿيندي هئي. اهڙن وقتن تي پوڙهو مون سان ۽ ٻوليءَ (سندس پوٽيءَ جو نالو) سان ائين ڳالهائيندو هو ڄڻ تہ وڻن سان پيو گفتگو ڪري. هو گلن بابت ڳالهائيندو هو گلن جي جدا جدا

قسمن جون خصوصيتون، انهن جا رنگ، صورت ۽ سڳنڌ بيان ڪندو هو. گلن جي چانوَ ۾، هن جي انهن ڳالهين مان مون محسوس ڪيو تہ پوڙهي جي گلن پوکڻ ۾ پر گهور واري خوشي، هڪ اتم ۽ انوکي خوشي هئي. اها ڪا خود غرضيءَ واري خوشي نہ هئي. پوءِ جڏهن ہن گلن جي ڪوندين وارو واقعو ٿيو تڏهن مون کي احساس ٿيو تہ پوڙهي جي اها تفريح هڪ مذهب جو درجو رکي ٿي، گلن جو مذهب.

هڪ ڀيري، ٻُوليءَ هن کان پڇيو: "ڏاڏا! توهان ڪڏهن پئسن سان گل خريد ڪيا آهن؟" پوڙهي ودوان مرڪندي، پوٽيءَ کي وراڻيو: "مان نہ ڪڏهن گل خريد ڪري ٿو سگهان ۽ نہ ڪڏهن وڪڻي ٿو سگهان. هڪ گلن جي ڪوندي، جا تفريح خاطر توهين پنهنجو پاڻ پوکيو ٿا، ان جو ڪو ملهہ ئي ٿي نٿو سگهي. دولتمند، جي پئسن سان گل وٺن ٿا، تن کي انهن مان پوري لطف وٺڻ جي اکثر چاڻ ئي ڪانہ هوندي آهي. ڇوتہ لطف گلن جي رنگ ۽ سُرهاڻ ماڻڻ ۾ نہ آهي، پر حقيقي لطف انهن جي ڏسڻ ۽ جاچڻ منجهہ آهي. هڪ ننڍڙي مکڙي، جا ڦٽي ٿي، هڪ ورق جو کلي ٿو. اهي شيون اکين کي فرحت ڏيڻ لاءِ ڪافي آهن. اهي فرحتون، گل کي هٿ ۾ کڻڻ کان وڌيڪ خوشي بخشيندڙ آهن. گل، ڏاڍيون نازڪ ۽ حساس وٿون آهن. انهن کي‌اسان جي دولت نہ، پر اسان جي سنڀال جي پرگهور کپي. جي انسان، هنن کي پنهنجو پاڻ ارپين ٿا، ۽ هنن جي پيار سان پرورش ڪن ٿا، سي ئي هنن جي سونهن جو پورو پورو مزو ماڻي سگهن ٿا. هنن جي ظاهري سونهن، هن جي روح ۾ رچيل آهي. ها، گلن کي بہ روح آهي. پر جي ماڻهو انهن جو واپار ڪن ٿا، يعني گلن جي خريد فروخت ڪن ٿا، سي هنن جي روح کي ڇاڻي نٿا سگهن."

هن جيتري گلن جي سنڀال ڪير بہ ڪري نہ سگهندو. گلن ۾ بہ هن کي گلاب جا گل وڌيڪ پسند هئا، خاص ڪري ڳاڙها گلاب.

هڪ لڳا ٻولي مون کي ٻڌائڻ لڳي: "ڏاڏو گلن پنيان اصلي چريو آهي. هو ڳاڙهي گلاب جي گلن کي مون کان بہ زياده ڀانئي ٿو. هو مون کي هنن جي اهڙي نموني سنڀال ڪرڻ تي زور ڀريندو آهي، جيئن ننڍڙي ٻار جي سنڀال ڪجي. انهن ٻوٽن کي مون کي اهو پاڻي ڏيڻو پوندو آهي، جنهن

سان منهنجو منهن ڏوتل هوندو آهي، مون کي ڏهاڙي هنن جو هڪ هڪ پن ڏوٺڻو پوندو آهي. حقيقت ۾ انهن گلن جي ڏاڍي سنڀال ڪرڻي پوي ٿي، تڏهن ٿا وڃي سهڻي ۾ سهڻا گل ٿڙن.“

مون کي حيرت لڳي.

”ڀلا انهن کي تنهنجي منهن واري ڏوتل پاڻيءَ سان ڌوئڻ ڇو ضروري آهي؟“

”ڏاڍو چوندو آهي تہ گلاب جا گل عورتن ۽ نوجوان ڇوڪرين وانگر آهن. هو اهو پڻ چوندو آهي تہ گلاب جا گل مانيٽي ۽ سهڻي مخلوق آهن. ٻڌاءِ تہ سهي تہ سهڻي مخلوق جو مطلب ڇا آهي؟“

مون هن کي چيڙائڻ لاءِ چيو: ”سهڻي مخلوق آهي سهڻي عورت. مثال طور تو جهڙي ٺاهوڪي نوجوان نينگري.“

ان وقت بولي پاڻ باغيچي جي ٽڙندڙ گلن جيئن نازڪ ۽ حسين هئي. هن جي ساٿ ۾ مان خوشين جي نئين جنت ۾ پهچي ويندو هوس.

مون کي بہ هاڻي گلن سان بيحد انس ٿي ويو هو. جڏهن خبر پيم تہ گلاب جي گلن جي، بولي ڪيتري ۽ ڪهڙي نموني حفاظت ڪري ٿي، تڏهن انهن گلن سان خاص لڳاءُ پيدا ٿيم.

هڪ ڀيري اتي پهتس تہ بوليءَ مون کي اُن شخص جو قصو ٻڌايو جو ان ڏينهن، اهي گل خريد ڪرڻ لاءِ آيو هو.

هوءَ چوڻ لڳي: ”هو هنن ٻن ڳاڙهن گلاب جي گلن جي ڪونڊين لاءِ هڪ هزار رپيا ڏيڻ لاءِ تيار هو پر ڏاڏو ڪنهن بہ ريت ڏيڻ تي. راضي نہ ٿيو.“

ان وقت چانورن جي سير جي قيمت هڪ رپيو هئي، ۽ ڪو شخص ڳاڙهي گلاب جي ٻن ڪونڊين جي قيمت هڪ هزار رپيا ڏئي رهيو هو. منهنجي ڪنن کي اعتبار ڪين ٿي آيو. هيءُ خريدار سچ پچ گلن جو عظيم عاشق هوندو.

منهنجي حيرت ڏسي، پوڙهو نوڪر بيهي رهيو ۽ ٿڌو ساهہ ڀري چيائين: ”هڪ هزار رپيا! اهو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. هو تہ اجا بہ وڌيڪ ڏيڻ جي آڇ ڪري ها. هو دولتمند آهي، پر گلن جو شوقين ڪونهي. هن هي گل

رڳو ان لاءِ ئي خريد ڪيا، جيئن ماڻهن ۾ هن جو نالو مشهور ٿئي تہ ڪو شخص اهڙو بہ آهي، جو پوڙهي ودوان کي پنهنجن گلن وڪڻڻ لاءِ تيار ڪري سگهيو ۽ هن جا گل خريد ڪري سگهيو. اها تہ هن جي خوش نصيبي هئي جو ان وقت پوڙهي وٽ ڪو ڏندو ڪونہ هو، نہ تہ ان سان خريدار جي چڱي خبر لهي ها."

هن واقعي کي ٻڌي، منهنجي نظر ۾ هن ٻڍي ودوان جي عزت اڃان بہ وڌي ويئي. هاڻي مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ بابو هيڏو وڏو ماڻهو ٿي ڪري بہ هن جي ڇو ايڏي عزت ڪندو هو ۽ هن جو ايڏو ادب ڇو رکندو هو؟

ٻڍي ودوان سان گڏ، مان ۽ ٻُولي بہ ڏاڍي شوق، محنت ۽ محبت سان گلن جي پرورش ڪرڻ لڳاسين. انهن گلن مون کي ۽ ٻُولي کي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو آڻي ڇڏيو.

بهار جي موسم اچي وئي. باغيچي ۾ گلن جي بهاري ڏسڻ وٽان هئي. رنگن ۽ سرهاڻ جو عجيب عالم هو.

هڪ ڏينهن، دروازي لنگهڻ سان، سامهون ٻُوليءَ کي اُداس ويٺل ڏسي، منهنجا قدم رُڪجي ويا. مون هن جو اهڙو پيلو چهرو ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. منهنجي نڙي خشڪ ٿي ويئي. يا الاهي خير!

"ٻُولي ڇو ڇا ٿيو آهي؟ خير تہ آهي؟"

هوءَ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي هئي. منهنجي سوال تي غمگين آواز ۾ چيائين: "ڏاڏي وڪٽي....."

مون ڏٺو ـ هن جون اکيون پرجي آيون هيون ۽ هوءَ روئڻ واري هئي. وري پڇيم: "ڏاڏي ڇا وڪٽي ڇڏيو؟"

"ڳاڙهن گلاب جي گلن جون ٻيئي ڪونڊيون."

حيرت ۽ بي اعتباريءَ وچان مون چيو: "اهو ان ٿينو آهي. تون پنهنجي هوش ۾ نہ آهين. يا ڏاڏي توکي چيڙايو آهي. هو ڪنهن بہ صورت ۾ اهي گلاب وڪٽي نٿو سگهي. جيڪڏهن وڪڻڻ جي ڪري ها تہ ان ڏينهن ڪونہ، جيڪر وڪٽي ڇڏي ها. پر سوال آهي تہ هو وڪٽندو ڇو؟"

ٻُوليءَ جواب ڏنو: "هن انهيءَ ساڳئي خريدار کي وڪٽي ڇڏيا. نٿو مڃين تہ وڃي پاڻ ڪونڊين واري جڳهہ ڏس."

مان ڏوڪيندو ڪونديِن واري جاءِ ڏانهن ويس، جيتوڻيڪ بوليءَ گنيپيرائيءَ سان ڳالهايو هو پر مون کي اعتبار نٿي آيو. مان پوڙهي ودوان جي عادتن ۽ هن جي گلن جي عشق مان واقف هوس. هو اهڙو ماڻهو هو جو بک مري ها، پر پئسن خاطر گل ڪين وڪڻي ها. گل تہ هن جو مذهب آهن ۽ اهي گل تہ هن جي باغيچي جا حسين ترين گل هئا. هو انهن گلن کي پنهنجي اولاد وانگر پاليندو هو.

هو غريب ضرور هو پر پنهنجي مڇيءَ مانيءَ وارو هو. مون کي ڪو اهڙو لاچار يا ڪا مصيبت ڪانہ ٿي سُجهي، جنهن ۾ هن جو خانڌان ونجي ويو هجي ۽ جنهن ڪري هو اهڙي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيو هجي.

مان جڏهن ويجهو پهتس، تڏهن ڏٺم تہ ڏاڏو ڪنهن ڏاڙهي ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو هو. اهو ماڻهو پنجاهہ سالن جو پوڙهو هو هن جو جسم ٿلهو ۽ بيڊولو ۽ هن جي شڪل سوئر جهڙي هئي. هن کي ريشمي چوغو پهريل هو.

"سائين، جيڪڏهن توهان اڳئين دفعي مون کي وڪرو ڪري ڏيو ها تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي وڃي ها. توهان کي پوري رقم ملي ها ۽ منهنجو بہ ڪم ٿي وڃي ها. پر سائين هاڻي ٻي حالت آهي.... هاڻي.... هاڻي مان اڳ جيترا پئسا آڇي نٿو سگهان."

پوڙهي ودوان جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا.

"پوءِ پلا تون هينئر ڪچ ڏوڪڙ ڏيئي سگهندين؟"

"سائين، بس سائين مان تہ رڳو ان ڪري آيس جو توهان ماڻهو موڪليو سچ پچ تہ هاڻي مون کي انهن گلن جي گهرج ڪانهي.... ڇوتہ گذريل دفعي توهان انڪار ڪيو ۽ مون کي ٻئي هنڌان خريد ڪرڻا پيا.... بس سائين، هاڻي جي توهان بنهہ سستا ڏيندا تہ پوءِ ڪٿي مان بہ دل ڪوڙي ڪري وٺندس، مگر جي توهان اڳين قيمت قائم رکي تہ پوءِ مون کي موٽي وڃڻو پوندو."

اڻين ڇٽي اجنبي پنهنجي مُنهن پاڻ کلڻ لڳو. هن جا ڏند ڏنگا ڦڏا هئا، جن مان ٻن تي سونو تَهہ چڙهيل هو. هن جي صورت ۽ هن جي

ڳالهائڻ جي طريقي مان مون کي بُڇان اچڻ لڳي. مون کي خبر هئي تہ هو "سائين، سائين" رڳو عادت کان مجبور ٿي چئي رهيو هو ۽ هن کي پوڙهي ودوان لاءِ ڪا حقيقي عزت ڪانہ هئي. هو اڄ پنهنجي اڳئين گهمري ٿيل بيعزتيءَ جو بدلو وٺي رهيو هو. مون ويچاريو تہ ٻُڍي ودوان کي هن جي روش ڪري طيش نہ اچي وڃي، پر پوڙهو پاڻ تي ضابطو رکيو ويٺو هو.

هن هيٺئين چَپ کي چڪ پائيندي چيو: "تون جيترو ڏيڻ چاهين ٿو سو ٻڌاءِ، جي ان جي مُلهہ ۾ مون کي وڪڻڻو هوندو تہ ڏيندوسانءِ."

هن شخص پنهنجو مُنهن مٿي ڪري، پنهنجين ڳاڙهين اکين سان ودوان ڏي نهاري جواب ڏنو: "سائين توهين ئي مُلهہ مقرر ڪيو."

ڏاڍي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ آڱريون ڦيرايون ۽ گلن جي انهن ٻن ڪونڌين ڏي نهاري چيائين: "مان سؤ رپيا گهٽ ڪندس. اهو بہ ان ڪري جو ڪنهن ڪم واسطي لوڙ پئي اٿم."

گراهڪ وري ڪِليو: "ها سائين، ها. توهان جهڙا انسان، جن جو گلن سان اٿميو پيار آهي. سي گلن وڪڻڻ جو خيال بہ دل ۾ آڻي نٿا سگهن. اها منهنجي خوش نصيبي آهي، جو توهان اهڙي ضرورت ۾ مبتلا ٿيا آهيو. انهيءَ ڪري ماٺهو موڪلي گهرايوَ. پر سائين، قيمت وڏي آهي ۽ اهو نٿو سونهي تہ مان توهان جهڙي بزرگ سان ويهي سوديبازي ڪريان. ان ڪري مون کي اجازت ڏيو تہ موٽي وڃان."

ٻُڍو ودوان وائڙو ٿي، هن ڏي نهارڻ لڳو. هن جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن پنهنجي هيٺئين چپ کي وڏيڪ زور سان چَڪ پاتو. ائين ٿي نظر آيو جڻ تہ هن سامهون واري شخص سان ڳالهائڻ ئي نٿي گهريو. پر جڏهن اجنبي موڪلائيءَ جي سلام ڪرڻ لاءِ جُهڪيو تڏهن ودوان پنهنجي آواز کي صاف ڪرڻ واسطي کنگهيو ۽ چيائين: "تہ پوءِ مان سؤ رپيا ٻيا بہ گهٽايان ٿو."

خريدار ٻيهي رهيو ۽ چيائين: "هائو سائين، هائو سائين، مان ٿي سؤ ڏئي سگهان ٿو جي توهان کي قبول هجن."

ودوان جو مُنهن ٺامڻي هٽي ويو. هن جي نيڻن ۾ نفرت جهلڪڻ لڳي. هن جي دل ڏک ۽ مايوسيءَ سان ڀرجي ويئي. هن جي خودداريءَ کي

گهرو زخم رسيو. جنهن مهل هن ماچيس ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. نيٺ ٽڏو شوڪارو ڀري چيائين: ”چڱو! تون اهي ڪونڌيون ڪٽائي وڃ.“

منهنجي ڀرسان پوڙهو نوڪر بيٺو هو. هن نا اميديءَ مان ڀڻ ڀڻ ڪري چيو: ”اهو وڏو دغاباز آهي. هن کي اجا به انهن گلن جي ضرورت آهي، هو رڳو مڪر ڪري رهيو آهي. جنهن شيءِ واسطي هو ڏهه سؤ ڪان به وڌيڪ ڏيڻ لاءِ تيار هو، تنهن کي اڄ ٽن سون ۾ ڪنيو ٿو وڃي. هيءَ گلن جي اها جنس آهي، جا اسان جي ديس ۾ اڻلڀ آهي.“

خريدار جي گلاب جون ڀيئي ڪونڌيون ڪٽي وڃڻ کان پوءِ، ٻيڊو ودوان بوتي وانگر بيحس ٿي کٽ تي آهلي پيو. هن ڀرسان ٽپائيءَ تي رکيل نوٽن جي ڍڳيءَ ڏي نهاريو. پوءِ اتان نظرون هٽائي، پنهنجي نرڙ تي هٿ رکي، ٽڏو ساهه ڀريائين.

ٻُولي ٽڪرو ٽڪرو اچي پهتي. هن پنهنجي ڏاڏي کي ڏٺو نوٽن کي ڏٺو ۽ آخر ۾ اها جڳهه ڏٺائين، جتي گلاب جي گلن جون اُهي ڪونڌيون رکيل هونديون هيون.

”هن سال، اسان واسطي بهار جو جشن برباد ٿي ويو. انهن گلاب جي گلن کان سواءِ، اسين ڪهڙو جشن ملهائينداسين. ڏاڏا، تو نيٺ اهي گل وڪيا ڇو؟“

ڏاڏي جي اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي. ”سڄي ڳوٺ تي بم گولن جي بربادي‌ءَ جو اثر پيو آهي. ڪنهن جو پيءُ مري ويو ته ڪا زال مڙس کان محروم ٿي ويئي، ڪيترا گهر سڙي خاڪ ٿي ويا. انهن حالتن هيٺ ڪو به انسان ڪيئن گلن جو مزو ماڻي سگهندو! پاڙي ۾ جڏهن ماتم هوندو تڏهن ڪيئن گلن سان دل وندرائي سگهبي؟“

هو اٿي بيٺو ۽ مون تي نظر پيس.

”تون آهين مسٽر نِگو چڱو مون سان گڏ هل. بولي، مون کي منهنجي چٺي ۽ لٺ آڻي ڏي. وڌيڪ نه رو!“

ڪراڙي ودوان نوٽ رومال ۾ ويڙهي ٻڌا ۽ لٺ جي سهاري در ڏانهن رخ رکيائين. مان هن جي پٺيان هلڻ لڳس. اها سياري جي هڪ ڏاڍي سرد

سانجهي هئي. تمام ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. اسان پيچرو وٺي ڳوٺ جي ڇيڙي تي پهتاسين. اتي مون کي سمجهه ۾ اچي ويو تہ هن گل ڇو ڪيا هئا. تي ڏينهن اڳ آمريڪي هوائي جهازن جي حملي، هن ڳوٺ جو ڪجهه حصو تباهہ ڪري ڇڏيو هو. ڪجهه ماڻهو اتي مري ويا هئا ۽ ڪجهه زخمي ٿيا هئا. چار- پنج ڪٽنب بي گهر ٿي پيا هئا. هنن جو الهو تلهو ناس ٿي ويو هو.

رستي تي هن مون کي ٻڌايو: "گلن سان وندر مان روح کي راحت ۽ خوشين جا خزانا حاصل ٿين ٿا. پر اها وندر خود غرض هجڻ نہ جڳائي. ويچاري بوليءَ کي رئڻ لاءِ تہ هرڪو سبب آهي. پر گلن جو مذهب مخلص ماڻهوءَ کي پاڙيسرين سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو. گل ڪڏهن بہ خود غرض نہ هوندا آهن. هنن جي سرهاڻ، سونهن ۽ رنگ سڀ جي آسپاس ۽ پاڙي لاءِ ۽ هر ڪنهن واسطي هوندا آهن. هو تازگي ۽ جياپي جي نشاني آهن. گلن کي پيار ڪرڻ ۽ انسانن کي پيار نہ ڪرڻ حيوانيت آهي."

ٻيڻي، رستي جي وچ ۾ پيل ڪنڊن وارو ڏنگر ڪٽي پاسي واري لوڙهي ڏي اڇلايو. وري چوڻ شروع ڪيائين:

"اڄڪلهہ جنگ جي بمن جي ستايلن جو سوچي مان سمهي نٿو سگهان. هنن جي مصيبتن مون کي دکي ڪيو آهي. پر توکي خبر آهي تہ اسان وٽ پئسي جي بچت ڪانهي. ان حالت ۾ گهربل رقم وقت اندر حاصل ڪرڻ لاءِ، گلن وڪڻڻ کان سواءِ، مون وٽ ٻيو ڪهڙو چارو هو؟ گلن کي وڪڻڻ شرم جهڙي ڳالهہ آهي ۽ سرمائيدارن پاران اسان جي مجبوريءَ جو وجهہ وٺي، گلن جي گهٽ قيمت ڪٽڻ اڃا بہ وڏي شرم جي ڳالهہ آهي. مگر اسان کي خودداري ڇڏي، گل وڪڻڻا پيا. اهڙن سرمائيدارن کي لتون هڻي لوڌي ڪيڻ آسان هو. پر يتيمن ۽ بيواهہ ٿيل عورتن جو بکيو پيٽ ڪيئن ڀرجي ها. انهن گلن جي ٻن ڪونڊين کي وڪڻڻ ڪري منهنجي دل روئي رهي آهي، جڏ تہ پنهنجو ڪو پيارو وڃايو اٿم- ٻُولي ڳوڙهن ڳاڙڻ ۾ حق تي آهي، پر جڏهن اسان جي چو طرف انسان دکي ۽ بکيا هجن، تڏهن اسان ڪهڙي منهن سان ويهي گلن سان دل وندرائيندا سين؟"

اڄ، ان کي ڪيترائي سال گذري چڪا آهن. هيءُ ودوان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ بولي ارڙهن سالن جي ڦوهه جوانيءَ ۾، جڏهن هوءَ اڃا تازو ٽڙيل گل وانگر هئي، ظالم آمريڪين جي بمن جو بک بڻجي وئي.

منهنجي لاءِ هيئي جٽا يادون ڇڏي ويا. جڏهن به ڪٿي گل کي ٽڙندي ڏسندو آهيان، تڏهن مون کي اهو بزرگ نگوين ۽ گلاب جي گل جهڙي نازڪ ۽ سهڻي بُولي ياد اچي ويندا آهن، جن جو مذهب گلن جو مذهب هو، جن جو مذهب انسانيت سان پيار جو مذهب هو.

(مهراڻ 1972/4)

پيلاگيو ماندِي

# منهنجو ماڳ، روشن راهون

(فلپينو ڪهاڻي)

مان جنهن رستي تي هلان پيو اهو وڏو ۽ ويڪرو آهي، ان جو نالو نيشنل گارڊ روڊ آهي ۽ جتي ڏاڍي جوش و خروش ۽ شان مان سان شهر جي زندگي موجزن آهي. رستي جي ٻنهي پاسي، گذريل ڇهن صدين جي ترقي اچي گڏ ٿي آهي. رٿيل قطارن ۾، وڏا وڏا شاندار ۽ رنگ برنگي ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن; جن ۾ سائنس، صنعت ۽ هنر جي قسمين قسمين ڪمالن جي نمائش ٿيل آهي. هي شوقين، خوش پوش، باذوق ۽ دولتمند ماڻهن جو مرڪز آهي. مان ٻه پاڻ کي هتي جو حصو محسوس ڪريان ٿو ۽ حصو ٿيڻ گهران ٿو. مان هن جنت کي ڇڏڻ نٿو چاهيان.

پر افسوس! منهنجي پيءُ جو چوڻ آهي تہ هيءُ عيسائين جو شهر آهي، ان ڪري ناپاڪ. مان نيشنل گارڊ ڇڏي، پنهنجي پاڙي ڏي وڃان ٿو ۽ سگهو ئي منهنجا قدم اتي پهچي ويندا.

مان هاڻي مڇي مارڪيٽ ۾ آهيان. اسين ڪڏهن سمنڊ جا مالڪ هئاسين، اڃا بہ ان جا مالڪ آهيون. اسين هتي مڇيءَ جو واپار ڪندا آهيون. مان سمنڊ جا ستايل ۽ غربت جا ماريل هجوم ڏسان ٿو. هنن مان گهڻا منهنجي پنهنجي ڳوٺ جا رهاڪو آهن. منهنجو ڳوٺ شهر جي ويجهو ئي آهي. ٻيا بہ منهنجي ڳوٺ جهڙن ويران ڳوٺن جا رهاڪو آهن. اهي ڳوٺ منهنجي ڳوٺ سان اٽانگن واٽن رستي ڳنڍيل آهن.

هنن ماڻهن ۾ ڪي پيرسن چهرا مان پري کان ئي سڃاڻان ٿو. حاجي ايوب آهي، جو ٻہ- ٽي سال اڳ يلي پار ڪان ٽي آيو آهي. حبيب مصطفيٰ بہ آهي، جو ڳوٺ جي اُن ٽُٽن ۽ ڌڏن جي ڇت واريءَ مسجد جو ٻانگو آهي، جتي حاجي ايوب پيش امام آهي. صمد بہ نظر اچي ٿو جنهن کي ٻہ زالون آهن. هي

سپ منهنجا ڳوٺائي آهن. سمنڊ جي بوءِ ۽ مڇيءَ جي ترڪيل پکڙيل ڪن ڪچري جي گندي هوا منهنجي ناسن ۾ گهڙي وڃي ٿي.

مون ڪي هاٿي ماڻهن ۽ مڇين جو قبرستان ڇڏي، پاڻ کي پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. سچ پچ ڏاڍي اوير ٿي وئي آهي. رات، رت ڳاڙيندڙ سچ کي ڳڙڪائي رهي آهي.

مان سوڙهن پيچرن تان ٿڙندو ٿاٻڙندو پنهنجي گهر تائين پهچان ٿو. هتي منهنجي نڪ کي ساڙي ٿي سمنڊ جي بوءِ ۽ نظر صدمو کائي ٿي ننگا ۽ ڪارڙا ٻار ڏسي ۽ اهي جهوپڙيون ڏسي، جي بانس جي لڪڙن ۽ ککن ڪانن مان ٺهيل آهن ۽ جي انسانن جو رهائشگاهه آهن ۽ جتي جي انسانيت حيوانيت جي پد تي به ڄڻ ڪونه پهتي آهي.

مون کي ڪي ڏاڪا چڙهڻا ڪونه ٿا پون، نه وري ڪن ڪمرن مان لنگهڻو ٿو پوي، پر مان سڌو گهر جي وچ ۾ ۽ پيءُ- ماءُ جي روح ۾ پهچي ٿو وڃان. منهنجا پيءُ- ماءُ مٽي ۽ ڪارنهن ۾ تقيل آهن ۽ سڪل مڇي چٻاڙڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. بانس جي لڪڙن جي جاءِ هن گهر جي چئني ڪنڊن ۾ براجمان آهي. بابي جو ورثو يعني بنگار ڏاتوءَ جا ٽانوَ ٽپا ۽ آڳاٽي زماني جا گهنڊ. جن تي چارو چڙهي ويل آهي.

”پٽ اَبُو! تون اسڪول مان پيو اچين؟“ اهو امڙ جو آواز آهي. (هوءَ پاڻ ڪڏهن به ڪنهن اسڪول مان نه آئي.)

مان هن سڪل سڙيل عورت ڏي نهاريان ٿو جا زندگيءَ تي ڪارو داغ آهي. منهنجي اندر مان، هڪدم حقارت جا دونهان نڪرن ٿا. مان جواب ڪونه ٿو ڏيان. پوءِ گهر جو ڏاتار بابو ڳائي ٿو.

”پٽ، اڄ تون وري ايتري دير ڪٿي لڳائي آئين؟“

”بابا“ مان وراڻيان ٿو ”جي توهان ٻڌڻ ٿي چاهيو ٿا، ته مان گهر ڪان تمام پري ويو هوس.“

هن پيري مان پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکان ٿو. آخر هن پوڙهي کي زندگيءَ جي کهڙي پرواهه، پروڙ يا گهرج آهي؟

”ابُو آخوند چوي ٿو ته تون هاٿي قرآن وڏيڪ نٿو پڙهين؟“ هي وري به بابو آهي، جو هن ڳالهه تي مون کي سئوٽو دفعو چيني رهيو آهي.

”تون هاٺي مرد آهين.“ بابو ڳالهه جاري رکي ٿو ”توکي هاٺي جلد ئي مسجد ۾ نماز لاءِ وجهو پوندو.“

مان هاٺي مرد آهيان. مان چوڏهن سالن جو آهيان. جنهن قبيلي جي سايي ۾ بابي پرورش پاتي آهي، ان ۾ چوڏهن سالن جو ڇوڪرو مرد ٿي وڃي ٿو. ان ڪري بابو چوي ٿو ته مان ٽانئيڪو تي ڪم ڪي لڳان، پرڻجان ۽ عبادت ڪريان. ٻار پيدا ڪريان ۽ مڇي ماريان يعني پنهنجي حياتيءَ جي ٻيڙي پنهنجن هٿن سان پاڻ ٻوڙيان!

”بابا، اڄ آءٌ اوهان کي صاف صاف چئي ٿو ڏيان ته قرآن منهنجي سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي.“

”ياالله! ڪير ٿو چوي ته توکي خدا جو ڪلام سمجهڻ گهرجي. ماٺ ڪري تون پڙهندو رهه.“

بابو پنهنجو گنجو مٿو لوڏي ٿو.

”تون منهنجو وڏي ۾ وڏو پٽ آهين. ائين برابر آهي ته مون کي ٻهرين زال مان ٻه ٻار آهن، پر هن کي ڪو پٽ ڪونه ٿيو. تون منهنجي ٻيءَ زال مان وڏي ۾ وڏو ڇوڪرو آهين، ان ڪري مون کان پوءِ سرداريءَ جي پڳ توتي پوندي، تنهن ڪري پنهنجي قبيلي جي تاريخ مان پليءَ پت جاڻ حاصل ڪر.“

۽ اڄ وري اها هزار دفعا دهرايل ۽ رٽيل تاريخ ٻڌان ٿو.

”هن ملڪ تي اسان جو راڄ هو. سلطان سليمان حاڪم هو. اسپيني آيا، جي نيچ، نمڪحرام ۽ دغاباز هئا. جتي سمنڊ زمين کي ڪائي ٿو اتي دويدو لڙائي ٿي. گورا، گرن تي غالب پيا. تنهن کان پوءِ ڏکڻ وارن واري اٽل سلطان ڪرامت جي ترار وڄ واري تيزيءَ سان چمڪي. هن مناڊو جي سمنڊ ۽ زمين تي قبضو ڪيو ۽ ڏاکڻو پاڳو ڪافرن جي رت سان رڱي ڇڏيائين.“

”نعره تڪبيرا!“ اجيت سلطان نعرو هنيو.

”الله اڪبر“ سلطان جي سرويچن يڪ آواز ٿي چيو.

ان کان پوءِ آمريڪي آيو جو اسپينيءَ کان وڌيڪ طاقتور، وڌيڪ بيدين ۽ وڌيڪ ظالم هو. هن نئين اچي چمڙيءَ واري جي چالاڪيءَ ۽

ڏمڪين جي مقابلي ڪرڻ واسطي تنهنجو ڏاڏو اتي ڪڙو ٿيو ۽ هاٿي فلپيني، اسپيني ۽ آمريڪي ڪان واڳون ورتيون آهن.

”مان، راجا محمد عارف، راجا محمد معارف جي گهراڻي مان آخري بچيل نرينو وارث ۽ هن جو بڻ بنياد ۽ جانشين آهيان. تنهنجي رڳن ۾ شاهي رت ڊوڙي رهيو آهي، منهنجا پٽ! ۽ تون ئي منهنجي راج ڀاڳ جو وارث آهين.“

بابو جهنگل جي بادشاهه وانگر، فخر سان پنهنجي ڇاتي ٺوڪي ٿو.

هو چوي ٿو ”رسول جو چوڻ آهي ته اي ايمان وارؤ! خدا جي راهه ۾ لڙو.“

پوڙهو مجاهد، پنهنجون تاريءَ جهڙيون ٻانهيون، پنهنجي هڏن نڪتل ڇاتيءَ تي رکي ٿو ۽ هن جي لُنڊي صدري ڦڙڪي ٿي. هن جي اکين ۾ ڳاڙهو تجلو پيدا ٿئي ٿو جيئن مرڻ وقت ڏينهن جي اک ڏسبي آهي.

قبيلي جي تاريخ پوري ٿي.

مان مٽيءَ جي چُلهه واري ٻاهه وسايان ٿو ۽ اوندهه جي چادر ۾ ويڙهجي وڃان ٿو. پوءِ بانس جي لڪڙن جي صندل تي ڊهي پوان ٿو ۽ مري وڃان ٿو.

پري پري ڪڪڙ ٻانگ ڏئي ٿو مان سجاڳ ٿيان ٿو ڏينهن جنم ورتو آهي.

ٿوري گهٽي نيرن نڙيءَ ڪان هيٺ لنگهايان ٿو ۽ تڪڙو تڪڙو گهر ڪان پري ڀڄان ٿو. مان قلم، ڪتاب ۽ نوٽبڪ ڪڇ ۾ ڪري، ور وڪڙ ۽ گوڙيلي گَس تي باغيءَ وانگر هلندو وڃان ٿو.

شاهي خاندان وڃي ڪڏ ۾ پوي. مان خوشيءَ مان ڳايان ٿو منهنجا قدم عيسائي اسڪول طرف وڌن ٿا.

مان وري سمنڊ جي ڪناري، ڪکاين جهوپڙين جي قطارن وٽان لنگهان ٿو جي قديم قُبن وانگر بي ترتيب آهن. ڳوٺ جو ڇيڙو لتاڙي، هيٺاهين مٿاهين زمين تان هلندو گپ مان ٽاڦوڙا هڻندو نديءَ جي موري اُڪري نيٺ سنئين سڌي ۽ پڪي سڙڪ تي پهچان ٿو.

جيئن مان اڳيرو وڌان ٿو وڻڪار جي سونهن ۽ هوا جي تازگي منهنجو اندر صاف ڪري ٿا ڇڏين. عيسائي شهر جي رستي جي ٻنهي

ڀاسي، من موهينجو دڙو وٽن ۾ ساون ۽ پيلن پرندن جون مٺڙيون ٻوليون ٻڌي، منهنجي دل بهار بهار ٿي وڃي ٿي ۽ مان وري ڳائڻ لڳان ٿو. مان هنن پيارن پيارن پکين جي مٺڙي مٺڙي آواز تي خوشيءَ سان ماضيءَ جا هزارين وعظ قربان ڪري ڇڏيان.

حڪومت جا، رستي جي ڀنهي پاسي، سياحن جي دلچسپيءَ لاءِ پوڪايل گل مهر جا باغيچا مون کي مستيءَ ۾ آڻي ٿا ڇڏين. هن عيسائي شهر جي رڳن ۾ البيلي گفتگو ڪندڙ ۽ ڪلمڪ ۽ ڀهڪندڙ چهرن وارا انسان ٽپندا ڪڏندا ويندا ڏسي مون ۾ زندگيءَ جو نئون روح ڦوڪجي وڃي ٿو. (اوهه بابو ڪيترو نه هن شهر کان نفرت ڪري ٿو!) مان اڄوڪي صبح جو سڄو گيت ڳائڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. هتي، هن شهر ۾، شاندار ماضيءَ جون ڏند ڪٿائون ڪونه آهن. هتي ڪو حاڪم ڪونهي (افسوس ٿو ٿئيم پنهنجي پوڙهي پيءُ تي.) هتي هرڪو آزاد آهي.

جڏهن منهنجي خوبصورت ماسترياڻي مون کان پڇي ٿي ته مان حياتيءَ جي ڪهڙي راهه وڏيڪ پسند ڪريان ٿو تڏهن مان جواب ڏيان ٿو ته مان آزاد ٿيڻ پسند ڪريان ٿو. هوءَ گوري عيسائڻ آهي (بابي جو فرمان آهي ته هوءَ ڪافر آهي). مان هن جي ڇائيتاليهه شاگردن مان هڪ آهيان. (هن جي چوڻ موجب هن جو دادلو شاگرد).

”اسڪول پوري ڪرڻ پڇاڻان تون ڇا ڪندين؟“ هوءَ پڇي ٿي: ”مون کي پڪ آهي ته تون سٺو نمبر ايندين.“

مان پنهنجي خوبصورت عيسائي ماسترياڻيءَ کي ٻڌايان ٿو ته مان پنهنجو مالڪ پاڻ ٿيڻ چاهيان ٿو. مان پنهنجي ڳوٺ جي بندشن ۽ هن شهر جي سرحدن کان پري وڃڻ چاهيان ٿو مان وڌيڪ تعليم پرائڻ ۽ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو مان تريل مڇي، سيڪيل ماني، ڪڪائين جهوپڙي ۽ بانس جي صندل کان گهٽو ڪجهه وڌيڪ هٿ ڪرڻ گهران ٿو. مان چاهيان ٿو ته منهنجي دل انسان جي پيار جا گيت ڳائي ۽ نه نفرت سان ڀريل رهي، ۽ وڏي ڳالهه ته مان اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي رچائڻ چاهيان ٿو جنهن سان مون کي محبت هجي.

بابي سونيءَ کي منهنجي ڪنوار ڪري چوند... آهي، پر مان ... سان هرگز شادي نه ڪندس، هرگز نه! هرگز نه!

”توکي روئڻ نہ گهرجي.“ منهنجي خوبصورت ماستريائي، پنهنجون نرم نرم ٻانهون منهنجي ڪلهن تي رکندي چوي ٿي، ”تون سٺو هوشيار ۽ ذهين ڇوڪرو آهين، ۽ تون اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهين ٿو جنهن لاءِ تنهنجي دل خواهان آهي.“

مان سڏڪن وچ ۾، ٻڙ- ٻڙ ڪري چوان ٿو: ”مئڊم! مان رُئان ان ڪري ٿو جو مون کي اهي چيزون حاصل ڪرڻ آهن ۽ نہ وري ڪڏهن حاصل ڪري سگهندس.“

صبح جا ڪلاس پورا ٿيا آهن. مان پير پير ۾ پائي گهر ڏي روانو ٿيان ٿو. بيخياليءَ ۾ لُڏندڙ پُل پار ڪري، پنهنجي گهر جي قبر ۾ پهچان ٿو.

بابو بانس جي صندل تي پلٿي ماريو ويٺو آهي. هو صمد جي گهرو جهيڳڙي جو فيصلو ڪري رهيو آهي. ٻيئي زالون دانهين آهن تہ سندن مڙس هنن کي پوريءَ طرح نٿا پالين. بابو هنن کي قديم نموني جو وعظ ٻڌائي رهيو آهي. جڏهن بہ مان پنهنجي راڄ جو هن بانس واري صندل تان فيصلو ٿيندي ٻڌندو آهيان تہ مان مري ويندو آهيان.

بابو تڪڙو تڪڙو پنهنجي فتويٰ ٻڌائي ٿو ”ان ڪري مان چوان ٿو تہ صمد! هڪڙيءَ جوءِ کي طلاق ڏي. اسان جو قرآن پاڪ چوي ٿو تہ مرد هڪ کان وڌيڪ زالن کي چڱيءَ طرح پالي نہ سگهي تہ پوءِ هو وڌيڪ زالون نہ رکي.“

ڪهڙيءَ زال جي شاديءَ جو ٻنڌڻ، طلاق جي تڪڙي ۾ تيز ترار سان ڪپيو ويندو؟

صمد ٻڏرو ڪري ٿو: ”مان وڏي زال زُهران کي ڇڏيان ٿو.“

۽ پريشان زُهران، جهنگلي ٻوڙي جيان ڪنبڙيل ڏکيا وار ڪُنڍيءَ ۾ ڦاٿل مڇيءَ وانگر ڦڙ ڦڙ ڪندڙ ڍلو چولو ڊپ ۾ پريل ڳاڙهيون اکيون، پنهنجي پيٽ ۾ ڇهن ٻارن جي ولر خاطر ڇڪتاڻ ۾ پئجي وڃي ٿي.

”ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ننڍڙا، ننڍڙا ڪا ۽ ابهم ٻار!“ هوءَ ليلائي چوي ٿي.

”اهي ٻار“ سردار آخري فيصلو ڏيندي چوي ٿو ”جنهن وٽ چاهين تنهن وٽ رهن!“

غضب مٿان غضب! منهنجي هيانءَ ۾ چڪ پوي ٿو منهنجو اندر ڪامي ٿو. هي ٻار شهر جي گند جي ڍيرن کي ڦوليندا ۽ گهٽين ۾ ڪِن ڪچري جي ڍرمن ۾ اوبر سوبر جا ڦِٽي ڪيل ٽڪرا ڳوليندا ۽ چوسيل هڏا چٽيندا! ڇا اڳ ۾ ئي مٿيءَ پيريل گهٽين ۽ غلاظت جي ڍِڳن جا هي ننڍڙڪا ۽ رولو ٻار ڪافي نہ آهن؟ وڏا ٿي هي ميڇي مارڪيٽ جا لوفر بڻبا. يا ميڇي مارڻ خاطر سمنڊ جو خون ڪندا يا سڙيل ڳريل ۽ زهريلين ميڇيون ماڻهن کي کارائيندا.

پر راجا محمد معارف جو جانشين، قانون ۽ روايت جي فتويٰ ڏئي چڪو آهي. زُهران، سندس روح لاءِ قاتل زهر ۽ سندس نئين نسل لاءِ موت جي زباني فيصلي آڏو جهڪي ٿي.

بابي جي بيگناهن مٿان موت جي مڙهيل سزا جو بدلو مان سيڪيل ميڇيءَ مان وٺان ٿو.

هاٿي بابو مون ڏانهن منهن ڦيرائي ٿو: "ابُو اڄ ٻپهريءَ جو اسڪول وڃڻ کان اڳ آخوند وٽ قرآن شريف پڙهڻ وڃجانءِ!"

مان وراڻيان ٿو: "بابا، مون ٻہ ڀڳها سال قرآن پڙهيو آهي، وڌيڪ نہ پڙهندس. مان هاڻي سڄو قرآن پڙهي سگهان ٿو. اهو آخري ورق تائين پڙهڻ ڪري ڪو وڌيڪ سمجهي ڪونہ سگهندس."

مون کي احساس آهي تہ منهنجي جواب ۾ بغاوت جي باهہ آهي. پر ڪاوڙ منهنجي سهڻ کان ٻاهر ٿي چڪي آهي. جيئن ئي ٻڍو سپاهي، پنهنجي فتويٰ جي بندوق مون طرف تاڻي ٿو هن جو قديم چهرو لال پيلو ٿئي ٿو هن جون اکيون ٽانبا ٽين ٽيون، هن جو وات وڪوڙجي ٿو هن جي ڇپن ۾ ڏڪڻي پيدا ٿئي ٿي; مان هن بانس جي جنگ جي ميدان جي آخري ڇيڙي ڏانهن پوئتي هٽان ٿو ۽ پنهنجي هٿيارن، قلم، ڪتابن ۽ نوٽبڪن لاءِ هٿوراڙيون هٽان ٿو ۽ وڌيڪ محفوظ جڳهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيان ٿو.

پر فتويٰ، منهنجي پٺتي هٽندڙ پٺيءَ تي ٺڪاءُ ڪري ٿي.

"ابُو! اڄ کان پوءِ تون ان ڪافرن جي اسڪول ۾ هرگز نہ ويندين. هڪدم پوئتي موٽي اچ..... نہ تہ خدا جو قسم..... مان پنهنجي پيءُ جو پٽ ئي نہ آهيان!"

مان بچڙو ٻوٽ ٻڌائي، آڻ ميجان ٿو ۽ جنگي قيدي بڻجان ٿو. مان امڙ ڏي همدرديءَ ۽ منهنجي پاسي وٺڻ جي اميد تي نهاريان ٿو. پر گهٽ ۾ گهٽ هن بانس جي راڄ ۾ بابو بادشاهه آهي. امڙ جا پوپاڙيءَ جو پاڇو وڃي بچي آهي، سا منهنجي اکين مان ڪرندڙ گرم ڳوڙهن جي وهڪري ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

۽ هاڻي سوپارو ٻڏو سپاهي، سلطان سليمان ۽ سلطان ڪرامت جي ٻوليءَ ۾ ٻولي ٿو: "مون کي منڍ ۾ ئي انديشو هو ته هي ڪافرن جو اسڪول توتي منحوس اثر ڪندو! جيڪڏهن پوليس ۽ ڪافر استاد، زبردستيءَ سان هن ڳوٺ جي ڇوڪرن کي اسڪولن ۾ داخل نه ڪرائين ها ته پوءِ مان ڪڏهن به توکي اسڪول ۾ پڙهائڻ لاءِ نه ويهاريان ها. پر الحمدلله! هاڻي پوليس ۽ بيدين ماسترن، ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهائڻ تي زور ڀرڻ ڇڏي ڏنو آهي! تون مهيني کن ۾ قرآن ختم ڪندين، پوءِ پنهنجي مسجد جي حبيب مصطفيٰ ٻانگي جي ڌيءَ سونيءَ سان تنهنجو وهانءُ ٿي ويندو جنهن جي مون اول ئي ڳالهه پڪي ڪري ڇڏي آهي."

"نه، نه، بابا! مان سونيءَ سا ڪين پرڻبس. منهنجو هن سان پيار ڪونهي."

"يا خدا، يا نبي!" بابو پنهنجي ناريل جهڙو مٿو لوڏي ٿو "هي وات ڳاڙها ڇوڪرا، هي نئون نسل! ڪير ٿو چوي ته عورت ۽ مرد جي شاديءَ لاءِ محبت لازمي آهي. بس، ٻنهي جي پيءُ- ماءُ جو راضپو ڪافي آهي. حاجي ايوب، فالنامو ڏسي تصديق ڪئي آهي ته تنهنجو سونيءَ سان سڱ، تقدير جي ڪاتب اول ئي لکي ڇڏيو آهي!"

پر بابا.....

"بس بس، گهڻو ٽيو سوئر جا ڦر! اهو تنهنجي پيءُ جو فرمان آهي!"

مان روئندي، امڙ کي پنهنجي پاسي وٺڻ لاءِ وينتي ڪريان ٿو: پر هوءَ به بابي جي تائيد ڪري ٿي. امڙ ته رڳو ڪوماٽل روح ۽ گهنجيل جسم آهي. راجا محمد عارف جو فيصلو اٽل آهي.

اڃا منهنجي سزا ۾ ڪسر رهيل آهي. ٻڏو سپاهي، اٽگهڙيل چابڪ سان ڏهن ڦٽڪن هٽڻ واري، صديون پراڻي سزا ڏئي ٿو. (هن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي زماني ۾ نافرمانيءَ جي سزا سؤ ڦٽڪا به هئي).

هو مون تي چابڪ بہ سٽيندو وڃي ٿو ۽ نڙي ڦاڙي هي بہ چوندو وڃي ٿو: ”مون توکي اهڙي نموني پيار ڪيو آهي جڻ تہ تون منهنجي پهرينءَ زال جو پهريون پُٽ هُئين. تنهنجي ڪري ئي مان پنهنجي ئي زال سان رهڻ قبول ڪيو. تنهنجي ڪري ئي مون پهرين زال کي نظر انداز ڪيو.“

هن بانس جي گهر ۾ وڏي رات جو راڄ آهي. مان هيڪر وري بانس جي صندل تي مرڻ لاءِ ليٽيان ٿو. مان پنهنجا ڳوڙها اگهان ٿو ۽ پنهنجا زخم ڳڻيان ٿو. سمنڊ جي لهرن جو لُڙ آهي. ڇُلهي جون ڇٽنگون بہ وسامي ٿيون وڃن. ڏيئو ٽمڪي ٽِمڪي، ڪاري رات جي ٻوائتي ياڪر سان مقابلو ڪري ٿو. هوا جون موتمار آگريون، ٽُئي جي ٻتين جي چيرن مان ڪري، ڏيئي جي لاٽ کي موت جو ناچ نچائي، نيٺ ختم ڪري ٿيون ڇڏين. بابو هيٺي سرير وارو بابو صندل تي ڏڳهو ٿي، هلڪا هلڪا ڪونگهرا هڻي ٿو. امڙ پنهنجا ضعيفڙا عضوا، پنهنجي ڳتل ڪپڙن اندر ڪروندڙا ڪري، هوريان هوريان سڏڪا ڀري رهي آهي.

مان مرندڙ ۽ مُئل جا هي آواز ٻڌان پيو. اونڌهہ هوندي بہ مان سڀ ڪجهہ ٻڌان ٿو سڀ ڪجهہ ڀسان ٿو. مان هنن زخمن جي ظلم ڪري آڻ ڪونہ مڃيندس. رات، جا هن بانس جي گهر کي ڳهي وئي آهيِ سا مون کي هاٿي شڪست ڏيئي نٿي سگهي. سچ جو ٻج منهنجي دل ۾ ڇڻجي ڇڪو آهي. رات جي ماڪ ۽ تارن جي روشنيءَ ان کي نئين تازگي ۽ نئين واڌ ڏني آهي.

’سچ مون کي آزاد ڪندو‘ هائو! هائو! هيءُ سچ، جو هينئر بہ منهنجي من جي اونداهي ۾ سُڪل دنيا کي ائين چيري رهيو آهي، جيئن هن وقت بہ ڌرتيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي ۾ روشن سج تاريڪيءَ کي ٽڙي رهيو آهي، سوئي سچ مون کي آزاد ڪندو.

’سچ مون کي آزاد ڪندو!‘ صديون اڳي، هن اٿاهہ دنيا جي ڪنهن حصي ۾، ڪنهن ائين چيو هو ۽ ان منڙي گفتي، گذريل هزار سالن اندر ڪيترائي نوان ملڪ آزاد ڪيا. پيار جو ٻج پوکيو. حياتيءَ جا وڻ ساوا ڪيا ۽ آزاديءَ جي عاشق انسانن جا قدم اڳتي وڌايا.

اهڙي ڪيفيت ۾، جڏهن منهنجي سهٽي ماسترياڻيءَ جي سيڪاريل سهٽن سبقن جون مڪڙيون منهنجي من ۾ ڦٽي رهيون آهن، مان ننڊ ڪرڻ نٿو چاهيان.

جڏهن سورج ڌرتيءَ جي هن ٽڪري تي روشني ڦهلائيندو مان پڪ ئي پڪ وري بيدار ٿيندس. مان پنهنجي هن بانس جي مقبري مان اٿي ڪڙو ٿيندس، ۽ پنهنجا هٿيار سهيڙي، پوري حوصلي سان هي ڳوٺ ڇڏي ويندس. مون کي پنهنجي ماءُ تي جهڙو ته اچي ۽ سيني ڳالهين کي تورڻ تڪڻ کان پوءِ، پيءُ لاءِ به دل روئي ٿي.

پر مان اها مڪڙي آهيان، جنهن کي کُلي گل ٿيڻ لاءِ سج جو سيڪ ۽ روشني گهرجي. مان شاندار ماضيءَ واسطي پنهنجي حال کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان. پلي ته بابو خدا جي نالي ۾ قبيلي تي راڄ ڪندو رهي. مان بانس جي گهرن جي بادشاهيءَ تان هٿ ڪٽان ٿو.

پر ڀڏوا! اجهو ڪُڪڙ ٻانگون ڏيئي رهيا آهن. مان اوير واري ڳڙڪيءَ مان سج جون روشن ڊگهيون آڱريون، بانس جي گهر اندر پنهنجي لاءِ ايندي ڏسان ٿو ۽ جي مون کي نئين حياتيءَ لاءِ گرمائين ٿيون. هاڻي مون کي اٿڻ کپي، هن بانس جي گهر جي قيدين کي ڇڏي، پنهنجا هٿيار (قلم ۽ ڪتاب) کڻي، هن ڳوٺ جي ور- وڪڙ پيچرن تان اڏامي، جرائت سان دنيا جي وسعتن ۾ ۽ سج جي روشناين ۾ گهڙي پوڻ گهرجي.....

(مهراڻ 1-2/1973)

اونو رانيڪو

# ماءُ

(نائيجيريائي ڪهاڻي)

وينوڪا کي ملاقاتي ڪوٺيءَ ۾ ويهاري، ماٺهو پيٽرڪ کي سڏڻ ويو. جيئن ئي ماءُ جي پُٽ تي نظر پيئي، تيئن ئي هن رڙ ڪري پڇيو:

”تو ائين ڇو ڪيو؟“

”امان، ڇا مون کي سڄي حياتي تنهنجي ۽ چاچي جي مرضيءَ موجب هلڻو پوندو؟ ڇا مون کي پنهنجو پاڻ بابت فيصلي ڪرڻ جو ڪو حق نہ آهي؟“

جواب ٻڌي ماءُ جي مُنهن تي اچرج جا اهڃاڻ اڀريا.

”اڇا، تہ اها ڳالهہ آهي. يعني جا زندگي مون ۽ تنهنجي پيءُ توکي ڏني آهي، تون ان کي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ ٿو گهرين؟ تو ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ تون ڪهڙي نہ خطرناڪ واٽ تي وڃي رهيو آهين؟ تون خاندان جي نالي نشان متائڻ، ۽ پيءُ جي پيڙهي کي ختم ڪرڻ پٺيان هٿ ڌوئي لڳو آهين. ڪڏهن تنهنجي دل ۾ ويچار آيو آهي تہ تنهنجو اهو قدم، تنهنجي ڪٽنب وارن کي سڄي عدو شهر ۾ ڪلٽهاب بڻائي ڇڏيندو؟ ڇا تون اهو نٿو سمجهين سگهين تہ تنهنجي انهيءَ قدم کڻڻ ڪري، آسپاس تنهنجي باري ۾ هزارين چميگويون ٿينديون ۽ ماڻهو ائين چوڻ کان بہ نہ مڙندا تہ تون نامرد آهين يا غلام آهين! مون کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي خاندان اندر اڳ ۾ ڪڏهن اهڙو مثال ٿيو آهي؟“

”اڳ ۾ تہ شايد اهڙو مثال موجود ڪونهي، مگر مان جي ٻين واسطي مثال قائم ڪريان تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟“

ماءُ هوريان ڳالهائيندي پڇيو: ”تو اها بہ ڪجهہ ڳٽڳوت ڪئي آهي تہ تون پنهنجي ڏاڏاڻن کي منهنجو دشمن بنائي رهيو آهين، ڇاڪاڻ تہ هو سمجهن ٿا تہ تو اهو سڀ ڪجهہ منهنجي موڪل سان ڪيو آهي؟ ڇا تو اهو محسوس ڪيو آهي تہ تون منهنجي رت جو پياسي ٿي چڪو آهين؟“

”امان، توکي خبر آهي تہ مان خواب خيال ۾ بہ ائين ڪري نٿو سگهان، مان تنهنجو وار ونگو ٽيڙ بہ سهي ڪين سگهندس.“

”تہ پوءِ هيءَ جاءِ ڇڏي، مون سان گڏ گهر هل.“

”نہ امان.“

”پٽڙا، توکي خبر آهي تہ مان توکي بيحد پيار ڪريان ٿي. مان تنهنجي خوشيءَ خاطر پنهنجي حياتيءَ کي قربان ڪرڻ کان بہ ڪونہ ڪيٻائيندس. تون منهنجي رڳو هڪڙي ڳالهہ مڃ! مون سان هل ۽ هلي شادي ڪر. پوءِ خالي بہ ٻار پيدا ڪر، جي اسان جي خاندان جي پيڙهي قائم رکي سگهن. بس مان راضي ٿي ويندس. تنهنجي ائين ڪرڻ سان مان ڪنڌ ڪڻڻ لائق ٿيندس. دنيا وارن کي تنهنجي مردانگيءَ جو ثبوت ملندو ۽ اسين سڀ خوش ٿي وينداسين. پوءِ اسان مان هرڪو پنهنجي پنهنجي واٽ وٺي سگهي ٿو. تون وڃي پنهنجي مرضيءَ موجب ديني علم پرائجانءِ، ۽ مان پنهنجي نُنهن ۽ پوٽن جي پرگهور ۾ مصروف ٿي ويندس.“

”شاديءَ کان پوءِ ڪير بہ پادري بڻجي نٿو سگهي. ان حالت ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو ڇا مطلب؟ امان، تون اهو ڇو نٿي سمجهي سگهين تہ اها خود خدا جي مرضي آهي تہ مان پادري بڻجان. مون تنهنجي سک ۽ آسائش واسطي سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. مون تنهنجي نالي بئنڪ ۾ اڌ لک رپيا رکائي ڇڏيا آهن ۽ بئنڪ مان هر مهيني توکي ايترا پئسا ملندا رهندا، جو تون راڻين وانگر رهي سگهندينءَ.“

”تنهنجي دولت، توکان سواءِ منهنجي ڪنهن ڪم جي ڪانهي. تون مون کان پڇڻ ٿو چاهين تہ مان ايترو فڪر ڇو ٿي ڪريان. مان ٻڌايانءِ ٿي..... ڇاڪاڻ تہ مان توکي ان بدترين گناهہ کان بچائڻ چاهيان ٿي، جو ڪوبہ ماڻهو عدو شهر ۾ ڪري سگهي ٿو. اهو گناهہ آهي پنهنجي خاندان جي نسل ختم ڪرڻ جو. ٻري جي ڳالهہ ڪانہ آهي، جڏهن ڪنهن ڪٽنب ۾ پٽاٽو اولاد نہ هوندو هو تہ ڌيءُ پنهنجي خوشيءَ سان يا ٻين جي زور ڀرڻ تي شادي نہ ڪندي هئي. هوءَ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهندي هئي، ۽ ڪٽنب جو سهارو بڻجندي هئي. اهي ڙالون، جن کي بدقسمتيءَ سان پُٽ نہ ڄمندو هو سي پنهنجن مڙسن کي هِمٿائينديون

هيون تہ هو ہي، تئينءَ بلڪ چوٽين شادي بہ ڪن. جيئن گهر ۾ ڪو پُٽ پيدا ٿئي ۽ ڪٽنب جو وسيلو بنجي. هر دؤر ۾ پٽن جي پيدائش کي پسند جي نظر سان ڏٺو ويو آهي، ڇوتہ پُٽ ئي خاندان جي زندگيءَ جي زنجير ۾ ڪَڙي پُوئي ٿو ۽ نسل کي دائم ۽ قائم رکي ٿو.... ۽ هتي تون آهين جو پاڻ تي خدا جي طرفان وڏَل ذميواريءَ کان بہ ڪنڌ ٿو ڪيڏائين..... ۽ ان هوندي بہ تون پاڻ کي مَرد ٿو سڏائين!“

هوءَ ماٺ ٿي وئي. هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

”پُٽ!“ ماءُ وري چيو ”مان چاهيان ٿي تہ جان اڪينگا جي پيڙهي قائم رهي. مان توکي ان پيڙهيءَ جو آخري ڏيئو تيڻ نٿي گهران. خاندان جي نسل جاري رکڻ لاءِ مون کي تنهنجي هڪ پُٽ جي ضرورت آهي ۽ تنهنجي هوندي اٿين نہ ٿيڻ لاءِ مون کي ڪوبہ سبب نظر نٿو اچي.“

پئٽرڪ وراڻيو ”چڱو امان، مون تنهنجي ساري ڳالهہ ٻڌي. مون واسطي اهو هڪ وڏو مسئلو آهي. مون کي سوچڻ لاءِ ڪجهہ وقت کپي.“

ان وقت پريان گهنڊ ٻڌڻ ۾ آيو. اهو ڪتابين کي ڪاڏي جو سڏ هو. پئٽرڪ ماءُ کي اٿين ٻڌايو.

ماءُ چيو ”چڱو پُٽ! وڃ ۽ وڃي ماني کاءُ. ان وچ ۾ توکي فيصلي ڪرڻ لاءِ جهجهو وقت ملي پوندو. مان هتي تنهنجي لاءِ ترسان ٿي، اچڻ ۾ دير نہ ڪجانءِ.“

پئٽرڪ هليو ويو ۽ هوءَ پنهنجي خيالن ۾ غلطان ٿي وئي، ايتري قدر جو وقت گذرڻ جي سمڪ بہ ڪانہ رهيس. جڏهن خمارن مان سجاڳ ٿي، تڏهن پت واري گهڙيال ڏانهن نظر ڊوڙايائين، جو ساڍي ڇئين جا سُرَ ڪيڏي رهيو هو. هن کي شڪ پيو ۽ هوءَ سڌو پرنسيپال جي آفيس ڏي وئي.

”منهنجو ڇوڪرو ڪٿي آهي؟“ هن گهڙڻ شرط سوال ڪيو.

”هن کي تہ توسان ملڻ لاءِ موڪليو ويو هو.“ پرنسيپال جواب ڏنو.

”ها، پر هو اٿين چئي هليو ويو تہ مان ماني کائي اڌ ڪلاڪ ۾ موٽي ٿو اچان.“

”تہ پوءِ مان هن کي وري گهرائي ٿو وٺان. هو شايد ديول ۾ هوندو.“

هوءَ آفيس مان نڪري، وڏيون ٻرانگهيون پرينديءَ، ديول وٽ آئي. پئٽرڪ اتي بہ ڪونہ هو. هڪ چوڪري ٻڌايس تہ هو هينئر هينئر ملاقاتي ڪوٺيءَ طرف ويو آهي. هوءَ تڪڙو تڪڙو ملاقاتي ڪوٺيءَ ڏانهن وئي، پر پئٽرڪ اتي بہ ڪونہ هو. هوءَ واپس پرنسيپال جي آفيس ۾ پهتي، پر پرنسپال وڃي چڪو هو. هن دريافت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وائيس پرنسيپال ڪٿي آهي؟ پر ڪنهن بہ ڪتابيءَ ٻڙڪ نتي ٻولي. چوتہ "چپ رهڻ جو وقفو" شروع ٿي چڪو هو. هن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا ڪري. هن کي واپس وڃڻ جي بہ تڪڙ هئي، جو سج لهڻ وارو هو ۽ اُچي شهر ۾ هن جو ڪو واقفڪار ڪونہ هو جنهن وٽ وڃي رات ٽڪي ها. وڏيڪ ترسڻ بيسود سمجهي، هوءَ پنهنجي شهر عدوءَ ڏانهن رواني ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي هوءَ اُچي شهر ۾ آئي ۽ سڌو مدرسي ڏانهن رخ رکيائين. ڪالهہ هن لحاظ کان ڪم ورتو هو. پر ان مان ڪو ڪرتيل ڪونہ نڪتو هو. اڄ هن کي نئون ويچار آيو. هوءَ سڌو پرنسيپال جي آفيس وٽ ويئي ۽ ان جي چائنٽ تي وڃي ويهي رهي ۽ رڙيون ڪري وڏي واڪي چوڻ لڳي:

"اي پادريو! مون کي منهنجو پٽ واپس ڏيو..... توهان هن کي مون کان ڪسي نٿا سگهو..... مان هن جي ماءُ آهيان، جيئن توهان جي مائرن توهان کي ٻليدان چاڙهيو آهي، تيئن مان هن کي ٻليدان چاڙهڻ نٿي چاهيان."

هن جي دانهن واتهڙن جو ڌيان ڇڪايو. جن ۾ ڪم تي ويندڙ پورهيت، اسڪول ڏي ويندڙ ٻار ۽ پاڇي پتو وٺڻ لاءِ ويندڙ عورتون شامل هيون. عورتن جو چڱو چوکو ميڙ هن جي چوڌاري اچي مڙيو. هي سڀ هن سان همدردي ڪرڻ لڳيون. هنن کي پاڻ حيرت ٿيڻ لڳي تہ هن جي خواهش جي خلاف هن جي پٽ کي مدرسي ۾ داخلا ڇو ڏني ويئي آهي؟

"توهين ڇو ٿا منهنجي معصوم ٻار کي برغلايو؟..... توهان هن کي ڇو ٿا نامردن جي لسٽ ۾ آڻيو؟ توهان کي جيڪڏهن ويم جي سورن جو تـَر جيترو بہ اندازو هجي ها تہ توهين جيڪر ائين منهنجي جگر جي ٽڪري کي مون کان جدا ڪرڻ جي همت نہ ساريو ها!"

هوءَ سچو ڏينهن پڪاريندي رهي. ٿڪي ٿي ته ساهي ٿي پٽيائين، ۽ ساهي کڻي وري ٿي واڪا ڪيائين. هن جو گوڙ پرنسيپال جي آفيس جي ڪم ۾ ۽ ڪلاسن ۾ سبق پڙهائڻ ۾ رخنو وجهي رهيو هو. ڪڏهن هن روئي پار ٿي ڪيڊيا ۽ ڪڏهن ڪلي ٿهڪ ٿي ڏنائين. ڪڏهن ڪل جهڙيون ۽ هلڪڙيون ڳالهيون ٿي ڪيائين ته ڪڏهن گنڀير ۽ وزندار.

پرنسيپال، عملي جي ماڻهن ۽ خود ڪٽابين هن کي سمجهائڻ ۽ سرچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڪنهن کي به ڪن ڪونه ڏنو. هن کي پنهنجو پٽ گهربو هو. نيٺ ناڪامياب ٿي سانجهيءَ ٽائي، پنهنجي ڳوٺ موٽي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو وري ساڳئي هنڌ اچي وارد ٿي، ۽ پوري زور شور سان واڪا ڪندي رهي. جڏهن هنن آفيس جا دروازا بند ڪيا، تڏهن هوءَ هڪڙي ڪلاس جي آڏو وڃي ويٺي. جڏهن ڪلاس ختم ٿي ويا، تڏهن پرنسيپال جي گهر ۽ بورڊنگ هائوس وٽ وڃي واڪا ڪرڻ لڳي؛ جنهن ڪري پرنسيپال ۽ ڪٽابي، جي منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ننڊ ڪري رهيا هئا، تن جو آرام ڦٽي پيو. رستي تان لنگهندڙن ٻارن سمجهيو ته هوءَ چري مائي آهي. هنن کي عجيب لڳو ته اهڙي چريءَ کي ڇو ڇيڪ چڙيو ويو آهي ۽ ڇونه هن کي ٻڌي ڪوٺيءَ ۾ قابو ڪيو ويو آهي! هو ان ۾ به منجهي پيا ته آخر هن ڇو سڄي جهان کي ڇڏي مدرسي ۾ اچي ديرو ڄمايو آهي؟

اڄ پرنسيپال هن سان ڳالهائڻ جو خيال ڏيکاريو پر هوءَ گفتگو ٻڌڻ واسطي تيار نه هئي. هن کي ته فقط پنهنجو پٽ کپندو هو ۽ سندس پٽ ساڻس وڃڻ لاءِ راضي نه هو.

ٽئين صبح جو هوءَ وري آئي. اڄ پٽترڪ پڻ، ماءُ سان منهن مقابلي ٿيڻ لاءِ سنيري وينو هو. رات هن ان سوال کي دل ۾ گهڻو اٿلايو پٿلايو هو ۽ ماءُ کي آخري جواب ڏيڻ جو پهه پچايو هئائين.

ڪٽابين نيرن ڪائي پوري ڪئي ته پوڙهيءَ جي پڪارن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پٽترڪ پنهنجي ساٿين کي چيو "اجهو اچي ويئي. ڪيس احساس ئي ڪونه ٿو ٿئي ته پاڻ کي ڪيترو خراب ڪيو اٿائين. چڱو مان به اڄ وڃي ٿو فيصلو ڪيانس."

هو ساٿين کي ڇڏي، سڌو پرنسيپال جي آفيس وٽ آيو. اڄ ماڻس اڄڻ سان اهو قصو اچي ڇيڙيو ته هن جي پُٽ کي ڪيئن نه اچي چمڙيءَ وارن يورپي پرچارڪن هٿان بي انصافيون برداشت ڪرڻيون پيون. پوءِ هن سوال ڪيو ”توهان هن سان پنهنجي اسڪول ۾ عقوبتون ڪيون.... توهان هن سان پنهنجي ڪاليج ۾ ويل وهايو.... هاڻي جڏهن هن کي ريلوي کاتي ۾ عزت واري نوڪري ملي، تڏهن هن کان اها ڇڏارائي هن کي هميشه واسطي بيڪار بنائڻ جو توهان کي ڪهڙو حق آهي؟“

هن اجا اهو سوال پورو ڪيو ته سامهون پئٽرڪ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين.

هن ابهرائيءَ مان اٿندي پڇيو ”ڇا هنن توکي آزاد ڪيو؟ تنهنجا ٽپڙ ڪٿي آهن؟ ڪٿي اڄ ٽپڙ ته پاڻ هلون!“

”امان، تون موٽي گهر وڃ. هتي تنهنجو ڪهڙو ڪم! تن ڏينهن کان هن اگڻ اندر سيني کي پريشان پئي ڪيو اٿئي. ڪا بي عورت به ڏٺئي، جنهن پاڻ کي هتي ائين اچي خراب خوار ڪيو هجي؟“

”تون مون سان گڏ جي پنهنجي گهر هل ته مڙني جون پريشانيون لهي وينديون.“

”مان توسان هلي نٿو سگهان. تون پلا منهنجي جند ڇو نٿي ڇڏين؟“

هُن پٽ ڏانهن هٿ ڊگهيريو پر هو هٽي پري ٿي ويو.

”مون کي هٿ نه لڳائجانءِ.“ هن ڇڙ مان چيو.

هن جي ڇڙٻ، ماءُ جي صبر ۽ اميدن جو بند ڀڃي وڌو.

هن جي سرير جو سارو سَت ڇڏائي ويو ۽ پوئتي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ڊرڪي پئي. هوءَ هيانءُ ڦاڙي روئڻ لڳي...... مڙس جي موت جون يادگيريون ۽ هن ڇوڪري واسطي سَنئَل تڪليفون، هڪ ـ هڪ ڪري هن جي ذهن ۾ ايرڻ لڳيون. اهي ياد ڪري، هن جيتريون هنجون هاريون، اوتريون هنجون هن حياتيءَ ۾ اڳ رڳو هڪ لڳا هاريون هيون ۽ اهو هو سندس خاوند جي وفات وارو وقت.

پئٽرڪ حالي ته ماءُ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڏاڍي جهڪي آيس. هن محسوس ڪيو ته سندس ماءُ جو ڪو قصور ڪونه هو. هن کي ڇاڻ هئي

تہ ڪهڙن انديشن هن کي اهڙيءَ هلت تي مجبور ڪيو هو. هو وڏي وڃي هن جي پير ۾ وينو. پنهنجي ٻانهن هن جي ڪلهن جي چوڌاري ويڙهي هن کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڳچ وقت کان پوءِ ماءُ، پنهنجي پاڻ کي قابوءَ ۾ آندو ۽ هوءَ سڌي ٿي ويني ۽ ماٺ ۾ خالي خالي نگاهن سان فضا ۾ تَڪڻ لڳي. هن جو ڳوڙهن جي نشان پريو چهرو ڏاڍو رحم جوڳو ٿي پيو هو.

خاموش آواز هن جي ڪنن ۾ وڄي رهيا هئا.

”اٿ ۽ اٿي هن کي ڪپڙن کان پڪڙ.... هن کي هرگز وڃڻ نہ ڏي.... ٿڦا ٺوڪي ڪرينس. هن کي ڪلهي تي ڪٽي وڃ ۽ وڃي رسين ۾ ٻڌينس، جيئن هو ڪڏهن بہ تو وٽان ڀڄي نہ سگهي.... ڪجھ بہ ڪر پر هن دفعي هن کي ڀڄڻ نہ ڏي!“

هوءَ اٿي بيني ۽ پئٽرڪ پڻ اٿي بينو. ڪنن ۾ وڄندڙ آواز اڃا بہ ماءُ کي وڏيڪ زور پري رهيا هئا، تہ هن کي ڪپڙن کان جهلي قابو ڪر ۽ وڃڻ نہ ڏيندس.....

پئٽرڪ ڳالهايو: ”منهنجي منڙي ماءُ، مون کي افسوس آهي جو منهنجي پادري بنجڻ جي باري ۾ تنهنجا اهي خيال آهن. مون تہ سمجهيو ٿي تہ منهنجي ان راهہ اختيار ڪرڻ تي تنهنجي دل خوش ٿيندي. تنهن کان سواءِ توکي اها حقيقت ذهن نشين ڪرڻي پوندي تہ مان هيئنر ڪير ٻياڪ ٻار ڪونہ آهيان. جيڪڏهن مون شادي بہ ڪئي تہ مون کي پنهنجو آل عيال ٿيندو ۽ ٻڌرو آهي تہ تون اسان جي گهرو ڳالهين ۾ ايترو دخل ڏئي نہ سگهنديءَ ۽ نڪو زندگيءَ جي معاملن ۾ تنهنجي حڪمن تي هلنداسين. تون مون کي وات۔ ڳاڙهي ڇوڪري سمجهڻ بدران، سمجهدار مرد سمجهي خود مختار ڇو نٿي ڇڏي ڏين؟“

”مون تي ترس کاءُ ۽ مون سان گڏجي هل.“ ماءُ ليلائي چيو.

”امان، خدا مون کي سڏيو آهي تہ مان هن جو پادري ٿيان. مان خدا جي منشا کان مُنهن موڙي ڪين سگهندس.“

”پيارا پئٽرڪ، اهو ضرور شيطان جو آواز آهي جو تو ٻڌو آهي، جي خدا توکي سڏي ها، تہ هو مون سان بہ ضرور ڳالهائي ها.“

ڇوڪرو چُپ ٿي ويو.

”مون سان گڏ هلين ٿو؟“

”نہ امان، مان نہ هلي سگهندس.“

ماءُ جوش ۾ اچي چيو”جنهن صورت ۾ تو منهنجي مرضيءَ خلاف پادريءَ ٽيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن صورت ۾ تو اجايو پنهنجي حياتيءَ کي برباد ڪرڻ تي سندرو ٻڌو آهي، جنهن صورت ۾ تو منهنجي نافرماني ڪرڻ ۽ عدو شهر ۾ پنهنجي مڙني مائٽن کي ڪلٽهاب ڪرڻ تي ضد ڪيو آهي، تنهن صورت ۾ مان توکي ٿيڃ نہ بخشيندس. هن کان پوءِ مان تنهنجي ماءُ نہ آهيان، مان ائين سمجهنديس تہ مون کي ڪو پُٽ ڪونهي. ياد رکجانءِ توکي پادري ٿيڻ مهانگو پوندو.“

هوءَ وري زارو زار روئڻ لڳي ۽ پوئتي مُڙي، اڱڻ اُڪري، دروازي مان ٻاهر نڪري ويئي. پيٽرڪ پنڊ پهڻ ٿي آفيس آڏو بيٺو رهيو. ماءُ جڏهن رستي ۾ ٿي هلي، تڏهن هن جيڪي ڪجهہ چيو هو تنهن جي معنيٰ ذهن ۾ ويٺس. هو ماءُ کي پڪاريندو، وڏيون وکون کڻندو هن جي پٺيان پيو. در وٽ پهچي هڪ بار وري سڏ ڪيائين: ”امان..... امان.... امان!“

ماءُ ڪنڌ ورائي پوئتي ڪين نهاريو ۽ رستي تي اڳتي وڌندي رهي. هو در وٽ بيهي ماءُ کي ويندي ڏسندو رهيو جا هن کان هر پَل پري ٿي رهي هئي، تمام پري، هميشہ لاءِ پري.

هن محسوس ڪيو تہ ماءُ جي رُسڻ ڪري هن جي حياتيءَ ۾ وڏو خال پيدا ٿي پيو هو. اول هن کي اميد هئي تہ ماءُ هن کي سمجهي ويندي، پر هو غلط هو. هن هيڏي وسيع سنسار ۾ هن جو پنهنجو فقط هڪڙو انسان هو.... سندس ماءُ..... سا بہ اڄ هن کي ڇڏي ويئي.

هو ماءُ کي ايستائين گهوريندو رهيو جيستائين هوءَ رستي جي وڪڙ وٽ، نگاهن کان اوجهل نہ ٿي ويئي. پوءِ هو آهستي آهستي هلندي اچي ڪلاس ۾ حاضر ٿيو.

مسز اڪينگا پُٽ وڃائڻ جي صدمي مان ڇڙهي نہ سگهي. هن کي آسرو هو تہ هن جون دانهون ۽ پڪارون، پادرين کي سندس پُٽ کي مدرسي مان واپس موڪلڻ تي مجبور ڪنديون. مگر ان ڏينهن مدرسي اندر جو

ڪجهہ ٿيو ان مان هن کي پڪ ٿي ويئي تہ پادري هن کان پُٽ نہ کسي رهيا هئا. پر اهو سندس پيٽ ڇاڻو ئي هو جنهن هن کي تياڳڻ جو اٽل فيصلو ڪيو هو.

ان واقعي کان ٿورا ڏينهن پوءِ هوءَ بيمار ٿي پيئي. ڏينهون ڏينهن هن جي حالت خراب ٿيڻ لڳي. ٻن هفتن کان پوءِ هن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اتي ڇئن هفتن بعد مري ويئي.

(مهراڻ 1972/3ع)

# ڏرتي پنهنجو ڏن

## (گهانا جي ڪهاڻي)

ڪيريفاسو ڳوٺ جي نينگري ڦاپان، جيجيءَ جي ڌيءَ هئي. هوءَ ننڍي نيٽي، انگ انگ جي زيبائتي ۽ هرڻيءَ وانگر چُست هئي. هن جا نيڻ نرمل ۽ حيرت وچان ڪليل هوندا هئا. هن جون وِڪون هلڪيون هيون ۽ هن جي هر چرپر هلڪي هئي.

هوءَ ولر ڪان وڇڙيل هرڻيءَ جيان اَڏَ تان ٽپندي ڪُڏندي ويندي هئي. هن جي اها مستاني چال، ڏسندڙن جون دليون بيتاب ڪري ڇڏيندي هئي. ڪوبہ لانگهائو ور ور ڪري، ڪنڌ ورائي ورائي، هن کي ڏسڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهندو هو.

هن جي ڳوٺ وارا چوندا هئا تہ هن جي ڳالهائڻ جو آواز بانس جي وڻن جي ڇانوَ هيٺان وهندڙ نهر جي پڙ- پڙ جهڙو سريلو هو. هن جي ڳوٺ وارا اهو بہ چوندا هئا تہ هن جي مُرڪ، ڪڏهن سوسن گل وانگر هن جي چپن تي ٽِڙي ٿي ۽ ڪڏهن سج وانگر اُڀري ٿي.

پوپٽ گلن کان پري ڪونہ اُڏامندا آهن، هو انهن ڏانهن ايندا آهن. ڦاپان ڳوٺ جو گل هئي. ڳوٺ جي مڙني پوپٽن، يعني مردن، هر موڙ تي هن جي ويجهو اچڻ جا جتن ڪيا. وري وري اچي هن جي راهہ مان لنگهيا. هن جي واٽ ۾ پنهنجي نيڻن جو سمورو نُور وڇايائون. هرڪو مرد هام پريندو هو "هوءَ منهنجي زال بڻبي، منهنجي، منهنجي، منهنجي!"

پر سوين سجَ ايريا ۽ لهي ويا. چندن چانڊوڪين جون چادرون وڇايون ۽ غائب ٿَي ويا ۽ جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن ڦاپان جي سونهن ۾ واڌارو ٿيندو ويو ۽ هُوءَ وڌيڪ موهيندڙ ٿيندي وئي، پر هوءَ ڪنهن جي بہ زال ڪانہ بڻي. هوءَ پنهنجي روزاني واري پورهئي پنيان تڪڙو تڪڙو

ويندي، آمهون سامهون ٽيندڙ پوپٽن کي مرڪي، هٿ جي هلڪي اشاري سان ڪيڪارينديءَ هئي:

”خوش آهين ڦاسو!“

”خوش آهين خميسا!“

”خوش آهين قادو!“

۽ معاملو اتي بس هو.

ان ڪري، هو دل ۾ هن لاءِ تڙڦنديءَ بہ چوندا هئا: ”مغرور! ڦاپان مغرور آهي.... ۽ تمام عجيب!“

جڏهن هو گڏ ٽيندا هئا، تڏهن چوندا هئا، ”اجهو هيءَ پئي وڃي عجيب ڇوڪري. پر يار هن ۾ بي محابائيءَ واري مغروري ڪانهي ۽ نہ وري هن ۾ پاڻ کي ڪا شيءِ سمجهڻ واري مغروري آهي. پوءِ پلا هن ۾ ڪهڙي قسم جي مغروري آهي؟“

سال جي پڇاڙي وري آئي ۽ پاڻ سان جشنن جي مُند ڪٺي آئي. ڪوڪي، ڪچالو ۽ اناج جي لاباري جا جشن هئا، ڪنوارين جون محفلون هيون ۽ هارين جي ٽولين جا مقابلا هئا. ڳوٺ مَردن جي واڪن، بندوقبازيءَ، راڳ روپ، ناچ ۽ نغارن جي آوازن سان گونجي رهيو هو.

رسمن جي پڇاڙيءَ تي هو جيجيءَ جي گهر ڏانهن روانا ٿيا. ضاعفون شور مچائينديون، مردن جي چوگرد نچنديون ٽپنديون ٿي هليون ۽ هنن جي راهہ ۾ ڪپڙا ٿي وڇاياءُون.

”چيتا..... چيتا!“ ڪنهن رڙ ڪئي.

ان تي مرد چيتن واري ڦرتيءَ سان وڻن تي چڙهي ويا ۽ ڏارن تي چيتن وانگر ڏونڏڙا تي چنبڙي پيا ۽ هي گيت ڳائڻ لڳا:

”نغارن وڄڻ کان اڳ،

نغارن وڄڻ کان اڳ، خبردار ٿيو!

تيرن ڇٽڻ کان اڳ،

تيرن ڇٽڻ کان اڳ، خبردار ٿيو!

سڏا ٿي ويهو

ڇلانگ ڏيو وار ڪريو!

وار ڪريو دشمن تي.
هاٿي گهٽو ٿيو
گهٽو ٿيو وڏيڪ رت نہ وهايو
وڏيڪ رت نہ وهايو گرجنائون نہ ڪيو!
تنهن هوندي بہ توهين چيتا آهيو
دشمن کي چيرڻ ڦاڙڻ وارا!“

جيجيءَ جي گهر جي اڱڻ جي ٻنيي وٽ ڇهڇٽو لڳو پيو هو.

”آرام سان هلو ماٺ ڪريو!“ هارين جي پريي مڙس چتاءُ ڏنو ”هوڏانهن ڏسو جيجي پئي اچي!“

”هن جي راهہ ۾ ڪپڙي جون چادرون وڇايو
ڏيري ڏيري وکون پئي کڻندي اچي اسان جي جيجي،
هن مٿان چانديءَ جي ورڪا ڪريو
چانديءَ جي ورڪا ڪريو ڇوتہ هوءَ امن آهي.“

جيجي اچي اتي بيٺي. هوءَ ڏکهي ۽ ڏولائتي هئي! چؤ طرف چپ چاپ ٿي ويئي.

”پڏايو ڪهڙيون خبرون چارون آهن؟“ جيجيءَ هري پڇيو.

”اسين پنهنجين ملڪي رسمن پوري ڪرڻ واري دز سان پريل نرڙن سان تو وٽ آيا آهيون. اسين ڪنڊن ڇليل ٽڪل پيرن سان تو وٽ آيا آهيون. اسين تنهنجي امن جي درياهہ جي ٽڏاڻ ۾ پنهنجو پاڻ ارپڻ ڪرڻ آيا آهيون. نئين حياتي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجون سڀ قوتون توکي آڇڻ آيا آهيون!“

جيجي هڪ هنڌ بيٺي رهي، ڏکهي، ڏولائتي ۽ سانتيڪي. ويٺي هٿڻ واريون بہ ٻانهيون هن جي ٻنهي پاسن کان هيون. سيئي ضاعفون ويجهو اچي هن کي وڪوڙي ويون. مرد، هڪ- هڪ ٿي ڪري، پنهنجي بندوق هن جي پيرن وٽ رکندا ويا. پوءِ هن چيو:

”بندوقن کي پاسيرو ڪري رکڻ تمام چڱي ڳالهہ آهي. درياهہ، بندوقن جي باهہ ٺاري ڇڏي. هاٿي توهان جا هٿيار هجڻ کپن توهان جي دلين ۾ هٿن جا پورهيا. هن کان پوءِ بندوقون رڳو اسان جي ڌرتيءَ جي دشمنن کي نشانو بنائينديون.“

”هڙئي عورتون ۽ ڪنواريون اچو ۽ اچي مردن سان قومي ناچ ۾ ڀاڱ وٺو ڇوتہ هنن نئين حياتيءَ جو پهه ڪيو آهي.“

هڪ ڇوڪريءَ ناچ ۾ حصو نہ ورتو.

جيجيءَ زور سان پڪاريو: ”ڇو قاپان تون نہ نچندينءَ؟ مرد, پنهنجي ابن ڏاڏن جي شاندار ڪارنامن تي پڏي پڏي ٿڪجي پيا آهن. ان تي توکي خوش ٿيڻ کپي. هو اها خالي لاف هٽي هٽي بہ بيزار ٿي پيا آهن تہ اسين مرد آهيون مرد. هو پنهنجي وڏن جي اڌ ٿاهيل پٽين تي ڪيل گند جي ڍير مٿان ڳجهن وانگر ويهي ويهي هاٽي ٿڪجي پيا آهن. ان ڪري بہ تون خوش ٿيءُ. هن کان پوءِ هو ’اسان جو پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان پيار آهي‘ جو زباني نعرو نہ هڻندا, پر هو گند جي ڍيرن ۽ ماضيءَ جي داستانن ۾ خوش ٿيڻ بدران پنهنجي ڌرتيءَ کي ٺاهيندا, پنهنجي هن زمين کي بهشت بنائيندا. تنهن ڪري تون بہ نچ قاپان! تون بہ خوش ٿيءُ قاپان!“

قاپان چپ چوريا ۽ چيو:

”امڙ مان ’هن‘ کي هتي ڪونہ ٿي ڏسان.“

”ڪير؟ ڪنهن کي تون هتي ڪونہ ٿي ڏسين؟“

”اهو جنهن سان هيءَ نئين حياتي ٺاهي ويندي. هو هتي ڪونہ آهي, هو هنن ۾ ڪونہ آهي. امان, هنن ماڻهن جا چهرا خالي خالي آهن. هن ۾ ڪا شئي ڪانهي, هنن ۾ ڪو عمل ڪونهي.“

”افسوس, منهنجي ٻچڙي قاپان, تنهنجو آخر ڇا ٿيندو؟“

”جنهن ڏينهن مون کي هُو ملندو جنهن گهڙيءَ مون کي اهو مرد ملندو مان توڏي پڇندي ايندس, تو وٽ اُڏامندي ايندس ۽ تنهنجون سڀ پريشانيون ختم ٿي وينديون.“

جيجي پنهنجي ڌيءُ کي پليءَ پٽ سمجهي پئي, پر دليل ڏيڻ خاطر چيائين, ”پر قاپان, تنهنجي ڄمار وڌندي پئي وڃي. تنهنجيون ساهيڙيون مينا ۽ عيشي ٻئي پنجن سالن کان پرٽيون وينيون آهن, ٻيئي تنهنجي همعمر آهن.“

”ها امان,هو پرٽيون آهن ۽ ڏس تہ ڪهڙا حال ٿيا اٿن. هو جيڪي هرڻيءَ وانگر چست ۽ چالاڪ هيون, سي ڏيري ڳئونءَ وانگر گهلجي ٿيون

هلن. سندن اکين مان حياتيءَ جي ساري جوت وسامي وئي آهي. هنن جا مڙس سچو وقت دارون پي، انبن جي وڻن هينان وينا نَوٽڻ راند کيڏن ۽ هو هاٽي ٻين زالن جي ڳولا ۾ آهن. امان مون کي جنهن مرد جي تلاش آهي سو هتي نظر ڪونہ ٿو اچيم.“

هيءَ گفتگو هڪ جٽي ٻڏي ورتي ۽ سگهو ئي ٻين کي بہ سُڌ پئجي وئي تہ ڦاپان ڇا چيو هو. هنن ان سانجهيءَ ڳوٺ ۾ هڪ نئون راڳ ٻڌو.

”گهڻو وقت اڳي هڪ عورت هئي،
انهيءَ نينگريءَ کي ٻڌايو انهيءَ نينگريءَ کي ٻڌايو
گهڻو وقت اڳي هڪ عورت هئي.
هوءَ ڦاسوءَ سان نئي پرٽي،
هن خميسي سان لائون نئي لڏيون،
اصل نہ، هرگز نہ، اصل نہ، هرگز نہ.
هڪ ڏينهن آئي ڊوڙندي پنهنجي گهر،
مون کي گهربل مرد مليو آهي، گهربل مرد، گهربل مرد،
انهيءَ نينگريءَ کي ٻڌايو انهيءَ نينگريءَ کي ٻڌايو.
هن جو مرد سردار وانگر ٿي نظر آيو
ڏاڍو شان وارو ڏاڍو پيڪيدار
پر هو ڦري راڪاس بنجي پيو،
هو راڪاس بنجي پيو
۽ هن کي ڳڙڪائي ويو.“

ان کان پوءِ ڳوٺ جا ڪيترائي ماٺهو ڦاپان کي ڏسندا هئا، تہ منهن ڦيري، واٽ مٿائي هليا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن، هوءَ پچندي، وڏيون ٻرانگهون ڪٽندي، ماءُ وٽ آئي. هوءَ اگهڻ جي ڏيڍيءَ وٽ اچي ڪڙڪي. هوءَ مٿي کان پيرن تائين ٻهڪي رهي هئي. اصل خوشيءَ ۾ ڦولي نئي سمائي. هڪ اوپرو نوجوان هن جي پٺيان آيو ۽ اچي پڌر ۾ هن جي پاسي ۾ بيٺو. هو قداور ۽ ٿنيي جهڙو سگهارو هو. حيرت ۾ ٻڏل جيجيءَ کي ڦاپان چيو:

”هيءَ آهي، امان هيءُ آهي اهو شخص!“

جيجيءَ آهستي آهستي هن نئين ماڻهوءَ تي نگاهه وڌي، جو جهنگل جي وڻ وانگر مضبوط بيٺو هو پوءِ چيائين:

”مان تنهنجي چهري کي ڏاهپ جي روشنيءَ سان ڀڪندو ڏسان ٿي. پلي ڪري آئين، جيءَ ڪري آئين منهنجا ٻچڙا، پر اهو ته ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟“

هن نوڙي ادب سان سلام ڪيو ۽ چيو:

”جيجي، مان هڪ پورهيت آهيان. هي هٿ ئي اٿم، جي مان تنهنجي نياڻيءَ کي آڇي سگهان ٿو. اهي ئي منهنجي سچي دولت آهن. مان پورهئي جي تلاش ۾ نڪتو آهيان. مون کي پورهئي جي ئي ڄاڻ آهي ۽ پورهيو ئي منهنجي قوت آهي. اهائي منهنجي سچي ڪهاڻي آهي.“

ڦاپان چيو ”امڙ، ڌارين کي هن ڌرتيءَ تان ڌڪڻ لاءِ هن جيل سَٺا، هن گوليون کاڌيون. هو هاريءَ جو پٽ آهي، پاڻ ڪاليج پڙهي به هاري ٿيو. هن جو پنهنجي ديس ۾ ڌرتيءَ ۾ ساهه آهي.

هي اهو آهي، جنهن پرمارن سان جنم کان وٺي جنگ جوٽي، جنهن صدين جي سُتلن کي جنجهوڙي جاڳايو.“

عجب آهي ته جيجيءَ، ڦاپان جو هٿ هن نئين شخص جي هٿ ۾ ڏيڻ ۾ دير نه ڪئي.

ڳوٺ ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڊوڙي ويئي. ڪي ته ظاهر ظهور چوڻ لڳا، ”مغرور جو منهن پٽ سان لڳو.“

پر جلد، تمام جلد، ڪيريفاسو جي ڳوٺاڻن، هن نئين شخص کي نئين نظر سان ڏسڻ شروع ڪيو. ڪي چوڻ لڳا: ”هي ڪير مڙس آهي جو پورهئي ۽ راڳ جو ميلاپ ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ محنت ۽ ڪشالو مسرت ۽ فخر آهي ۽ جنهن لاءِ زندگي اٿاهه آهي، پريور آهي.“

ٻيا چوڻ لڳا: ”۽ ڏسو ته هن جي اڻٿڪ محنت ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري، هن جو فصل ڪهڙو نه پلو ٿو ٿئي.“

”هن آلي چيڪي مٽي ڪٽي ڪارب ۾ وجهي سرون ٺاهيون آهن، ۽ انهن مان ڪيڏو نه سهڻو گهر اڏيو اٿائين، جو اسان جي ڳوٺ جو شان وڌائي رهيو آهي.“

”هن جي هٿن جي هنرن کي بہ ڏسو. ڇپيون توڙي ڇڄ، تڏا توڙي موڙا سڀ هي شخص ٺاهي ٿو.“

”۽ اسان جا ٻارڙا ڪيئن نہ هن جي چوڏاري جهرمٽ ٺاهي بيهن ٿا ۽ هن کي اچرج ۽ خوشيءَ وچان گهورين ٿا!“

پوءِ هنن ماڻهن کي انبن جي وڻن جي ڇانوَ ۾ نڪمو ويهي نوٽڻ ڪيڏڻ ۾ شرم محسوس ٿيڻ لڳو.

”ڏسو تہ ڦاپان جي مڙس ڇا ڇا نہ ڪري ڏيکاريو آهي“، هو چوندا هئا، ”ڇا اسين هن ڳوٺ جا رهاڪو ائين ڪري نٿا سگهون؟“

پوءِ ترت ئي هو ان نئين شخص وٽ وڃي هن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳا ۽ هن کان صلاح مشورو وٺڻ شروع ڪيائون. سگهوئي هو پڻ سيئي محنت مزوريءَ ۾ جنبي ويا. ان کان پوءِ هنن جي کيتن ۾ ايترو فصل پيدا ٿيو جيترو اڄ تائين ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو هو. عورتون بہ مردن سان پنهن تي ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺيون. ڳوٺ ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو. ڪچا، اڻنگا ۽ ڏنگا ڦڏا گهر هڪ هڪ ٿي ڊهندا ويا ۽ انهن جي جاءِ، نئين ماڻهوءَ جي اڏيل، ٺاهيل گهر جهڙا گهر والاريندا ويا. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪيريفاسو ڳوٺ ڪو نئون جنم وٺي رهيو آهي.

خود ماڻهن ۾ جياپي جا نوان اهڃاڻ پيدا ٿي ويا، ۽ هنن ۾ نئون جذبو ڏسڻ ۾ آيو. اڳي هو زمين مان رڳو ايترو اُپائڻ لاءِ ڪم ڪندا هئا، جيئن حالي سندن پيٽ جو پورائو ٿئي ۽ سندن وقت گذرندو رهي. پر هاڻي هو زمين کي نئين نظر سان ڏسڻ لڳا هئا ۽ زمين سندن رت ست ۾ سمائجي چڪي هئي، سندن انگ انگ جو حصو بنجي ويئي هئي; هو ان ۾ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ۽ پنهنجي ديس لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا هئا. هنن پنهنجي زمين کي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ٻارن لاءِ ۽ پنهنجي ديس لاءِ سهڻي ۾ سهڻو ٽڪرو ۽ بهترين ڏن بنائڻ ٿي گهريو.

وري جشنن جي مند آئي، هو ڳائڻ لڳا:

”اسان هڪ ٻئي سان نہ وڙهنداسين،<br>
اسان هڪ ٻئي جو رت نہ وهائينداسين،<br>
اسانجن وڏن اسان لاءِ پيچرا بنايا،<br>
اسان انهن تي پڪا رستا ٺاهينداسين،

هنن پنهنجي رت سان زمين خريد ڪئي،
اسان ان زمين کي محنت ۽ پيار سان ٺاهينداسين،
اسين پنهنجي دل ۽ دماغ سان ان تي تخليق ڪنداسين.“

مردن پنيان ضاعفون ۽ ٻار هئا. هنن مٿي تي ٻنيءَ جي هر قسم جي پيدائش ۽ هٿ جون ٺاهيل شيون کنيون هيون. ساوا ٻوٽا ۽ پيلا ڪيوڙا ڪاٺ جي خومچن ۾ هئا. ٻٽالو ٽماٽا، سرنهن ۽ ڪارڪون ٽڪر جي پاٽين ۾ کنيل هيون. نارنگيون، ڪچالو ۽ مڪئي جا سنگ، پٽل جي سونهري ٿالهن ۾ رکيل هئا. ٻارن وڏي فخر سان پنهنجيون هٿ جون ٺاهيل چيزون کنيون هيون، جهڙوڪ رنگبرنگي ٽڏا، ٽوڪريون ۽ رانديڪا.

ڳوٺ جي نئين راندين جي ميدان تي هن جلوس کي گڏ ٿيندي ڏسي، جيجي ڏاڍو گد گد ٿي رهي هئي. تازن مينهن ڪري هن ميدان تي ساوڪ ئي ساوڪ ٿي ويئي هئي. ڳوٺاڻن کي بيفڪريءَ جي ناچ جي لهرن ۾ لڏندي ڏسي، هن جي دل پرجي آئي. هي هجوم هاٽي هن جي گهر طرف اچي رهيو هو. هن ٿاپان کي بہ ڏٺو. هن مٿي تي پٽل جي ٿالهہ ۾ ڪوئلا کنيا هئا، ۽ ڪوئلن جي چوڌاري ڪناري تي ڳاڙها گل سجايا هئائين. هن جي نچڻ تي ٿالهہ بہ لڏي رهيو هو. پنهنجي ڌيءَ کي ان حالت ۾ ڏسي هوءَ خوشيءَ سان پرجي ويئي.

پوءِ هن جي نظر ٿاپان جي مڙس تي پيئي. هن ڪڇ ۾ اچي چيلي کنئي هئي ۽ هو خوشيءَ پرئي وڏندڙ آواز ۾ ٻين مردن سان گڏجي ڳائي رهيو هو. جيجيءَ هن ڏي فخر مان نهاريو. جلوس هاٽي سندس ٻنيءَ تي پهچي چڪو هو.

هارين جي پريي مڙس چيو ”ڏسو دنيا ۾ سڀ کان سٺي اسان جي جيجي بيٺي آهي. اسان جي جيجي اسان لاءِ ترسي بيٺي آهي. هوءَ ترسيل آهي تہ اسان جي نرڙن تي محنت واري ڏڏڙ امن جي درياهہ جي ٽڏاڻ سان ڌوئي وڇايون. هن جي قدمن ۾ چادرون وڇايو. تمام عزت ۽ نرميءَ سان، وڏي شان مان سان ٻنين جي پيدائش هن جي قدمن آڏو رکو. پنهنجي هٿن جو فن هن جي سامهون رکو تمام آهستي، وڏي شان مان سان.“

جيجي امن ۽ خوشيءَ جو مجسمو بنجي بيٺي رهي.

(مهراڻ 4/1973ع)

# جادوگر
## (روسي ڪهاڻي)

شهر ۾ سخت بد امني هئي. هڙتال مٿان هڙتال پئي ٿي. هيءَ هلچل ڪارخانن کان شروع ٿي ۽ هلندي هلندي باهه وانگر شهر جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويئي.

هن هلچل کي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر بيسود. هيءَ هلچل ختم ٿيڻ واري نہ هئي.

ظاهر ظهور تہ شهر دستور موجب دلچسپين جو مرڪز هو. بازار ۾ اهائي رونق هئي. خريد فروخت بہ ڏهاڙي وانگر ٿي رهي هئي، تنهن هوندي بہ ڪوبہ شخص ائين چوڻ کان رهي نٿي سگهيو تہ شهر ۾ بي آراميءَ جي لهر ڊوڙي رهي آهي. معموليءَ کان معمولي واقعو بہ ڏاڍو هيجان برپا ڪري ٿو ڇڏي.

سيٽيءَ جي آواز ٻڌڻ سان گهڻن ماڻهن جي دلين تي هيبت ڇانئجي ٿي وئي. ڪي ماڻهو اهو آواز ٻڌندي ئي ڊوڙندي ٿي آيا تہ ڏسون تہ ڪهڙي ماجرا آهي؟ ڪي وري دڪانن ۾ لِڪي ٿي ويا..... هو ڪنهن کان لِڪي رهيا هئا.....؟ ڪهڙي شئي هنن کي ايتري قدر خوفزده ٿي بنايو.....؟ اها ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي، پر تڏهن بہ هر شخص کي ڊپ هو تہ ضرور ڪا خوفناڪ گهٽنا ٿيڻ واري آهي.

عام طرح ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن وارا مزور بازار ۾ بيٺي بيٺي، سُس پُس ڪندي نظر ٿي آيا. رستي تي هلندي هو شاهوڪارن ۽ امير ماڻهن ڏانهن نفرت جي نگاهہ سان نهاري رهيا هئا. پر اميرن تہ هنن زرد ۽ غليظ چهرن طرف اک کڻي بہ نٿي نهاريو.

اهڙا شخص، پنهنجي بد صورت چهرن ۽ گندي لباس سان، ڪنوار وانگر سينگاريل بازار ۾ بدنما داغ بڻجي رهيا هئا. هي عجيب انسان، اڻ گهربل مهمانن وانگر شهر جي با رونق بازارين ۾ هيڏي هوڏي ڀٽڪي رهيا

هٿا. هنن سان ڪنهن ڳالهايو بہ نٿي. شايد ان ڪري تہ متان ويجهي وڃڻ تي سندن جسم بہ هنن جي جسم جهڙو غليظ نہ ٿي وڃي.

پر جيئن ئي هنن مزورن مٿان ڪنهن پوليس واري جي نگاهہ ٿي پيئي، تيئن ئي هو ماڻهن جي دلين ۾ ڊپ جي ڌڪٽي پيدا ڪري، جدا جدا طرفن ڏانهن ڀڄي ٿي ويا.

(2)

"امان، هي مزور آهن ڇا؟"

ها، ها، پر تون هلندو هل ۽ پٺيان نہ نهار!"

"پر امان، هي ڀڄي ڇو رهيا آهن؟"

"پوليس کان.... ڏس، هاڻي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر."

"پر ڇو..؟ ڇا هنن کي رستي تي هلڻ جي اجازت ناهي؟"

"نہ، انهن کي اجازت ڪانهي."

"اجازت ڇونہ آهي؟"

"خدا جي واسطي مون کي تنگ نہ ڪر.... پنهنجو هٿ مون کي ڏي ۽ جلدي جلدي هلڻ جي ڪوشش ڪر.... نہ تہ اسان کي بہ ڪنهن پوليس واري جون لتيون...."

سارنگ پنهنجي ماءُ جو هٿ پڪڙيو ۽ هن سان گڏ ڊوڙڻ شروع ڪيو. مزورن جي هڪ ميڙ چڙوچڙ ٿيڻ ڪري، ماءُ سخت پريشان ٿي ويئي. هن ڪنهن بہ طرح جلد کان جلد پنهنجي گهر پهچي وڃڻ ٿي چاهيو.

"ڇا هي مزور ڏنگا ماڻهو آهن، امان!"

"ڪير؟.... ڪير؟"

"مزورا"

"مون کي خبر ناهي.... هو ڇڱا بہ آهن ۽ خراب بہ.... پر هو ڪم ئي نٿا ڪن."

"ڇا هو چريا آهن؟"

"ها، ها، پر تون بيهہ نہ.... ۽ هنن وانگر چريو نہ ٿيءُ."

"امان، ڇا هو وڏا ماڻهو آهن؟"

هوءَ جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اڳ ڪي گهوڙيسوار سپاهي بازار ۾ اچي ڪڙڪيا. هنن مان هڪ پنهنجي گهوڙي کي زور سان چهبڪ هنيو. چهبڪ جو آواز سارنگ جي ماءُ جي ڪنن ۾ بندوق جي ٺڪاءُ وانگر اچي گونجيو.

هن جي وات مان چيٺ نڪتي ۽ پاڙي طئي ڪرڻ کان سواءِ ئي، تڪڙو تڪڙو پرسان بيٺل هڪڙي ٽانگي ۾ چڙهي ويئي ۽ ٽانگي واري ڏي نهاري، ڏنل لهجي ۾ چيائين، "جلدي هل... جيترو جلدي ٿي سگهئي جلدي."

"پر سائڻ، ڪيڏانهن؟" ٽانگي واري ادب سان پڇيو.

"تون سڌو ئي سڌو هل... او خدايا... جلدي هل!"

"سائڻ توهين گهبرايو نه. هو اسان جو وار به ونگو نه ڪندا."

جڏهن گاڏي بازار جو پهريون موڙ مُڙي، تڏهن مس مس وڃي سارنگ جي ماءُ جي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ اطمينان جو ساهه کڻي چيائين:

"ٻڌ، ٽانگي وارا، مان توکي ربئي کان وڌيڪ پاڙو نه ڏينديس."

"پر سائڻ، اهو ته گهٽ آهي."

"ته پوءِ گاڏي روڪ... اسين ٽرام ۾ گهر هليا ويندا سين."

"چڱو سائڻ، پر مون کي انديشو آهي ته توهان کي هرويرو وقت ضايع ڪرڻو پوندو. اڄ ٽرامون ڪونه هلنديون."

"ڪير تو چوي؟"

"مون ڪالهه ٻڌو هو ته ٽرامون هلائيندڙ مزور هڙتال ڪري رهيا آهن."

ان وچ ۾، مزورن جو هڪڙو ٽولو گاڏيءَ وٽان اچي لنگهيو. سارنگ جي ماءُ وري ڏڄي وئي. هن ٽانگي واري کي اشارو ڪيو ته گاڏي وري هلائي. سارنگ، ماءُ جي هنج ۾ ويهي، خوف ۾ ٻڏل نگاهن سان ان ٽولي کي ڏسي رهيو هو.

"مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر پوليس ڇو هنن ماڻهن پٺيان حيران پريشان ٿي رهي آهي. جي هو ڪم نٿا ڪن، ته نه ڪن. پاڻهي ٽورن ڏينهن کان پوءِ بک مرندا ته مغز جاءِ ايندن!"

"توهان سچ چئي رهيا آهيو سائڻ، توهان هڪ جانور کي بک مارڻ سان فرمانبردار بنائي سگهو ٿا. ساڳيو نسخو انسانن تي به استعمال

تي سگهي ٿو. پر هڪ غريب انسان ڪي ان ريت پيڙڻ گناهه آهي.... هڪ وڏو گناهه!“ ٽانگي واري، پنهنجي چاپئين ڏاڙهي کنهندي چيو.

”ڏسو توهان ڪي هڪڙو قيمتي چوغو پهريل آهي ۽ مون ڪي هڪ بيڊولو ڪوٽ. پر اهو ٻڌايو تہ انهن ٻنهي شين ڪي تيار ڪرڻ وارو ڪير آهي؟“

”ان باري ۾ وڌيڪ بحث جي ضرورت ئي ڪانهي، تو وٽ پئسا آهن تہ تون بہ هھڙو ملهائتو ڪپڙو پهري سگهين ٿو. جيڪڏهن اسان جا ماڻهو ڪم نہ ڪندا تہ ڇا ٻين ملڪن مان هي چيزون گهرائي نٿيون سگهجن؟“

”پر جيڪڏهن اڄ وچ جا رستا بند ٿي وڃن تہ پوءِ؟ يعني جي ريلوي جا مزور پڻ هڙتال ڪن تہ پوءِ توهين اهي شيون ڪٿان گهرائيندا؟“

”اهڙو خيال ڪرڻ ئي بيوقوفي آهي. ڀلا حڪومت ائين ڪرڻ جي اجازت ڏيندي؟“

”پتو ناهي، سائنڙ! پر مون ٻڌو آهي تہ ريلوي وارا بہ سگهوئي هڙتال ڪرڻ وارا آهن.“

سارنگ، ماءُ ۽ ٽانگي واري جي گفتگو ڏاڍي غور سان ٻڌي رهيو هو. هو ان ڳالهہ تي سخت حيران هو تہ اهي ماڻهو جي ٻين واسطي ڪپڙا ۽ ٻيون شيون تيار ڪن ٿا، سي بازار ۾ پوليس کان ائين ڇپندا لڪندا ڇوٽا وتن.

هن جي ماءُ هن ڪي اڄا هينئر هينئر نئون ڪوٽ ڳنهي ڏنو هو جو هن وقت پني ۾ ويڙهيل هن جي گوڏن تي رکيل هو. سارنگ اهو سوچي خوش ٿي رهيو هو تہ ڇڱو ٿيو جو ڪپڙن تيار ٿيڻ جي بند ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هن جو ڪوٽ خريد ڪيو ويو.

”اما، ڇا مون وارو نئون ڪوٽ بہ انهن ئي تيار ڪيو آهي.“

”ننڍڙا سائين! هر هڪ شي هنن جي ئي تيار ڪيل آهي. تنهنجي بت تي ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي، جا هنن تيار نہ ڪئي هجي.“ ماءُ جي بدران، ٽانگي واري وراڻيو.

ماءُ، سارنگ کي ڇڙٻ ڏيندي چيو:

”سارنگ! گهڻي بڪ بڪ نہ ڪر. ٽانگي واري سان بہ نہ ڳالهاءِ!“

پر ٽانگي وارو چُپ نہ رهيو ۽ دير تائين ان موضوع تي پنهنجا ويچار پڌرا ڪندو رهيو.

”خبر ناهي، توکي گرفتار ڇونہ ٿا ڪن!“ سارنگ جي ماءُ ٽانگي واري ڏي مهڙ ڪري چيو.

ان تي ٽانگي وارو خاموش ٿي ويو ۽ وري سڄي واٽ ان باري ۾ ڪجھ بہ نہ چيائين.

(3)

سارنگ، خيالن جي هجوم سان ڀريل، گهر ۾ گهڙيو. اڃان تائين هو اهو ڇئي نٿي سگهيو تہ مزور خراب آهن يا سٺا.

”سوني! اڄ اسان مزور ڏٺا..... مزور.“ سارنگ، پنهنجي ڀيڻ کي رازداريءَ واري لهجي ۾ ٻڌايو.

”هو ڪهڙيءَ شڪل جا آهن؟ سارنگ!“

”هُو..... هُو منهنجي خيال ۾ هارين جهڙا آهن.“

گهر ۾، انهن شخصيتن بابت، جن فئڪٽريون بند ڪيون هيون ۽ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ڏهاڙي گفتگو ٿيندي هئي. پر سارنگ ان گفتگوءَ مان بہ ڪو نتيجو ڪڍي ڪونہ سگهيو هو ۽ پڪ سان ڇئي نٿي سگهيو تہ اهي ماڻهو چڱا آهن يا برا.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي نوڪر بخشڻ کان پڇيو: ”ڇا هي ماڻهو ڪارخانا بند ڪري سگهن ٿا؟“

”ڏاڍي سولائيءَ سان ننڍڙا سائين.“

”پر ڪهڙيءَ طرح؟“

”بس هو ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڇڏين.“

”ڇا هنن کان سواءِ ڪارخانو هلي ئي نٿو سگهي؟“

”ڪارخانا ڪيئن هلي سگهندا، ننڍڙا سائين، جڏهن هنن کان سواءِ ڪو ڪم ٿي ئي نٿو سگهي.“

”هان! تہ ائين آهي؟..... اهڙيءَ طرح، هنن کان سواءِ منهنجو نئون ڪوٽ بہ تيار ٿي نہ سگهي ها!“

”ها، ننڍڙا سائين!“

"منهنجو واسڪوٽ پيو؟"

"واسڪوٽ پيو، پاجامو پيو، قميص پئي. جيڪڏهن هو اهي سڀ شيون تيار نہ ڪن ها تہ تون ائين ئي هجين ها. جيئن قدرت توکي پيدا ڪيو هو."

"صفا اُگهاڙو؟.... بيوقوف ماڻهو... مگر امڙ مون کي ٻئي ديس مان ڪپڙا گهرائي ڏئي ها."

"پر اهڙيءَ طرح توکي ڏاڍو انتظار ڪرڻو پوي ها. پر جي اتي بہ هڙتال هجي، يا اڄ وچ جا رستا بند هجن تہ پوءِ؟"

"ريل گاڏيون بہ بند ٿي وينديون ڇا؟"

"افواهہ تہ آهن."

"پوءِ منهنجو بابو ڪيئن ايندو؟ مان هن سان ڪهڙي نموني گڏجي سگهندس؟"

"اهڙيءَ حالت ۾ هن کي پيدل سفر ڪرڻو پوندو."

"سنيالي ڳالهاءِ. مان امان کي چوندس تہ تون بابي بابت گٿا اکر استعمال ڪري رهيو هئين."

ائين چئي، سارنگ ڪا مهل چپ ٿي ويو ۽ ڪجهہ سوچڻ لڳو پوءِ پنهنجي ڪوٽ جي ٻانهن پڪڙي چوڻ لڳو:

"۽ تون چوندين تہ هيءَ سلائي بہ انهن ڪئي آهي؟"

"چونہ. تنهنجي ماءُ توکي فقط ڄڻيو آهي، باقي......"

(4)

ٻن ڏينهن کان پوءِ ٽرامون هلڻ بند ٿي ويون. اخبارون شايع ڪونہ ٿيون. اهي بازاريون، جي بجليءَ جي روشنيءَ ۾ وهنتل هونديون هيون، سي غار جهڙيون اونداهيون نظر اچڻ لڳيون. ان کان بہ ٻہ ڏينهن پوءِ، هڪدم ريل گاڏين جي اچ وڃ بند ٿي وئي، جنهن ڪري شهر ۾ ڏاڍو تاءُ پکڙجي ويو ۽ ماڻهو پنهنجي مٽن مائٽن جي خطن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳا.

سارنگ جو پيءُ بہ گهر پهچي وڃي ها، پر ريل گاڏين جي بند ٿي وڃڻ ڪري، گهر اچي ڪونہ سگهيو. ان ڪري گهر ۾ اُداسائي ڇانئجي

وئي. سارنگ کي ٻاهر اڱڻ ۾ کيڏڻ جي موڪل نہ هئي. ان ڪري دريءَ وٽ
ويٺو بازار جو حال چال ڏسندو هو.

"چا بابو گهر ڪونہ ايندو امان؟"

"هو مجبور آهي سارنگ. گاڏيون بند آهن."

"امان، هي مزور ماڻهو جو بہ چاهين، سو ڪري سگهن ٿا؟"

"ڇا؟"

"منهنجو مطلب آهي تہ ڇا، هي ماڻهو گاڏين جي اچ وڃ بہ بند
ڪري سگهن ٿا؟"

"ڏسڻ ۾ تہ ائين ئي اچي. پر تون هاڻي مون کي نہ ستاءِ!" ائين
چوندي ماءُ جي نيڻن ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

اهو ڏسي، سارنگ سانت ٿي ويو ۽ دريءَ مان بازار کي حيران ۽
پريشان نگاهن سان ڏسڻ لڳو:

"جي منهنجي وس ۾ هجي تہ انهن مزورن مان هڪ- هڪ کي ماري
ڇڏيان." هن پنهنجيءَ دل ۾ چيو.

جيئن پوءِ تيئن شهر جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي ٿي وئي. اڳ
جي ڀيٽ ۾ حالتون بدلجي رهيون هيون. هاڻي بازارين ۾ اڳوڻي رونق نہ
رهي هئي. گهڻن دڪانن تي تالا لڳل هئا. رات جو هٿياربند پوليس پهرو
ڏيندي هئي، جيئن ڪو دنگو فساد نہ ٿئي.

هڪ دفعي، اڌ رات ڌاري، وچهو بازار ۾ ايڏو شور ٿيو جو سارنگ،
هنڌ ڇڏي، اکيون ڀيرين ڊوڙي دريءَ وٽ آيو. ڇا ٿو ڏسي تہ بازار ۾ ٻاهہ
جو پيڙ ٻري رهيو آهي، ۽ ماڻهو وحشين وانگر ان جي چوڌاري هلي چلي
رهيا آهن.

سارنگ سوچيو تہ هاڻي شايد ڪا ڀيانڪ شئي پيدا ٿيڻ واري آهي.
ان خيال ايندي هن جي رڳن ۾ رت سڪي ويو. اهو ويچاريندي تہ هو جنن
ڀوتن وانگر ٻاهہ تي ٽپي هن کي ڳڙڪائي ويندا، هو ايتري قدر ڊنو جو رڙ
ڪري چيائين:

"امان! امان! مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي." ائين چوندي، هو ڀڄندو
ماءُ وٽ ويو.

"سارنگ، تون سمهين چو نٿو وڃ وڃي پنهنجي بستري تي سمهه." ماءُ ننڊ مان سجاڳ ٿيندي چيو.

"امان، ڏس، هتي بازار ۾ ٻاهه پئي ٻري، مون کي ان ڳالهه کان ڏڄ ٿو ٿئي!"

"وڃ پٽ، وڃي پنهنجي هنڌ تي ليٽ. هيءَ ٻاهه ٻاهه ڪجهه به ڪونهي. ڪاش! تنهنجو پيءُ هتي موجود هجي ها!"

"امان....."

"جيءُ منهنجا ٻچڙا!"

"مان توسان سمهان؟ مون کي ڊپ ٿو لڳي."

"ڪنهن کان؟ مان قربان ٿيان."

"جادوگر کان، امان"

"ڪهڙو جادوگر؟"

"گهڻائي جادوگر آهن، امان جدا جدا قسمن جا جادوگر."

"ته پوءِ هلي آ منهنجي پاسي ۾."

سارنگ خوش ٿيندو وڃي ماءُ جي پهلوءَ ۾ ليٽيو ۽ پنهنجو پاڻ کي سوڙ ۾ لڪائي چوڻ لڳو:

"امان، هي ماڻهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا؟"

هن جي ماءُ کي ٿوري دير ۾ ننڊ اچي وئي. پر سارنگ، سوڙ مان منهن ڪڍي سوچڻ لڳو ته هي شخص سٺا آهن يا خراب؟ پر ڪوبه خاطريءَ جهڙو نتيجو ڪڍي ڪونه سگهيو.

(5)

ٻئي ڏينهن، صبح جو هو پنهنجي نيرن ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. گرم گرم بسڪوٽن بدران، هن کي پاروٽي روٽيءَ جا ٽڪرا مليا هئا.

"مون کي بسڪوٽ آڻي ڏيو. مان هي پاروٽيون شيون نه کائيندس. توهان بسڪوٽ ڇو نٿا وٺي اچو؟" سارنگ روٽيءَ جا ٽڪرا هٽائيندي چيو.

"ننڍڙا سائين، توهان کي خدا جو شڪر ڪرڻ گهرجي، جو پاروٽي روٽيءَ جا هي ٽڪر به موجود آهن." نوڪر، سارنگ کي سمجهائيندي چيو.

"ڇا چيئي؟ وڃ وڃ، هي هتان کڻي وڃ. امان، او امان، مون کي بسڪوٽ گهرائي ڏي."

"سارنگ پيارا، مان توکي بسڪوٽ ڪٿان آڻي ڏيان. بسڪوٽن بڻائڻ وارا ڪارخانا ئي بند آهن."

"اهي ڇو؟"

"ڪارخاني جي مزورن هڙتال ڪئي آهي."

"وري اهي ئي مزور!" سارنگ هنن جي حرڪتن کان بيزار ٿي چڪو هو. تنگ ٿي چيائين:

"پر بسڪوٽن کان سواءِ نيرن ڪيئن ٿيندي؟"

"چڱو! مان تنهنجي بسڪوٽن لاءِ ڪوشش ڪريان ٿي."

"ڇا گورنر هنن کي مجبور نٿو ڪري سگهي تہ هو بسڪوٽ تيار ڪن؟"

"سارنگ پيارا، ويچارو گورنر ڇا ڪري. هو تہ ڪنهن جو بہ حڪم نٿا مڃين."

"گورنر جو بہ نہ؟"

"گورنر ڇا، هو ڪنهن جو بہ حڪم نٿا مڃين."

"پوءِ هو گورنر کان بہ وڏا ٿيا نہ؟"

"سارنگ، انهن ڳالهين کي ڇڏ ۽ خدا جو شڪر ڪري هيءَ روٽي ئي کاءُ."

"مان تہ اهڙي پاروٺي ۽ بيسوادي روٽي ڪونہ کائيندس."

"پر توکي مجبور ٿي کائڻي پوندي."

"ڇو ڀلا؟"

جيئن پوءِ تيئن سارنگ جي حيرت وڌندي ٿي ويئي. هو حيران هو تہ هي ماڻهو جي اڪيچنيپ ۾ ڪارخانا بند ڪري سگهن ٿا ۽ جي گورنر جو حڪم بہ نٿا مڃين، سي پوليس کان ڇو اهڙي نموني ۾ پڄندا ۽ لڪندا ٿا وتن!

هن ويچاريو تہ هي ماڻهو بہ اهڙا ئي آهن، جن جو احوال هو عام طرح آکاڻين ۾ پڙهندو رهندو آهي؛ ۽ اهو بہ تہ، انهن جادوگرن وٽ اهڙيون ٽوپيون هونديون، جن جي پائڻ سان هو غائب ٿي ويندا هوندا. جڏهن گورنر هنن کي ڪم چوندو هوندو، تڏهن هو جهٽ پٽ ۾ ٽوپي پائي، گورنر جي اکين کان گم ٿي ويندا هوندا.

بيچينيءَ جي لهر بازارين مان ٿيندي آهستي آهستي اوچن اوچن بنگلن ۽ محلن ۾ بہ داخل ٿي وئي. هتي جا رهاڪو اهي هئا، جن اج ڏينهن تائين مصيبت ۽ تڪليف جو مُنهن بہ نہ ڏٺو هو.

هاڻي انهن بنگلن ۾ اڳوڻون شان و شوڪت ۽ شور غوغاءُ نہ رهيو هو. خوشيءَ جا گيت ۽ ٽهڪ، جن سان اهي پتيون گونجيل رهنديون هيون، سي آهستي آهستي غائب ٿيڻ لڳا. هاڻي ان جي جاءِ هڪ اڻڄاتل خوف ورتي. اهي، جن جا ڪن، ڪڏهن بہ خوف سان آشنا ڪونہ ٿيا هئا، سي هاڻي هر وقت، ڪنهن اڻڄاتل خوف جي ڪري هراسيل رهڻ لڳا. اهي شخص جي نازن ۽ نعمتن تي هريل هئا، سي لاچار ٿي رُڪي سُڪي روٽيءَ تي ويلو ٽارڻ لڳا. اهڙن شخصن ۾ سارنگ جي ماءُ جو بہ شمار هو.

هڪ ڏينهن سانجهيءَ ڌاري، سارنگ جي گهر جي بجلي بند ٿي وئي. هن پنهنجي ماءُ کي چيو:

”امان، ڏسجي ٿو تہ بجلي گهر جي مشين خراب ٿي پئي آهي!“

”ملاقاتي ڪمري جون بتيون تہ ٻاري ڏس.“

”امان، نہ رڳو اهي پر ٻي ڪابہ بتي ڪانہ ٿي ٻري.“

”ڇا بجلي گهر ۾ بہ هڙتال تہ نہ ٿي ويئي؟“

نوڪر بخشڻ چيو، ”هائو! مون ٻڌو آهي تہ بجلي گهر وارن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.“

”بخشڻ، ڏس، گهر ۾ ميڻ بتيون آهن؟“

”ها آهن تہ سهي، پر تمام ٿوريون.“

ٻہ گهڙيون اڳ، جو گهر روشنين ۾ ٻهڪي رهيو هو سو هاڻي ديهاريندڙ تاريڪيءَ ۾ ويڙهجي ويو. صفي ۾ بجلي جي بلبن بدران موم بتيءَ جي ڦڪي روشني ٽمڪي رهي هئي. ماءُ ۽ سارنگ، ان روشنيءَ پرسان ويهي ڏينهن وارن واقعن تي سوچي رهيا هئا تہ رڌڻي مان نوڪرن اچي تازي خبر ٻڌائي تہ ٻن- ٽئن ڏينهن ۾ نلڪن ۾ پاڻي اچڻ ۽ گوشت جو ملڻ بہ بند ٿي ويندا.

سارنگ، حيرت جي تصوير بڻيو اهي هوش اڏائيندڙ خبرون ٻڌندو رهيو. هاڻي هن جي ننڍڙي دماغ ۾ اهو خيال پختي نموني ۾ ويهي ويو هو

تہ مزور ماڻهو ضرور جادوگر آهن. تمام وڏا جادوگر، جي فقط علاءُ الدين جي ڏِئي سان فرمانبردار بنائي سگهجن ٿا.

جيڪڏهن هي جادوگر چاهين تہ هڪ اشاري سان ريل گاڏيون هلڻ شروع ٿي سگهن ٿيون. هن جو پيءُ بنا دير جي گهر پهچي سگهي ٿو. هنن جي حڪم سان بجليءَ جو وهڪرو اچي سگهي ٿو ۽ صفو وري اڳئين وانگر روشن ٿي سگهي ٿو.... ۽ جيڪڏهن هو چاهين تہ هن کي ڏهاڙي صبح جو نيرن تي گرم گرم بسڪوٽ ملي سگهن ٿا.

(6)

پندرهن ڏينهن کان پوءِ، اوچتو سارنگ واسطي معجزا پڌرا ٿيڻ لڳا. ٽرامون هلڻ لڳيون، بجلي اچي وئي، اخبارون نئين سر ڇپجڻ لڳيون، نيرن تي بسڪوٽ ملڻ لڳا ۽ هن جو پيءُ گهر اچي ويو. مطلب تہ هڙئي سٺيون ڳالهيون هڪ ئي وقت ٿي ويون.

هڪ ڏينهن، جڏهن هو پنهنجي پيءُ سان گڏ بازار گهمڻ ويو تہ اميد جي ابتڙ گهٽن "جادوگرن" کي آزاديءَ سان هلندي چلندي ڏٺائين. هو هٿن ۾ جهنڊا پڪڙي، جدا جدا قسمن جا راڳ ڳائيندا، بازار ۾ ڦيريون پائي رهيا هئا. هينئر نہ پوليس هنن کي ائين ڪرڻ کان روڪي رهي هئي ۽ نہ هو پاڻ خوفيل هئا. جڏهن گهر واپس آيو تہ سارنگ چاهيو تہ هن دفعي هو اڪيلو وڃي بازار ۾ انهن "جادوگرن" جو تماشو ڏسي.

"امان، منهنجي مٺڙي امان، بازار مان جادوگر لنگهي رهيا آهن، مان انهن کي ڏسڻ وڃان؟"

"هرگز نہ."

"امان، هو ايترو خراب تہ نہ آهن."

اهڙيءَ طرح ڪُجھ مهينا گذري ويا. هاڻي اڳي وانگر صلح سانت هئي. ڪنهن بہ قسم جو گوڙ شور يا هڙتال ظاهر نہ ٿي. گهرن ۾ وري خوشيءَ جا ٽهڪ ۽ گيت گونجڻ لڳا ۽ اهو اٽڪل خوف، جو ماڻهن جي دلين تي ڇانيل هو، سو رفتي رفتي صفا غائب ٿي ويو.

(7)

هڪ ڏينهن، سارنگ ڏاڍو اُداس ٿي پيو. هن جا پيءُ ماءُ ٻئي سئنيما تي ويل هئا. گهر جي نوڪرياڻي ڪنهن ڪم ۾ رڌل هئي ۽ هن جي ڀيڻ گڏين

سان ڪيڏي رهي هئي. سارنگ حيران ۽ پريشان، هڪڙي ڪوٺيءَ مان ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ اچ وڃ ڪندي، سوچي رهيو هو تہ وقت ڪاٽڻ لاءِ ڇا ڪري؟

”ڏاڏي! ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان؟“

”اچي منهنجي پيرن کي زور ڏي.“

”مان زور نہ ڏيندس. مون کي زورن ڏيڻ جو ڪو شوق ڪونهي.“

ائين چئي، خيالن ۾ ٻڏل، هو ٻئي ڪمري ۾ ويو. اتي پنهنجي پيڻ جي نئين گڏي پيچي وڌائين. انهيءَ ڪري، نوڪرياڻي هن تي ڏاڍو خفا ٿي ۽ هن کي ڪمري مان ٻاهر ڪيڍي ڇڏيائين. هاڻي هن رڌڻي ۾ وڃڻ چاهيو پر نوڪرياڻيءَ چيس تہ مان توکي اوڏانهن هرگز وڃڻ نہ ڏينديس.

سارنگ تنگ ٿي چيو ”پوءِ ڀلا مان ڇا ڪريان؟ مان اڪيلو آهيان.“

نوڪرياڻيءَ سارنگ کان پڇيو ”ڇا تو واسطي ڪا ٻي دلچسپي آهي ئي ڪانہ؟“

اتي رڌڻي مان ڳالهائڻ جو آواز آيو.

”هي ڪير پيو ڳالهائي.“ سارنگ دريافت ڪيو.

”بورچياڻيءَ جو مڙس آيو آهي. هو ئي ڳالهائيندو هوندو.“

”اها دلچسپ خبر ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟“

”هو دلچسپ ڪيئن ٿيو. هو تہ معمولي ماڻهو آهي. هڪ غريب مزور.“

”بورچياڻيءَ جو مڙس هڪ مزور!“

”ڇو؟“

”هڪ جادوگر. هاڻي تہ مان ضرور اندر ويندس.“

”سارنگ، جيڪڏهن تو ائين ڪيو تہ مان تنهنجي ماءُ کي ٻڌائينديس تہ تو هن جي نافرماني ڪئي.“

”تون چغلخور بہ آهين؟... چغلخور چئي ڏسجان. مان بہ هن کي ٻڌائيندس تہ تو کير مٿان ملائي لاهي کاڌي هئي.“

”اها سراسر غلط آهي. مان تہ کير مان مک ٿي ڪيڍي.“

ڪافي دير تائين سارنگ نوڪرياڻيءَ سان جهيڙو ڪندو رهيو پر هن رڌڻيءَ ۾ وڃڻ جي موڪل نہ ڏنيس.

جڏهن نوڪرياڻي هلي وئي، تڏهن سارنگ اطمينان جو ساهہ کنيو. هو رڌڻي جي دروازي جي ويجهو ويو ۽ آهستي آهستي در کولڻ شروع ڪيائين.

سارنگ ۾ ايتري همت نہ هئي جو هڪدم دروازو کولي. ان ڪري ڪجھہ ساعتون ساھہ روڪي، هو دروازي سان لڳو بيٺو رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جرئت ڪري، هن رڌڻي اندر ليئو پاتو. هڪ بيڊولو ماڻهو ميز تي ويهي ڪجھہ کائي رهيو هو. هن جي چرپر مان معلوم ٿي ٿيو تہ چڻ تہ هو ڏڪي رهيو آهي تہ متان ڪو ماڻهو اچي هن جي هٿ وارو کاڌو نہ کسي وڃي. شايد ان ڪري ئي هن ٻئي هٿ سان ٿالهيءَ کي مضبوط پڪڙي جهليو هو.

سارنگ حيران هو تہ اهو "جادوگر" ڪٿي آهي؟..... اهڙو بيڊولو مزور، ايترو طاقتور جادوگر تہ ٿي نٿي سگهيو.

هن رڌڻي جي هر ڪنڊ ڏانهن نظر ڊوڙائي. پر ان شخص ۽ بورچياڻيءَ کان سواءِ، اتي ٻيو ڪوبہ موجود ڪونہ هو..... تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو ڪوجهو شخص ئي جادوگر آهي. ڳجھہ کي معلوم ڪرڻ خاطر، سارنگ اندر داخل ٿيو. ان تي "جادوگر" ايڏو ڇرڪ ڀريو جو هن جي هٿ واري ٿالهي ڪِرندي ڪرندي بچي وئي.

بورچياڻي پنهنجي مڙس کي آٿت ڏيندي چيو: "تون ماني کائيندو رهہ. ننڍڙو سائين توکي ڪجھہ نہ چوندو."

سارنگ حيران ٿي پڇيو: "هان؟"

"پنهنجي ماءُ کي نہ ٻڌائجانءِ تہ هي شخص ڀوڄ کائي رهيو هو. هيءَ بچيل اوبر آهي، ننڍڙا سائين!"

"هي شخص ڏاڍو بکايل آهي، ننڍڙا سائين! توهان کي هن تي قياس ڪرڻ گهرجي."

"ڪير؟"

"هي شخص..... منهنجو مڙس."

"تنهنجو مڙس؟"

سارنگ پنهنجي پاڻ کي يقين ڏيارڻ خاطر هن ماڻهوءَ کي ڏيان سان ڏٺو ۽ پنهنجي دل ۾ چيائين: هن جادوگر ضرور پنهنجي شڪل بدلائي ڇڏي آهي.

پوءِ ڪجھہ دير سوچڻ بعد چيائين: "تون جادوگر آهين..... مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ تون جادوگر آهين!"

مزور ڏڪندي ڏڪندي پڇيو: "ڪير؟"

”تون پيو ڪير.“

”سائين، مان هڪ مسڪين مزور آهيان.“

”پر تون جادوگر آهين. مون کي پڪ آهي تہ تون جادوگر آهين. تون سڀ ڪجھ ڪري سگهين ٿو پر ڏس! هاڻي اهڙي حرڪت نہ ڪجانءِ. بجليءَ کان سواءِ گهر ۾ ڏاڍي اونده ٿئي ٿي ۽ ڪارخانن جي بند ٿيڻ ڪري مون کي بسڪوٽ نہ ملندا آهن.“

”سائين، مون تہ ڪابہ اهڙي حرڪت ڪانہ ڪئي آهي..... مان هاڻي وڃان ٿو.“

”تون مون کي دوکو ڏئي رهيو آهين. تون تہ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄندو آهين. منهنجو خيال هو تہ تون ماڙيءَ جيڏو وڏو هوندين، پر ڏسجي ٿو تہ تو شڪل بدلائي ڇڏي آهي.“

”اوهين مون سان مذاق ٿا ڪيو رڳو ان ڪري جو مون وٽ کائڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ آهي. اهڙيءَ طرح مذاق ڪرڻ گناه آهي، منهنجا سائين!“

”مون ويچاريو هو تہ تون ڏاڍو گنڀير هوندين. پر پاڻئجي ٿو تہ تون مسخرو پڻ آهين. پوڙ کائڻ وقت تنهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا. ان ڪري مان توکان صفا ڪونہ ٿو ڊڄان.“

ايترو چئي، سارنگ رڙٿي مان ٻاهر نڪري، دروازي وٽ اچي بيٺو تہ جي جادوگر هن جو پيڇو ڪري، تہ هو جلدي گهر مان پهچي وڃي. پر اميد جي ابتڙ جادوگر هن جي پٺ نہ ورتي. سارنگ پوئتي مڙي ڏٺو تہ جادوگر.... ها، ها، اهوئي جادوگر، هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي روئي رهيو هو ۽ پنهنجا ڳوڙها، پنهنجي ڪوٽ جي گنديءَ ٻانهن سان اگهي رهيو هو.

”هڪ جادوگر ٿي تون روئي رهيو آهين! چڱو ٿيو توکي اهڙي ئي سزا ملڻ گهرجي. تو منهنجي پيءُ کي گهر اچڻ ڇونہ ڏنو هو؟ تو بجلي ڇو بند ڪئي هئي؟ تو منهنجا بسڪوٽ ڇو بند ڪيا هئا؟ هاڻي خدا توکي چڱي سزا ڏني آهي. رو! پلي رو!“

ائين چئي، خوشيءَ مان واڪا ڪندو سارنگ گهر ۾ هليو ويو ۽ نوڪرياڻيءَ وٽ وڃي چوڻ لڳو:

”هاڻي مان هن جادوگر کان نٿو ڊڄان...... صفا نٿو ڊڄان!“

(مهراڻ 1974/2ع)

# جيئرا جيئرن ساڻ

(رومي ڪهاڻي)

روم شهر ۾ هڪڙي سائڻ رهندي هئي، جنهن جي پاڪيزگيءَ جي ملڪ ۾ ايتري تہ هاڪ هئي، جو عورتون هن جي رڳو هڪڙي جهلڪ ڏسڻ خاطر پري پري کان ڪهي اينديون هيون.

جڏهن هن جي مڙس لاڏاڻو ڪيو تڏهن هن رڳو رسمي طرح جنازي ۾ شريڪ ٿي سيني جي سامهون وار ڇوڙڻ ۽ ڇاتي ڪُٽڻ تي بس ڪانہ ڪئي، پر هوءَ تابوتخاني ۾ مڙس جي تابوت پرسان گُپ ڪوڙي ويهي رهي هئي تابوتخانو زير زمين تهخاني ۾ هو جتي مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جو لاش تابوت ۾ رکي، اهو تابوت اُتي رکيو ويندو هو. ان طرح تربتن بدران تابوت هوندا هئا.

سائڻ پنهنجي مڙس جي تابوت پرسان ويهي، مڙس جي لاش کي ڏسندي، ڏينهن رات رئندي رڙندي ۽ پار ڪيندي رهي. هن جا مائٹ هن کي ان ريت ماتم ڪري پاڻ کي ڳارڻ ۽ بک وگهي پاهہ ٽيڙڻ کان روڪي نہ سگهيا. حڪومت جي عملدارن جا حيلا پڻ بي اثر ثابت ٿيا ۽ هو بہ نااميد ٿي هن کي ڇڏي موٽي ويا.

سائڻ کي بنا کاڌي پيتي پنج ڏينهن گذري ويا. ماڻهن هن جو غم ڏسي چيو تہ عورتپڻي جو روشن مثال قائم ڪيو آهي.

هڪڙي وفادار ٻانهي هن بدنصيب عورت سان گڏ ويٺي رهي. هن پڻ مناسب مقدار ۾ ڳوڙها ٿي ڳاڙيا ۽ ڏيي جي وٽ بہ سوريندي ٿي رهي، جيئن اوندهہ نہ ٿئي.

ساري شهر اندر هيءَ ڳالهہ مشهور ٿي ويئي، ۽ سڀ ڪنهن اهو مڃيو بہ پئي تہ هيءَ عورت مڙس جي پيار ۽ وفا جو يگانو مثال آهي.

ان دوران، پرڳڻي جي گورنر هڪڙن چورن کي سزا ڏيئي، ان تابوتخاني يا قبرستان جي قريب ڦاهيءَ تي ٽنگارايو. هڪڙو سپاهي پهري تي ببهاريو ويو.

جيئن کو اهي تنگيل لاشا لاهي وڃي پوري نہ ڇڏي. ايندڙ رات جو وڻن وچان روشني تمڪندي ۽ عورت جي پارن ڪيڻ جا آواز ٻڌي، سپاهيءَ کي ڏاڍو اچرج لڳو. هن کي ان جي ڪارڻ ڄاڻڻ جي هُرکر پيدا ٿي.

هو قبرستان واري تهخاني ۾ گهڙيو. اهڙي وايومنڊل ۾ هڪ نوجوان ۽ سهڻي عورت کي ڏسي هو سراپجي ويو ۽ پير پنڊپهڻ بنجي ويس. پهرين ويچار آيس تہ ڪا ٻيءَ دنيا جي حور آهي. پر هن جي ڇهريَ تي لڙڪن جون لارون ۽ ڳٽن تي ننهنِ سان نڪتل رهنڊون ڏسي هو سمجهي ويو ـ هوءَ پرسان ٻيل پنهنجي پياري جي سوڳ ۾ بيحال آهي.

پوءِ هو وڃي پنهنجو رکيل کاڌو کڻي آيو. هن سانئڻ کي وينتي ڪئي تہ هوءَ اهڙي دک ۾ پاڻ کي نہ جهوري ۽ نہ کو پنهنجي دل کي ٽوڙي. جنهن مان ڪجهہ بہ ورڻو ناهي، موت تہ هر ڪنهن تي اچڻو آهي. پر ان روايتي آٿت هنِ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ڪيو. هوءَ پاڻ وڌيڪ پنهنجي ڇاتي پٽڻ لڳي ۽ پنهنجا وار پٽي، پنهنجي مڙس جي لاش مٿان اڇلڻ لڳي.

ان هوندي بہ سپاهي بيٺو رهيو ۽ پوئتي ڪونہ موٽيو. هن سانئڻ کي کاڌي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن تہ انڪار ڪيو پر کاڌي جي سڳنڌ تي هن جي ٻانهيءَ جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو ۽ هن هٿ ڊگهيري آڇيل کاڌو ورتو. جڏهن کائي پيٽ پريائين، تڏهن پنهنجي ڏياٽيءَ کي مڃائڻ لاءِ چيائين:

"سانئڻ! بک ۾ مرڻ يا پاڻ کي جيئري دفن ڪرڻ مان توکي ڇا حاصل ٿيندو؟ وقت کان اڳ پاڻ کي پاڻهي مارڻ پاڻ تي ظلم ڪرڻ نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟ ڇا تون سمجهين ٿي تہ تنهنجو دک ۽ ماتم مئل يا دفن ٿيل ماڻهو محسوس ڪري سگهي ٿو؟ ڇونہ حياتي نئين سر شروع ڪجي؟ هيءَ بيجا وفاداري ڇونہ وساري ڇڏجي...... اها وفا، جنهن جي اميد فقط عورتن مان رکي ٿي وڃي...... اهڙيون فرضي ڳالهيون ڀُلائي، جيسين دم ۾ دم آهي، ڇونہ زندگيءَ کي حوصلي سان گذارجي. هيءَ ٺڏو لاش خود هڪڙي قسم جو چتاءُ آهي تہ جيون کي ڀربور نموني ماڻجي."

ڪنهن کي کاڌي کائڻ يا زنده رهڻ لاءِ چئبو آهي تہ هن جو ڏيان ضرور ڇڪبو آهي. سانئڻ تہ پنجن ڏينهن کان بکايل هئي. نيٺ هن جي

پختي پهه ۾ زلزلو اچي ويو. هوءَ پڻ ٻانهيءَ وانگر اچي ڪاٺي تي ٽٽي. تجربي مان اهو ثابت آهي ته پريل پيٽ واري ماڻهوءَ کي هرڪائڻ سهنجو آهي. سو وجهه وٺي سپاهي هن کي وري ساڳئي وٽندڙ ۽ دل وٺندڙ نموني پرپائڻ لڳو. پاڪدامن سانئڻ اڪ ٽيٽ ڪري ڏٺو ته هو من موهيندڙ شڪل وارو ٺاهوڪو جوان آهي ۽ عقل ۾ به گهٽ نه آهي.

ٻانهيءَ جو رويو پڻ همدردانه هو. هن ڪنهن جا چيل لفظ ورجايا: ”ڇا تون پنهنجي ان جذبي کان منهن موڙڻ چاهين ٿي، جو جذبو تنهنجي لاءِ ايترو وٽندڙ آهي؟“

وٺو ڳالهه جي ڳاٺي ڪي ته سپاهي، سانئڻ جي دل مان ڪي وسوسا ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پوءِ هن جا باقي وسوسا به ويندا رهيا.

هنن هاڻي تابوتخاني جا دروازا به بند ڪري ڇڏيا هئا. جيئن جيڪڏهن ڪو دوست يا ڏاريون اچي ته ائين سمجهي ته شايد هن ڳٺوان عورت جا پساهه به پنهنجي پتار جي لاش سامهون پورا ٿي چڪا آهن.

سپاهي سانئڻ جي سونهن ۽ سوپيا ۾ مست ٿي ويو هو. سانئڻ ۽ ٻانهي، ڪنهن به روڪ ٽوڪ ۽ خوف خطري بنا رهيا پيا هئا. سپاهي رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي پچت آهر لذيذ طعام ۽ ميوا منايون، شهر مان وٺي ايندو هو. ان طرح ٻه- ٽي راتيون گذري ويون.

ڦاهيءَ تي ٽنگيل چورن مان هڪڙي چور جي ماءُ پيءُ تاڙي ورتو ته جو سپاهي ڦاهيءَ جي صليبن جي پهري تي مقرر ٿيل هو سو پوريءَ طرح پهرو نٿو ڏئي. هنن موقعو وٺي صليب تان پنهنجي پُٽ جو لاش لاٿو ۽ وڃي پوري ڇڏيائون.

ٻئي ڏينهن تي سپاهيءَ هڪڙو مڙدو گم ٿيل ڏٺو سو سُجهي آيس ته هاڻي هن کي ڪهڙي سزا ملندي. هن وڃي سانئڻ کي چيو:

”مان فوجي ڪورٽ جي سزا ڀوڳڻ کان بهتر ٿو سمجهان ته پنهنجو پاڻ کي پنهنجي خنجر سان ختم ڪري ڇڏيان. ان ڪري تابوت ۾ پنهنجي مرهيات مڙس جي پاسي ۾ منهنجي واسطي به جڳهه بناءِ.“

سائنڻ جي دل نہ رڳو صاف هئي، پر نرم پڻ. هن وراڻيو: ”خدا نہ ڪري جو مان هڪ ئي وقت ٻن اهڙن شخصن جا لاش ڏسان، جي ٻئي مون کي بيحد پيارا آهن. جيئري جاڳندي ماڻهوءَ کي مارڻ کان بهتر آهي تہ مئل ماڻهوءَ جي مڙهہ کي ٽنگيو وڃي!“

پوءِ هن سپاهيءَ کي سمجهايو تہ هو سندس مڙس جو مڙدو ڪٽي وڃي چور جي ڦاهيءَ واري خالي صليب ۾ ٽنگي ڇڏي.

سپاهيءَ هڪدم پنهنجي سياڻي سائنڻ جي سهڻي صلاح تي عمل ڪيو.

(پهرين صدي عيسويءَ ۾ لکيل رومي ڪهاڻيءَ تان ورتل)

(مهراڻ 2-3/1975ع)

زڪريا تامر (شام)

# چيتو ذهين ڏينهن تي

(فئنٽسي)

جنهن پڃري ۾ چيتو بند هو ان کان جهنگل تمام گهڻو پري رهجي ويا هئا، پر چيتو انهن جهنگلن کي وساري نٿي سگهيو. هو انهن ماڻهن کي غصي ڀريل اکين سان ڏسندو هو جي هن کي اچرج وچان ڏسڻ لاءِ اچي هن جي پڃري جي چوڌاري بيهندا هئا.

انهن مان هڪڙو شخص ڌيرج ڀريئي آواز ۾ پنهنجن شاگردن کي چوندو هو: جيڪڏهن توهان سچ پچ مون وارو ڌنڌو سکڻ چاهيو ٿا، "ماسٽر" بنجڻ وارو ڌنڌو ته توهان کي هڪ گهڙيءَ لاءِ به وسارڻ نه گهرجي ته توهان جي مخالف جو "پيٽ" توهان جو پهريون نشانو هجڻ گهرجي، ۽ توهان کي محسوس ٿيندو ته هي ڌنڌو ساڳئي وقت سکيو به آهي ته ڏکيو به.

"هاڻي هن چيتي کي ڏسو!" ماسٽر چيو: "هي خونخوار ۽ هنيلو آهي. هن کي پنهنجي آزادگي ۽ دليريءَ تي وڏو گهمنڊ آهي. پر مان توهان کي ڏيکاريندس ته هي ساڳيو ئي چيتو ٻار وانگر نرم، نماڻو ۽ چئيوان ٿي ويندو. غور سان جاچجو ۽ سکيا حاصل ڪجو ته هن چيتي، جنهن وٽ کاڌو نه آهي، ۽ ان شخص جي وچ ۾ ڇا ٿو ٿئي، جنهن جي هٿ ۾ کاڌو آهي!"

شاگردن بنا دير وراڻيو ته هو جانورن کي سکيا ڏيڻ خاطر پنهنجو پورو تن ۽ من لڳائيندا. ماسٽر مرڪي، سرهائيءَ مان چيتي ڏي نهاريو ۽ ٺوڪ واري نموني ۾ هن کان پڇيائين، "۽ اسان جو پيارو مزمان ڪيئن آهي؟"

"مون کي منهنجو کاڌو آڻي ڏيو." چيتي چيو: "ڏسو ڪونه ٿا ته منهنجي کاڌي جو وقت ٿي ويو آهي!"

ماسٽر بناوتي حيرت مان جواب ڏنو: "منهنجو قيدي ٿي ڪري تون مون تي حڪم هلائڻ ٿو چاهين؟ تون ڪهڙو نه دلچسپ چيتو

آهين! توکي اهو احساس هجڻ کپي تہ هتي فقط مون کي ئي حڪم هلائڻ جو حق آهي."

"چيتن تي ڪير بہ حڪم هلائي نٿو سگهي!" چيتي چيو.

"پر تون هينئر چيتو نہ آهين." ماستر چيو: "جهنگلن ۾ تون چيتو آهين، پر هن وقت تون پڃري ۾ آهين. تون هڪڙو ٻانڌي آهين، جنهن کي منهنجو حڪم مڃڻو آهي ۽ ائين ڪرڻو آهي، جيئن مان چوان ٿو."

"مان ڪنهن جو بہ غلام نہ آهيان." چيتي شوخيءَ مان چيو.

"توکي منهنجو ئي حڪم مڃڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو ڇوتہ تنهنجو کاڌو منهنجي ئي هٿ ۾ آهي." ماستر وراڻيو.

"مون کي تنهنجي کاڌي جي ضرورت نہ آهي." چيتي جواب ڏنو.

"تہ پوءِ پلي وڃي بک مر." ماستر چيو: "ڇو تہ مان توسان ڪا زور زبردستي ڪونہ ڪندس."

پوءِ شاگردن ڏي مهڙ ڪري ماستر چيو: "ڏسجو تہ هي چيتو ڪيئن نہ بدلجي ٿو وڃي. ڇوتہ ڳاٽ اوچي ڪرڻ سان ڪو پيٽ ڪونہ ڀرجي ويندو آهي."

چيتو بکيو رهجي ويو ۽ اهي ڏينهن ياد ڪري اداس ٿيڻ لڳو جڏهن هوا وانگر آزاديءَ سان پنهنجي شڪار جو پيڇو ڪندو هو.

ٻئي ڏينهن ماستر ۽ شاگرد، چيتي جي پڃري جي چوڌاري ٿي بيٺا. ماستر چيو: "ڇا توکي بک نہ لڳي آهي. مون کي پڪ آهي تہ تون ايترو بکايل آهين، جو ڏسي مون کي پيڙا ٿي محسوس ٿئي. هينئر بہ تون مڃ تہ تون بکايل آهين، تہ توکي جيڪو گوشت کپي سو ملندو."

چيتو چُپ رهيو تنهن ڪري ماستر هن کي وري چيو: "ڇِيلو نہ ٿيءُ، جيئن مان چوان ٿو ائين ڪر. مڃ تہ تون بکايل آهين ۽ هڪدم توکي پيٽ ڀرڻ جيترو کاڌو ملندو."

"مان بکايل آهيان!" چيتي چيو.

ماستر کلي ڏنو ۽ شاگردن کي چيائين، "ڏنو نہ! هي هاڻي اهڙو ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿو آهي، جتان ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهندو!"

هن حڪم ڏنو ۽ چيتي کي جام گوشت ملي ويو.

ٽئين ڏينهن تي ماسٽر چيتي کي چيو: ”اڄ بہ جي توکي ڪاڏو ڪپي تہ منهنجو ڇوڙ ڪر!“

”مان تنهنجو ڇوڙ نہ مڃيندس!“ چيتي وراڻيو.

”ڀلورو نہ ٿيءُ، مان توکي هڪڙي معمولي چيز چوان ٿو تون هينئر بہ پڃري اندر اڄ۔ وچ ڪري رهيو آهين. بس ايترو ڪر جو جڏهن مان توکي چوان تہ ’ٻيهي رهہ‘ تہ تون ٻيهي رهجان.“

”هيءَ تہ نهايت خسيس شئِ آهي.“ چيتي پنهنجو پاڻ کي چيو. انهيءَ تي منهنجو ضد ڪرڻ ۽ بڪايل رهجي وڃڻ جو ڪو سبب ئي ڪونهي“

کهري ۽ حاڪماڻي آواز ۾ ماسٽر پڪاريو: ”ٻيهي رهہ!“

چيتو هڪ هنڌ ڄمي ٻيهي رهيو. ۽ ماسٽر خوشيءَ ڀرئي آواز ۾ چيو ”واهہ، واهہ!“

چيتو سرهو ٿيو ۽ پوري هيڄ سان گوشت ڳڙڪائڻ لڳو. ان وچ ۾، ماسٽر سيڪرٽرن ڏي مهڙ ڪري چيو: ”ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هي ڪاغذ جو چيتو ٿي ويندو!“

چوٿين ڏينهن، چيتي، ماسٽر کي چيو تہ، ”مون کي ڇؤ تہ ’ٻيهي رهہ‘ چو تہ مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي.“

ماسٽر، پنهنجن شاگردن کي چيو ”هاڻي هن کي منهنجا حڪم وٺڻ لڳا آهن.“

پوءِ ماسٽر، چيتي ڏي منهن ڪري چيو: ”اڄ توکي ايسائين ڪاڏو نہ ملندو جيستائين تون ٻليءَ جي ”مياڻو مياڻو“ جي اهل نہ ڪندين!“

چيتي مشڪل سان پنهنجي ڪاوڙ کي دٻايو ۽ پنهنجو پاڻ کي چيائين: ”مان ٻليءَ وانگر مياڻو مياڻو ڪري پاڻ کي وندرائيندس.“

هن ٻليءَ جي مياڻو مياڻو جو نقل ڪيو پر ماسٽر جي نرڙ تي گهنج ظاهر ٿيا ۽ خار مان چيائين، ”تنهنجي اهل صحيح نہ آهي، ڇا تون گجگوڙ کي مياڻو مياڻو ٿو ليکين؟“

چيتي، ٻليءَ جي مياڻو مياڻو جو وري نقل ڪيو پر ماسٽر شوڪيل رهيو ۽ حقارت سان آکيائين، ”خاموش رهہ. چپ ڪر! تنهنجي اهل اڃا

سٺي نہ آهي. اڄوڪو ڏينهن توکي مياؤ مياؤ جي مشق ڪرڻ لاءِ ڏيان ٿو سڀاڻي وري توکي ٻڌندس. جيڪڏهن ڪامياب ٿئين تہ توکي کائڻ لاءِ ملندو جي ڪامياب نہ ٿئين تہ توکي کاڌي لاءِ ڪجھہ نہ ملندو."

ماسٽر آهستي آهستي وکن سان، چيتي جي پڃري کان پريرو ڇُرڻ لڳو. شاگرد هن جي پويان هلڻ لڳا. هو پاڻ ۾ سس پس بہ ڪري رهيا هئا ۽ کلي بہ رهيا هئا. چيتو جهنگلن کي ياد ڪرڻ لڳو پر جهنگل تہ تمام پري هئا.

پنجين ڏينهن تي ماسٽر، چيتي کي چيو "ميان ٻڌا! جي اڄ تو ٻليءَ جي مياؤ مياؤ جي اهل ڪاميابيءَ سان ٻڌائي تہ توکي کائڻ لاءِ سڄر گوشت جو وڏو ٽڪرو ملندو!"

چيتي، ٻليءَ جي مياؤ مياؤ جو نقل ڪري ڏيکاريو ۽ ماسٽر آفرين مان تاڙي وڄائي ۽ سرهائي مان چيو "تون عظيم آهين. تون صفا ٻليءَ وانگر مياؤ مياؤ ڪرين ٿو." ائين چئي، هن جي آڏو گوشت جو هڪ وڏو ٽڪرو اڇلايائين.

ڇهين ڏينهن، ماسٽر اچا چيتي جي پڃري جي ويجهو آيو تہ چيتي جلدي ۾ ٻليءَ جي مياؤ مياؤ جي نقل جو آواز بلند ڪيو. پر ماسٽر ماٺ ۾ رهيو ۽ هن جي نرڙ تي گھنج اچي ويا.

"ڏسو مون ٻليءَ جي مياؤ مياؤ جو نقل ڪيو آهي." چيتي چيو.

"گڏهہ جي هينگ جي اهل ڪر!" ماسٽر سخت لهجي ۾ چيو.

"مان، جنهن کان جهنگل جا سڀ جانور ڏڄندا ۽ ڪؤ کائيندا آهن، سو گڏهہ وانگر هينگ ڪريان!" چيتي چڙ مان چيو: "ان کان وڌيڪ چڱو اهو آهي تہ مان مرڻ قبول ڪريان."

ماسٽر، هڪ اکر بہ چوڻ کان سواءِ پڃري کان پري هليو ويو.

ستين ڏينهن هو مرڪندو چيتي جي پڃري وٽ آيو ۽ هن کان پڇيائين، "ڏي خبر ڪاڏو کائڻو آهي؟"

"ها، مون کي ڪاڏو کپي." چيتي وراڻيو.

ماسٽر چيو "گوشت، جيڪو توکي ملندو ان جي قيمت آهي.... گڏهہ وانگر هينگ ڪر تہ توکي ڪاڏو ملندو."

چيتي پنهنجي ذهن ۾ جهنگل ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کان تہ سڀ ڪجهہ وسري ويو هو. پوءِ هن اکيون ٻوٽي، اوچتو وني گڏهہ جهڙي هينگ ڪئي.

”تو ايتري ڪاميابيءَ سان هينگ نہ ڪئي آهي.“ ماسٽر چيو ”پر توتي قياس ڪري، توکي گوشت جو هڪڙو ٽڪرو ڏيان ٿو.“

ائين ڏينهن، ماسٽر چيتي کي چيو: ”مان هڪڙي تقرير ٿو ڪريان، جڏهن اها پوري ڪريان تہ تون هڪدم تاڙيون وڄائجان ۽ زور سان 'واهہ واهہ' ڪجان.“

ماسٽر پنهنجي تقرير شروع ڪئي: ساٿيو! هموطنو! اسان هن کان اڳ پڻ ڪيترن ئي موقعن تي، پنهنجي منزل تي پهچڻ جي باري ۾، پنهنجي مطالبي جو پڪو پهہ پئي پڌرو ڪيو آهي. دشمن ڀلي ڪيترين بہ سازشون ڪري، پر اسان جي هن اڻ ٽر ۽ چٽي مطالبي ۾ تبديلي ڪانہ ايندي. اسان جي منزل نہ ڦرندي.اسين پنهنجي حوصلي ۽ اعتماد سان سوڀارا ٿيندا اسين....

”تو جيڪي چيو، سو منهنجي سمجهہ ۾ تہ ڪونہ آيو.“ چيتي چيو.

”تنهنجو ڪم آهي تہ مان جيڪي چوان، ان جي ساراهہ ڪر ۽ تاڙيون وڄاءِ!“ ماسٽر جواب ڏنو.

”معاف ڪجان، مان جاهل ۽ جهنگلي آهيان. تو جيڪي هينئر فرمايو آهي، سو سچ پچ تہ حيرتناڪ آهي ۽ جيئن تون چوين ٿو مان تاڙيون ٿو وڄايان.“

چيتي تاڙيون وڄايون، پر ماسٽر چيو: ”مون کي ٻچاپڙا ۽ ٻچاپڙائي اصل ڪونہ وڻن..... ان ڪري سزا طور اڄ توکي کاڌو نہ ملندو.“

نائين ڏينهن، ماسٽر گاهہ جو هڪ مُڇو پاڻ سان کڻي آيو ۽ چيتي آڏو اڇلائي هن کي چيائين، ”هيءُ کاءُ!“

”هي ڇا هي؟“ چيتي چيو: ”مان تہ گوشت خور آهيان.“

”اڄ کان پوءِ“ ماسٽر چيو: ”تون گاهہ کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ کائيندين!“

جڏهن چيتي جي بک برداشت کان ٻاهر ٿي وئي، تڏهن هن گاهہ چڪي ڏٺو پر ان جو سواد هن کي اهڙو اُگرو لڳو جو اوڪارو اچي ويس ۽

خار مان پري هٽي ويو. پر ٿوري ويرم ڪان پوءِ هو وري گاهه ڏانهن وريو ۽ آهستي آهستي هن کي ڪائڻ سان اهو گاهه وٽڻ لڳو.

ڏهين ڏينهن، اهو ماستر، اهي شاگرد، اهو چيتو ۽ اهو پيجرو غائب ٿي ويا. چيتو شهري بنجي ويو ۽ اهو پيجرو شهر ٿي ويو.

- - - -

هن ڪهاڻيءَ جو ليکڪ زڪريا تامر آهي. هن کي ملڪ نيڪالي مليل آهي ۽ لنڊن ۾ رهي ٿو. هو شام جو رهاڪو آهي. هيءَ ڪهاڻي ”ويو پوائنٽ“ رسالي تان انگريزيءَ مان ترجمو ڪئي وئي آهي. (نجم عباسي)

(مهراڻ 1/1987ع)

# چري مائي

## (فرانسيسي ڪهاڻي)

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن جرمنن اسان فرينچن کي غلام بنايو هو. مان فرانس جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هوس. منهنجي پر واري گهر ۾ هڪ اهڙي عورت رهندي هئي، جا دماغي توازن وڃائي ويٺي هئي. ان جو ڪارڻ هن جي جيون ۾ هن جي پيارن جا ٿي لاڳيتو غمناڪ موتن جا واقعا هئا. اهي ٽيئي موت هڪ مهيني اندر ٿيا هئا ۽ تڏهن جڏهن هن جي عمر فقط پنجويهه سال هئي. اهي ٽي مرندڙ ماڻهو هئا: هن جو پيءُ، هن جو مڙس ۽ هن جو نئون ڄاول ٻار. پيءُ ۽ مڙس جنگ جي ميدان تي مارجي ويا هئا.

هنن سانده صدمن ڪري، هيءَ نوجوان عورت کٽ تي ڪنيجي ويئي. هوءَ ڇهه هفتا ٿڙڪندي، تڙپندي ۽ وڦلندي رهي، پوءِ هن تي مانيٽي ڳهر ڇانئجي ويئي. هوءَ ڪا چرپر ڪانه ڪندي هئي. فقط هن جون اکيون ڦرنديون رهنديون هيون. جڏهن به هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تڏهن هوءَ اهڙيون وٺي رڙيون ڪندي هئي، ڄڻ ته هن کي ڪو قتل ٿو ڪري. ان ڪري هن سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند ڪانه ڪندا هئا. رڳو هن جو منهن ڌئاريو ويندو هو يا لباس ۽ هنڌ مٽايو ويندو هو.

هوءَ ذري گهٽ ڪجهه به نه کائيندي هئي. هڪڙي پوڙهي نوڪرياڻي هن سان گڏ هوندي هئي، جا هن جي وات ۾ ڪو کاڌي جو ذرو يا پاڻيءَ ڍڪ وجهندي رهندي هئي. هن جي دکايل دل ۾ ڇا پئي وهيو واپريو اها ڪنهن کي سڌ ڪانه هئي، ڇوته هن ڪڏهن به ڪجهه نه ڳالهايو. ڇا هوءَ مئل مائٽن جي باري ۾ سوچي رهي هئي؟ ٽيل واقعن جي يادگيريءَ کان سواءِ، هوءَ دکدائڪ سپنا ڏسي رهي هئي؟ يا هن جو حافظو بيٺل پاڻيءَ وانگر هو؟ پندرنهن سالن کان هوءَ ائين بي حس ۽ اڪيلي رهي.

ڊسمبر جي شروع ۾ فرينچ ۽ جرمن جي جنگ جاري ٿي ويئي. جرمنن جي جيت ٿي. اسان واري ڳوٺ ۾ به ڪاهي پيا. مون کي اهي گهٽنائون اڃان ياد آهن، ڄڻ ته ڪالهه ٿيون هجن. تڏ اهڙي سخت هئي، ڄڻ پارو پٿرن کي ڏاري وجهندو. مان آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هوس ۽ سنڌن جي سور جي ڪري، چرڻ پرڻ جي سگهه ڪانه رهي هئم. ان وقت سپاهين جي هلڻ جي آهٽ ٻڌم. مان دريءَ مان هنن کي رستي تان لنگهندي ڏسي ٿي سگهيس. هو تربيت موافق، ڪاٺ جي گڏين وانگر آفيسر جي حڪم تي، اکيون سامهون ڪيو، ڪڙا ٿيو ڪٽ ڪٽ ڪندا هلي رهيا هئا. هو لاڳيتو لنگهندا رهيا. پوءِ آفيسر جي حڪم تي، اسان جي ڳوٺ جي هر گهر ۾ ڪجهه جرمن سپاهي رهايا ويا هئا. منهنجي گهر ۾ سترهن سپاهي رهايا ويا. منهنجي پاڙيسرڻ چري مائيءَ جي گهر ۾ ٻارهن فوجي رهايا ويا. انهن مان هڪڙو ميجر هو جو ڏاڍو ڪرڙڪ ۽ ڏنگو ماڻهو هو.

ميجر کي ٻڌايو ويو ته گهر جي مالڪياڻي مائي بيمار آهي، پر هن ان تي ترِ جو به توجهه ڪونه ڏنو. جلد ئي هن کي ان مائيءَ تي چڙ اچڻ لڳي، جيتوڻيڪ هن کي ڪڏهن ڏٺو به ڪونه هئائين. هن پڇا ڪئي ته هن کي ڪهڙي بيماري آهي. هن کي ٻڌايو ويو ته لاڳيتن صدمن جي ڪري هن جي ڪل ٽڙي ويئي آهي. هن کي ان تي اعتبار ڪونه آيو. هن سمجهيو ته هن مغروريءَ ڪري اهو مکر ڪيو آهي، جيئن ڪيس جرمن سپاهين وٽ وڃڻو نه پوي ۽ نه انهن سان ڳالهائڻو پوي.

ميجر هن کي ڏسڻ چاهيو. هن کي مائيءَ واري ڪوٺي ۾ آندو ويو. هن سختي ۽ رڪائيءَ سان هن کي چيو: "مئڊم اٿي کڙي ٿي ۽ هيٺ اچ ته اسين سڀ توکي چڱيءَ طرح ڏسي سگهون." پر مائي رڳو اڻ چٽين نگاهن سان هن کي ڏٺو پر جواب ڪونه ڏنائين، ان ڪري ميجر وري چيو: "مان ڪنهن به قسم جي گستاخي برداشت ڪرڻ جو ارادو ڪونه ٿو رکان ۽ جي تون سڌيءَ طرح نٿي اٿين ته مون کي اهڙا ذريعا اچن ٿا. جي توکي ڪنهن جي مدد کان سواءِ اٿي پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار ڪندا." پر مائيءَ ٻڌڻ جو ڪو اهڃاڻ ڪونه ڏيکاريو ۽ هوءَ چپ چاپ ليٽي رهي. ان تي ميجر پاڻيءَ مان نڪري ويو ۽ مائيءَ جي ماڻ کي پنهنجي بي عزتي

سمجهيائين. پوءِ رڙ ڪري نادري حڪم ڪيائين: ”جيڪڏهن سياٽي تون هيٺ نہ ايندينءَ تہ پوءِ....“ ائين چئي هو ڪمري مان نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن پوڙهي نوڪرياڻيءَ چري مائيءَ کي ڪپڙا پائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن وڏي زور سان چيخون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ڪپڙا نہ پائڻ لاءِ مقابلو ڪيو. ميجر تڪڙو تڪڙو مٿي آيو. نوڪرياڻي هن جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ زور زور سان نيزاري ڪري چوڻ لڳي: ”سائين! هوءَ هيٺ نہ هلندي، هن کي معاف ڪريو. هوءَ ڏاڍي دکي آهي.“

ميجر ڪجهہ هٻڪيو پر غصي ۾ هوندي بہ هن اوچتو ٺهڪ ڏنو ۽ سپاهين کي جرمن زبان ۾ ڪو حڪم ڏنائين. جلد ئي سپاهين جي هڪ پارٽي، مائيءَ سميت بستري جي گديلي کي کڻي ڪمري مان نڪتي. هو ان کي ائين کڻي رهيا هئا، ڄڻ تہ ڪنهن زخميءَ کي پيا کنيو وڃي. مائي ماٺ ۾، ۽ بي حس پئي رهي. جيستائين هن کي چوريو پوريو نٿي ويو تيستائين هوءَ ماحول کان صفا بي نياز ٿي رهي. هن جي پٺيان هڪ سپاهي، هڪ هٿ ۾ مائيءَ جا ڪپڙا کڻي هلي رهيو هو ۽ ميجر پنهنجا هٿ مهٽيندي چيو: ”هاٺي ڏسون تہ ڪيئن نہ ٿي اڪيلائيءَ ۾ ڪپڙا پائي ۽ هلڻ چلڻ لڳي.“

پوءِ اهو ٽولو جهنگل طرف روانو ٿيو. ٻن ڪلاڪن ۾ سپاهي اڪيلا واپس آيا ۽ وري ڪنهن بہ ان چري مائيءَ کي ڪونہ ڏٺو. سپاهين هن سان ڇا ڪيو هو؟ هن کي ڪيڏانهن وٺي ويا هئا. ڪنهن کي بہ ڪڏهن ڪا خبر ڪانہ پيئي.

ڏينهن توڙي رات جو برف پئجي رهي هئي ۽ ميدان توڙي جهنگل پاري سان ڍڪجي ويا هئا. بگهڙ ايندا هئا ۽ اسان جي درن وٽ اچي اونايون ڪندا هئا.

منهنجي ذهن مان غريب وچايل عورت جو خيال ئي نٿي نڪتو. مون جرمن اختياريءَ وارن کي هن جي خبرچار لهڻ واسطي ڪوڙ درخواستون موڪليون، پر مرڳوئي مون کي ڌمڪيون مليون. جڏهن بهار آيو تہ والاريندڙ لشڪر اسان جي ڳوٺ مان نڪري ويو. منهنجي پاڙيسرڻ جو گهر بند رهيو. ان جي باغيچي ۾ گاهہ نڪري آيو هو. پوڙهي

نوڪرياڻي سياري ۾ ئي لاڏاڻو ڪري ويئي هئي. ٻيو ڪو ڪونه هو جو ان مامري ڪي هٿ ۾ کڻي ها. مان اڪيلو ئي هوس جو هن جي باري ۾ سوچيندو رهيس. هنن هن چري مائيءَ کي ڇا ڪيو هو؟ ڇا هوءَ جهنگل مان نڪري ٻِهي ويئي هئي؟ ڇا ڪنهن هن کي ڏٺو هو ۽ اسپتال پهچايو هو پر اُن مان ڪا خبرچار حاصل ڪري نه سگهيو هوس؟ ڪاٻه اهڙي ڳالهه ڪانه ٿي، جا منهنجا گمان دور ڪري ها. وقت گذرڻ سان، هن جي باري ۾ مهنجي سوچ به گهٽجي ويئي.

ٻيءَ سرءُ ۾ جام پکي ٿيا. مون کي به سنڌن جي سور مان ڪي قدر فرحت ٿي، سو شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگل ڏي روانو ٿيس. چار- پنج ڏکيين ڇهنبن وارا پکي ماريم. هڪڙو پکي هڪڙي ڪڏ ۾ وڃي ڪريو هو. ان کي ڪڍڻ لاءِ هيٺ ڪڏ ۾ لٿس، جيڪا سڪل ڪکن پنن ۽ ڪانئين سان ڀريل هئي، جيئن ئي اهو مئل پکي ڪڍڻ لڳس ته ان جي ڀرسان هڪڙي انساني کوپري تي وڃي نظر پيم. مون کي هڪدم ان چري مائيءَ جو خيال اچي ويو ۽ سيني ۾ ڄڻ چاقو لڳو. ان جنگ واري موتماز سال ۾ ڪيترائي ماڻهو ان جهنگل ۾ مارجي ويا هئا. مون کي الائي ڇو پڪ ٿي ته اها کوپري مون واري پاڙيسرڻ چري مائيءَ جي آهي. ان جو ثبوت تڏهن مليو. جڏهن ڪک ۽ ڪانئيون پري ڪرڻ تي ڪجهه انساني هڏا مليا ۽ چري مائيءَ واري گاديلي جي ڪپڙي، جا منهنجا ڏٺل تڪر نظر آيم ۽ اُنَ جا ڪجهه ٻُجَ پڻ.

هاڻي مون کي سمجهه ۾ اچي ويو ته ظالم سپاهين هن کي ڪڏ ۾ کڻي اڇليو هو ۽ هن کي ايترو هوش ڪونه هو جو اتان نڪري ڪنهن آباديءَ ڏانهن وڃي. هوءَ انهيءَ ئي بي حس ۽ بي وس حالت ۾، انتهائي سيءَ ۾ پئي رهي. پوءِ بگهڙن اچي هن کي ڳڙڪائي ڇڏيو ۽ پکين گديلي جي اُنَ ڪڍي وڃي پنهنجا آکيرا جوڙيا.

مون هن جا بچيل هڏا هڙ ۾ ڪري ٻڌا ته ڪٿي ٻئي هنڌ وڃي پورينديس ۽ تمنا ڪندو رهيس ته گهٽ ۾ گهٽ اسان جا پٽ ۽ اسان جون ڌيئر جنگ جي پيڙا ۽ نحوست کان محفوظ رهن.

(مهراڻ 1-2/1988)

# يادگيرېون

# پهرين ڪلاسَ جي وارتا

مٽي تي پٽڪي ۾ ٻڌل ننڍي ڳن وارو ڏڪو جنهن ۾ ٻہ چار گهنگهرو بہ لڳل هئا. هڪڙي ڪلهي تي ٽپال جي پيلي ميري ڳوٿري، جا خطن ۽ پارسلن سان ڀريل هوندي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ پراڻي ۽ ڳوٺ جي موچيءَ جي مڙهيل جُتي. ڪڏهن گرمي گهڻي هوندي هئي تہ اها جتي پيرن کي سڙڻ کان بچڻ لاءِ پيرن ۾ پاتل هوندي هئس. هي هو جاڙو ٽپالي، جو ٽپال ڏهاڙي هالاڻي اسٽيشن تان اسان جي ڳوٺ خانواهڻ لاءِ آڻيندو ۽ نيندو هو. گاڏي ليٽ ٿي ٿي سگهي، پر هي سدائين پوري وقت تي ايندو. هو قد جو ننڍو سنهڙو ۽ رنگ جو ڪارو هوندو هو. هو هلڻ چلڻ ۾ ڏاڍو ڦڙت هوندو هو. ڪانئچ جا وَر ڪنجيل هوندا هئس ۽ اڪثر پيرين اگهاڙو پڇندو ايندو هو ۽ سياري ۾ بہ پگهرجي ويندو هو. ڏڪو هن کي پنهنجي بچاءَ لاءِ مليل هوندو هو.

دروازي وٽ گهنگهرن جو آواز ۽ هن جي ڪنگهڪار ٻڌي اندر وينلن کي پتو پئجي ويندو هو تہ ٽپال اچي وئي.

اسان جي ڳوٺ ۾ ٽپال جو انچارج ملا مڪتب جو هيڊ معلم ميانجي قاضي امام بخش هوندو هو. هڪ بجي کان پوءِ هن مڪتب ۾ ميڙاڪو اچي مچندو هو. گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ست ماڻهو هوندا هئا. پر هوندا سڀ ماستر هئا. ڪي ملا مڪتب جا ۽ ڪي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جا. انهن مان ڪن جا نالا بہ اڄ مون کي ياد آهن: امام بخش قاضي، محمد يعقوب قاضي، ڪريم بخش، محرم علي شاهہ، خدا بخش خشڪ، هيرانند، منهنجو والد حاجي الهہ آندو خان. مان لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهہ ۾ پڙهندو هيس. وئڪيشن ۾ مان ڳوٺ ايندو هوس تہ مان بابي سان گڏجي ان ڪچهريءَ ۾ وڃي شامل ٿيندو هوس ۽ مان محسوس ڪندو هوس تہ بابي کي بہ اها ڳالهہ پسند هوندي هئي، شايد هو سمجهندو هو تہ مان وڏن جي ان ڪچهريءَ ۾ ڪجهہ سکندس، ڪجهہ پرائيندس.

منهنجي ان ڪچهريءَ ۾ وڃڻ جا ٻہ خاص سبب هئا. هڪ تہ ٽپال ۾ روز اخبار ايندي هئي ۽ هڪ ئي اخبار ايندي هئي، جا ان زماني جي مشهور اخبار "الوحيد" هئي ۽ سڄي ڳوٺ ۾ هڪ ئي ماڻهو گهرائيندو هو ۽ اهو هو حڪيم شير فقير سهتو. اتي اها اخبار پڙهڻ جو موقعو ملندو هو. مان 1944ع جي ڳالهہ پيو ڪريان. ٻيو اتي وڃڻ ۾ منهنجو مقصد هو تہ ٽپال ۾ ڪڏهن ڪنهن دوست جي خط اچڻ جو آسرو بہ هوندو هو. ٻين ايندڙ ماسترن جا بہ پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ کان سواءِ اهي ئي مقصد هوندا هئا. واري واري تي اخبار سيئي پڙهندا هئا ۽ پوءِ مالڪ کي موڪليندا هئا.

ڪچهريءَ ۾ ماستر هڪ ٻئي کي دنيا جهان جون خبرون ٻڌائيندا هئا، ڳوٺ ۽ آسپاس ۾ ٿيل واقعن ۽ وارداتن کان ٻين کي واقف ڪندا هئا، پنهنجن شاگردن ۽ پنهنجي تعليم کاتي جي خاص خاص خبرن جي پڻ پچار ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ڳالهين دوران، ماستر ڪريم بخش ڪچهريءَ ۾ ٽن شخصن جو واقعو ٻڌايو جي حج تي پنڌ وڃي رهيا هئا. هن اِهو بہ چيو تہ اهو حقيقي واقعو آهي. حج تي ويندي، واٽ تي هنن کي عجيب غريب واقعو پيش آيو. مون هڪ هڪ لفظ غور سان ٻڌو. اهو واقعو منهنجي ذهن ۾ کُپ کوڙي ويهي رهيو. گهر ڏانهن ويندي پهرين خيال آيو تہ اها هڪ اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي. پوءِ وري ان جي هر هڪ جزي تي سوچيم تہ نہ، ائين بلڪل ٿي سگهي ٿو. پوءِ گهر پهچڻ سان ئي مون اهو حاجين وارو واقعو لکڻ شروع ڪيو ۽ ذهن تان بار تڏهن لٿو جڏهن اهو پورو ڪيم. مون کي ياد اچي ٿو تہ پورو ڪرڻ کان پوءِ مون اها ڪهاڻي پڙهي ڏٺي ۽ دل ۾ چيو هوم تہ واقعو داستان جهڙو آهي، پر ان ۾ حقيقت پسندي آهي.

ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رهيو هوم. شاعري تہ ٽن چئن سالن کان ڪندو پئي آيس، ان ڪري هيءَ ڪهاڻي لکڻ ۾ مون کي گهڻي ڏکيائي نہ ٿي.

اِها ڪهاڻي لکي رکي ڇڏيم ۽ مهيني کن کان پوءِ ڪيڏي وري پڙهي ڏٺم. ڪن درستين ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ان

ڪري پوري ڪهاڻي وري لکيم. وري رکي ڇڏيم ۽ شايد ٽن چئن مهينن کان پوءِ وري پڙهيم. وري ڪجهه درستين جي گنجائش نظر آئي. وري سڀ جي سڀ ڪهاڻي نئين سر لکيم. هاڻي مون ۾ خود اعتمادي پيدا ٿي ته هيءَ ڪنهن رسالي ۾ ڇپجڻ لائق آهي. هي 1944ع جي ڳالهه آهي.

1946ع ۾ مون سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وڃي داخلا ورتي ۽ پنهنجي هيءَ پهرين ڪهاڻي به ڪراچيءَ کنيو ويس. منهنجو شوق هو ته پنهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌي ادبي بورڊ جي سٺي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپجي. هڪ ڏينهن سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس جي ڳولا ۾ نڪتس. ان جي آفيس ڊي. پي. آءِ (Director of Public Instructions) جي آفيس جي هڪڙي ڪمري ۾ هئي. اها آفيس بندر روڊ تي هئي. هينئر اتي سرڪاري اسپتال آهي.

مان ورانڊي ۾ چڪر ڏئي ۽ هڪڙي ڪمري ٻاهران سنڌي ادبي بورڊ جي نالي واري تختي به ڏٺي. اندر هڪ ميز جي چوڌاري ڪجهه ماڻهو ويٺا هئا. ان زماني ۾ هرڪو ڪاليجي گهٽ ڪري سوٽ يا فل سوٽ پائيندو هو. مان اجان قميص ۽ ڪانئچ پهريندو هوس ۽ ڳوٺاڻو نمونو هو. ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ به تازو تازو آيو هوس. سو گهٽتائيءَ جي احساس جو شڪار هوس. پهرين ڏينهن ورانڊي جا چڪر ڏئي موٽي ويس.

ٻئي ڏينهن همت ٻڌي ساڳي آفيس ۾ آيس. جهاتي پائي ڏٺم ته بورڊ جي آفيس ۾ به ٽي ڄڻا ويٺا هئا ۽ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ان دوران ورانڊي جي هڪ لانگهائوءَ کان پڇيم ته اندر آفيس ۾ جيڪو مکيه ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، سو ڪير آهي؟ هن ٻڌايو ته لالچند امر ڏنومل. ڪاڪو لالچند ڪٽڪ رنگو هو. مٿي تي ٿوري گنج ۽ لباس نارنگي ڪاڏيءَ جو. قد جو انداز ڪيم ته هو ڊگهو هو. عمر سٺ کان شايد مٿي.

مان در وٽ رکيل بينچ تي ٿي ويٺس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس ته ڪاڪو اڪيلو ٿئي ته اندر وڃان. نيٺ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ملاقاتي ٻاهر نڪتا. مان هٻڪندو دل جي تيز ڌڙڪڻ سان اندر گهڙيس. هن مون ڪي ڏنو ۽ چپن تي مرڪ آڻي، اٿي بيهي مون سان هٿ ملايائين.

منهنجا سڀ انديشا ۽ وهم غائب ٿي ويا. منهنجي همت کي هالار جبل جي ٽيڪ ملي ويئي ۽ خود اعتمادي پيدا ٿي.

"پٽ! ويهه" هن پنهنجائيءَ مان چيو ۽ هن جي اها پنهنجائي سارو وقت قائم رهي.

هو ويٺو ته مان به ويهي رهيس.

"پٽ! ڪيئن آيا آهيو؟"

"سائين! هيءَ ڪهاڻي لکي اٿم. چاهيان ٿو ته "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپجي. هيءَ منهنجي بهترين ڪهاڻي آهي."

"مون کي ڏي ته مان هينئر ئي پڙهي ٻڌايان ٿو ته ڪيتري قدر مهراڻ جي معيار جي آهي."

مون ڪهاڻي هن ڏي وڌائي. هو پڙهڻ لڳو ۽ مان اميد ۽ انتظار مان نهاريندو رهيس.

هن ڪهاڻي پڙهي پوري ڪئي. منهنجي دل تهائين وڌيڪ زور سان ڌڙڌڙ ڪرڻ لڳي.

هن نتيجو ٻڌايو.

"تنهنجي هيءَ ڪهاڻي "مهراڻ" ۾ ڇپجڻ جهڙي آهي ۽ ايندڙ پرچي ۾ ڇپبي. مناسب ڪهاڻي آهي ۽ مون کي اميد آهي ته آئينده وڌيڪ محنت سان اڃان به سٺيون ڪهاڻيون لکي سگهندين. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿوريون فني ڪچايون آهن. پر وڌيڪ توجهه سان اهڙيون ڪچايون دور ٿي وينديون. تنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي خاص خوبي اِها آهي ته ان ۾ تو نج سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي. مون ڏٺو آهي ته سنڌي ليکڪ جڏهن بهترين ڪراچي يا ٻين وڏن شهرن ۾ ايندا آهن. تڏهن شروعات ۾ هنن جي لکڻين ۾ نج سنڌي ٻولي هوندي آهي. پر ڪجهه عرصو شهرن ۾ رهڻ کان پوءِ هنن جي ٻوليءَ ۾ اها خوبي نه رهندي آهي. ان ڪري مان تنهنجو ڌيان خاص ڪري ان طرف ڇڪايان ٿو. منهنجي ان ڳالهه کي نه وسارجان."

"سائين! مان توهان جي اها نصيحت ڪڏهن نه وساريندس" ۽ مون ڪاڪي لالچند امر ڏني مل جي اها نصيحت اڄ تائين نظر انداز نه ڪئي آهي.

مان اتان نڪتس، مون اڏامڻ تي چاهيو. ڪراچيءَ جا رستا خالي هجن ها تہ مان نچندو وڃان ها.

اِها ڪهاڻي همت ۽ ڪوشش جي نالي مهراڻ آڪٽوبر 1946ع ۾ شايع ٿي. ڪهاڻيءَ جو عنوان مقرر ڪرڻ سدائين مون لاءِ مسئلو رهيو آهي ۽ ڪهاڻين جا عنوان متائيندو رهيو آهيان. هيءَ ڪهاڻي ٽي دفعا شايع ٿي آهي ۽ هر دفعي الڳ عنوان ڏنو اٿم: (١) همت ۽ ڪوشش (٢) حاجيءَ جي همت (٣) قلب اندر ڪعبو.

هاڻي جڏهن اها ڪهاڻي پڙهندو آهيان تہ اچرج لڳندو اٿم تہ ان عمر ۾ بہ يعني بالڪپڻ ۾ ۽ پنهنجي پهرين ڪهاڻيءَ ۾ بہ اڻ ڄاڻائي ۽ لاشعوري طور مون پنهنجو سنڌيت جو جذبو ظاهر ڪيو آهي ۽ ان کي قومي ڪهاڻي ڪري لکيو اٿم ۽ ان ۾ اهو بہ ڄاڻايو اٿم تہ ڌاريا ۽ غير سنڌي ڪڏهن بہ سنڌين جا سڄڻ ۽ ساٿي ٿي نہ ٿا سگهن.

منهنجي هن بيماريءَ کان ٿورو عرصو اڳ، يعني 1988ع جي پڇاڙيءَ ڌاري "مهراڻ" جي هاڻوڪي ايڊيٽر سائين نفيس احمد شيخ "ناشاد" سان ملاقات ٿي هئي. گفتگوءَ دوران مون هن کي چيو: "منهنجو ڪاٿو آهي تہ 'مهراڻ' ۾ منهنجي پهرين ڪهاڻي ڇپجڻ يعني 1946ع کان اڄ يعني 1988ع تائين جي مڙني پرچن ۾، هڪڙي ئي ڪهاڻيڪار جون "مهراڻ" ۾ ڇپيل ڪهاڻيون (اصلي + ترجمو) ڳڻجن تہ منهنجي ڪهاڻين جو تونل، ٻئي ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جي تونل کان وڌيڪ ٿيندو. ٻين لفظن ۾ "مهراڻ" رسالي جي سڄي دور ۾ گهٽي ۾ گهٽيون منهنجون ڪهاڻيون ڇپيون آهن."

ناشاد مون سان سهمت ٿيو ۽ چيائين، "شايد ائين هجي. منهنجو بہ اِهوئي اندازو آهي."

مون کي مهراڻ جي ڪن پڙهندڙن کان معلوم ٿيو هو تہ هنن سنڌي ادبي بورڊ وارن کي لکيو هو تہ نجم عباسي جون هيتريون ساريون ڪهاڻيون مهراڻ رسالي ۾ پئي شايع ٿيون آهن. هاڻي توهان کي هن جي انهن ڇپيل ڪهاڻين کي بورڊ طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، نجم

عباسيءَ جو هڪ شاندار ڪهاڻي ڪتاب ڪيڻ ڪپي. اهڙي قسم جو هڪ خط مون روزاني ”هلال پاڪستان“ ۾ بہ ڇپيل ڏٺو هو.

سو هينئر مون انهن سيني ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي، ناشاد کي چيو تہ: ”منهنجي انهن ڪهاڻين جو ڪتاب ڪٽي ڇپايو. گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ادبي بورڊ قسم ڪٽڻ جهڙو تہ ٿيندو تہ ان جديد ادب پڻ ڇپايو آهي.“

سائين نفيس احمد شيخ ناشاد مرڪڻ لڳو.

(اصل لکيل 15مئي 1991ع)

(مهراڻ 1995/2ع)

# پيار ۾ دشمني

هو هئو سنڌي پر دهليءَ ۾ رهڻ ڪان پوءِ شادي هڪَ پنجابڻ سان ٿي هئس.

سوياري خان کي ننڍي هوندي کان ئي حڪمت جو شوق هو. هن سنڌي فائينل بہ پاس ڪئي هئي. طب، حڪمت ۽ هوميوپيٿي سڀ علاج جا غير سائنسي طريقا آهن. اهي سڀ ڏڪي تي علاج ڪندا آهن. انهن وٽ صحيح ڄاڻ يا علم نہ هوندو آهي. نہ مرض جي سڃاڻپ جو ذريعو وٽن هوندو آهي. مڙئي نبض تي هٿ رکي مرض سڃاڻڻ جو بهانو ڪندا آهن.

انهن ڏينهن ۾ حڪيم اجمل سڄي هندستان ۾ مشهور هوندو هو. پري پري جا شاگرد وٽس حڪمت سکڻ ايندا هئا. سويارو خان هَن وٽان دهليءَ ۾ حڪمت سکڻ ويو هو.

حڪيم اجمل جو علاج ڪرڻ جو طريقو ڪو سائنسي طريقو نہ هو. منڍ ۾ هن جا ڏڪا ڪامياب ٿي ويا ۽ ٻن چئن مريضن کي فائدو ٿي ويو. يا ائين هو تہ هن جا چاڙتا يا ايجنٽ هئا، جي هن کي مشهور ڪندا هئا. ائين هن جو نالو سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويو. هن جا چاڙتا وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري هن جون اجايون ڪوڙيون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ هن جي هٿ ۾ شفا هجڻ جون ڪوڙيون دعوائون ڪندا هئا. اهڙي نموني هن کي سڄي هندستان ۾ مشهور ڪري ڇڏيائون.

سوياري خان ۽ حڪيم اجمل جي ڪاليج ۾ دهليءَ ۾ وڃي داخلا ورتي.

مان هن ڪهاڻيءَ ۾ اجائي ڊيگهہ ۽ پٽاڙ کان پاسو ڪندس. ڪهاڻي ۾ اجائي پٽاڙ ٿيندي آهي، غير ضروري ۽ ڊگهي ڪردار نگاريءَ سان، اڻ ٺهڪندڙ ۽ اجايون تشبيهون ڏيڻ سان، ڏکي ۽ مشڪل ٻولي استعمال ڪرڻ سان، فضول ۽ اڻ گهربل منظر نگاريءَ سان، سهڻا پر اجايا

جملا استعمال ڪرڻ سان. اهي غير ضروري ڳالهيون گهٽ پڙهندڙ کي هرو يرو ٿڪائي ۽ بيزار ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هو مورڳو ڪهاڻي پڙهڻ اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏئي.

گهٽ ڪهاڻي پڙهندڙ کي انهيءَ مواد سان ڪا دلچسپي ڪانہ هوندي آهي. هنن کي ڪهاڻيءَ جي رفتار گهرجي جنهن ۾ ڪهاڻي پڙهو ۽ دلچسپي هجي.

تنهنڪري هن ڪهاڻيءَ ۾ مان اهڙي پتاڙ نہ ڪندس.

حڪيم اجمل هوشيار ذهين ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو چالاڪ هوندو هو. انڪري ڏڪن ۽ غشن سان مريض کي اهو يقين ڏياريندو هو. هن ئي هن جي مرض کي سڃاتو آهي ۽ هو ئي ان جو علاج بہ ڪري سگهي ٿو ۽ عمر وڏڻ سان انهن ڳالهين جو تجربو پڻ ٿي ويو هوس.

هوندئن هو سنڌين جو خاص سڃڻ تہ ڪونہ هو پر پنهنجي هڪ مقصد واسطي هن جو سوياري سان رويو ظاهري طرح نيڪ ناڪ ۽ قرب وارو هو. هونءَ بہ سوپارو هڪ هوشيار سلڇڻو فرمانبردار ۽ بااخلاق شاگرد هو. حڪيم هن کي ڏاڍو پائيندو هو. هن سان خاص خوش اخلاقي سان پيش ايندو هو.

هن سائنسي دور جي تقاضائن موجب هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي تہ اسين اهڙن ٺڳ ۽ جاهل حڪيمن واسطي بہ حقيقتون لکون ۽ هنن کي وائکو ڪجي تہ ڪيئن هنن غريب مريضن کي ڦُريو آهي.

(مهراڻ: ۴/۱۹۹۵ع)

# ضميمو

سمرسيٽ ماهم

# منهنجي لکڻ جو فن

## 1_ ادب ۽ سياست:

هيءَ نہ منهنجي آتم ڪهاڻي آهي، ۽ نہ منهنجي گذريل حياتيءَ جي واقعن جو بيان. مون پنهنجي لکڻين ۾ انهن حادثن ۽ حقيقتن کان ڪم ورتو آهي، جي سچ پچ مون تي ٿي گذريون آهن. ڪڏهن زندگيءَ جي ڪنهن تجربي کي مرڪزي خيال بڻائي، ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون اٿم. ڪڏهن ڪن ماڻهن کي، جن سان منهنجو ٿورو يا گهڻو واسطو پيو آهي، تن کي پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار بڻايو اٿم; منهنجي فن ۾ حقيقت ۽ خيالي ڳالهيون اهڙي نموني گڏيل سڏيل آهن، جو اڄ اهي پڙهڻ سان اهو پروڙڻ مشڪل ٿيو پوي، تہ ڪهڙي حقيقت هئي ۽ ڪهڙي ڪهاڻي. منهنجي حياتي ڏاڍي رنگين ۽ دلچسپ رهي آهي، پر جوکن ۽ جانبازين کان خالي. منهنجو حافظو ڏاڍو خراب آهي. ڪابہ سني آکاڻي ايستائين ياد نہ ايندي اٿم، جيستائين اها وري نہ ٻڌان; ۽ اها وري ٻئي کي ٻڌائڻ کان اڳ ئي وساري وهندو آهيان. مان پنهنجا چرچا بہ ياد ڪري ڪونہ سگهندو آهيان، ان ڪري هر دفعي نوان چرچا ٺاهڻا پوندا اٿم. انهيءَ وڏَ ڪري مان ڪچهريءَ جو ڪوڏيو بڻجي نہ سگهيو آهيان.

مون ڪڏهن بہ روزنامچو نہ رکيو آهي، پر دل چاهي ٿي تہ جنهن زماني ۾ مون ناٽڪ نويس جي حيثيت ۾ پهرين ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، ان زماني ۾ جيڪر ڊائري لکان ها. ان وقت منهنجي وڏن ماڻهن ۽ مشهور هستين سان ملاقاتن ٿي ۽ انهن ملاقاتن جو بيان هوند هڪ دلچسپ دستاويز بڻجي پوي ها. اميرن ۽ جاگيردارن ذڪڻ آفريڪا ۾ جو ڪجهہ گند ڪيو هو ان ڪري ماڻهن جو منجهن ڀروسو پور پور ٿي چڪو هو. پر اميرن ۽ جاگيردارن کي اڃا ان ڳالهہ جو احساس نہ ٿيو هو ۽ هنن ۾ اڳين خود اعتمادي هينئر بہ موجود هئي. ڪن هنڌن تي مون ڏٺو تہ هنن

ائين پئي ڳالهايو ڇڻ تہ انگريزي شهنشاهيت هلائڻ هنن جو شخصي معاملو هو. چونڊن جي زماني ۾ هو اول ئي پنهنجي لاءِ سفيريءَ ۽ وزيريءَ جا عهدا مقرر ڪري ڇڏيندا هئا. ان وقت جي ناولن پڙهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ متئين طبقي وارن جي من ورتي ڪهڙي هئي؟ ناول نويسن جي ذهن ۾ اهائي ڳالهہ ويٺل هئي تہ هنن کي صرف اميرن، سرمائيدارن ۽ جاگيردارن بابت لکڻو آهي. ٻيا تہ ڇڏيو پر اهڙا ليکڪ، جن ڪڏهن ڪو امير يا جاگيردار ڏٺو بہ نہ ڪونہ هو ۽ نہ هن سان ڪو واسطو پيو هون، سي بہ ان طبقي جي باري ۾ لکڻ لازمي سمجهندا هئا. ناٽڪن ۾ بہ اميراڻا قصا هوندا هئا. ناٽڪن جي مالڪن ۽ خود ويس ڌارين جو بہ اهو خيال هو تہ اوچي طبقي جون ڪهاڻيون ڪُٽ خلق کي پسند آهن. پر جيئن جيئن امير شاهيءَ جي سياسي اهميت گهٽبي ويئي، تيئن تيئن عام جنتا جو هنن جي ڇهڇٽن ۾ چاهہ بہ جهڪو تيڻ لڳو. هاڻي تماشبين پنهنجي طبقي وارا ڪردار پسند ڪرڻ لڳا هئا. هنن ناٽڪي ٿلهي (Stage) تي بہ واپارين ۽ هنر وارن جا قصا ڏسڻ تي چاهيا، ڇوتہ هنن جو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ انهن ماڻهن سان ئي گهڻو واسطو پوندو هو. ضرورت کان سواءِ متئين طبقي جي ڪردار کي آٽڻ ٻُري نظر سان ٿي ڏٺو ويو.

پر اجان هيٺئين طبقي وارن لاءِ عام خلق ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ ناممڪن هو جن بہ ناٽڪن ۽ ناولن ۾ انهن جو ذڪر تي آيو انهن کي نيچ سمجهيو ٿي ويو.

هاڻي جڏهن عوام سياسي طاقت حاصل ڪري چڪو آهي، تڏهن هو پنهنجي زندگين ۾ اوترو ئي چاهہ وٺي ٿو جيترو اڳ هو اوچي طبقي وارن ۾ وٺندو هو.

ان عرصي ۾ مان اهڙن ماڻهن سان مليس، جن پنهنجي مان مرتبي، شان شوڪت ۽ شهرت ڪري سمجهيو ٿي تہ هو اڳتي هلي نامور تاريخي شخصيتون بڻبا؛ پر مون جهڙو هنن کي ذهين سمجهيو هو تهڙو ذهين ثابت ڪونہ ٿيا. انگريز هڪ سياسي قوم آهي. مون کي گهڻو ڪري اهڙن گهراڻن ۾ دعوت ملندي هئي، جن جو لاڳاپو سياسي حڪمران طبقي سان هو. مون هنن ملڪي مدبرن ۾ ڪابہ غير معمولي قابليت ڪانہ ڏٺي. ان مان

انومان ڪيم، جو ممڪن آهي تہ منهنجو اهڙو انومان هجي، تہ قوم تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص قابليت جي ضرورت ڪانهي. ان ڪان پوءِ مون دنيا جي جدا جدا ملڪن جي سياستدانن کي جاچيو آهي، جي وڏن عهدن تائين پهتا آهن. هن جو رواجي دماغ ڏسي مان سدائين منجهي پوندو آهيان. هنن کي زندگيءَ جي معمولي مسئلن جو بہ پورو پتو ڪونہ هوندو آهي. مون کي هنن ۾ نہ تيز فهمي نظر آئي ۽ نہ ويچار شڪتي. هڪ وقت مون کي خيال آيو تہ هنن کي هي اوچو مرتبو زبان جي جادوءَ ڪري حاصل ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ جمهوري ۽ سجاڳ قوم جي ماڻهن جي دلين کي فتح ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، تہ هنن جي ڪنن تائين اثرائتو آواز پهچايو وڃي. اهو بہ ظاهر آهي، تہ جنهن شخص وٽ تقرير ڪرڻ جي قابليت آهي، سو ويچار شڪتيءَ کان بہ خالي نہ هوندو آهي؛ پر جيئن تہ مون اهڙا سياستدان بہ ڏٺا، جي منهنجي نگاهہ ۾ ذهين ڪونہ هئا، پر اهي عوامي معاملن کي ڏاڍو ڪاميابيءَ سان نباهيندا هئا، تڏهن مون کي احساس ٿيو تہ مان ٿي غلط هوس. ائين هجي تہ قوم تي حڪومت هلائڻ لاءِ اهڙي ذات جي ضرورت آهي، جنهن جو انسان جي عام قابليت سان واسطو ڪونهي.

ان ريت مون ٻيا بہ اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن، جي پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪاميابيءَ جي آسمان تي پهتا هوندا ۽ لکين رپيا ڪمايا هوندائون، پر ڪنهن ٻئي ڌنڌي ۾ يا زندگيءَ جي عام مسئلن ۾، هو بلڪل ڏڏُ نظر ايندا. منجهن رواجي عقل بہ موجود نہ هوندو آهي.

هنن راڄنيتي مدبرن جي گفتگوءَ ۾ بہ هوشياري نظر ڪانہ آيم. هنن ڪابہ ڳالهہ اهڙي ڪانہ ٿي چئي، جا دماغ ۾ ڇهنڊڙيون پائي، ستل خيال سجاڳ ڪري يا نون خيالن کي جنم ڏئي. سندس گفتگو اڄاتري ۽ منافقت سان ڀريل هئي، پر ڳالهائين ڪلمڪ ڍنگ ۾ پيا. گنڀير موضوعن کي بحث هيٺ ڪونہ ٿي آندو ويو. ڇڙ تہ ڪين خوف هو تہ سندن دڪانداريءَ جا ڳجهہ ڳالهين ۾ ٻين کي نہ معلوم ٿي وڃن.

گهڻو ڪري هڪ ٻئي سان شائائتو ڪل ٻوڙ ٿي ڪندا هئا. انهن مان ڪن جي حاضر جوابي واقعي وري ٻڌائڻ جهڙي هوندي هئي.

سندن ڪچهريءَ ۾ ائين محسوس ٿيندو هو ته تهذيب جو مطلب اهوئي آهي ته مٿاهين درجي جي ٻوڪپائيءَ کي ڳالهه ٻولهه جو موضوع بڻايو وڃي.

## 2_ ناموري ۽ گمنام انسان:

نامور هستين سان ملڻ لاءِ ماڻهن جو جنون ڏسي، مون کي ڏاڍو اچرج لڳندو آهي. هو پنهنجن دوستن کي اهو ٻڌائڻ ۾ فخر ٿا سمجهن، ته هو فلاڻي وڏي ماڻهوءَ سان ملي چڪا آهن. ان مان ثابت ٿو ٿئي، ته هو پنهنجو پاڻ کي تمام هيچ ٿا سمجهن.

نامور شخص، اهڙن ملندڙن سان منهن ڏيڻ لاءِ، هڪ خاص قسم جو ڍنگ اختيار ڪرڻ سکي ويندا آهن. هو دنيا جي سامهون منافقت جو نقاب پهري ايندا آهن، جيئن سندن اصليت لڪل رهي. ماڻهو جنهن نموني ۾ هنن کي ڏسڻ جي اميد رکن ٿا، هو به اهڙو ئي ڍونگ رچائين ٿا، ۽ تجربي سان هو ان ڍونگ جا ماهر بڻجي وڃن ٿا. پر توهان جي اها احمقپائي آهي، جو توهين انهيءَ ظاهري ڪردار مان سندن اصلي شخصيت کي پرکڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا.

مون کي ڪن شخصن سان بيحد گهرو لڳاءُ رهيو آهي؛ پر هنن سان منهنجي دلچسپي سندن شخصيت جي وڏائيءَ ڪري نه، پر پنهنجي ڪم ڪري رهي آهي. مون هر انسان کي اهڙو مواد سمجهي جاچيو آهي، جو مون کي ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪتب اچي سگهي. مون کي مشهور ماڻهن کان وڌيڪ گمنام انسانن جي ڳولا رهي آهي. هو هميشه اصلي حالت ۾ هوندا آهن. دنيا تي اثر وجهڻ لاءِ کين نه ڍونگ رچائڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ نه منافقت ڪرڻ جي. پنهنجي دائري اندر رهندي، فطري نموني هنن جو سڀاءُ نهندو رهي ٿو. جيئن ته هو عام خلق لاءِ اهم نه آهن، عام خلق جي نگاهه ۾ به نه آهن، ان ڪري هنن کي ڪابه ڳالهه لڪائڻ جي ضرورت ئي ڪانه ٿي پوي. هو پنهنجون وڏون به ظاهر ڪيو ڏين، ڇوته هنن کي اهو احساس ئي ڪونه هوندو آهي ته هو ڪي گهٽ آهن.

عام انسان ئي اسان ليڪڪن واسطي اهميت رکن ٿا. انهن بابت ئي اسان کي لکڻو آهي. اسان جي نقطي نگاهہ کان بادشاهہ، ڊڪٽيٽر ۽ لکاپتي سرمايي دار خاطر خواهہ ڪردار نہ آهن، ۽ نہ مقبول موضوع. ڪن ليڪڪن اهڙن ماڻهن بابت لکڻ جو جوکو کنيو پر هنن کي جيڪا ناڪاميابي نصيب ٿي آهي، ان مان صاف ثابت آهي تہ اهڙن وڏن ماڻهن کي فن جو موضوع بنائڻ ٺيڪ ڪونهي. ادب ۾ سندن ڪردار اصلي نہ، پر نقلي لڳندو.

هڪ ”رواجي انسان“ ئي ليکڪ لاءِ پلي زمين آهي. هن ۾ طرح طرح جا روپ آهن، هن ۾ قسمين قسمين عادتون آهن، هن ۾ نت نواڻ آهي، هن ۾ پُراسراريت آهي، هن جون دلچسپيون عجيب غريب آهن، هن جا مشغلا مزيدار آهن، جڙي رهڻ لاءِ ڪيس قدم قدم تي جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. هو اسان اديبن لاءِ اڻ کُٽ خزانو آهي، هو اسان واسطي بهترين مواد پيش ڪري ٿو. هرهڪ رواجي انسان ۾ نيون نيون ڳالهيون ملنديون؛ پر وڏا ماڻهو جڻ تہ سيئي هڪ سانچي مان نڪتل آهن، منجهن ايتري هيڻاهين مٿاهين ۽ لهرون لوڏا ڪونہ هوندا آهن.

مان وڏي وزير سان گڏ رهڻ کان، هڪ وارياسي ٻيٽ ۾ جانورن جي ڊاڪٽر سان گڏ گذارڻ کي وڌيڪ پسند ڪندس.

## 3۔ منهنجا خيال:

زندگيءَ ۾ جي مسئلا منهنجي دلچسپيءَ جو مرڪز رهيا آهن، تن تي پنهنجي خيالن جي مان هن ڪتاب ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس؛ پر جن نتيجن تي مان پهتو آهيان، سي منهنجي دل اندر ائين پئي لُڙهيا آهن، جيئن ٻڏل جهاز جا تختا طوفاني سمنڊ ۾ لڙهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو اٿم، تہ جي مان انهن خيالن کي سهيڙي سلسليوار ۽ سٽاءُ سان ويهي لکان، تہ شايد مختلف خيالن جون ڪڙيون پاڻ ۾ ملائبي، انهن کي وڌيڪ سمجهي سگهان. ڪيترائي ڀيرا ارادو بہ ڪيو اٿم، خاص ڪري وڏين مسافرين تي وڃڻ وقت، تہ مون کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي. موقعو بہ مناسب هوندو آهي؛ پر ان وقت مون ڏٺو آهي، تہ

منهنجي دماغ ۾ خيالن جو ايڏو هجوم هوندو آهي، ايتريون تہ عجيب چيزون ڏٺيون اٿم. دماغ ۾ طوفان پيدا ڪندڙ ايترن انسانن سان مليو آهيان، جو اهي سڀ ڳالهيون ڪنهن سٽاءَ سان لکڻ، اڻ ٿيٽي ڳالهہ آهي.

مون پنهنجا خيال، پنهنجي ناولن جا ڪردار بڻائي ظاهر ٿي ڪيا آهن. ان طرح پنهنجا خيال بيان ڪرڻ تي مان اهڙو تہ هري ويو آهيان، جو منهنجي لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ تہ آسان آهي، تہ منهنجا تخليق ڪيل ڪردار ڇا ٿا سوچين، پر اهو فيصلو ڪرڻ تہ مان پاڻ ڇا ٿو سوچيان، سو مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻهرين ڳالهہ تہ منهنجي لاءِ سدائين خوشيءَ جو باعث بڻي رهي آهي، پر ٻي ڳالهہ مون واسطي اهڙو بوجو ٿيو پيو، جنهن کان هميشہ جند ڇڏائيندو رهيو آهيان. پر هاڻي مان ان چيز کي وڌيڪ ترسائي نہ ٿو سگهان.

جوانيءَ جي بيفڪريءَ ۾ وقت گذرڻ جو احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي وچينءَ عمر ۾ بہ ماڻهو سياڻي تي ڪم رکڻ واري سستي ڪري ٿو. پر نيٺ اهڙو وقت اچي ٿو جو ڪيس موت ويجهو ڏسجي ٿو. هتان هُتان ساٿين ۽ همعصرن جي وفات جون خبرون اچڻ لڳن ٿيون. ان ڪري بہ موت جو احساس وڌي ٿو. اخبار جي "وفات نامي" واري ڪالم ۾ مون ڏٺو آهي تہ، گهڻن ماڻهن جو موت سٺ سالن جي قريب پهچڻ تي ٿئي ٿو. مان بہ ان عمر کي پهتو آهيان. ڪجھ پرڪيا خيال آيو آهي، تہ جي مرڻ کان اڳ هي ڪتاب نہ لکيم، تہ ڏاڍي بي آرامي ٿيندم. ان ڪري بهتر ائين سمجهيم، تہ هن ڪم کي هڪدم هٿ ۾ کڻان. هن ڪتاب لکڻ سان جڻ منهنجي حياتيءَ جو سڄو ڪم پورو ٿي ويندو ان ڪري مان آئيندي کي ڏاڍي اطمينان سان منهن ڏئي سگهندس. مان هاڻي انهيءَ لاءِ وڌيڪ ڪو عذر گهڙي نہ ٿو سگهان، تہ ڪو مان هي ڪتاب لکڻ لاءِ تيار ناهيان. جن خيالن جي اهميت بابت مان اڄ تائين نبيرو ڪري نہ سگهيو آهيان، تن بابت اڄ کان پوءِ بہ نبيرو ڪري نہ سگهندس. مون کي خوشي آهي تہ پنهنجي سالن جي ڇڙوڇڙ خيالن کي ڇنڊي ڇاڻي ڪٺو لکي رهيو آهيان. جڏهن مان اهي لکي پورا ڪندس، تڏهن منهنجي سر تان انهن جو بار لهي ويندو ۽ هاڻ هلڪو ٿي پوندم - پوءِ مان پنهنجون قوتون ڪنهن ٻئي

پاسي ڪتب آڻي سگهندس. مون کي اميد آهي تہ هي منهنجو آخري ڪتاب ڪين ٿيندو. ماڻهو وصيت ڪرڻ کان پوءِ ڪو هڪدم ڪونہ مرندو آهي. وصيت تہ دور انديشيءَ جي خيال کان ڪئي ويندي آهي. ماڻهو پنهنجا معاملا طئي ڪرڻ ڪري، آئيندي کان بيفڪر ٿي سگهي ٿو.

جڏهن هيءُ ڪتاب ختم ٿيندو تڏهن ئي مان چاڻي سگهندس، تہ مان ڪهڙي حال ۾ خيال ۾ آهيان. ان کان پوءِ ئي پنهنجي باقي بچيل حياتيءَ لاءِ ڪو پنهنجي پسند جو سٽاءُ سٽيندس.

## 4۔ پاڻ بابت لکڻ:

اهو تہ اوس ٿيڻو آهي تہ مان هن ڪتاب ۾ گهٽيون ڳالهيون اهڙيون بہ چوندس، جي پهرين بہ چئي چڪو آهيان. ان ڪري ئي مون ان کي "تاتپرج" سڏيو آهي. جيئن جج، مقدمي جو حاصل مطلب ٻڌائيندي، ڪورٽ ۾ اول ئي چيل ۽ ٻڌايل حقيقت دهرائيندو آهي، پر هو ڪا نئين شاهدي پيش ڪونہ ڪندو آهي.

مون پنهنجي حياتي پنهنجي لکيل ڪتابن ۾ اوتي آهي. ان ڪري هتي مان جو ڪجهہ چوندس، ان مان ڳچ حصو انهن ۾ اول ئي موجود آهي. منهنجي دلچسپيءَ جي دائري وارا ٿورا ڪي خيال هوندا، جي مون ورجايا نہ هوندا. هن پرڪي مان پنهنجي ويچارن ۽ احساسن جي تفصيلوار تصوير ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. پنهنجن ناٽڪَن ۽ ڪهاڻين ۾، موضوع جي لحاظ کان، ڪن خيالن طرف مون رڳو اشارو ڪيو هو. انهن خيالن کي بہ هتي چٽيءَ طرح لکندس.

ائين ڪٿي سمجهو تہ مون هي ڪتاب پاڻ پڌائڻ خاطر لکيو آهي. هي انهن موضوعن جي باري ۾ آهي، جي مون لاءِ اهم آهن. هي ڪتاب مون بابت آهي، چوتہ اهي موضوع جيئن مون تي اثر انداز ٿيا آهن، تيئن ئي مون بيان لکيو آهي: پر هتي مون پنهنجي عملي زندگيءَ جو ڪو ذڪر نہ ڪيو آهي. مان پڙهندڙن کي ايتري قدر پنهنجو رازدار بنائڻ نہ ٿو چاهيان. ڪن ڳالهين ۾ پنهنجي خلوت ۾ مان ڪنهن بہ ئي کي ڀاڱي ڀائيوار بنائڻ نہ ٿو پسند ڪريان، چوتہ ڪوبہ انسان پنهنجو پاڻ بابت سو سيڪڙو سچ ڳالهائي نٿو سگهي.

جن پاڻ بابت سچي سچ ٻڌائڻ جو ارادو ڪيو آهي، تن کي صرف هَٺَ ائين ڪرڻ کان نہ روڪيو آهي. خود غرضي بہ ان جو ڪارڻ آهي. ٻيون ڪارڻ آهي هنن جي پنهنجي پاڻ سان ناڪامي؛ اهو ان طرح تہ هو اهڙا ڪم بہ ڪري وهندا آهن، جن کي هو ٻُڏا ڪم سمجهندا آهن. هر انسان جي چوٽيءَ ۽ ڪرٽيءَ ۾ فرق ٿيندو آهي.

ڪن شخصن کي وري پنهنجي اوگُڻ لکڻ جو اهڙو خيال اچي وهندو آهي، جو هو پنهنجا گڻ غير اهم سمجهي لکندا ئي ڪونہ آهن. نتيجي ۾ سندن شخصيت بي اصول، کوکلي ۽ ڪمزور محسوس ٿيندي آهي.

## 5۔ ٻين جا رايا

ڪي خيال منهنجي ذهن ۾ هلچل مچائيندا رهيا آهن. انهن خيالن کان ذهن کي صاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ مان هيءَ ڪتاب لکان. مون کي استادي ڪرڻ يا ليڪچر ڏيڻ جو شوق اصل ڪونهي. دماغ ۾ ڪو نئون خيال پيدا ٿيندو اٿم، تہ اهو ٻين تائين پهچائڻ لاءِ مان بيتاب ڪونہ ٿي ويندو آهيان. جيڪڏهن ٻيا منهنجا همخيال ٻڌبا آهن تہ مان ڦونڊ ۾ پرجي ڪونہ ويندو آهيان. منهنجا خيال صحيح هوندا آهن. ٻيا جي انهن سان اختلاف ڪن ٿا تہ هو غلط آهن. پر مون کي هنن جي ان غلطيءَ تي ڪاوڙ ڪونہ ايندي آهي. نہ مون کي ان ڳالهہ جي ڳڻتي ٿيندي آهي، تہ ڪو منهنجي راءِ اڪثريت جي ابتڙ آهي. مون کي پنهنجي اندروني طاقتن ۾ پورو پورو پروسو هوندو آهي.

مون کي ائين لکڻ گهرجي، جڻ تہ مان وڏي اهم شخصيت آهيان، ۽ سچ پچ تہ مان اهم آهيان بہ، پر پاڻ واسطي. مان پنهنجي لاءِ دنيا جو اهم ترين شخص آهيان. جيستوڻيڪ مان اهو ڪونہ ٿو وساريان تہ هن اٿاهہ دنيا ۾ منهنجي حيثيت ئي ڪهڙي آهي. ۽ جي مان پيدا ئي نہ ٿيان ها تہ ان ۾ ڪهڙو فرق پوي ها!

مان پنهنجي لکڻين کي وقتي اهميت ضرور ڏيان ٿو. مان سمجهان ٿو تہ گنڀير ليکڪ ڪڏهن بہ اهو ڪونہ سوچيندا آهن، تہ سندن تحريرن جي سندن موت کان پوءِ ڪهڙي گت ٿيندي. ليکڪ لاءِ اهو خيال بہ ڏاڍو

خوش ڪندڙ آهي، تہ ڪجھہ نسل سندس ڪتاب ڪي دلچسپيءَ سان پڙهندا ۽ ملڪ جي ادبي تاريخ ۾ هن جو نالو بہ شامل ڪيو ويندو. مون کي تہ ايتري مقبوليت حاصل ٿيڻ ۾ بہ شڪ آهي. ڇوتہ مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ٿي اهڙا اديب ڏٺا آهن، جن مون کان وڌيڪ ادبي دنيا ۾ ترٿلو مچايو، پر اڄ هو ڪنهن کي بہ ياد ڪونہ آهن.

جڏهن مان ننڍو هوس، تڏهن جارج ميريڊٿ (George Meredith) ۽ ٿامس هارڊي (Thomas Hardy) جا ڪتاب ڏاڍي شوق سان پڙهيا ويندا هئا، پر اڄڪلهہ جي نئين ٽهيءَ وارن لاءِ انهن ڪتابن ۾ ڪا ڪشش ڪانہ رهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن نقاد جي هنن جي ڪمن جي باري ۾ ڪنهن مضمون لکڻ ڪري، ڪو لئبرريءَ مان وڃي سندن ڪو ڪتاب ڪيرائي پڙهي، پر هنن جا ڪتاب اهڙي شوق سان ڪونہ پڙهيا ويندا، جهڙي ريت Gulliver's Travels يا Tristan Shandy يا Tom Jones جهڙا ڪتاب پڙهيا ٿا وڃن.

ايندڙ صفحن ۾ مون پنهنجا رايا لکيا آهن. پڙهندڙ انهن کي قبول ڪري يا ڇڏي ڏئي، اهو سندس مرضيءَ ۽ راءِ تي ڇڏيان ٿو. جيڪڏهن ڪو ذوق وارو ڊيرج سان هي سڄو ڪتاب پڙهي ويو تہ پوءِ ڪيس سمجھہ ۾ اچي ويندو تہ مون کي صرف هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي- اُها هيءَ آهي تہ "تمام ڪي ٿوريون ڳالهيون آهن، جي يقيني ٿي سگهن ٿيون."

## 6_ منهنجا وڏا

مون لکڻ ائين شروع ڪيو جڻ تہ منهنجي لاءِ اها بلڪل سياويڪ چيز هئي. جيئن بدڪ پاڻيءَ ڏانهن وڃي، تيئن ٿيو منهنجو لکڻ ڏانهن لاڙو. مون کي اڄ ڏينهن تائين پنهنجي اديب ٿيڻ تي اچرج لڳندو آهي. ان جو سبب تہ اجهل شوق آهي، پر اهڙو شوق مون ۾ جاڳيو ڪيئن؟ ڇوتہ سؤ سالن کان وٺي منهنجا ابا_ ڏاڏا وڪيل ٿي پئي رهيا آهن. منهنجو ڏاڏو Incorporated Law society جي بن پايي وجهندڙن مان هڪ هو. برٽش ميوزيم ۾ هن جي لکيل ڪتابن جي ڊگهي فهرست موجود آهي. هن صرف هڪڙو اهڙو ڪتاب لکيو جو قانوني قسم جو نہ هو. هي سندس انهن

مضمونن جو مجموعو هو جي هن ان وقت جي مشهور مخزنن ۾ لکيا هئا. اهو ڪتاب مون هڪ دفعو ڏٺو ضرور هو پر ايتري لاءِ وقت ملي ڪونہ سگھيو، جو پڙهان ها ۽ نہ اڄ ڏينهن تائين پڙهيو اٿم. دل چوي ٿي تہ اهو پڙهان ها. ان مان ٿورو گهڻو اهو پتو لڳيم ها تہ هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو. هو مٿين سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. انهيءَ خدمت جي بدلي ۾ هن کي چانديءَ جا ٿانوَ سوغات ڪري ڏنا ويا، جي اڄ تائين محفوظ رکيا آهن.

هڪڙي پوڙهي وڪيل کان پنهنجي ڏاڏي بابت هڪ واقعو ٻڌم. هڪڙي دعوت ۾ ڏاڏو خصوصي مهمان جي حيثيت ۾ آيل هجي. ڪاڏي ڪائيندي سندس آڏو پٽاٽن جي ٿالهي رکي وئي. هي پٽاٽا کل سميت رڌل هئا. ڏاڏو پرئي ميڙ مان اٿيو ۽ هڪ- هڪ پٽاٽو ڪري ديوار تي ٽنگيل تصويرن کي هڻندو ويو. مون وڪيل کان پڇيو تہ پوءِ پلا ان جو حاضرين تي ڪهڙو اثر ٿيو؟ چيائين تہ حاضرين مان ڪنهن هن ڏي نهاريو بہ ڪين، ڄڻ تہ ڪجھ ٿيو ئي ڪين، ۽ ڏاڏو وري اچي ويٺو ۽ کائڻ کي لڳي ويو.

هن وڪيل مون کي اهو بہ ٻڌايو تہ هن پنهنجي ڄمار ۾ ڏاڏي جهڙو بدشڪل انسان ڪونہ ڏٺو هو. مان ڏاڏي جي تصوير ڏسڻ لاءِ سوسائٽيءَ جي عمارت ۾ ويس. جيڪڏهن وڪيل جو چوڻ سچ هو تہ پوءِ نقاش، ڏاڏي جي مورت چٽڻ ۾ چاپلوسيءَ کان ڪم ورتو آهي. ڇوتہ هن جي شڪل ڪافي شاندار نڪتل نظر آيم.

## 7- منهنجا ماءُ- پيءُ:

مان اڃا ننڍڙو ئي هوس جو يتيم ٿي پيس. منهنجي ماءُ ان وقت وفات ڪئي، جڏهن مان اٺن سالن جو هوس ۽ پيءُ جي موت وقت منهنجي عمر ڏهہ ورهيہ هئي. ان ڪري مون کي سندن ڪا يادگيري ڪانهي. بين وٽان ٻڌل ڳالهين مان ئي هنن جون خبرون پيون اٿم.

الاءِ ڪهڙو ڪارڻ هو شايد مون جهڙي بي آرامي هئس، جو بابو انگلينڊ ڇڏي، پئرس ۾ انگريزي سفارتخاني ۾ وڃي صلاحڪار ٿيو. هن کي سير سفر جو ڏاڏو شوق هو. هو ترڪي، يونان، ايشيا مائنر ۽ آفريڪا ۾

موراڪو تائين ويو. اتان ڪيترين ئي عجيب غريب شين آنداڻين. شاديءَ وقت هن جي عمر چاليهه سال هئي، ۽ امڙ ويهن کان ننڍي هئي. هوءَ ڏاڍي سهڻي ڇوڪري هئي ۽ بابو بي ڍولو هو. مون ٻڌو آهي تہ پئرس ۾ هن جوڙي کي چوندا ئي هئا ”حسن ۽ حيوان.“

منهنجي ماءُ جو پيءُ فوج ۾ عملدار هو ۽ هندستان ۾ وفات ڪيائين. هن جي ماءُ ڏاڍين خوبين واري هئي. دولت جي بہ هن وٽ گهٽتائي ڪونہ هئي. هوءَ پئرس ۾ اچي وئي. هن ڪي ناول لکيا ۽ ڪجهہ راڳن جا سُر ناهيائين. هن جون اهي تخليقون ڪافي هرواسي ٿيون.

منهنجي ماءُ قد جي پوري پني هئي، هن جون اکيون يوريون ۽ وار سونهري رنگ جا هئا. هن جا نقش وٽندڙ ۽ چمڙي چمڪندڙ هئي. هن جي هڪڙي ساهيڙيءَ مون کي ٻڌايو تہ هن منهنجي ماءُ کي چيو تہ ”تون اهڙي حسين آهين، جو تنهنجا ڪيترائي پروانا موجود آهن. پوءِ تون صرف هن بدصورت مڙس جو ڪلمو ڇو ٿي پڙهين؟“ ان تي امان جواب ڏنو ”ڇاڪاڻ تہ هو منهنجا جذبات ڪونہ ٿو ڏکوئي.“

مون سندس هٿ جو لکيل هڪ خط ڏٺو جو ڇاڇي جي ڪاغذن ۾ موجود هو. ڇاڇو پادري هو. امان ڪيس لکيو هو تہ هو سندس هڪ ٻار پنهنجي گود ۾ وٺي. هن جو خيال هو تہ اٿين ڪرڻ سان ٻار جو دين دنيا ۾ ڀلو ٿيندو. هن کي ڪتاب پڙهڻ سان عشق هو. هن جا ڪيٽ ڪتابن سان ڀريل هئا.

ڪيس ڦقڙن جي سلهہ ٿي پئي. مون کي ياد آهي تہ شام جو اسان جي گهر جي ٻاهران گڏهين جي قطار اچي بيهندي هئي. ان وقت گڏهين جي کير کي سلهہ جو بهترين علاج سمجهيو ويندو هو. هڪ ڀيري، جڏهن ڦقڙن مان رت اچڻ بند نہ ٿي ٿيس ۽ پنهنجي پڇاڙي ويجهي نظر آيس، تڏهن خيال ٿيس تہ جڏهن سندس پٽ وڏا ٿيندا، تڏهن ضرور اهو سوچيندا تہ سندن ماءُ ڪهڙي شڪل صورت جي هئي. سو نوڪرياڻيءَ کي گهرايائين ۽ بهترين لباس پهري پنهنجو فوٽو ڪڍارايائين.

هن کي ڇهه پٽ ٿيا ۽ ويم ڪندي ئي دم ڏنائين. ان وقت ڊاڪٽرن جو خيال هو تہ سلهہ واري عورت لاءِ حمل سان ٿيڻ ڪارائتو آهي. موت وقت هوءَ 38 سالن جي هئي.

امان جي مرڻ کان پوءِ هن جي نوڪرياڻيءَ مون کي پاليو. ان کان اڳ منهنجي سنڀال فرينچ داين جي حوالي هئي. ان ڪري مان فرينچ ۽ انگريزي گاڏڙ ساڏڙ ڳالهائيندو هوس. بابو سٺي سڀاءُ وارو انسان هو اونهاري ۾ رهڻ واسطي جڳهہ جوڙايائين. هي گهر پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي هو ۽ وڻندڙ نظارن جي وچ ۾. پري کان پئرس نظر ايندو هو پرسان ندي ٿي وهي، جنهن جي ڪناري تي هڪ سهڻو ڳوٺ هو. گهر ڏاڍو عمدي سامان سان سينگاريل هو. ان ۾ بين ملڪن مان آندل قديم شيون بہ رکيل هيون. انهن ۾ بدنظر کان بچڻ لاءِ هڪ نشان بہ هو جو هن ڪتاب جي پوش تي چٽيل آهي.

## 8_ لکڻ سکڻ:

مون کي فرينچ اسڪول مان ڪڍي، انگريزي سکڻ لاءِ هڪ پادريءَ وٽ ڇڏيو ويو. هن جو مون کي انگريزي سيکارڻ جو طريقو اهو هو جو هو مون کي اخبار مان مارا ماري رتو ڇاڻ واريون دلچسپ خبرون پڙهي ٻڌائڻ لاءِ چوندو هو. پوءِ مان اسڪول ۾ داخل ٿيس. اتي ڪلاس ۾ شاگرد منهنجي انگريزي لفظن جي اچارن تي وڏا ٽهڪ ڏئي کلندا هئا.

مون کي اسڪول ۾ تہ صحيح نموني جملا لکڻ جي هدايت ڪنهن ڪانہ ڪئي، پر زندگيءَ ۾ مون بہ پيرا انگريزيءَ جو سبق حاصل ڪيو آهي؛ پر اهي سبق ايترو دير سان حاصل ٿيا اٿم، جو شايد مان ان مان فائدو وٺي نہ سگهان.

پهريون سبق ڪجهہ سال اڳ مليم. مان لنڊن ۾ ڪجهہ وقت ترسيل هوس. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي پنهنجو سيڪريٽري مقرر ڪيو هوم. هوءَ لڄاري ۽ موچاري هئي، ۽ هڪ پرڙيل شخص سان عشقبازي پئي ڪيائين. مان هڪ ڇنڇر تي هن کي پنهنجي ڪتاب Cakes and

Ale جو ٽائيپ ٿيل مسودو ڏنو ته آچر ڏينهن پنهنجي گهر ۾ ان کي درست ڪري اچي. منهنجو مطلب هو ته Typist جي هجي ۾ غلطيون ڪيون هجن، ته انهن جي هجي صحيح ڪري لکي، پر هن منهنجي چوڻ جو مطلب ٿي ٻيو ڪڍيو. سومر ڏينهن صبح جو جڏهن هوءَ آئي ته مسودي سان گڏ درستين جا اٺ وڏا صفحا به ڳنڍيل هئا. پهرين ته ٿوري چڙ آيم، پر پوءِ خيال آيم ته ممڪن آهي ته ڇوڪريءَ جيڪا محنت ڪئي آهي، ان مان، مان ڪو فائدو وٺي سگهان. ويهي اهي درستيون پڙهيم. مان سمجهان ٿو ته هن ڪنهن ڪاليج ۾ باقاعدي انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هئي، ۽ گرامر کي ڌيان ۾ رکي منهنجون غلطيون ڪڍيون هئائين، جئن سندس پروفيسرن هن جي مضمون مان چُڪون ڪڍيون هونديون.

هن ڇوڪريءَ جو خيال هو ته هڪ ئي صفحي تي ساڳيو لفظ ٻه دفعا استعمال نه ڪيو وڃي. ان ڪري هر اهڙي لفظ لاءِ ٻيو هم معنيٰ لفظ ڏنو هئائين. منهنجا ڪي جملا ڏهن- ڏهن قطارن ۾ لکيل هئا. انهن لاءِ لکيو هئائين، ته انهن کي ٽيجي ننڍا ننڍا جملا لکڻ گهرجن. ڪٿي مون اڌ دم ڏنو هو ته ان لاءِ لکيو هئائين، پورو دم هئڻ جُڳائي. ڪٿي مون ٻيهڪ جي نشاني ڏني هئي ته لکيو هئائين ته "اهو پراڻو طريقو آهي." مون کي ڪل هن جي ان ڇُپندڙ سوال تي آئي ته "توهان کي پنهنجي لکيل حقيقتن تي يقين آهي؟"

ٻيو سبق هڪ پروفيسر کان مليم. اسين ٻئي گڏ رهندا هئاسين. ان وقت مون پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب جي مسودي ۾ درستيون پئي ڪيون. هن اهو پڙهڻ جي سَڌَ ڏيکاري. مان ٿورو هٻڪيس، ڇوته خبر هئم ته هن جي پرکڻ جي ڪسوٽي تمام اوچي آهي. تنهن کان سواءِ هن قديم ادب کي وڌيڪ اهميت ٿي ڏني ۽ منهنجي خيال موجب موجوده ادب جو پورو پارکو نه هو. مون پنهنجي ڪتاب کي بهتر ڪان بهتر بنائڻ ٿي چاهيو. ان ڪري خيال ڪيم ته ممڪن آهي ته هن جي ٽيڪا ٽپٽي ڪارائتي ثابت ٿئي. هن تمام هلڪي تنقيد ڪئي. هن ٻوليءَ جي سهٽائيءَ تي وڌيڪ زور ڏنو هن جو خيال هو ته هر هڪ لفظ ڇَپي ڇٽي ڪتب آڻجي. ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته اهي لفظ مصنف جي مدعا به چڱيءَ طرح ظاهر ڪن.

ننڍي هوندي جي مان اهڙن استادن وٽ پڙهان ها، تہ شايد گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهان ها!

## 9_ لفظ ۽ جملا

مون ڪي سڀ ڪجهہ پنهنجي منهن سکڻو پيو. مون پنهنجون شروع ۾ لکيل ڪهاڻيون پڙهيون، ان خيال کان تہ ان وقت منهنجا ڪهڙا لاڙا هئا. انهن ۾ هلڪڙائي ۽ جوشيليون ڳالهيون آهن; پر اها منهنجي عمر جي گهر هئي. هينئر مون کي رڳو پنهنجي لکڻ جي طريقي جو بيان ڪرڻو آهي. نظر ائين ٿو اچي، تہ مون منجهہ سنئين سڌي گفتگو لکڻ لاءِ سياويڪ چٽائي ۽ ڏانءُ موجود هو.

ان وقت جي مشهور ناٽڪ نويس هينري آرٿر جونس (Henry Arthur Jones) جڏهن منهنجو پهريون ناول پڙهيو تڏهن هڪ دوست کي چيائين تہ هي ليکڪ ٿوري عرصي اندر برک ناٽڪ نويس ٿي ويندو. مان ڀانيان ٿو تہ هو منهنجي نظارن کي چٽائيءَ سان ۽ اثرائي نموني چٽڻ جي ڏات ڏسي چڪو هو.

ڪتابن ۾ منهنجي ٻولي رواجي هئي، گهڻا ۽ جدا جدا لفظ بہ استعمال ڪونہ ڪيا هوم. گرامر جي خيال کان خاميون هيون ۽ محاورا بہ پراوا ڪتب آندا هئم; پر لکڻ مون لاءِ ساهہ کڻڻ وانگر سياويڪ ڳالهہ هئي. بس لکندو ٿي ويس ۽ اهو سوچڻ لاءِ ڪونہ ٿي رُڪيس، تہ خراب لکي رهيو آهيان يا سٺو. ڪيترن سالن کان پوءِ وڃي احساس ٿيم تہ لکڻ هڪ نازڪ فن آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پوري دل ۽ دماغ سان پورهيو ڪرڻ گهرجي. اهو احساس مون کي ان وقت ٿيو جڏهن پنهنجي خيالن کي لفظي شڪل ڏيڻ لاءِ ڏکيائي محسوس ڪيم. گفتگو تہ مان ڏاڍي روانيءَ سان لکي ويندو هوس، پر بياني مضمون وقت ڏاڍو مونجهارو ٿيندو هوم. ٻہ جملا لکڻ لاءِ ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ڪلاڪ دماغ کي ولوڙڻو پوندو هو.

پوءِ پنهنجو پاڻ کي لکڻ سيکارڻ لاءِ پڪو پهہ پچايم. بدقسمتيءَ سان ڪوبہ مون کي مدد ڪرڻ وارو نہ هو. مون ڪيتريون ئي چُڪون

ڪيون. جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل پروفيسر جهڙو ڪو استاد مليم ها، تہ منهنجو الاهي وقت بچي پوي ها. اهڙو استاد مون کي آسانيءَ سان دڳ لائي سگهي ها. هو منهنجي خوبين ۽ رغبتن کي پانپي، صحيح نموني رهبري ڪري ها ۽ مون کي ہين طرف اجائي محنت نہ ڪرڻي پوي ها. ان وقت رنگارنگي نثر پسند ڪيو ٿي ويو. ڪنن کي وڻندڙ لفظ ۽ سهڻا جملا.

مون ڏٺو تہ مان لفظن جي معاملي ۾ سُڄو آهيان، سو برٽش ميوزم ۾ وڃي ڏينهن جا ڏينهن وڏا وڏا ڪتاب اُٿلايم پٿلايم. انهن مان چونڊي چونڊي لفظ، محاورا ۽ اصطلاح لکندو ويس ۽ هڪ وڏو نوٽبڪ ڀري ڇڏيم. پر اڄ تائين ان نوٽبڪ مان فائدو ڪونہ ورتو اٿم. ڪوبہ اهڙي بيوقوفي ڪرڻ چاهي، تہ اهو نوٽبڪ اڄ بہ مون وٽ رکيو آهي.

مون انجيل مان بہ انهيءَ خيال کان ڪيترائي ٽڪرا نقل ڪيا. جيريمي ٽيلر (Jeremy Taylor) جو ڪتاب (Holy dying) پڙهي، ان مان ڪي ٽڪرا ياد ڪري لکندو هوس.

انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ مون (The land of Blessed Virgin) ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب تازو پڙهيم. مون کي اصل مزو ڪونہ ڏنائين. لفظن ۽ جملن جو رنگارنگي چمن آهي، پر فن جي لحاظ کان گهٽي قدر جي لائق ڪونهي.

## 10_ ٿي خوبيون

ساڳيءَ طرح مون (Swift) جي ليکڪ ڪتاب "The tale of a tub" جا ڪيترا ٽڪرا نقل ڪري لکيا. وري اهي ياد ڪري، حافظي مان وري وري لکندو رهيس. مون هن جي جملن ۾ لفظن جي مٽا سٽا ڪئي؛ پر مون ڏٺو تہ هن جي استعمال ڪيل لفظن جي، ٻيا لفظ جڳهہ وٺي نہ ٿي سگهيا. هن جو نثر هر نموني مڪمل هو.

ائين ڪرڻ سان فائدو ٿيم. منهنجي انگريزي گهڻو سڌري وئي؛ پر منهنجي دل انهيءَ طريقي سان لکڻ مان ڪٽي ٿي پئي ۽ پورا پنج سال مون ڪوبہ ناول ڪونہ لکيو صرف ناٽڪ لکيم. هاڻي منهنجو سٺي انگريزي لکڻ ۾ نالي پيدا ڪرڻ جو شوق ختم ٿي چڪو هو. لفظن جي جملن جي

چار ۾ مان ڦاسي نہ سگهيس. مون ٻوليءَ جي جهالر کان سواءِ، سادي ۽ سنئين سڌي نموني لکڻ تي چاهيو. مون کي ايترو تہ گهٽو چوٽو هو جو لفظن جي هير ڦير ۾ وقت وڃائي نہ ٿي سگهيس. مون فقط حقيقتن کي ڪاغذ تي قلمبند ڪرڻ تي چاهيو. مون اهو ناممڪن ارادو ڪري، ڪتاب شروع ڪيو نہ ان ۾ ڪابہ صفت (Adjective) ڪتب ڪونہ آڻيندس. مون خيال ڪيو تہ جي تُز لفظ ملي وڃي، تہ بياني صفت ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. مون سمجهيو تہ منهنجو هيءُ ڪتاب تمام ڏگهي تار ٿيندو جنهن ۾ ڪفايت جي خيال کان اهڙا سڀ لفظ ترڪ ڪيا ويندا، جي مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ ضروري نہ هوندا. مون اهو ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ وري نہ پڙهيو آهي. پتو ناهي تہ مان پنهنجي مقرر ڪيل مقصد ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويس، پر مان سمجهان ٿو تہ ان کان اڳ مون ڪتاب جهڙي سپاٽ شئي نہ لکي هئي، پر اها پڪ اٿم تہ ان ۾ گرامر جون گهڻيون غلطيون آهن.

ان کان پوءِ مان بهتر لکڻي جو اُدم ڪندو رهيو آهيان. مون کي خبر هئي تہ مون ۾ شاعرائيون خوبيون ڪونہ آهن. منهنجو لفظن جو ذخيرو بہ محدود هو. تشبيهن جي ذات کان بہ وانجهيل هوس. خيالن جو اوچو پرواز بہ منهنجي وت کان ٻاهر هو. ٻين ادبن جون اهي خاصيتون مان ساراهيندو ضرور هوس. هنن جو لفظن جي خوبصورت لباس ۾ پنهنجا خيال پيش ڪرڻ، دل کي وڻندڙ عجيب غريب تشبيهون ڏيڻ- پر مان پنهنجن ليکن ۾ اهڙو نٽ پيدا ڪري نہ ٿي سگهيس ۽ مان اهڙين ڳالهين لاءِ جتن ڪرڻ کان تڪجي پيو هوس، جي مان پنهنجي طبيعت پٽاندر آسانيءَ سان ڪري نہ ٿي سگهيس.

مون کي وري شين کي جاچڻ ۽ پرکڻ جي غير معمولي ڏات مليل هئي. مون کي شين ۾ اهڙيون ڳالهيون نظر ايندڙيون هيون، جن طرف ٻين جو ڌيان ئي ڪونہ ڇڪبو هو. مان جيڪي ڏسندو هوس، اهو نهايت چٽائيءَ سان لکي سگهندو هوس.

مان ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ سٺي لکڻيءَ ۾ ٽي خوبيون هجڻ گهرجن: پهرين چٽائي، ٻي سادگي ۽ ٽين اُچارن جي سهڻائي ۽ سولائي.

## 11_ چٽائي

مُون کي انهن ليکڪن تي چڙ ايندي آهي، جي چوندا آهن، تـ اٿين لکجي جو ان جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ پڙهندڙ کي پنهنجي دماغ تي زور ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿئي.

حقيقت هيءَ آهي تـ وڏا وڏا فيلسوف بـ دشوار مسئلن ۾ ويچارن کي ڏاڍي آسان ۽ چٽي نموني ظاهر ڪري سگهن ٿا. هيوم (Hume) جي خيالن جي تهـ تائين ممڪن آهي تـ هرڪو پهچي نـ سگهي، پر هن جي لکيل جملي جي معنيٰ تورو پڙهيل بـ سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. ٻئي هڪ فيلسوف برڪلي (Berkeley) جهڙي صاف ۽ سٺي انگريزي ڪنهن مشڪل سان ٿي لکي هوندي.

منجهيل ۽ اڻ چٽي لکڻ جا بـ سبب آهن: پهريون آهي بيپرواهي. ڪن اديبن پنهنجو مطلب چٽائي سان لکڻ، سکڻ جي تڪليف ئي ڪانـ ورتي آهي. انهن ۾ اڄڪلهـ جا فيلسوف، سائنسدان ۽ خود نقاد اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ هنن وڏن وڏن ليکڪن جا وڏا وڏا ڪتاب پڙهيا هوندا آهن، پر هنن ٻوليءَ جي موزونيت طرف ڪوبـ ڌيان ڪونـ ڏنو هوندو آهي. سندن مطلب سمجهڻ لاءِ توهان کي ساڳيو جملو وري وري پڙهڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي، يا تـ توهين ان جملي مان هڪ جو ٻيو مطلب ڪڍندا.

ٻيو منجهيل لکٽيءَ جو ڪارڻ اهو آهي، تـ لکندڙ جو ڪجهـ لکندو آهي، ان جي معنيٰ جي کيس بـ پڪ ڪانـ هوندي آهي. سندس دماغ ۾ ڪو اڻ_ لکو خيال پيدا ٿيندو آهي، جنهن تي هو سستيءَ سببان، يا نااهليت ڪري وڌيڪ ويچاري ڪونـ سگهندو آهي. ان ڪري اهو خيال هو خود بـ صاف طرح سُلجهائي ڪونـ سگهندو آهي. ظاهر آهي اهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجو اهو خيال صحيح ۽ چٽيءَ نموني ڪيئن پيش ڪري سگهندو؟

گهڻا ليکڪ لکڻ کان اڳ نـ، پر لکڻ وقت سوچيندا آهن. قلم مان ئي هنن جا خيال اُڀرن ٿا. ڪوبـ هڪ ٻيرو پني تي اچي وڃي ٿو تـ پوءِ ان ۾ ڦير ڦار ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. لکيل لفظن ۾ جادو ٿيندو آهي. لکندڙ ان ۾ عجيب چڪ ۽ خوشي محسوس ڪندو آهي.

ڪي اديب وري سوچيندا آهن، تہ ”اسين ڪو جهڙا تهڙا ليکڪ تہ ڪونہ آهيون، جو اسان جي لکٽي هرڪو ڪوري موچي سولائيءَ سان سمجهي وڃي.“ جيتوڻيڪ سچ اهو آهي، تہ وڏَ سندن دماغ ۾ ٿي هوندي آهي، جو هو پنهنجن خيالن جي بہ چٽي تصويرَ چٽي ڪونہ سگهندا آهن. بيوقوف انسان ئي لفظن ۾ ظاهري ۽ باطني معنيٰ الڳ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

## 12۔ سادگي

سادگي، چٽائيءَ وانگر پڌرو ڳڻ نہ آهي. جيئن تہ مون وٽ لفظن جي ذخيري جي اٿاٿ آهي، ان ڪري سادگيءَ وارو ڳڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهيان. جن وٽ لفظن جي گهٽائي ۽ سونهن آهي، تن کي ساراهڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي. هنن جا چونڊ چونڊ لفظ استعمال ڪرڻ ائين ٿا لڳن، جيئن لڙيءَ ۾ موتي پوئجن. انهن جي پڙهڻ سان ڪنن کي موسيقيءَ وارو مزو ملندو آهي، پر انهن جو اثر دماغ کان وَڌيڪ موجي حواسن تي پوي ٿو لفظن جي موسيقيت ۾ گم ٿي وڃڻ ڪري، ماڻهو انهن جي معنيٰ ۽ مطلب طرف گهٽ ڌيان ڏئي ٿو. پر لفظ بہ تکا تير آهن، انهن جو وجود انهن جي معنيٰ ڪري آهي، جيڪڏهن معنيٰ طرف ڌيان ڏنو نہ ويو تہ لفظن جو هئڻ بيڪار ٿي ويندو.

خسيس خيالن کي لکڻ لاءِ سهڻن لفظن جو لباس نہ ٿو سونهي.

هرڪو ليکڪ لفظن جي ذخيري سان مالا مال ٿي نہ ٿو سگهي، پر هو پنهنجي جفاڪشي ۽ جاکوڙ سان پنهنجي تحريرن ۾ سادگي پيدا ڪري سگهي ٿو.

منجهيل دماغ وارو منجهيل نموني لکندو پورالو اديب پورالي نموني لکندو تيز فهم اديب جي دماغ ۾ لکڻ وقت ايترا تہ خيال اچي ڪٺا ٿيندا آهن جو جي هن ضابطي سان نہ لکيو تہ سندس ساري لکٽي مثالن ۽ تشبيهن سان پرجي ويندي.

## 13_ اُچارن جي سهڻائي ۽ سولائي

لفظ اهڙا ڪتب آڻجن، جن جو آواز ڪنن لاءِ وڻندڙ هجي. گهڻا ليکڪ توڙي پڙهندڙ ان ذوق کان خالي هوندا آهن.

شاعر حرف تجنيس (Alliteration) ڏاڍي ڪتب آڻيندا آهن، پر منهنجي خيال ۾ نثر ۾ ان جو استعمال سٺو نـ ٿو لڳي.

لفظن کي وزن آهي، آواز آهي ۽ صورت آهي. جڏهن لفظن جون اهي ڳالهيون ڳڻي ڪتب آڻبا، تڏهن ئي اهو جملو ڏسڻ ۾ وڻندو ۽ ٻڌڻ ۾ مزو ڏيندو.

انگريزي نثر جا ڪيترائي ڪتاب پڙهيا اٿم، پر انهن مان ڪو لاڀ حاصل ڪري ڪونـ سگهيو آهيان، ڇوتـ مصنفن پنهنجو مطلب چٽيءَ طرح بيان نـ ڪيو هو.

Fowler's Dictionary of Modern English Usage هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن مان هرڪو گهڻو ڪجهہ سکي سگهي ٿو. هن جي لکڻيءَ ۾ سادگي ۽ چٽائي آهي. هن ڏاڍا موزون اصطلاح ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن، پر هن لفظن جي آواز طرف ڌرو بہ توجهہ ڪونـ ڏنو آهي. اهي ڪڏهن ڪڏهن ڪنن تي بوجهو محسوس ٿين ٿا.

لکڻ ۾ گرامر جو خيال رکڻ بيحد لازمي آهي، پر گرامر کي ڇهڻي پوڻ سان لکڻيءَ ۾ مزو نـ رهندو. مان ائين نـ لکندو آهيان، جيئن لکڻ چاهيندو آهيان، پر ائين لکندو آهيان، جيئن لکي سگهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن مون کي هڪ صفحي، هڪ جملي يا هڪ لفظ لکڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مٿو مارڻو پوندو آهي.

فرينچ ليکڪا ڪاليٽ (Collette) جا ڪتاب پڙهي مان سمجهندو هوس، تہ هن جي لکڻي اهڙي سياويڪ آهي، جو هن کي لکڻ ۾ نـ محنت ڪرڻي پوندي هوندي ۽ نـ وقت ضايع ٿيندو هوندو. پر مون کي ڪانئس اهو ٻڌي اچرج لڳو تہ هن کي هر چيز ڪيترائي ڀيرا وري وري لکڻي پوندي هئي، ۽ هڪ صفحي لکڻ ۾ پورو ڏينهن خرچ ٿي ويندو هو.

## 14_ هر دور جي ٻولي

مون پڙهيو آهي تہ اناطول فرانس (Anatole France) سترهين صديءَ جي جن ليکڪن جو مداح هو انهن جي لفظن ۽ لکڻيءَ جي طرز جي نقل ڪرڻ جي ڪرشش ڪندو هو. شايد ان ڪري ئي هن جي سهڻي ۽ سليس فرينچ ۾ اثر گهٽ آهي.


ٻولي ڪٿي سادي هجي، پر جي اها خاص انداز ۾ نہ لکي ويندي تہ ان ۾ زور نہ رهندو. هر دور ۾ لکڻ جو انداز الڳ ٿيندو آهي ۽ ان دور جي مروج انداز ۾ ئي لکڻ گهرجي. ٻولي هڪ جيئري وٿ آهي ۽ هميشہ ڦرندي گهرندي رهي ٿي. تمام گهڻو اڳ ٿي گذريل مصنفن جي نموني ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪري، لکڻيءَ ۾ تصنع پيدا ٿي پوي ٿو. مان ڪي اهڙا لفظ يا اصطلاح استعمال ڪرڻ کان نہ هٻڪندس، جي ظاهري طرح بازاري ۽ هلڪڙا هجن، پر جن ذريعي مان پنهنجو مطلب چٽائيءَ سان بيان ڪري سگهان ٿو ۽ پڙهندڙ کي حقيقتن سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

جيڪڏهن لکڻ جو طريقو سنو آهي، تہ پوءِ ان ۾ نوان لفظ ۽ چالو اصطلاح برا بہ لڳندا. مان نازڪ خياليءَ کان وڌيڪ رواجي ڳالهيون لکڻ پسند ٿو ڪريان. نيٺ بہ تہ زندگي رواجي ڳالهين سان ڀريل آهي ۽ اديب جو واسطو زندگيءَ سان آهي.

اسان انگريز اديبن کي، آمريڪا جي اديبن کان گهڻو ڪجهہ سکڻو آهي. ڇوتہ آمريڪي اديب پنهنجي ماضيءَ جي اديبن جي لکڻ جي نموني جو نقل ڪونہ ٿا ڪن، جيئن اسان وٽ دستور ٿي ويو آهي. هنن جون لکڻيون سندن آسپاس ٿيندڙ گفتگوءَ کان متاثر ٿين ٿيون. انهن ليکن ۾ اهي لفظ ڪتب آيل آهن، جي ماڻهو عام طرح ڳالهائين ٿا، ان ڪري اهي ليک زوردار ۽ اثرائتا بہ آهن.

ان معاملي ۾ اخبارون ڏاڍو ڪمائتيون ٿي سگهن ٿيون. انهن ۾ ڏيهاڙي ڪم ايندڙ ۽ مروج ٻولي استعمال ٿئي ٿي. انهن ۾ حاضر دور جي واقعن ۽ وٿن جا نالا ۽ نين نين شين جا نوان نوان نالا معلوم ٿي سگهن ٿا. اخبارن مان دنيا ۾ ٿيندڙ واقعن کي بيان ڪرڻ جو ڍنگ بہ سکي سگهجي ٿو. آمريڪا جا ڪجھ اديب اخبارن جا خاطو عيوضي ۽ ايڊيٽر ٿي رهي چڪا آهن.

(مهراڻ 1/1978ع)



ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو جنم، خانواهڻ، ضلع نوشهري فيروز تعلقي ڪنڊياري ۾ ، 18 آڪٽوبر 1927ع تي محترم استاد حاجي الهه آندي خان عباسيءَ جي گهر ۾ ٿيو. پرائمري تعليم خانواهڻ ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان 1946ع ۾ ۽ انٽر سائنس "سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان 1948ع ۾ پاس ڪئي ۽ ميڊيڪل جي تعليم 'ڊو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ' مان 1953ع ۾ پاس ڪيائين. M.B.B.S پاس ڪرڻ کان پوءِ هڪدم 1953ع ۾ ئي پاڻ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. پر پنهنجي آزاد طبيعت ۽ روشن خياليءَ سبب پنجن سالن کان پوءِ 1958ع ۾ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏيائين ۽ گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي ڪلينڪ 1958ع ۾ ئي کوليائين. جيڪا 1989ع تائين هلائيندو رهيو. فالج جي حملي ٿيڻ کان پوءِ اها بند ڪري ڇڏيائين.

مٿس فالج جو ٻيو حملو، سندس وفات کان پندرنهن ڏينهن اڳ ٿيو هو. دم ٻه ورائي ويو هئس. زبان ۽ نظر تي به ڪافي اثر پيو هئس. جڏهن هو لکڻ پڙهڻ کان لاچار ٿيو ته اسان سيني کان موڪلائي هليو.

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻڌي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا اُت ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

نجم عباسي، پنهنجي پهرين ڪهاڻي "همت ۽ ڪوشش" 1944ع ۾ لکي، جيڪا 1946ع ۾ مهراڻ ۾ ڇپي ۽ سندس آخري اڌ لکيل ڪهاڻي "پيار ۾ دشمني" به سندس وفات کان پوءِ 1995/4ع واري مهراڻ ۾ ڇپي.

هن ڪتاب ۾ نجم عباسيءَ جي ڇپيل سيني لکڻين کي گڏ ڪيو ويو آهي، جن ۾ 19 اصلوڪيون ڪهاڻيون ۽ سندس آخري اڌ ۾ رهيل ڪهاڻي "پيار ۾ دشمني" به آهي.

- يوسف سنڌي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.